


Gul Hayat Institute

# جي. ايم سيد
# ۽
# سنڌ جو مستقبل

عبدالخالق جوڻيجو

SPPK

# جي. ايم سيد

۽

# سنڌ جو مستقبل

عبدالخالق جوڻيجو

Gul Hayat Institute

سنڌ پروگريسيو پبلشرس
ڪراچي

ڪتاب جو نالو: جي. ايم سيد ۽ سنڌ جو مستقبل
موضوع: سياست
ليکڪ: عبدالخالق جوڻيجو
تعداد: هڪ هزار
ڇاپو پهريون: جنوري 2017
ڇپائيندڙ: سنڌ پروگريسيو پبلشرس ڪراچي
ڇپيندڙ: نئون نياپو اڪيڊمي
C-4 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي
Ph#021_34690389, Cell#0333_2311582
E_mail: naonniapo@yahoo.com

مُلهه: 250/=

Gul Hayat Institute

## جيئي سنڌ محاذ

جي انهن

# ڪارڪنن

جي نالي

**جن انتهائي ڏکين حالتن ۾ حاڪمن جي حملن توڙي سياسي مخالفن جي سازشن جو مقابلو ڪندي جي. ايم. سيد جي فڪر ۽ قومي تحريڪ جي ڪردار جو دفاع ڪيو آهي ۽ سيد جي سياسي ورثي طور جيئي سنڌ محاذ جي قومي تحريڪ جي مکيه مورچي واري حيثيت برقرار رکي آهي.**

Gul Hayat Institute

# سنڌ


1.پنھنجي پاران: عبدالخالق جوڻيجو 5
2.جي_ ايم سيد جو مشن ۽ اسان جون ذميواريون 9
3.2003, سنڌ جي سياسي صورتحال ۽ جي ايم سيد 19
4.جي ايم سيد: سو سالن جو سنيھو 25
5.سيد جي تخيل واري سنڌ 32
6.جي ايم سيد: امن, ڀائيچاري ۽ رواداريءَ جو علمبردار 39
7.سنڌ جي قومي نجات ۾ اظھارِ راءِ جي اھميت ۽ جي ايم سيد 45
8.جي ايم سيد: خود تنقيد ۽ تبديليءَ بابت 52
9.جي ايم سيد جو قومي ۽ سياسي ورثو 62
10.سيد, سنڌ ۽ پاڪستان 71
11.جي_ايم سيد جو فڪر ۽ پاڪستاني رياست جا بحران 78
12.سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سيد جو نظرياتي ورثو 86
13.جي_ايم سيد جو فڪر ۽ اڄوڪو پاڪستان 96
14.جي ايم سيد جو فڪر ۽ اڄوڪي سنڌ 109
15.جي_ايم سيد جو ورثو ۽ سياسي اتحاد (1) 120
16.جي_ايم سيد جو ورثو ۽ سياسي اتحاد (2) 126
17.جي_ايم سيد ۽ نظرياتي سياست جي اھميت 133
18.سيد جي فڪر کي خطرا 142
19.جي ايم سيد: 73ع جو آئين ۽ دانشور! 149
20.سيد جي سالگرھ ۽ قومي تحريڪ جا بنياد 154
21.جي ايم سيد خلاف جنگ ۾ نئون ھٿيار 161
22.ڇا سيد ۽ ٻين جا نظريا ھڪجھڙا آھن 170
23.حقيقت پسنديءَ ۽ ڪردار ڪشيءَ ۾ فرق 177
24.قومي سوال, جي ايم سيد جو فڪر ۽ ڪميونسٽ 184
25.قومي اڳواڻن ۽ شاعرن جي چند ڇاڻ 186
26.سنڌ ۾ فڪري ۽ نظرياتي بحث جي ڪوٺ 193
27.عظيم سيد سان عظيم زيادتيون 216


Gul Hayat Institute

## پنهنجي پاران

***جيئنري*** سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخ پراڻي آهي اوتري پراڻي هن ڌرتيءَ تي حملن جي ڪهاڻي آهي. ۽ وري اوتري ئي پراڻي ۽ ڏگهي انهن حملي آورن خلاف سنڌي ماڻهن جي مزاحمت. اها مزاحمت وقت ۽ حالتن پٽاندر مختلف دورن ۾ مختلف شڪليون اختيار ڪندي رهي آهي. ان مزاحمت جي تسلسل سنڌي قوم جي وجود جي تسلسل کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ڪئي آهي. هڪ طرف لڳاتار ٿيندڙ انهن حملن سنڌ کي بي پناهه نقصان پهچايو آهي تہ ٻئي طرف انهن حملن خلاف ٿيندڙ لڳاتار جدوجهد سنڌي ماڻهن ۾ سنڌ لاءِ اهڙي اڻٽٽ محبت جي مٽي پري آهي ۽ انهن جو پنهنجي ڌرتيءَ سان اهڙو اڻٽٽ سٻنڌ جوڙيو آهي جنهن جو مثال گهٽ ۾ گهٽ آسپاس ملڻ مشڪل آهي. ائين تہ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي ملڪ سان محبت هوندي آهي پر سنڌ سان سنڌين جو نينهن ئي نرالو آهي. سنڌ جو نالو وٺڻ سان سنڌين جي سيني ۾ سرور جي جيڪا برقي لهر ڊوڙي ٿي ان کي پيو ماڻهو محسوس ئي نٿو ڪري سگهي. سنڌين جي سنڌ سان اهڙي ناتي کي هڪڙا ماڻهو حيرت جي نظر سان ڏسندا آهن تہ ٻيا حسرت سان ۽ اڃا ٻيا وري تعصب ۽ ساڙ جي باهہ ۾ سڙندا آهن. سنڌي دنيا جي کهڙي بہ ڪنڊ ۾ هليا وڃن ۽ اتي انهن کي ڪيترا ورهيہ وري وڃن پر انهن جي سنڌ سان تانگهہ نہ ٽٽندي، انهن جي محبت جو مرڪز سنڌ ئي رهندي ڪجهہ ماڻهو ان کي سنڌ جي گهرو ڪمزوري (Home Sickness) قرار ڏيندا آهن خاص ڪري هڪڙا پاڙيسري جيڪي پاڻ سون تي سيڻ متائڻ مهڻو نہ سمجهندا آهن.

سنڌي ماڻهن جي وطن جي مٽيءَ سان اهڙي سڳ ۾ سنڌ کي ٽوڙڻ لاءِ حملي آورن/ حڪمرانن وڏا وس ڪيا آهن. ڪڏهن تلوار سان ان کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن تہ ڪڏهن مذهب جي زور تي ان کي ڪمزور ڪرڻ جا حربا استعمال ڪيا اٿن ۽ ڪڏهن وري ڪن فردن ۽خاندانن کي معتبر، متبرڪ ۽ مقدس ثاهي سنڌ جي محبت جو متبادل بڻائڻ جون سازشون ڪيون اٿن. پر اهي سڀ حيلا، حربا ۽ هٿيار سنڌين جي حب الوطنيءَ جي جذبي کان شڪست کائي ويا آهن ۽ اهي ڏاريا حڪمران ۽ انهن جا ديسي دلال پاڻ سنڌ سان محبت جو ڍونگ رچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهن.

وطن جي ڌرتيءَ سان محبت جي اهڙي اڻٽٽ رشتي کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪندڙ مسلسل مزاحمت جو ويهين صديءَ ۾ سڀ کان وڏو حوالو جي_ ايم سيد آهي. 17 جنوري 1904ع کان 25 اپريل 1995ع تائين لڳ ڀڳ ويهين صديءَ جي همعصر جي. ايم سيد سنڌ جي وجود، وحدت ۽ شناخت جي خلاف ٿيندڙ هر حملي جي مزاحمت ڪئي، سنڌ جي خودمختياري ۽ خوشحاليءَ خلاف ٿيندڙ هر سازش کي وائکو ڪيو. بالادستي، قبضي گيري ۽ استحصال جي هر ڪوشش سان مهاڏو اٽڪايو ۽ انهن مڙني سنڌ مخالف سازشن، ڪوششن ۽ حرفتن کي عملي شڪل ڏيندڙ هر فرد ۽ هر حڪمران کي چئلينج ڪيو پوءِ اهو ڪيڏو بہ طاقت ور ڇو نہ هجي ائين ڪندي هُن ان ڳالھ کي ڪڏهن خاطر ۾ نہ آندو تہ سامهون وارو ڪيترو طاقتور آهي، پنهنجي ۽ مخالف جي وت ۽ وسيلن جي فرق تي ڪڏهن فلڪ ئي نہ هئي. ان جنگ ۾ هن سان ڪڏهن هزارين ماڻهن جا لشڪر گڏ رهيا تہ ڪڏهن هو اڪيلي سپاهي واري فوج (One man army) وانگر ڌرتيءَ جي دفاع واري مورچي تي مضبوط رهيو.

نتيجي طور سڀني حملي آورن، حڪمرانن ۽ انهن جي وفادارن سڀ کان اول ۽ سڀ کان مکيہ نشانو جي. ايم سيد کي ئي بڻايو. سنڌ جي انگريز گورنر هند جي حاڪمن کي رپورٽ ڏني تہ سنڌ ۾ اسان جو سڀ کان خطرناڪ مخالف جي_ ايم سيد آهي ان تي نظر رکي وڃي. مسلمانن جي طاقتور ليڊر محمد علي جناح جيتوٽيڪ جي. ايم سيد جي مدد سان ئي پاڻ کي ۽ مسلم ليگ کي سنڌ ۾ مقبول بڻايو پر جڏهن پاڪستان ٺهندي ۽

Gul Hayat Institute

اقتدار ملنديءَ نظر آيس تہ پنهنجي ذاتي انا، شخصي آمريت ۽ حڪومتي بالادستيءَ کي سڀ کان وڏو خطرو سمجهندي جي. ايم سيد کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ سچي هندستان جا حامي استعمال ڪيائين. پاڪستان ٺهڻ شرط ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڪٽڻ خلاف مزاحمت جو مرڪز جي. ايم سيد کي محسوس ڪندي کيس قيد ڪيو ويو اهڙي ريت نئين اسلامي رياست جي پهرين سياسي قيدين ۾ جي. ايم سيدجو شمار ٿيو. وري سنڌ جي وجود تي وار ڪندڙ ون يونٽ کي قائم ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ سمجهندي سڀ کان پهرين جي_ايم سيد کي جيل ۾ وڌو ويو. پاڪستان جي ’مردِ آهن‘ ۽ طاقتور فوجي جرنيل ايوب خان ملڪ جي پهرين مارشل لا لڳائي تہ جن اڳواڻن کي سڀ کان پهرين نشانو بڻايو ويو انهن ۾ سنڌ مان جي_ايم سيد هئو. جيڪو ايوب حڪومت جي ڏهن مان اٺ سال قيد ۾ رهيو. جنرل يحيٰ خان جي اڳواڻيءَ ۾ وري ٻي مارشل لا حڪومت بنگال تي فوجي چڙهائي ڪئي تہ سنڌ مان مزاحمت جي خطري هيٺ سڀ کان اڳ ۾ جي_ايم سيد کي جيل ۾ وڌو ويو. وري آيو ”عوامي اڳواڻ“ ۽ ”جمهوريت جو چيمپئن“ ذوالفقار علي ڀٽو. ان جي اقتدار جي ساڍن پنجن سالن مان پنج سال سيد قيد ۾ رهيو. هن همراهہ ٻين حڪمرانن کان بہ قدم اڳتي ويندي فخريہ طور اعلان ڪيو تہ ”مون ملڪ دشمن جي_ايم سيد کي قيد ڪيو آهي ۽ کيس موت بہ قبر ۾ ايندو“. (اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هي بہ سياسي ڪيريئر جي شروعات ڪرڻ لاءِ حيدر منزل ۽ ايوب خان جي دور ۾ حڪومت مخالف سياست شروع ڪرڻ ۾ مدد خاطر سن ويو هئو). پوءِ آيو ”اسلام جو سپاهي“ ۽ بقول سنڌي ميڊيا ايشيا جو ماڊل ڊڪٽيٽر جنرل ضياءُ الحق. ان ڀٽو حڪومت جي ڪيل سڀني ڪمن ۽ کنيل سمورن قدن کي غلط ۽ هاڃيڪار چوندي رد ڪيو پر جي. ايم سيد جي نظربنديءَ کي مقدس ورثو قرار ڏيندي جاري رکيو. ان کانپوءِ ٻي اختيار حڪمرانن بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف بہ جي_ايم سيد کي قيد ڪري پنهنجي اختيارجو اظهار ڪيو.

حڪمرانن پنهنجي سنڌ دشمن ۽ جمهوريت مخالف ڪارنامن کي جي_يم سيد جي صورت ۾ ملندڙ چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ رڳو طاقت تي انحصار ڪونہ ڪيو رڳو جيل جو هٿيار ڪونہ استعمال ڪيو پر قلم

Gul Hayat Institute

ڪان بہ ڪم ورتو. ۽ ان ڪم لاءِ انھن اڻ ڳڻين قلمڪارن کي خريد ڪيو. جيڪي خريد ڪونہ ٿيا انھن وري، ”ناليوارن قلمڪارن“ جي لسٽ ۾ پنھنجو نالو لکرائي شھرت ۽ مقبوليت حاصل ڪرڻ لاءِ جي_ايم سيد کي نشانو بڻائڻ سڀ کان سولو طريقو ۽ سڀ کان تکڙو عمل سمجھيو. نتيجو اھو ٿيو تہ جي_ايم سيد خلاف الزام تراشين، بھتان بازين ۽ ڪردار ڪشيءَ تي ٻڌل مضمونن، ڪالمن ۽ ڪوڙين ڪھاڻين جو اڻٽُٽ سلسلو شروع ٿي ويو جيڪو اڄا تائين جاري آھي.

ان کي بہ ناڪافي سمجھندي حڪمرانن سيد جي ”حامين“ ۾ اھڙو حلقو پيدا ڪيو جيڪي پنھنجي بدڪردارين ذريعي سيد جي ڪردار کي داغدار ڪن ۽ پنھنجي شعوري يا لاشعوري قوم دشمن ۽ عوام دشمن عملن وسيلي سيد جي مزاحمتي تحريڪ کي ڪمزور ڪن.

ھن ملڪ جا سيد مخالف، سنڌ مخالف حڪمران ھجن، انھن جي ھلايل سيد مخالف مھم جو حصو ٿيندڙ قلمڪار صحافي ۽ دانشور ھجن يا قومي تحريڪ ۾ حڪمرانن ۽ قورو قوتن جا (شعوري يا لاشعوري) ساٿاري سياستدان توڙي سيد جا ”وفادار دوست“ انھن جڏھن بہ جي_ايم سيد جي ڪردار ڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي، سندس مزاحمتي ڪردار کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي يا سندس فڪر، جدوجھد ۽ ڪردار بابت سنڌي ماڻھن جي ذھنن ۾ مونجھارا پيدا ڪرڻ جا حربا ھلايا آھن تہ مون بحيثيت قومي ڪارڪن ۽ سيد جي شاگرد انھن کي جواب ڏيڻ پنھنجو فرض سمجھيو آھي. ان کان علاوه سيد جي سنڌ دوست، عوام دوست ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ واري عالمگير فڪر ۽ پيغام جي بدلجندڙ وقت ۽ حالتن مطابق تشريح ۽ تشھير لاءِ بہ مون پنھنجي صلاحيت ۽ وت وس آھر قلم کنيو آھي. منھنجي اھڙين لکڻين تي ٻڌل پھريون ڪتاب: ”جي. ايم سيد: فڪر، جدوجھد ۽ ڪرا“ جي عنوان سان سن 2000ع ۾ شايع ٿيو ھئو ھي منھنجي مضمونن جو ٻيو مجموعو آھي، جيڪي سنڌ جي مختلف اخبارن، رسالن ۽ مغزنن ۾ مختلف وقتن تي شايع ٿيا.

عبدالخالق جوڻيجو

# جي_ ايم سيد جو مشن
# ۽ اسان جون ذميواريون

اڄ 17 جنوري آهي ۽ سيني سنڌ واسين کي خبر آهي تہ اهو سنڌ جي ڪئلينڊر جو هڪ نمايان ڏينهن آهي، ان ڪري تہ اهو سنڌ جي تاريخ جي وڏين شخصيتن منجهان هڪ جي ايم سيد جي جنم جو ڏينهن آهي.
۽ اڄ 17 جنوري سن 2001 آهي، اها بہ اسان سيني کي خبر آهي پر 2001 جي ڪري ان جي اهميت ۾ ڪجهہ واڌارو ٿي ويجي ٿو. جيئنوٽيڪ يورپ جي پوئواري ڪندي اڪثر ماڻهن گذريل سال کان نئين صدي ۽ نئين ملينيم (هزاري)جي شروعات ڪئي پر دنيا ۾ ڪافي سارا ماڻهو آهن جن جو مدلل موقف آهي تہ ايڪويهين صدي ۽ نيو ملينيم پهرين جنوري 2001 کان شروع ٿيا آهن. هتي ڪير چئي سگهي ٿو تہ جي ايم سيد جي جنم ڏينهن جو ذڪر ڪندي نئين منلينيم جي ڳالهہ ڪٿان اچي وئي پر حقيقت اها آهي تہ سنڌ واسين لاءِ انهن ٻنهي ۾ هڪجهڙايون هئڻ سبب ڳانڍاپو آهي.

نئين صدي ۽ نئين ملينيم جو ذڪر معنيٰ مستقبل جو ذڪر ۽ ان ذڪر سان گڏ سڄي دنيا (سنڌ سميت) جي مستقبل بابت گفتگو راين، تجويزن، تحريرن ۽ حڪمت عملين جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. سنڌ جي حد تائين جي ايم سيد بابت گفتگو مستقبل بابت گفتگو هجي ٿي، ڇاڪاڻ


Gul Hayat Institute

تہ ھي اھو شخص آھي جنھن جي تحرير ۽ تقرير، سوچ ۽ لوچ، قول ۽ فعل، شعور ۽ سياست، جنگ ۽ جاکوڙ سنڌي قوم جي مستقبل ۽ ان جي آئينده نسلن لاءِ آھي. ان ڪري ئي مان چوندو آھيان تہ ميڪالي جي اھا چوڻي جي ايم سيد جي حوالي سان درست آھي تہ ”سياستدان ايندڙ چونڊن بابت سوچيندا آھن جڏھن تہ مدبر آئنده نسلن بابت سوچيندا آھن“.

اڄ جي ايم سيد کي ياد ڪرڻ ۽ کيس خراجِ عقيدت پيش ڪرڻ جو ڏينهن آھي. ياد ڪرڻ مان مراد اھا آھي تہ سندس فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار کي ياد ڪريون ۽ سندس تعليم، ترغيب ۽ ترجيحات تي اڄوڪين حالتن جي پسمنظر ۾ نظر وجهون. ٻين لفظن ۾ سندس زندگيءَ جي مقصد ۽ مشن کي سمجهون ۽ خراجِ عقيدت پيش ڪرڻ جو اھو طريقو آھي تہ سندس مشن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ عملي جدوجهد ڪريون. ھن جيڪا تعليم ڏني ۽ جيڪو ڪردار ڇڏيو ان جي پوئواري ڪريون ۽ جيڪي سندس پوئلڳ ٿا چوايون اھي سندس ڇڏيل (بحيثيت انسان، بحيثيت سنڌي، بحيثيت قومپرست ۽ انقلابي) معيارن تي پورا لهون. جيڪڏھن مڪمل طور تي پورا نٿا لهي سگهون تہ گهٽ ۾ گهٽ ان لاءِ ڪوشش ڪندي ۽ سندس گهڙيل دڳ تي هلندي ضرور نظر اچون ۽ اسان ڪيترو انهن معيارن تي پورو ٿا لهون يا ڪيترو سيد جي ٻڌايل رستي تي ٿا هلون ان جو فيصلو دنيا جا باشعور ماڻهو عام طور ۽ خاص طور سنڌي قوم ڪندي ۽ سنڌي قوم بحيثيت مجموعي پنهنجي ھن عظيم رهنما جي فڪر، جدوجهد ۽ رهنمائيءَ کي ڪيترو سمجهيو آھي، ان جو فيصلو وقت ڪجھ ڪري رهيو آھي ۽ ڪجھ اڳتي ڪندو.

سڀ کان اڳ ۾ ان ڏس ۾ اسان کي سمجهڻو پوندو تہ سيد جو مشن ڇا آھي. ان مان منهنجو مطلب اھو قطعي ڪونهي تہ ڪو سيد جي مشن کي ڪنهن ڪونہ سمجهيو آھي، بلڪہ ان جي ابتڙ تمام گهڻا ماڻهو سنڌ اندر ۽ سنڌ کان ٻاهر آھن، جيڪي جي ايم سيد جي فڪر کي درست سمجهن ٿا ۽ ڪيترا اھڙا بہ آھن جيڪي بهتر پر مختلف طريقن سان ان تي عمل پيرا بہ آھن. پر هتي ان جي مختصر تشريح ان ڪري ڪرڻي تي

Gul Hayat Institute

پوي تہ ڪجھ ماڻھو اھڙا آھن جن کي لفظ مشن جي معنيٰ ۽ مفھوم جي بہ خبر ڪانھي. مفھوم تہ ٺھيو مشن لفظ جو اچار ڪرڻ بہ نٿا اچي ۽ مشن کي مشين ٿا چون. اھي بہ جي ايم سيد جي نالي کي استعمال ٿا ڪن.

سائين جي. ايم سيد جو مشن ۽ سڄي زندگيءَ جي جاکوڙ جو مقصد سنڌي قوم جي نجات ۽ ترقي يافتہ قومن سان برابري ۽ ان سان گڏوگڏ عالمي امن، بقاءِ باھمي ۽ انسان ذات جي ترقي آھي. جيئن شاھ لطيف چيو آھي:

سائين سدائين ڪري مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

سائينءَ نھايت واضح نموني ٻڌايو تہ سندس اعليٰ ترين ۽ آخري مقصد سنڌ جي آزادي نہ پر سڄي انسانذات جي آزادي، امن ۽ ترقي آھي ۽ انھيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ سنڌي قوم پنھنجي تاريخي روايتن، مزاج ۽ ڪلچر جي ناتي سان اھم ڪردار ادا ڪري سگھي ٿي پر آزادي دشمن، انسانيت دشمن ۽ ترقي دشمن قوتن جي غلاميءَ سبب سنڌي قوم پنھنجو اھو تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل نہ رھي آھي. ان ڪري سنڌ جي قومي آزادي سندس اولين مقصد رھيو تہ جيئن غلاميءَ جي گرد صاف ڪري سنڌي قوم ۾ آزادي، امن، ڀائيچاري ۽ رواداري جا اھي گڻ وري بحال ڪجن جن جي عالمي طور حصول ۽ واڌاري لاءِ سنڌي قوم کي ڪردار ادا ڪرڻو ھئو. ان لحاظ کان سيد جي مشن جي تڪميل لاءِ ھن وقت ۽ ھن خطي (سنڌ) ۾ جدوجھد جو مطلب ۽ ضرورت سنڌ جي قومي آزادي آھي.

پر ھتان کان ھڪ ڳالھہ بہ اڳتي وڌڻ کان اڳ ۾ اھو چڱيءَ ريت ذھن نشين ڪرڻو پوندو تہ جھڙيءَ ريت ڪن اعليٰ آدرشن ۽ قدرن جي حصول لاءِ آزادي ضروري آھي تھڙيءَ ريت خود آزاديءَ جي منزل تائين پھچڻ لاءِ بہ ڪن قدرن، آدرشن، اصولن ۽ معيارن جي پوئواري انتھائي لازمي بلڪ اڻٽر آھي. انفرادي طور بہ تہ اجتماعي طور بہ. بلڪ آزاديءَ جي جدوجھد ۽ انھن اعليٰ انساني قدرن لاءِ جاکوڙ ٻئي عمل ھڪ ئي وقت وقوع پذير ٿيندڙ آھن ۽ ٻئي ھڪ ٻئي تي دارومدار بہ رکن ٿا تہ ھڪ ٻئي تي اثر

Gul Hayat Institute

انداز بہ ٿين ٿا. مشن کي مشين چوڻ وارا جيڪو اهو چوندا اهن تہ بس آزادي ملندي تہ قوم جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا ۽ سموريون خاميون رات پيٽ ۾ خوبين ۾ تبديل ٿي وينديون تہ اهي اصل ۾ پنهنجي نااهلي، نڪمائي ۽ جهالت تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. زندگيءَ جي تلخ حقيقت ۽ تاريخ جو سبق اهو آهي تہ آزادي ملڻ سان خودبخود زندگي تبديل ڪانہ ٿي ويندي آهي ۽ ان ڪان بہ وڌيڪ واضح ۽ طاقتور سبق اهو آهي تہ آزادي رڳو چوڻ سان يا ان لفظ جو ورد ڪرڻ سان ملي ڪانہ ويندي پر ان لاءِ تمام وڏي محنت ۽ جدوجهد ڪرڻي پوندي ڪنهن قوم جي لاءِ آزادي جيڏو وڏو مقصد ۽ اعليٰ آدرش آهي تہ ان قوم جي فردن کي بہ اوڏو ئي اعليٰ ڪردار ڏارڻو پوندو ۽ اوترا ئي بهتر عمل ڪرڻا پوندا. اهو ئي سبب آهي جو سائين هميشہ بلند ڪردار ۽ عمل صالح تي زور ڏيندو هئو. هڪڙي قومي ڪارڪن ۾ انهن ڳالهين جو هجڻ ڪيترو ضروري آهي ان جو اظهار ان مان ٿئي ٿو تہ سائينءَ جو چوڻ هوندو هئو تہ جنهن جا عمل صالح ۽ ڪردار بلند ناهن اهو منهنجو پوئلڳ نٿو ٿي سگهي. ان ڪري جيڪي ماڻهو رڳو آزاديءَ جو نالو ٿا وٺن ۽ بدڪرداريءَ بداعماليءَ جي وڪالت ٿا ڪن اهي نہ رڳو پنهنجي بدڪرداريءَ کي قابلِ قبول بڻائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن پر آزاديءَ جي خواهش رکندڙ سنڌي ماڻهن کي پڻ دوکي ۾ ٿا رکن تہ جيئن اهي آزاديءَ جهڙي نعمت کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل ڪم نہ ڪن. اهڙن نام نهاد قومپرستن منجهان ڪجهہ اهڙو عمل پنهنجي ڪم علمي، اڻڄاڻائي ۽ ڪاهليءَ جي ڪري ٿا ڪن پر ٻيا ڪيترا حڪمرانن جي نمڪ حلالي ڪندي انهن جي ايجنڊا تي عمل ٿا ڪن ڇاڪاڻ تہ حڪمران چاهن ٿا تہ جنهن قوم ۾ صلاحيت، محنت ۽ قربانيءَ جو جذبو ناهي اها ڪڏهن بہ آزاد، خودمختار ۽ باوقار قوم جي حيثيت حاصل نٿي ڪري سگهي.

هاڻي ان پسمنظر ۾ اهو ڏسڻو آهي تہ جي ايم سيد کي خراجِ عقيدت پيش ڪرڻ يعني سندس مشن کي اڳتي وڌائڻ خاطر ايڪويهين صديءَ ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي، ڪهڙا ڪم ۽ ڪهڙا عمل ڪرڻ

Gul Hayat Institute

ڪپن.

سڀ کان پهرين ۽ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اسان اجتماعي سوچ کي وڌايون، ذاتي مفادن تي قومي مفادن کي ترجيح ڏيون ۽ اجتماعي ڀلائي لاءِ ذاتي مفاد قربان ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪريون. اهو اصول جيترو اهم آهي اوترو ئي سادو ۽ سولو (سمجهڻ ۾). جيڪو به گڏيل مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ٿو اهو ذاتي يا خانداني سطح تي ڪجهه نه ڪجهه وڃائيندو. اسان جهڙي پنتي پيل، اڻبرابري واري ۽ ڦرلٽ تي ٻڌل سماج ۾ اهو ممڪن ئي ڪونهي ته ذاتي فائدا به وٺجن ۽ اجتماعي مفاد به حاصل ڪجن. اصل ۾ اهي ٻئي هڪ ٻئي جي قيمت تي ئي حاصل ٿين ٿا. ان ڪري ئي ذاتي ۽ قومي مفادن يا انفرادي ۽ اجتماعي مفادن جو ذڪر ڪندي سائين جي ايم سيد هميشه چوندو هئو ته "ٻن تلوارن جاءِ، ناهي هڪ مياڻ ۾" يا جيئن لطيف چئي ويو آهي ته:

جي تو ڪالهه مٺينءَ ته ڪالهه ئي گڏينءَ پرينءَ کي
ڪڏهن ڪان سُئي ته ڪا سڄي گڏي سڄڻين.

اڄڪلهه اهو رجحان ڪافي ٿي ويو آهي ته ڪو سنڌي فرد قوم جي مفادن کي وڪڻي، ڦرلٽ ڪري، اغوا قتل ڪري يا حڪمرانن جي دلالي ڪري پئسو ڪمائي ٿو ته چيو وڃي ٿو ته جيئن ته اهو به سنڌي قوم جو فرد آهي تنهن ڪري ان جي ترقي سنڌي قوم جي ترقي آهي. اهو بلڪل غلط رجحان آهي. ذاتي، خانداني يا گروهي مفاد به ضرور حاصل ڪجن پر ان طرح سان جيئن اهي قومي ترقيءَ جو حصو بڻجن.

ٻي بنيادي ڳالهه اها آهي ته اسان پاڻ ۾ سچ چوڻ ۽ سچ ٻڌڻ ۽ برداشت ڪرڻ جي طاقت ۽ صلاحيت پيدا ڪريون. سچ ٻڌڻ ۽ برداشت ڪرڻ ته هميشه کان هر قوم ۽ هر سماج ۾ هڪ وڏو مسئلو رهيو آهي جنهن جي باري ۾ تمام گهڻو لکيو ۽ ڳالهايو ويو آهي. اها ساڳي صورتحال سنڌ ۾ به آهي، البته سچ چوڻ جي حوالي سان اسان وٽ صورتحال وڌيڪ ڳنڀير آهي. پهرئين مسئلي يعني ذاتي مفادن کي اهميت ڏيڻ سبب هرڪو سچ چوڻ کان پاسو ٿو ڪري ته متان اڳلي ماڻهوءَ کي ناگوار لڳي ۽ نتيجي ۾

Gul Hayat Institute

ڪو نقصان ٿي پوي، يا متوقع فائدو نہ ملي سگهي. صحافي ان ڪري سچ نٿا لکن تہ متان مالڪ ناراض ٿي پون. مالڪ ان ڪري سچ نٿا چاهين تہ متان پڙهندڙن کي نہ وڻي ۽ اخبار جي سرڪيوليشن گهٽجي وڃي. حڪمرانن جي پوَ ڪان سچ نہ چاہڻ تہ اهڙو مسئلو آهي جنهن تي ڳالهائڻ جي ڪا ضرورت ئي ڪانهي. سياستدان ان ڪري صحافين کي سچ نٿا چون تہ صحافي ناراض ٿيا تہ بيان نہ ڇپبو يا مرضيءَ مطابق نہ ڇپبو. ”انقلابي“ ليڊر ڪارڪنن کي سچ ان ڪري نٿا چون تہ متان اهي سندن پارٽي ڇڏي ڪنهن ٻيءَ ۾ نہ هليا وڃن. ان صورتحال تي هڪڙي دوست دلچسپ تبصرو ڪيو تہ جيڪي ليڊر پنهنجي ڪارڪنن کي سچ نٿا چئي سگهن اهي حڪمرانن کي ڇا سچ چوندا.

ٻيو تہ ڇڏيو پر دانشور جنهن جو ڪم ئي سيني مصلحتن کان مٿانهون ٿي سچ ڳالهائڻ هوندو آهي، اهو ان ڪري سچ کي پٺي ڏيندي بدترين مصلحت پسندي ٿو ڪري تہ جيئن ڪيس ”عظيم دانشور“ ۽ ”مها ڏاهو“ جا لقب ڏنا وڃن. ان ڳالهہ جو تہ ورجاءُ ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانهي تہ جيڪو سماج يا جيڪا قوم سچ ٻڌڻ، سچ برداشت ڪرڻ ۽ سچ ڳالهائڻ جي صلاحيت نٿي رکي ان جي ترقيءَ جون ڳالهيون ۽ اميدون ڪرڻ پاڻ کي دوکو ڏيڻ جي برابر آهي. جيئن ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ اها ڳالهہ جنهن لاءِ ڪوشش نہ ڪجي ان جي حصول لاءِ دعا گهرڻ اجائي آهي. سو جيڪڏهن اسان پنهنجي قومي بقا، نجات ۽ ترقي چاهيون ٿا تہ سچ کي پنهنجو رهنما اصول بڻائڻو پوندو پوءِ پلي ان جي قيمت اسان کي وقتي طور ڪهڙي بہ ڏيڻي پوي.

ان سان ئي لاڳاپيل مسئلو آهي خود احتسابي. اسان پنهنجو اجتماعي توڙي انفرادي طور احتساب ڪريون تہ اج جنهن صورتحال تي پهتا آهيون ان ۾ اسان جو پنهنجو ڪيترو حصو ۽ ڪهڙو ڪردار آهي. ڪنهن سياڻي چيو آهي تہ توهان جو سچو دوست اهو آهي جيڪو توهان جون غلطيون ۽ ڪوتاهيون توهان کي ٻڌائي. ۽ جيستائين ٻيو ڪير ڇا دوست ٿيندو جيستائين اسان پاڻ پنهنجا دوست نٿا ٿيون. ان ڪري

Gul Hayat Institute

پنهنجا سچا دوستن تيون ۽ پنهنجي غلطين ۽ ڪوتاهين تي بہ ڪجهہ نظر وجهون. هينئر صورتحال اها آهي تہ اسان پنهنجي هر ڪوتاهي، هر ناڪامي ۽ هر نقصان جو ذميوار دشمن کي قرار ڏيون. هر واقعي ۽ عمل جي پويان سامراجي سازش نظر ٿي اچي. دشمن تہ ظاهر آهي تہ هر اهو ڪم ڪندو جنهن سان اسان کي نقصان پوي. ان ۾ سازش جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. سوال اهو آهي تہ اسان پنهنجي حالت سڌارڻ لاءِ ۽ دشمن جي منصوبن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ ڇا ٿا ڪريون.

اسان جو حال اهو آهي تہ هر غلط ڳالهہ لاءِ فٽ سان سنڌ جي قومي دشمنن يعني اسلام آباد جي حڪمرانن کي ذميوار قرار ٿا ڏيون. جي ائين نہ تہ پوءِ ڪراچيءَ جا حڪمران، جي اجا وڏيڪ تہ پوءِ هڪ ٻئي کي يعني صحافي سياستدان کي تہ سياستدان صحافين کي يا سماجي ورڪرن کي تہ سماجي ڪارڪن استادن کي تہ وري استاد شاگردن کي وغيره. جي ان سان بہ ڪم پورو نٿو ٿئي تہ پوءِ هڪڙي سياسي پارٽي وارا چون ٿا تہ سندن ناڪامين جو سبب سندن مخالف پارٽي آهي. جيڪڏهن اها نہ هجي تہ اصل سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي وڃي. انتها تڏهن ٿي ٿئي تہ جي مخالف پارٽي بہ هٿ نہ ٿي اچي تہ پوءِ پنهنجي ئي پارٽيءَ اندر پاڻ کان مختلف خيال رکندڙن کي سنڌ جي سمورين مصيبتن جو ذميوار قرار ڏيون ٿا. مطلب تہ هڪ لمحي لاءِ بہ اهو سوچڻ لاءِ تيار ناهيون تہ "اسان" جي ڪهڙي غلطي آهي يا اسان جي ڪا غلطي آهي بہ؟ هونءَ بہ اسان دشمنن جي سنڌ مخالف عملن، منصوبن ۽ سازشن بابت ڪافي ڳالهايو ۽ لکيو آهي (جيتوڻيڪ اهو سڀ پنهنجي جاءِ تي درست آهي ۽ اڃا وڌيڪ ڳالهائڻ جي ضرورت بہ آهي) پر هاڻي ڪجهہ پنهنجو بہ خود تنقيدي جائزو وٺون، ڇاڪاڻ تہ بقول شخصي "غير تنقيدي رويو موت جي علامت آهي".

اڄڪلهہ هر طرف "گلوبلائزيشن" جو شور ۽ زور آهي ۽ اهو چيو ٿو وڃي تہ دنيا هڪ ڳوٺ بڻجي وئي آهي، جيڪا ڳالهہ گهڻي حد تائين درست آهي. البتہ ڪجهہ ماڻهن طرفان پيش ڪيو ويندڙ اهو خيال درست ناهي تہ گلوبلائزيشن جي عمل ڪري قومن جي حيثيت ۽ اهميت ختم ٿي

وئي آهي. گلوبلائزيشن جا سڀ کان وڏا وڪيل ۽ محرڪ آمريڪي سڀ کان وڌيڪ پنهنجي قومي تشخص ۽ قومي مفادن جي ڳالهه ٿا ڪن. بلڪ تمام وڏا ۽ اهم فيصلا جيڪي ڪيترن ملڪن کي ۽ ڪروڙين ماڻهن کي متاثر ڪن ٿا اهي آمريڪا جي قومي مفادن کي آڏو رکي ڪيا وڃن ٿا ۽ ٻين قومن مٿان پنهنجي بالادستي (Superiority) جو ذڪر ۽ اظهار آمريڪا وارا وڏي فخريه انداز ۾ ڪن ٿا. ته پوءِ گلوبلائزيشن جو ڇا مطلب آهي؟ گلوبلائزيشن جو ملطب اهو آهي ته دنيا جون سموريون قومون ترقيءَ جي هڪ ئي ميدان ۾ گڏ آهن. هاڻي جنهن به قوم کي اڳتي وڌڻو آهي ته ان کي سڀني قومن سان مقابلو ڪرڻو آهي۽ زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾ ڪرڻو آهي. سياسيات، اقتصاديات، واپار، ڪميونيڪيشن، علم ادب، ڪلچر، سماجي ڪم، جمهوريت، انساني حق وغيره وغيره. ۽ مقابلي جي ميدان ۾ ڪير ڪنهن سان همدردي ڪونه ڪندو آهي، نه ڪير ڪنهن تي رحم ڪائيندو آهي. مقابلي ۾ کٽڻ لاءِ اهليت، صلاحيت، محنت ۽ مستقل مزاجي بنيادي شرط آهن جيڪي اسان کي هر حال ۾ پورا ڪرڻا آهن ۽ ڪرڻا پوندا.

پر انهن سڀني ڳالهين جو بنياد، سمورين بيمارين جو علاج ۽ سمورن مسئلن جي حل جو نسخو تعليم آهي. ڪنهن به ميدان ۾ مقابلو ۽ ان ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ لازمي هوندو آه ته توهان کي مقابلو ڪندڙ نبابت، انهن جي خوبين ۽ خامين ۽ انهن جي مضبوط ۽ ڪمزور پهلوئن بابت چڱي ريت ڄاڻ هجي، مقابلي جي هر ميدان بابت معلومات هجي ۽ اها ڄاڻ صرف تعليم جي ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. اڄ جي دور ۾ تعليم کان سواءِ واپار جو تصور اجايو آهي، ماليات ۽ بئنڪنگ جا مشڪل معاملا رڳو تعليم ذريعي ئي سنڀالي سگهجن ٿا. انجنيئرنگ ۽ ميڊيڪل ايتري ترقي ڪئي آهي جو انسان موجوده ڪائنات کي تسخير ڪري ان کي نئين شڪل ڏئي رهيو آهي. ايتري حد تائين جو نئون انسان تخليق ڪرڻ جي ڪناري پهچي چڪو آهي. اهو سڀ علم ۽ ڄاڻ جو ڪرشمو آهي. اڄ ته جنگ ۽ سياست به علم ذريعي ڪئي ٿي وڃي، ان

Gul Hayat Institute

ڪري بنا ڪنهن هٻڪ جي چئي سگهجي ٿو تہ قوم جي بقا، نجات توڙي ترقيءَ جو رستو تعليم جو رستو آهي. تنهن ڪري جيڪو سڏي يا اُٽسڏي نموني سنڌ جي تعليم کي نقصان ڏئي ٿو اهو سنڌ ۽ سنڌي قوم جي مستقبل کي نا قابلِ تلافي نقصان ڏئي ٿو. ٻين لفظن ۾ تہ جيڪو تعليم جو دشمن آهي سو سڀ کان وڏو سنڌ دشمن آهي. ڏارين حڪمرانن کان بہ وڌيڪ.

هونءَ تہ قوم جي هر فرد تي فرض آهي تہ اهو قومي بقا، نجات ۽ ترقي جي گڏيل جاکوڙ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. پر زندگيءَ جي مختلف شعبن سانِ واسطو رکندڙن تي ان مخصوص شعبي ۾ سڌاري ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ وڌيڪ ذميواري اچي ٿي. جيئن قومي زندگيءَ ۾ ٻين سمورن شعبن جي ٻيٺ ۾ تعليم سڀ کان وڌيڪ اهميت رکندڙ آهي تنهن ڪري ان شعبي سان وابستہ ماڻهن تي بہ سڀ کان ڏيڪ فرض عائد ٿئي ٿو خاص ڪري استاد ۽ شاگرد تي.

سائين جي ايم سيد جي حوالي سان ڏسجي تہ هن جو پيغام سڄي سنڌي قوم لاءِ آهي پر سياست جيئن تہ سماج جي ٻين سمورن حصن تي اثر انداز ٿئي ٿي ان ڪري سياسي ڪارڪن کي وڌيڪ اهم ڪردار نڀائڻو آهي ۽ انهن ۾ وري قومپرست سياسي ڪارڪن تہ قومي جدوجهد جو سرواڻ هئڻ کپي، هر لحاظ کان مثالي هئڻ کپي. پر هتي اهو بہ چوندو هلان تہ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ هرو ڀرو ان مٿي ڏنل ترتيت مطابق عمل ڪرڻ لازمي ناهي. بلڪ هر سنڌيءَ کي جتي بہ ۽ جڏهن بہ موقعوٰ ملي قومي آزاديءَ جي ان وسيع ويڙهہ ۾ پنهنجو رول ۽ حصو ادا ڪري. البتہ ايترو ضرور آهي تہ جي ايم سيد جي پوئلڳ سڏائيندڙ يا ان جي نالي جي حوالي سان ڪم ڪندڙن جو عمل ۽ ڪردار ان قومي سجاڳيءَ جي سموري عمل تي اثرانداز ضرور ٿيندو. جيڪڏهن انهن جو ڪردار سيد جي خواهشن ۽ سوچن موجب ۽ وقت ۽ حالتن جون تقاضائون پوريون ڪندڙ هوندو تہ قومي ترقيءَ جو عمل تيز ۽ مضبوط ٿيندو پر جي انهن جا عمل خود انهن براين ۽ بيمارين کي وڌائيندڙ هوندا جن جي علاج لاءِ سائينءَ سموري

جدوجهد ڪئي تہ يقيناً ان جا وري سنڌي سماج تي اوترا منفي اثر پوندا. اهو ان ڪري تہ تمام گهڻا سنڌي آهن جيڪي مختلف سببن جي ڪري سڌي طرح سائينءَ سان رابطي ۾ نہ اچي سگهيا. سائينءَ جا ڪتاب بہ ٿورن ماڻهن پڙهيا آهن جڏهن تہ ڪافي سارا ماڻهو ڪيس سندس پوئلڳن جي حوالي سان سڃاڻن ٿا. تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ ويهين صديءَ جي سنڌ جي هن رهنما جي فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار کي چڱي نموني پاڻ سمجهون ۽ پوءِ تبليغ توڙي عملي ڪردار ذريعي ان کي سنڌي ماڻهن (۽ پڻ ٻي دنيا) تائين پهچايون. اهو ئي سيد کي ياد ڪرڻ ۽ ڪيس خراجِ عقيدت پيش ڪرڻ جو صحيح طريقو آهي.

(عوامي آواز: 17 جنوري 2001)

Gul Hayat Institute

# 2003ع سنڌ جي سياسي صورتحال
## ۽ جي ايم سيد

**سائين** جي_ايم سيد بابت سوچيندي، لکندي يا ڳالهائيندي مونکي لارڊ ميڪالي جو اهو قول اڪثر ذهن تي ايندو آهي ته ”هڪ سياستدان ايندڙ چونڊن جي باري ۾ سوچيندو آهي جڏهن ته هڪ مدبر ايندڙ نسلن بابت سوچيندو آهي“. ان جي تشريح اسان ائين به ڪري ٿا سگهون ته هڪ سياستدان وقتي ڪاميابين لاءِ هٿ پير هڻندو آهي، جيڪي سندس ذات، گروهه يا پارٽيءَ لاءِ اهميت واريون هونديون آهن. جڏهن ته هڪ مدبر دور رس ۽ مستقل_ڪاميابين لاءِ جاکوڙيندو آهي، جيڪي سندس قوم، ملڪ ۽ پوري انسانذات جي مستقبل سان واسطو رکندڙ هونديون آهن. مدبر ۽ سياستدان جو فرق سمجهڻ لاءِ اسان پاڪستان جي ”مفڪر“ علامه اقبال کان به مدد وٺي سگهون ٿا. انگريز دور جي هندستان جي ٻن وڏن ليڊرن جواهر لال نهرو ۽ محمد علي جناح جي شخصيتن جو جائزو وٺندي هن لکيو ته جناح هڪ سياستدان آهي ۽ نهرو هڪ محب وطن (مدبر). جيڪڏهن ميڪالي جي فارمولا تي پرک ڪجي ته علامه اقبال جي درجه بندي چڱي نموني سمجهه ۾ اچي ٿي. وقتي طور جناح صاحب جي ڪاميابي ٿي جو هندستان جو مذهب جي بنياد تي ورهاڱو ٿيو پر اڌ صدي گذرڻ کانپوءِ ڏسون ٿا ته هندستان هڪ مستحڪم

Gul Hayat Institute

آئيني جمهوريت آهي. مذهبي انتهاپسندي جي ڪوشش جي باوجود هندستاني رياست ۽ هندستاني سماج جا سيڪيولر بنياد قائم آهن ۽ اقتصادي ميدان ۾ هڪ وڏي قوت طور سامهون اچي رهيو آهي. انهن سيني شين جا بنياد مضبوط ڪرڻ ۾ نهروءَ جو اهم رول هئو جڏهن ته انهن سيني ميدانن ۾ پاڪستان جي اڄ صورتحال ڪهڙي آهي اهو هرڪو ڄاڻي ٿو.

سنڌ ۾ به ڪجهه ماڻهو سيد جو تقابلي جائزو پيش ڪندي ذوالفقار علي ڀُٽي، الطاف حسين ۽ ٻين جو ذڪر ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته اهي جلدي ڪامياب ٿي ويا پر جي ايم سيد ڪامياب نه ٿي سگهيو. ته اهڙن همراهن لاءِ منهنجو اهو چوڻ آهي ته مٿي بيان ڪيل تشريح موجب ذوالفقار علي ڀٽو ضرور هڪ هوشيار سياستدان هئو جڏهن ته باقي ٻيا ڇا هئا ۽ آهن ان لاءِ ٿورو لکيو گهڻو سمجهندا. باقي جي ايم سيد جي ڪاميابي يا ذهانت ڪي ان بنياد تي پرکجي ته هو هڪ مدبر هئو. گذريل اڌ صديءَ دوران ڪيترا اهڙا موقعا ۽ معاملا آيا جن بابت سيد جي سوچ ۽ نقطه نگاهه درست ثابت ٿيو پر تازو جنهن مسئلي سندس مدبرانه رول کي ياد ڪرايو آهي اهو سنڌ حڪومت جي تشڪيل آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ قسم کڻندڙ سنڌ جي ڪابينا ۾ 65 سيڪڙو وزير/مشير غير سنڌي آهن. جن ۾ پنجابي، پشتوءِ اردو ڳالهائيندڙ سيئي شامل آهن. جيئتوڻيڪ گورنر به ساڳي ئي ڪيٽيگري ۾ اچي ٿو پر ڇا ڪجي اهو سلسلو پيپلزپارٽيءَ جي پهرئين دور کان وٺي جاري آهي جڏهن "شيرِ سنڌ" مير رسول بخش جي جاءِ تي رعنا لياقت علي خان کي گورنر بڻايو ويو. ان وقت کان وٺي اهو هڪ اڻ لکيل قانون هلندو پيو اچي ته جيڪڏهن سنڌ جو وزيراعليٰ سنڌي ڳالهائيندڙ هوندو ته گورنر اردو ڳالهائيندڙ هوندو. سنڌ حڪومت جي اهڙي جوڙجڪ تي سنڌي ماڻهن کي سخت تشويش آهي ۽ زندگيءَ جي هر شعبه سان واسطو رکندڙ سنڌين ان کي سنڌي قوم جي حاڪميت واري حق مٿان ڌاڙو قرار ڏيندي ان کي رد ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته ان ۾ نه رڳو ٻين ملڪن ۽ ٻين صوبن کان هتي اچي آباد ٿيندڙ ماڻهو شامل آهن پر اهڙا به سنڌ جا سربراهه مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي هينئر به مستقل طور پشاور ۽ لندن ۾

رهن ٿا ۽ جن مٿان سنڌ ۾ ڪرمنل ڪيس داخل ٿيل آهن. سڄي سنڌ اهڙي عمل تي احتجاج ڪري رهي آهي پر اسان ان سڄي صورتحال جي بنيادي ڪارڻن ڏي گهٽ ٿا نظر وجهون. يقيناً اهڙن ڪرڻ ۾ رياستي ادارن جي ڏاڍائين ۽ داداگيرين جو وڏو هٿ آهي پر ان جو اصل سبب سنڌ ۾ ڌارين ماڻهن جي بنا روڪ ٽوڪ مستقل نموني آمد ۽ آبادڪاري آهي جيڪا وري خود رياست جي آشيرواد سان ٿئي ٿي.

اتي اسان ڪي سائين جي ايم سيد جون مدبرانه ڳالهيون ياد اچن ٿيون، جيڪي هن اڄ کان 30 سال اڳ چيون ۽ لکيون. سائين هميشه پنهنجون تقريرون لکي ڪندو هئو. سو هڪڙي تقرير جيڪا غالباً 4 مارچ 1973ع تي مسلم ڪاليج حيدرآباد ۾ ٿيندڙ جلسي ۾ ڪئي هئائين. اهو چيو هيائين ته ”ڏجو ان وقت کان جڏهن غير سنڌي (سنڌ جا باشندا) سنڌي سڏائي توهان جي رهيل کهيل ٽپڙن تي به قبضو ڪري وٺندا“. نه رڳو اهو پر 1970ع واري ڏهاڪي دوران مسلسل سائين پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن ۾ سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري ۽ ان جي ممڪنه تباه ڪن اثرن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندو رهيو. سائينءَ جي سوچن جي پوئواري ڪندي سندس جماعت جيئي سنڌ محاذ پڻ ڌارين جي يلغار خلاف مسلسل آواز اٿاريندو پيو اچي. 1980 واري ڏهاڪي کان وٺي محاذ جي سياسي ايجنڊا ۾ ڌاري آبادڪاريءَ کي روڪڻ جو معاملو هميشه سرِ فهرست رهيو آهي. ڪراچيءَ کان وٺي ڪمون شهيد تائين سنڌ جي وڏن توڙي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ روڊن رستن ۽ پريس ڪلبن تي جيئي سنڌ محاذ جا ڪارڪن احتجاج ڪندا رهيا آهن. ڪڏهن تمام وڏا ته ڪڏهن ننڍا به. اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ذريعي به سنڌ جي مستقبل لاءِ ڌارين ماڻهن جي لوڏن جي هاڃيڪار اثرن بابت نشاندهي ڪندا رهيا آهن. بلڪ ان کان اڳ ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ٻهارين کي آڻڻ جو فيصلو ڪيو هئو تڏهن به جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پليٽ فارم تان سائينءَ جي رهنمائي ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪيو ويو هئو. ان جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاريءَ ۾ ڪجهه رڪاوٽون ته ضرور پيون پر اهو سلسلو

Gul Hayat Institute

رڪجي نہ سگھيو. ان جو ڪارڻ اهو هئو تہ سنڌي ماڻهن جي اڪثريت بشمول سڄاڻ حلقن ان جدوجهد جو ساٿ نہ ڏنو ۽ سنڌي ماڻهن جا ووٽ حاصل ڪندڙ پارٽين ۽ فردن ڪڏهن بہ ان مسئلي کي پنهنجي ايجنڊا ۾ شامل نہ ڪيو جن ۾ سڀ کان سرِ فهرست پيپلزپارٽي آهي، جنهن نہ ڪڏهن اقتدار ۾ اچي ڌاري آبادڪاريءَ کي روڪڻ لاءِ ڪو قدم کنيو ۽ نہ وري ڪڏهن اپوزيشن ۾ هوندي ان اهم مسئلي تي احتجاج ڪيو.

مسئلو اهو آهي تہ پاڪستان ٺهڻ سان مرڪز سان گڏوگڏ سنڌ جي اقتدار تي عملي طرح غير سنڌين جو قبضو ٿي ويو. فوج، سول بيوروڪريسي، واپار ۽ صنعت انهن سڀني تي ڌارين جو ڪنٽرول هئو البتہ سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌ ڪابينا ۾ اڪثريت سنڌين جي هوندي هئي جيڪا ڳالهہ غير سنڌين لاءِ اڪ جو ڪنڊو ۽ ناقابلِ برداشت هئي، ڇاڪاڻ تہ اهي پاڻ کي اعليٰ (Superior) ۽ سنڌين کي ادنيٰ (Inferior) سمجهندا هئا. ان ڪري پاڪستان جي قيام جي شروعاتي ڏينهن کان ئي انهن منصوبن تي ڪم شروع ٿي ويو هئو تہ سنڌ حڪومت تي جيڪا ظاهري بالادستي سنڌين جي آهي ان کي بہ ڪنهن طرح سان ختم ڪجي. انهن منصوبن جي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي حيلا هلايا ويا، جيڪي حڪمت عمليون ۽ سازشون زير عمل آيون انهن جو تفصيل مضمون جي دائري کان ٻاهر آهي. بهرحال انهن جا نتيجا اسان جي سامهون آهن ۽ بحيثيت پارٽي ان جو سڀ کان وڏيڪ نقصان پيپلزپارٽي کي ئي ٿيو آهي. اها ئي ڌارين ماڻهن جي اڻ ڪٿ ۽ اڻ ڄهل آبادڪاري آهي جنهن کي اصل حاڪمن استعمال ڪندي پ پ کي سنڌ ۾ اقتدار ۾ اچڻ نہ ڏنو. اها ڳالهہ بہ سياستدان ۽ مدبر وچ ۾ يعني ايندڙ اليڪشن ۽ ايندڙ نسل بابت سوچڻ جي فرق کي واضح ڪري ٿي. پيپلزپارٽي هميشہ فوري اليڪشني مفادن کي آڏو رکيو تنهن ڪري ڌارين جي سنڌ ۾ آبادڪاريءَ جو اشو نہ اٿاريو تہ متان اهي ڌاريا انهن جا حمايتي اصلي حڪمران ناراض نہ ٿي پون. پر ان عمل جا دور رس نتيجا پيپلزپارٽي تہ ڀوڳي ئي رهي آهي البتہ ان کان وڌيڪ سنڌ ڀوڳي رهي آهي ۽ ان جا ايندڙ نسل ڀوڳيندا ڇاڪاڻ تہ ان سان



Gul Hayat Institute

نہ رڳو سنڌ جي اقتصادي مفادن کي ٺيي هاجو ٿو رسي پر سنڌ مٿان سنڌين جي اقتدار اعليٰ جي دعويٰ تي سواليہ نشان لڳي چڪو آهي ۽ اقتدار اعليٰ جو حق وڃائڻ غلامي يا ڪالونائزيشن واري عمل جي تڪميل جو اعلان هوندو آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ڌاري آبادڪاري سنڌ جي غلاميءَ جي زنجيرن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي رهي آهي. تنهن ڪري پنهنجي قومي بقا ۽ نجات خاطر سنڌي قوم کي ڌارين ماڻهن جي آبادڪاريءَ خلاف ڊگهي ۽ مستقل جدوجهد ڪرڻي پوندي. باقي جيڪڏهن اسان مسئلي کي پنهنجي جاءِ تي ڇڏي ٿا ڏيون تہ پوءِ اڄ جهڙا يا ان کان بہ وڌيڪ خطرناڪ نتيجا اچڻ اٽل هوندا ۽ پوءِ رڳو اهڙيون دانهون ڪرڻ مان ڪجهہ بہ نہ ورندو جهڙيون هن وقت اسان ڪري رهيا آهيون.

هتي هڪ لاڳاپيل سوال اٿڻ لازمي آهي. اهو هيءَ تہ ايم ڪيو ايم سان واسطو رکندڙن کي اسان سنڌي تسليم ڪريون ٿا يا نہ؟ تہ ان ڏس ۾ سنڌ جو قومي جرڳو سنڌ قومي اتحاد اهو فيصلو ڏئي چڪو آهي تہ 1954ع تائين آيلن کي سنڌي سمجهون ٿا. ان کان علاوه بحيثيت جمهوريت پسند جي اسان ”شهرين“ جي حقن ۽ حيثيت ۾ زبان يا نسل جي بنياد تي فرق نٿا ڪريون پر اها بہ هڪ عالمگير حقيقت آهي تہ حقن جو حقدار ٿيڻ لاءِ پهرين ڪجهہ فرض بہ ادا ڪرڻا پوندا آهن. سو سنڌ جي مڪمل شهريت ۽ ان سان وابستہ سمورا سياسي حق حاصل ڪرڻ خاطر ڪنهن بہ ٻاهران آيل ماڻهوءَ لاءِ بہ ڳالهيون لازمي آهن. هڪ تہ هو پاڻ کي سنڌي قوم جو حصو سمجهندي سنڌ تي سنڌي قوم جي ناقابلِ تقسيم حقِ حاڪميت کي تسليم ڪري ۽ ٻيو تہ سنڌ جي بنيادي مسئلن تي ۽ سنڌ جا حق حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ عملي ڪردار ادا ڪري. ايم ڪيو ايم وارا همراهہ انهن ٻنهي شرطن تي پورا نٿا اچن. گذريل ڪجهہ وقت کان وٺي اهي سنڌ سنڌ تہ ڪن ٿا پر پاڻ کي سنڌي قوم جو حصو ڪونہ ٿا قرار ڏين. نہ ئي اهو ٿا چون تہ سنڌ تي سنڌي قوم جو مڪمل اختيار آهي. بلڪ اڄ بہ اهي اهو ٿا چون تہ سنڌي ۽ مهاجر ٻئي سنڌ جا وارث آهن.



Gul Hayat Institute

هاڻي جيڪڏهن ”مهاجر“ کي سنڌ جو وارث تسليم ڪجي ته پوءِ افغانستان، ايران، برما، بنگلاديش، بوسنيا کان آيل ۽ اڳتي هلي ممڪنه طور عراق کان ايندڙ مهاجرن کي به سنڌ جي وارثن ۾ شامل ڪرڻو پوندو. ٻيو ته جيڪڏهن اهي همراهه پاڻ کي سنڌ جو وارث سمجهن ٿا ته پوءِ ڌاري آبادڪاري سميت سنڌي قوم جي سمورن زندگي موت جي مسئلن تي سنڌين جو ساٿ ڏين يا پاڻ جدوجهد ڪن. پر دنيا ڏٺو ته فيصله ڪن گهڙي (حڪومت سازي) اچڻ تي انهن سنڌ جي اهم ۽ بنيادي مسئلن مان ڪنهن به هڪ کي پنهنجي ايجنڊا ۾ شامل نه ڪيو. حقيقت ۾ ڏسجي ته ٽي قوتون آهن. جن جي ڪري سنڌ ايترين مصيبتن ۽ مسئلن ۾ اڄ گهريل آهي. رياستي اسٽيبلشمينٽ (جنهن جو اهم حصو فوج آهي)، سنڌ ۾ آباد ٿيندڙ ڌاريا ماڻهو ۽ سنڌ جا جاگيردار. بدترين جاگيردارن ۽ ڌارين (پنجابين، پٺاڻن) سان گڏجي ايم ڪيوا يم سنڌ جي حڪومت ٺاهي آهي جڏهن ته اهو سڀ ڪجهه ٿيو ان اسٽيبلشمينٽ جي مرضيءَ قوت سان آهي. جنهن لاءِ ايم ڪيوا يم جي ليڊر الطاف حسين نالا وني جنرلن جو شڪريو ادا ڪيو آهي. سو جهڙي طرح اسان رڳو ٻوليءَ جي بنياد تي ڪنهن کي سنڌ جي شهريت ۽ سياسي حقن کان محروم ڪرڻ جي حق ۾ ناهيون تهڙيءَ ريت رڳو سنڌي ٻوليءَ جا ٻه بيت پڙهڻ سان به ڪير سنڌ جو وارث نٿو ٿي سگهي.

جيئن ته ڌاري آبادڪاري بابت سيد جي مدبرانه ڳالهين کي نظرانداز ڪرڻ جا خطرناڪ نتيجا اسان جي سامهون اچي چڪا آهن ته هينئر سڄي سنڌي قوم لاءِ ضروري ٿي پيو آهي ته پنهنجي قومي بقا ۽ ترقيءَ بابت سائين جي ايم سيد جي ٻڌايل ڳالهين تي نئين سري سان ۽ مثبت انداز ۾ نظر وجهون ۽ غور ڪريون.

17 جنوري 2003

## جي ايم سيد:
## سو سالن جو سنيهو

جي_ايم سيد سينٽينري (صدسالہ) جي سلسلي ۾ ٿيندڙ اڄوڪي سيمينار ۾ مقالو پڙهڻ لاءِ جڏهن مون ڪراچي يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر جعفر احمد سان رابطو ڪيو تہ هن جو پهريون ۽ خودساختہ ردِ عمل حيرانگيءَ وارو هئو. چوڻ لڳو تہ ”حيرت جي ڳالهہ آهي جو جي ايم سيد جيڏي مرتبي واري ماڻهوءَ جو سينٽينري سال آهي ۽ سو بہ پڄاڻيءَ تي پهچي رهيو آهي ۽ اسان کي اڄ ٿي خبر پوي جڏهن تہ تمام گهڻن ماڻهن کي اڄ بہ خبر ڪانهي. ٿيڻ تہ ائين کپندو هئو تہ هي سڄو سال ملڪ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون ۽ فيچر ڇپجن ها ۽ ريڊيو ٽي وي تي پروگرام اچن ۽ مذاڪرا ۽ ڪانفرنسون ٿين ها“. سندس اهي ڳالهيون ٻڌي مان سوچڻ لڳس تہ واقعي سرڪاري ميڊيا کي تہ ڪٽي ڇڏجي جو انهن ڪڏهن بہ مثبت، روشن خيال ۽ عوام دوست ڳالهين جي پذيرائي نہ ڪئي آهي پر ايڪويهين صديءَ جي ”آزاد“ ميڊيا کي ڇا ٿيو. وارن جي دوا تي اڌ اڌ ڪلاڪ جا پروگرام ڏيندڙ چينلن سڄي سال ۾ جي ايم سيد جو نالو بہ ڪونہ ورتو. حقيقت ۾ سنڌ ۽ ٻين محڪوم قومن جي تحريڪن ۽ انهن جي اڳواڻن بابت پاڪستان جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ماڻهن توڙي ميڊيا جو ڪردار ذري گهٽ هڪجهڙو ئي آهي. منهنجو تہ اهو نقطہ نگاهہ

رهيو آهي تہ پاڪستان ۾ ڪنهن بہ شخص جي جمهوريت، انصاف ۽ انساني حقن سان ڪمٽمينٽ جي حقيقي ڪسوٽي اها آهي تہ ان جو رويو جي ايم سيد ڏانهن ڪهڙو آهي. ڇاڪاڻ تہ پنهنجي خيالن ۽ ذهن ضمير جي اظهار جي پاداش ۾ هو سڀ کان وڌيڪ قيد ڪاٽيندڙ انسان رهيو آهي ۽ ان ڪسوٽيءَ تي چڱن ڀلن جون ٽنگون ٿڙڪنديون آهن. جمهوريت، شهري آزادين ۽ انساني حقن جون وڏيون دعوائون ڪندڙ جي ايم سيد جي نظرين، جدوجهد ۽ انهن جي نتيجي ۾ ملندڙ قيد جي معاملن تي بدترين آمرن جي صفن ۾ بيٺل نظر ايندا آهن. نہ رڳو ايترو پر سنڌي ميڊيا جو رويو بہ سيد بابت هن سال دوران مجموعي طور ڪو سٺو ڪونہ رهيو. سنڌي ميڊيا سان وابستہ اڪثر همراهن جو نقطہ نگاهہ اهو هوندو آهي تہ جي ايم سيد بابت ڪجهہ بہ ڪرڻ جي ذميواري سندس جماعت جيئي سنڌ محاذ تي آهي. باقي سندن ڪم رڳو رپورٽ ڪرڻ آهي. سنڌي ماڻهن کي سنڌي قوم جي سچاٽپ ڪرائيندڙ شخص لاءِ اهڙو رويو ڪيترو درست آهي اهي دوست پاڻ ڪان ئي پڇي ڏسن. جيتوڻيڪ ڪندا اهي رپورٽ بہ صحيح ڪونهن. مونکي اهو چوندي بہ ڪا هٻڪ محسوس نٿي ٿئي تہ جيئي سنڌ محاذ کي بہ جي ايم سيد سينٽيري جي سلسلي ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪرڻو هئو اهو ڀرپور ۽ مڪمل نموني ادا نہ ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سڄي سال دوران محاذ پاران پروگرام ٿيندا رهيا جنهن ۾ جي ايم سيد ڪانفرنسون بہ ٿيون تہ سنڌ جي تاريخ جي اهم واقعن ۽ قومي هيرن جي حوالي سان ڏينهن بہ ملهايا ويا ۽ سنڌ جي تاريخ، تاريخي هيرن ۽ قومي جدوجهد کي نئون ۽ روشن رخ ڏيندڙ شخصيت لاءِ اهو بهترين خراج هئو پر ان کان وڌيڪ اجا ڪجهہ ڪرڻ ۽ ڪري سگهڻ جي گنجائش هئي ۽ آهي.

بهرحال سائين جي ايم سيد ڏانهن گهڻن ماڻهن جو مخالفانہ، معتصبانہ معتضرانہ، ڏوري وارو يا لاتعلقي وارو رويو سندس عظمت جي بہ گواهي ڏئي ٿو ڇاڪاڻ تہ دنيا جا جيڪي بہ وڏا ماڻهو ٿي گذريا آهن پوءِ اهي سياستدان هجن، سائنسدان هجن، پيغمبر هجن يا مفڪر اهي پنهنجي دور جا وڏا متنازعہ انسان رهيا آهن. انهن جا مخالف جڏهن انهن

جي اصولن، خيالن ۽ نظرين جو دليل سان ۽ ثبوت سان جواب نہ ڏئي سگھندا آهن تہ پوءِ انهن تيِ اعتراض ڪندا آهن. الزام لڳائيندا آهن ۽ فتوائون جاري ڪندا آهن. اهي عظيم ماڻهو جيئن تہ وقت کان اڳ جون ڳالهيون ڪندا آهن، دنيا کي اڳتي وٺي وڃڻ واريون ڳالهيون ڪندا آهن، نيون ڳالهيون ڪندا آهن، جيڪي اڪثر حالتن ۾ قديم روايتن سان ۽ مروجہ طور طريقن سان ٽڪر ۾ ايندڙيون آهن. تنهن ڪري گهڻا ماڻهو انهن جي يا تہ مخالفت ڪندا آهن يا پري رهندا آهن. انهن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن. هڪڙا وقت جا حڪمران ٽولا يا اسٽيبلشمينٽ جن کي انهن عظيم ماڻهن جي نين، ترقي پسند ۽ انقلابي ڳالهين ۾ پنهنجي ڦرلٽ واري ماڻداڻ جو موت نظر ايندو آهي. ٻيو حصو عوام جو هوندو آهي جيڪي وري ٻن حصن ۾ ورهايل هوندا آهن. هڪڙا ايندڙ وقت جي انهن ڳالهين ۽ خيالن کي فوري طور ۽ پوريءَ ريت سمجهي نہ سگهندا آهن تنهن ڪري انهن جو ساٿ نہ ڏئي سگهندا آهن ۽ ٻيا وقت جي حاڪمن جي ظلم ۽ جبر جي خوف کان پاسيرا رهندا آهن. سائين جي ايم سيد جي زندگي خاص ڪري ان جي پوئين حصي تي نظر وجهڻ سان صاف معلوم ٿيندو تہ سيد سان وقت جي اسٽيبلشمينٽ ۽ عوام جو رويو اهڙو ئي رهيو آهي جهڙو انساني تاريخ جي ٻين عظيم ماڻهن سان رهيو آهي.

جي ايم سيد بلاشبہ سنڌ جي تاريخ جي چند وڏن اهڙن ماڻهن ۾ شمار ٿئي ٿو جن جي وطن جي مٽي ۽ وطن جي ماڻهن سان ڪٽمنٽ لازوال آهي تہ انهن جي مستقبل جي تعمير لاءِ دور رس سوچ ۽ فڪر بہ آهي. سنڌي قوم جي بيشمار مسئلن ۽ مصيبتن ۽ انهن جي حل ۽ سنڌي قوم جي نجات لاءِ سيد جي طويل جدوجهد مان صرف هڪڙو مثال پيش ڪجي ٿو. سنڌي قوم جي تازيٰ تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ ۽ مرحلو 72_1971ع ۾ آيو جڏهن بنگلہ ديش جي آزاديءَ جي نتيجي ۾ پراڻو پاڪستان ختم ٿي ويو ۽ ”نئون پاڪستان“ ناهڻ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. هن چيو تہ اچو تہ سنڌ جي سياست، سنڌ جي ثقافت، سنڌ جي اقتصاديات ۽ سنڌ جي مالي ۽ مادي وسيلن تي مالڪي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪريون. ٻئي طرف

Gul Hayat Institute

نئين ملڪ جي نون حاڪمن (جن جو تعلق به سنڌ سان هئو) اهو ڏس ڏنو ته ملڪ جا مالڪ ته پنجابي ئي رهن توهان اڇو ته اسان توهان کي انهن جي "نوڪري" ونرائي ٿا ڏيون. اسان سيد جي مالڪيءَ واري سڌ کي پٺي ڏيندي نوڪري ڏيارينديڙن جي پنيان هلياسين ۽ هاڻي ٽيهه سال گذرڻ کانپوءِ نتيجا اسان جي سامهون آهن: مالڪي ته وئي پر نوڪري به وئي. سنڌ جي سياست، ثقافت، اقتصاديات ۽ قدرتي وسيلن تي ڌارين ماڻهن جو قبضو ۽ غلبو مضبوط کان مضبوط تر ٿيندو پيو وڃي. هڪ طرف ڌارين ماڻهن جي آبادڪاري ته ٻئي پاسي سنڌي ماڻهن جي زندگيءَ جي رڳ سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ تي ڌاڙن هن ڌرتيءَ تي پنج هزار سالن کان زهندڙ ۽ دنيا جي قديم ترين ۽ شاندار ترين تهذيبن مان هڪ جي مالڪ سنڌي قوم جي وجود کي ئي خطرن سان دوچار ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اها صورتحال رڙيون ڪري اسان کان تقاضا ڪري رهي آهي ته اسان حالتن جو ۽ مسئلن جو نئين سر جائزو وٺون ۽ نجات لاءِ نيون حڪمت عمليون جوڙي نئين جوش ۽ ولولي، عزم ۽ حصولي سان جدوجهد ڪريون. اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ جي ايم سيد سينٽيري يا ان جي جنم جو سئو سال بهترين موقعو فراهم ڪري ٿو.

هاڻي ڏسون ته قومي زندگيءَ جي ان اهم مرحلي ۽ موڙ تي اڳتي وڌڻ ۽ ڪاميابي حاصل ڪرڻ واري رستي ۾ سيد جي زندگي، فڪر ۽ جدوجهد اسان جي ڪهڙي رهنمائي ڪن ٿا. سيد جي تعليم توڙي عمل مان سڀ کان اهم ۽ سڀ کان وڏو سبق اهو ٿو ملي ته عقيدا ڇڏي عقل جي پوئيواري ڪريون. هن پاڻ علم ۽ عقل جي بنياد تي پنهنجي ذاتي ۽ سنڌين جي اجتماعي زندگيءَ جو تجزيو ڪري ٻتن جي شڪل اختيار ڪري ويل عقيدن کي پنهنجي عمل سان پيچي پور ڪري ڇڏيو. هن مذهب جي نالي ۾ نهيل ملڪ ۾ مذهبي عقيدن کي سائنسي جاڻ ۽ عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ۽ چيلينج ڪيو. ان کان علاوه "روايتن" جي نالي تي ڪيترين براين کي اسان زندگيءَ جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي. انهن تي پڻ سيد اهو چوندي حملي آور ٿيو ته نه ته ڪنهن قوم جون سڀ روايتون

سنيون هونديون آهن ۽ نہ ئي اهي جامد هونديون آهن. تنهن ڪري وقت جي رفتار سان هلندي ٻين قومن جي سنين روايتن کي اختيار ڪجي ۽ پنهنجي برين روايتن کي ترڪ ڪجي. ان ڪري جيڪي ماڻهو سيد جو نالو وٺي علم ۽ عقل جي مخالفت تا ڪن ۽ عقيدي پرستي ۽ روايت پرستي تا ڪن اهي نہ تہ جي ايم سيد جا دوست آهن ۽ نہ ئي سنڌي قوم جا خير خواهہ.

اڄ جي حالتن ۾ اسان لاءِ سيد جو ٻيو سبق اهو آهي تہ سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ چئون ۽ صحيح کي غلط کان ڌار ڪري بيهاريون. اڌ سچ اڌ ڪوڙ جهڙي خطرناڪ ٻي ڪا ڳالهہ ئي ناهي. يا جيئن اڄڪلهہ چيو ويندو آهي تہ پلا ايترو سچ ڳالهايو اٿئون، ضرورت مطابق ٿورو ڪوڙ ڳالهايو سين تہ ڇا ٿي پيو. تہ اهو بہ ائين ئي آهي جيئن منڻ ماکيءَ ۾ ٿورو زهر ملائي ڇڏجي تہ اهو زهر ماکي نہ پر ماکي زهر ٿي پوندي. يا ڪي دوست چوندا آهن تہ فلاڻي ڳالهہ آهي تہ صحيح هيئن، پر ڪيون هونءَ ٿا ۽ پوءِ وري صحيح نتيجن جي اميد رکندا آهيون اهو بہ ائين آهي تہ ماڻهو ڏسي وائسي ڪنڊا ڳهي ۽ پوءِ چوي تہ الله ڀلي ڪندو.

سائين جي ايم سيد جي زندگيءَ جو هڪ ٻيو سنيهو اهو آهي (جيڪو حقيقت ۾ سيني مفڪرن ۽ انقلابين جو پيغام رهيو آهي) تہ ظلم کي سامهون اچي چيلينج ڪيو ۽ برائيءَ سان سڌو سنئون ٽڪر کائو ان سان اکيوٽ نہ ڪيڏو جڏهن تہ سنڌ ۾ اڄڪلهہ اهو رواج ٻڻجي ويو آهي تہ جن کي سنڌ دشمن چئو انهن کان ئي جيڪڏهن خيرات ملي تہ ٻنهي هٿن سان وٺو. نہ رڳو ايترو پر انهن ”سنڌ دشمن“ کان ملندڙ خيرات وٺڻ تي ڇڳن پلن کي وڙهندي ڏٺو ويو آهي. صبح جو جن جي خلاف جنگ جا اعلان ڪريو شام جو انهن جا سلامي ٿيو. سڄي قوم کي لٽيندڙ ڦريندڙ جيڪڏهن ڪنهن فرد کي يا ڪنهن گروپ کي نوازن تہ ان کي قوم جي ڀلي جو نالو ڏنو وڃي. اهي عمل ۽ اهڙا رويا نہ رڳو جي ايم سيد جي فڪر جي ابتڙ آهن پر انهن طريقن سان دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪنهن بہ قوم پنهنجا اجتماعي حق حاصل نہ ڪيا آهن. رعايت ۽ حقن ۾ وڏو فرق آهي ۽ سنڌ



Gul Hayat Institute

جا سوران سطح تي پهچي چڪا آهن جو اهي مطالبن ڪرڻ يا رعايتن وٺڻ سان ختم نٿا ٿي سگهن پر ان لاءِ برائيءَ کي پاڙ کان ڪڍڻو پوندو ۽ ظلم ۽ ڦر لٽ جي رستن کي بند ڪرڻو پوندو. اهو ئي طريقو آهي جنهن سان اسان پنهنجي قومي بقا ۽ ترقيءَ کي يقيني بڻائي سگهون ٿا. باقي رعايتون ته هڪ رو اهڙو مٺو زهر آهي جنهن سان ماڻهوءَ جو موت آهسته رفتار سان پر يقيني بڻجي ويندو آهي.

۽ سيد جو سڀ کان اهم پيغام اهو آهي ته مان جيڪي ڪجهه چوان ٿو اهو سڀ ڪجهه آخري حرف ناهي. هن آزادي، امن، ڀائيچاري ۽ انسان ذات جي ترقيءَ وارن عالمگير اصولن ۽ قدرن جي وڪالت ڪئي جيڪي ئي اصل ۾ انساني تاريخ جي عظيم انسانن (پوءِ اهي پيغمبر هجن، مفڪر هجن يا سائنسدان هجن) جي سمورين ڪوششن جو محور رهيا آهن. پر انهن قدرن جي حاصلات لاءِ جدوجهد هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي وقت ۽ حالتن مطابق ڪئي آهي. سيد جو ڪمال اهو هئو ته هن انهن عالمگير اصولن کي مقامي حالتن جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ۽ زمان مڪان جي دائري ۾ انهن جي حاصلات لاءِ رستن ۽ منزلن جو تعين ڪيو. سندس نزديڪ سنڌ جي آزادي ان رخ ۾ هڪڙو لازمي قدم هئي. هو Survival of the fittest جي نظريي ۾ يقين رکندڙ هئو جنهن مطابق رڳو اهي قومون ئي زنده رهي سگهن ٿيون جيڪي پاڻ ۾ اهليت پيدا ڪن ٿيون ۽ وقت ۽ حالتن مطابق پاڻ ۾ تبديليون آڻين ٿيون ۽ دنيا سان مقابلي لاءِ پنهنجون حڪمت عمليون جوڙين ٿيون. سندس اهو به چوڻ هوندو هئو ته وقت سان گڏ هر شئي (سياست، اقتصاديات ۽ تهذيب ثقافت وغيره) تبديل ٿئي ٿي. ان ڪري انهن جي مطابقت ۾ حڪمت عمليون تبديل ٿيڻ کپن، جنهن جو هو پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ مظاهرو به ڪندو رهيو. هتي مونکي انساني تاريخ جو هڪ تمام وڏو مفڪر ڪارل مارڪس ياد ٿو اچي. هن جو سمورو فلسفو بدّل ئي ان نقطي تي هئو ته هيءَ دنيا هر وقت تبديليءَ جي عمل مان گذري ٿي ۽ ان ۾ موجود هر شيءِ (مادي توڙي خيالي) تبديل ٿئي ٿي. پر پوءِ اڳتي هلي ان جي ڪيترن پوئلڳن اهو چيو ته مارڪس جيڪي ڪجهه



Gul Hayat Institute

چيو اهو دنيا جي مڪمل ۽ آخري سچائي آهي. اهڙو رويو نہ رڳو انسانذات جي ترقي پر خود مارڪس سان بہ دوستي وارو ڪونہ هئو ۽ ان جا نتيجا اڄ سڄي دنيا جي سامهون آهن. سو جيڪي ماڻهو سيد جي ترقي پسند ۽ جدلياتي سوچ کي پٺي ڏئي ڪيس پير ڪري پيش ڪن ٿا تہ اها عقيدي پرستي نہ رڳو سنڌي قوم لاءِ مددگار ڪونهي پر خود سيد جي روح کي سپ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ پڻ آهي. اسان کي کپي تہ وقت سان گڏ پاڻ کي تبديل نہ ڪندڙ قومن جي انجام مان سبق وٺندي پنهنجي قومي بقا ۽ ترقيءَ لاءِ نيون حڪمت عمليون ٺاهيون ۽ اهو صرف کليل بحث مباحثي ذريعي ئي ممڪن آهي. اهڙو بحث مباحثو جنهن ۾ ڪنهن بہ شئي تي عقل دليل سان ڳالهائڻ "ڪفر" نہ هجي. اهو ئي جي ايم سيد جي زندگيءَ جو پيغام آهي جو هن انهن ڳالهين تي بہ عقل ۽ دليل جي روشنيءَ ۾ ڳالهايو ۽ بحث ڪيو ۽ انهن مان ڪيترين کي رد ڪيو جن جو هن ملڪ ۾ رڳو نالو وٺڻ جي بہ ڪير همٿ نہ ڪندو آهي.

عالمي سطح تي جيڪڏهن پيٽ ڪبي تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي ڳالهہ ۾ جي ايم سيد انساني تاريخ جي چند وڏن ماڻهن جي صف ۾ نظر ايندو. اهو آهي پنهنجي خيالن ۽ نظرين خاطر قرباني ڏيڻ. اهڙا دنيا ۾ رڳو آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مثال آهن جو ڪنهن شخص کي چيو ويو هجي تہ توکي تنهنجي خيالن جي پاداش ۾ موت جي سزا ملندي ۽ ڪيس پنهنجي سوچ تان هٿ کڻڻ جي صورت ۾ نجات جي آڇ بہ ڪئي وئي هجي پر پوءِ بہ هو کلندي پهرئين رستي تي هلڻ کي ترجيح ڏئي. ۽ اهو تہ شايد سموري انساني تاريخ ۾ منفرد واقعو هجي تہ ملزم موت جي سزا قبولڻ لاءِ عدالت ۾ اچڻ لاءِ آتو هجي پر سرڪاري جج پنهنجي ٺاهيل قانون تحت هن کي موت جي سزا ڏيڻ جي خوف کان عدالت ڇڏي هليو وڃي. اهو سڀ ڪجهہ جي ايم سيد سان ٿيو جيڪو دنيا ڏٺو ۽ ٻڌو.

ڊسمبر 2013، جي. ايم. سيد صدي سالہ سيمينار
جي موقعي تي لکيل

# سيد جي تخيل واري سنڌ

**جي** ايم سيد بلاشبہ ويهين صديءَ جي سنڌ جو تمام وڏو ۽ سنڌ جي پوري تاريخ جي چند وڏن ماڻهن مان هڪ هئو. سندس ان وڏائي ۽ عظمت جو سڀ کان وڏو سبب سندس سنڌ ڌرتيءَ سان لڳاءُ ۽ ڪمٽمينٽ ۽ سنڌي قوم سان غير مشروط محبت هئي. ساڳئي وقت سيد جو وجود وري سنڌ جي عظمت کي وڌائڻ جو سبب بڻيو. اهڙي اٽوٽ سڀنڌ جي ڪري سنڌ ۽ سيد جا نالا هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم بڻجي چڪا آهن. جڏهن اسان سيد بابت گفتگو ڪنداسين تہ سنڌ جي سونهن ۽ سنڌ جي سورن جي ڳالهہ ضرور ٿيندي ۽ جيڪڏهن اسان سنڌ جي بقاءُ، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ سوچ ۽ لوچ ڪنداسين تہ سيد جو حوالو ڏيڻ لازمي هوندو.

اڄ سنڌ گهڻ طرفن ۽ گهڻ قسمن مسئلن جي ور چڙهيل آهي. بلڪہ ايئن چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ سنڌي قوم پنهنجي بقا ۽ نجات جي لاءِ هٿ پير هڻي رهي آهي. اها قوم جيڪا ڪڏهن ترقيءَ جي راهہ ۾ ٻين قومن جي رهنمائي ڪندي هئي اها اڄ ٻين قومن سان برابري ڪرڻ لاءِ زور ڏئي رهي آهي. سائين جي ايم سيد سنڌي قوم جي وڃايل حيثيت بحال ڪرڻ ۽ ان کي سڌريل قومن جي قطار ۾ باوقار نموني بيٺل ڏسڻ پئي چاهيو. مختلف ماڻهو هن وقت سنڌ جي مسئلن جا مختلف حل ڏسين ٿا ۽ ان جي نجات لاءِ مختلف رستا ٻڌائين ٿا. اسان ڏسون تہ سيد سنڌ ۽ سنڌي قوم جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪهڙا خواب ٿي ڏٺا ۽ سنڌ جي صالح اولاد کي

ڪهڙن رستن تي هلندي ۽ ڪهڙا عمل ڪندي ڏسڻ تي گهريا. ۽ ان ڪم لاءِ سيد جي جنمَ ڏينهن کان وڌيڪ موزون بيو ڪهڙو موقعو ٿي سگهي ٿو ۽ هن عظيم شخص کي ياد ڪرڻ جو بهترين طريقو به اهو ٿي آهي ته سندس سوچن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سوچ ويچار ڪجي.

سائين جي ايم سيد قومن جي زندگيءَ بابت جهد البقا يا Survival of the fittest جي عالمگير اصول ۾ يقين رکندڙ هئو. ان نظريي موجب ڪائنات هميشه تغيرپذير رهي ٿي ۽ مختلف شين وچ ۾ بالادستيءَ لاءِ ڇڪتاڻ جاري هجي ٿي ۽ پوءِ اهي باقي رهن ٿيون جن ۾ مقابلي جي قوت ۽ اهليت هجي ٿي ۽ جن ۾ تبديليءَ جي صلاحيت هجي ٿي. جيڪي شيون ڪمزور هجن ٿيون اهي نين ايندڙ ۽ طاقت ور شين لاءِ جاءِ خالي ڪن ٿيون. ساڳيو اصول قومن سان به لاڳو ٿئي ٿو. جيڪي قومون اهل ۽ صالح آهن ۽ حالتن سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ آهن اهي زنده رهن ٿيون باقي بيون صفحه هستيءَ تان ميسارجي وڃن ٿيون. ان لحاظ کان سائين سنڌين کي هڪ اهل ۽ لائق قوم طور ڏسڻ ٿي چاهيو جيڪا وقت جي چئلينجن جو مقابلو ڪري سگهي. سنڌ ۽ سنڌي قوم سان بيپناهه محبت هئڻ جي باوجود هو سنڌين جي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين جي نشاندهي ڪندو رهندو هئو ڇاڪاڻ ته هن ڄاتو ٿي ته جيڪڏهن سنڌي قوم انهن ڪمزورين مان نجات حاصل نه ڪئي ته اها ايندڙ وقت ۾ ترقي ڪندڙ قومن جو مقابلو ڪري نه سگهندي ۽ Survival of the fittest جي اصول تحت ختم ٿي ويندي. ان لحاظ سان ڏسبو ته دنيا جون ڪيتريون ئي قومون وقت ۽ حالتن جو مقابلو ڪرڻ جي سگهه نه رکڻ سبب دنيا جي تختي تان مٽجي ويون ۽ بقا جي خاطر جيتري سخت ڇتاپيتي اڄ آهي اوتري انساني تاريخ ۾ اڳي ڪڏهن ڪانه هئي. ان لحاظ کان سنڌي قوم کي اڄ جي سمورن چئليجنن ۽ سمورين تقاضائن تي پورو اچڻو پوندو. سياست، سائنس، اقتصاديات، واپار، انفارميشن ٽيڪنالوجي، جمهوريت، انساني حق وغيره انهن سڀني ميدانن ۾ اسان کي هڪ ٿي وقت اڳتي وڌڻو پوندو. ايترو چوڻ ڪافي ناهي ته سنڌي ماڻهو مظلوم آهن، اهي



Gul Hayat Institute

حق تي آهن يا ڪنهن جي خلاف اڳرائي نٿا ڪن. انهن ڳالهين جي ڪري نہ تہ دنيا جون ٻيون قومون اسان تي رحم ڪائينديون نہ ئي فطرت جو قانون اسان سان ڪا رعايت ڪندو. بقا جي ان جنگ ۾ سوڀارو ٿيڻ لاءِ رڳو اهو ذڪر ڪرڻ بہ ڪافي ناهي تہ اسان بهادر ۽ محبِ وطن آهيون جيتوڻيڪ اهي گڻ ۽ خاصيتون انتهائي ضروري آهن. پر فيصلہ ڪن ڳالهہ اها ٿيندي تہ اسان ان وسيع جنگ ۾ ڪيتري محنت ٿا ڪريون ۽ ڪهڙيون حڪمت عمليون اختيار ٿا ڪريون. آمريڪا جا ريڊانڊين تمام وڏا محبِ وطن ۽ بهادر هئا ۽ انهن پنهنجي بقا جي لاءِ سخت ويڙهون بہ وڙهيون پر هڪ تہ ان ۾ تمام گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ ٻيو تہ اهي جديد علمن، هنرن ۽ حرفتن کان اڻواقف هئا ان ڪري شڪست کائي ويا. هاڻي زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ دنيا جي قومن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان انهن شعبن بابت ڄاڻ رکون، نہ رڳو ڄاڻ پر مهارت حاصل ڪرڻي پوندي ٻين لفظن ۾ تہ اسان کي عالمي معيارن تي پورو لهڻو پوندو. جڏهن سائين جي۔ ايم سيد اهو چيو تہ سنڌي هڪ جداگانہ قوم آهن ۽ قومي آزادي انهن جو فطري ۽ اڻٽر حق آهي تہ هن اهو ڪونہ چيو تہ بس سنڌي سنڌي آهن يا اهي موهن جي دڙي جا وارث آهن. يا شاهہ لطيف جا پوئلڳ آهن، تنهن ڪري انهن کي اهي حق ڏناوڃن. جيتوڻيڪ انهن خاصيتن سنڌين جي ڪيس کي هٿي ضرور ٿي ڏني پر سائينءَ عالمي طور مڃيل اصولن ۽ تسليم ٿيل معيارن مطابق سنڌ جي قومي حيثيت ۽ سنڌس آزاديءَ واري حق کي ثابت ڪيو. ان ڪري اسان سنڌي ماڻهن کي ۽ خاص ڪري جي. ايم سيد سان وابستگي ڏيکارينڌڙن کي زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن هڪ شعبي ۾ عالمي مقابلي جي صلاحيت ۽ اهليت پيدا ڪرڻي پوندي.

سيد چڱيءَ ريت ڄاتو ٿي تہ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڄاڻ ۽ مقابلي جي سگهہ رڳو تعليم ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري هن پنهنجي سموري زندگي دوران قول توڙي فعل ذريعي تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪيو. پنهنجي زندگيءَ ۾ وزارت جيڪڏهن سائينءَ ورتي تہ اها تعليم جي ورتي ۽ ان وزارت جي نهايت مختصر دور ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽

سنڌي ادبي بورڊ جهڙن ادارن جو بنياد وڌو. ان کان علاوه سڄي عمر علمي، ادبي ۽ ڪلچرل ڪم ڪندڙ ادارن ۽ فردن جي ذهني ۽ مالي مدد ڪندو رهيو. وٽس علم جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته باوجود ان جي جوَ سائينءَ نصابي تعليم بلڪل نه ورتي سگهيو پوءِ به سندس لائبريري پاڪستان جي چند وڏين ذاتي لائبريرين مان هڪ آهي ۽ سندس شمار هن ملڪ جي سڀ کان وڌيڪ پڙهيل ماڻهن ۾ ٿئي ٿو. نه رڳو ايترو پر سنڌ جي سڃاڻپ، قومي بقا ۽ نجات لاءِ هن ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي ويڙهه جو مکيه هٿيار ڪاغذ ۽ قلم کي بڻايو ۽ پنجاهه کان وڌيڪ ڪتاب لکيا. نه رڳو لکيا پر انهن مان اڪثر پاڻ ڇپرائي ماڻهن ۾ مفت ورهايا. پنهنجي سياسي سفر جي هڪ خاص مرحلي تي وڏيرن کي ڇڏي استادن ۽ شاگردن تي توجهه به ان ڪري ڏنائين جو هن ڄاتو ٿي ته سنڌين جو اڳتانگو قومي سفر علم جي روشنيءَ ۾ ئي طئه ٿي سگهي ٿو. اُن طرح اسان سيد جي فڪر ۽ جدوجهد جي روشنيءَ ۾ چئي سگهون ٿا ته جيڪو تعليم جو دشمن آهي اهو سنڌ جو دوست ٿي نٿو سگهي.

پنهنجي وسيع مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ سائينءَ جي اها پختي راءِ هئي ته قوميٰ نجات ۽ ترقيءَ خاطر سنڌي ماڻهن ۾ حب الوطني ۽ ڄاڻ سان گڏ ڪردار جي بلندي لازمي عنصر طور هئڻ گهرجي، ذاتي ڪردار توڙي اجتماعي ڪردار. اهو ئي سبب آهي جو هن سنڌي ماڻهن جي انفرادي ۽ اجتماعي ڪردار ۽ ان جي خوبين خامين بابت تمام گهڻو تفصيل سان لکيو ڳالهايو ۽ تقريرون ڪيون . سنڌي ماڻهن جي خوبين کي ڀرپور نموني اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جي تعريف ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن جي خامين کي به چٽي نموني واڪو ڪيائين جيتوڻيڪ ان عمل جي سياسي ميدان ۾ سائينءَ کي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي ڇاڪاڻ ته ماڻهن جي اڪثريت رڳو تعريف ۽ خوشامد ٻڌڻ چاهي پئي ان ڪري سائينءَ جون ڪيل سچيون ڪريون ڳالهيون ماڻهن کي ڏکيون لڳيون ۽ پنهنجي ڪوتاهين ڪمزورين کي دور ڪرڻ واري سيد جي نسخي کي مشڪل، طويل ۽ قربانين جو طالبو سمجهندي سندس ساٿ نه ڏنو ۽ انهن ليڊرن جي



Gul Hayat Institute

پوپيان لڳا جن ڇَپين تہ توهان کي جيڪي وٽي سو ڪندا وتو بسؐ رڳو سندن حمايت ڪريو ۽ پوءِ گھر ويٺي ۽ آرام ڪندي توهانجا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. پر سائين ڪردار جي بلنديءَ تي زور ڏيندو رهيو ڇاڪاڻ تہ ڪيس ووٽن جيْ تعداد ۽ اقتدار جي ڪرسيءَ ڪان سنڌي قوم جو روشن مستقبل وڌيڪ پيارو هئو ۽ ڪيس چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي تہ سٺو ڪردار رکندڙ ۽ صالح عمل ڪندڙ قومون ئي زنده رهي سگهنديون ۽ جن قومن بہ پنهنجا عمل نہ سڌاريا اهي صفحہ هستيءَ تان متجي ويون. ان ڪري ئي پاڻ هميشہ چوندو هئو تہ دنيا جي سڌريل قومن جي قطار ۾ ويهڻ لاءِ سنڌي ماڻهن کي پنهنجو تنقيدي جائزو وٺڻو پوندو ۽ پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين کي سڌارڻو پوندو ۽ ان ڏس ۾ "قومي ڪارڪنن" کي سندن رهنمائي ڪرڻ گھرجي، نہ رڳو زباني تبليغ سان پر پنهنجي مثالي ڪردار جي ذريعي پڻ.

جي ايم سيد سنڌي ماڻهن کي هڪ روشن خيال، ترقي پسند، کليل ذهن ۽ سائنسي سوچ رکندڙ قوم طور ڏسڻ تي گھريو. سندس خواهش ۽ ڪوشش هئي تہ اهي تعصب، عقيده پرستي ۽ توهمات کان نجات حاصل ڪن. سندس تعليم جو مرڪزي نقطو اهو آهي تہ سنڌي ماڻهو لساني، قبائلي، خانداني توڙي مذهبي هر قسم جي تعصب ۽ عقيده پرستيءَ کان آجا ٿي سوچين ۽ عمل ڪن.

سندس چوڻ هوندو هئو تہ جيستائين فرد پنهنجي سوچ ۾ آزاد ناهي تيستائي قوم جي آزاديءَ جو تصور ڪرڻ اجايو آهي. انهن ڳالهين لاءِ سيد پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن سان گڏ عملي ڪردار ذريعي اسان کي رستو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئيْ. سندس چوڻ هئو تہ ڪائنات نجي هر شئي تي، هر عمل تي ۽ هر فرد تي ڳالهائي سگهجي ٿو بلڪ اهو ضروري آهي تہ ان جو تنقيدي جائزو ونجي ۽ جيڪا ڳالهہ عقل جي بنياد تي معروضي حالتن موجب درست ثابت ٿئي رڳو ان جي ئي پوئواري ڪرڻ کپي. ان حد تائين تہ مذهب جي بنياد تي قائم هن ملڪ ۾ سائينءَ خود مذهب کي بہ عقل ۽ دليل جي ڪسوٽيءَ جي بنياد تي پرکيو ۽ پورو نہ لهندڙ

ڳالهين کي رد ڪيو جنهن جي پاداش ۾ ڪيس جيڪو ڀوڳڻو پيو اهو سڀ ڪنهن کي معلوم آهي. پاڻ ڪلئي عام چوندو هئو ته نبي به غلطين کان پاڪ ناهن. خود پنهنجي خيالن ۽ عملن کي به دنيا آڏو بحث لاءِ رکندو هئو ۽ پاڻ تي ٿيندڙ تنقيد نه رڳو برداشت ڪندو هئو پر ان کي پاڻ ہين تائين پهچائيندو هئو. اسان جهڙن گهٽ ڄاڻ ۽ تجربي وارن ماڻهن سان به بحث مباحثو ڪندو ۽ اختلافي ڳالهين کي غور سان ٻڌندو هئو. اها ہي ڳالهه آهي ته ڪيترا ماڻهو سيد جو نالو وٺي سندس تعليم ۽ ڪردار جي نفي ڪندا رهيا آهن. اهي قبائلي، نسلي ۽ خانداني تعصبن کي سنڌ جي روايتن جي نالي ۾ هوا ڏيندا ٿا رهن. اهي سيد جي دشمن پاڪستاني حڪمرانن جي سنت تي عمل ڪندي پاڻ کان مختلف راءِ رکندڙ کي قوم دشمن ٿا سمجهن ۽ عقل ۽ دليل جي جواب ۾ بندوق جو استعمال ڪن ٿا. آزادي ۽ امن لاءِ پنهنجي سموري جنگ قلم ۽ ڪتاب ذريعي وڙهندڙ هن رهنما جي ڳالهه ڪندڙ ڪتاب کي بزدليءَ جي علامت چئي ان کي ساڙين ٿا. سيد اسان کي پيرپرستي جي اونده مان ڪڍي انسان جي عظمتن سان روشناس ڪرايو پر ڪيترا الله جا سنواريا خود سيد کي پير ڪري ٿا پيش ڪن. آءٌ سمجهان ٿو ان کان وڏيڪ سيد سان ہي زيادتي نٿي ٿي سگهي. اهو ايئن آهي جيئن ڪارل مارڪس سان ان جي ڪجهه پوئلڳن ڪيو. مارڪس جي فلسفي جو بنياد ئي ان ڳالهه تي آهي ته دنيا هميشه تبديل ٿيندي ٿي رهي ۽ بهتريءَ طرف سفر ڪندي ٿي رهي پر سندس نادان پوئلڳ چوندا رهيا ته مارڪس جيڪي ڪجهه چيو اها دنيا جي اولين ۽ آخري سچائي آهي..

سنڌ جي تاريخي روايتن، امن ۽ ڀائيچاري واري ڪلچر ۽ صوفياڻي تعليم کان رهنمائي وٺندي سائين چوندو هئو ته نفرت، ڇڪتاڻ ۽ جنگ جدل سان ڀرپور هن دنيا ۾ سنڌ کي هڪ اهم ۽ مثبت رول ادا ڪرڻو آهي. سندس خيال هئو ته مختلف مذهبن ۽ نظرين سان واسطو رکندڙ ۽ مشرق مغرب ۽ اتر ڏکڻ ۾ ورهايل ماڻهن جي وچ ۾ سنڌ پل جو ڪم ڏئي سگهي ٿي ۽ روحانيت ۽ماديت جي مثبت پهلوئن جو ميلاپ به



Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ رئي ٿي سگهي ٿو. پر اهو سڀ ڪجهہ پاڻ ھي پاڻ ڪونہ ٿيندو ان لاءِ سنڌي ماڻهن کي هڪ خاص ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ظاهر آهي مختلف نظرين جون مثبت ڳالهيون ڳولهڻ لاءِ اسان کي انهن جو مطالعو ڪرڻو پوندو ۽ مختلف ماڻهن کي هڪٻئي جي نزديڪ آڻڻ خاطر پهرين اسان کي انهن جي نزديڪ وڃڻو پوندو ۽ انهن کي سمجهڻو پوندو ۽ انهن سان انڊراسٽينڊنگ پيدا ڪرڻي پوندي. پر ان کي ڇا ڪجي تہ عالمگيريت ۽ انسانيت جي ان علمبردار جو نالو وٺي ڪيترا ماڻهو سنڌين کي جهالت ۽ تنهائي (Isolation) ۾ ڌڪڻ ٿا چاهين. سندن استدلال هوندو آهي تہ اسان جيئن تہ قومپرست آهيون تنهن ڪري سنڌ کان ٻاهر نہ نهارڻ گهرجي يا اهو چوندا آهن تہ ”ملڪ بہ پنهنجو تہ نظريو بہ پنهنجو ڌارين نظرين کي هٿ لائي اسان پنهنجي پاڪ قومپرستيءَ کي پليد ڇو ڪريون“ جڏهن تہ حقيقت ۾ نظرين ۽ سوچن جون ڪي بہ سرحدون نہ ٿينديون آهن. اهي يا تہ سٺا هوندا آهن يا خراب، صحيح هوندا آهن يا غلط ۽ انهن جا فائدا نقصان سڄي انسانذات کي ٿيندا آهن. تڏهن تہ سائين چوندو هئو تہ هر درست ڳالهہ اسان جي ملڪيت آهي ۽ هر نيڪ ماڻهو اسان جو دوست آهي پوءِ اهو ڪير بہ هجي ۽ ڪٿي جو بہ هجي. ان ڪري جيڪي بہ ماڻهو سيد جي سوچ، تعليم ۽ ڪردار جي منافي ڳالهيون ڪن ٿا اهي سندس ذاتي مسئلو آهن، سائينءَ سان انهن جو ڪو واسطو ڪونهي پلي اهي سائينءَ سان ڪهڙو بہ تعلق ظاهر ڪن ۽ سيد کي ان جي قول ۽ فعل جي حوالي سان پرکيو وڃي نہ ڪہ اهڙن ماڻهن جي ڪردار جي بنياد تي....

Gul Hayat Institute

❊❊❊

# جي ايم سيد :
# امن، ڀائيچاري ۽ رواداريءَ جو علمبردار

***آمريڪا*** جي مدبر صدر ۽ ملڪي آئين ٺاهيندڙ ٿامس جيفرسن جو قول آهي ته ”ڏاهپ (Wisdom) نالي ڪتاب جو پهريون باب ايمانداري (Honesty) هجي ٿو“ معنيٰ ته ڏاهپ ايمانداريءَ سان مشروط آهي. ٻين لفظن ۾ ته جنهن ماڻهوءَ ۾ ايمانداري ناهي ته اهو ٻيو سڀ ڪجهه ته ٿي سگهي ٿو پر ڏاهو نٿو ٿي سگهي. اڪثر ماڻهن جي راءِ ان کان مختلف، هوندي آهي. سندن چوڻ موجب ته ڏاهپ ۽ ايمانداري جداجدا شيون آهن. دنيا ۾ ايندڙ تبديلين ۽ خاص ڪري برصغير تي پوندڙان جي اثرن جو گهرائيءَ سان جائزو وٺڻ سان جيفرسن جي قول جي سچائي ثابت ٿئي ٿي. ان جي تفصيل ۾ وڃڻ کان پهرين ڏسون ته ڏاهپ ۽ ايمانداريءَ جو مفهوم آهي ڪهڙو؟ ڏاهپ جو مطلب اهو آهي ته ماڻهو ايندڙ وقت ۽ حالتن جو اڳواٽ ادراڪ ڪري انسانذات جي ترقيءَ ۽ ڀائيچاري جا گس گهيڙ گهڙي ۽ ايمانداري اها آهي ته ماڻهوءَ جي قول ۽ فعل ۾ تضاد نه هجي ۽ ذاتي مفادن تي اجتماعي مفادن کي ترجيح ڏئي.

ننڍي کنڊ ۾ جي ايم سيد شايد سڀ سڀ کان وڌيڪ متنازع ليڊر رهيو. ان جو ڪارڻ اهو هئو ته سيد کي اهڙي ملڪ ۾ گذارڻو پيو جنهن جو بنياد ئي مذهب تي هئو ۽ جنهن پنهنجي بقا کي پاڙيسرين سان

Gul Hayat Institute

دشمنيءَ سان مشروط ڪري ڇڏيو هئو ۽ هن انهن پنهنجي ڳالهين جي مخالفت ڪئي.

پاڪستان جي رياست تي پهرئين ڏينهن کان وٺي پنجاب (بحيثيت سينئر پارٽنر) ۽ مهاجر (بحيثيت جونيئر پارٽنر) قابض رهيا آهن ۽ اهي ئي ٻئي هندستان سان دشمنيءَ جا چيمپئن رهيا آهن. پنجاب ان ڪري ته انهن هڪ صديءَ تائين انگريزن جي سامراجي ڪردار ۾ انهن جو ڀرپور ساٿ ڏنو هئو ۽ ورهاڱي کانپوءِ انگريزن جي مشن کي جاري رکڻ جي ذميواري انهن ڪنئي هئي جنهن جو خاص نقطو هئو هندو مسلم جهيڙو. ٻيو ته هندستان سان دشمني واري حالت ۾ پنجاب کي وڏي فوج رکڻ جو جواز ٿي مليو جنهن کي اهي پاڪستان ۾ شامل ٻين قومن کي محڪوم رکڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا هئا. ساڳئي وقت انهن محڪوم قومن جي حق گهرندڙ اڳواڻن کي ”دشمن ملڪ“ هندستان جو ايجنٽ قرار ڏئي ڪچلڻ آسان نسخو هئو. مهاجر ان ڪري هندستان مخالف ٿيا ته انهن جي وجود جو سوال هئو. مذهب جي بنياد تي هندستان دشمني جي نالي تي ئي اهي هيڏانهن پنهنجي هجرت ۽ هتي خاص ڪري سنڌ جي ملڪيتن، وسيلن ۽ نوڪرين تي قبضي جو جواز پيدا ڪري ٿي سگهيا. نه رڳو هندستان سان پر پاڪستان جو اقتداري گروهه افغانستان ۽ سوويت يونين سميت ٻين پاڙيسري ملڪن سان به دشمنيءَ واري صورتحال برقرار رکندو آيو جڏهن ته محڪوم قومن بنگالين، سنڌين، پختونن ۽ بلوچن جا سياسي اڳواڻ مسلسل ۽ واضح نموني چوندا آيا ته پاڙيسري ملڪن سان دوستاڻا ناتا قائم ڪيا وڃن. ان ۾ ئي خطي جي ماڻهن جي ڀلائي آهي. انهن سڀني مان سنڌ جو قومي رهنما سائين جي ايم سيد سڀ کان نمايان هئو. ڇاڪاڻ ته هن ان مسئلي کي باقاعدي هڪ سبجيڪٽ طور کنيو ۽ پنهنجا خيال، رايا ۽ دليل باقاعدي لکت ۾ پيش ڪندو رهيو. علائقي ۾ امن ۽ دوستي سيد جي نه رڳو پاليسيُ ۽ حڪمت عمليءَ جو حصو هئي پر اها سندس نظرياتي ۽ سياسي سوچ جو اهم جزو هئي. سيد جي زندگيءَ جو اعلانيل گول عالمي امن، پر امن بقاءَ باهمي ۽ انسانذات جي ترقي هئو. ان

Gul Hayat Institute

لاءِ هن خطي ۾ امن ۽ دوستيءَ کي اٽُر ٿي سمجهيو بلڪ حقيقت اها آهي ته سنڌ جي آزاديءَ جو پروگرام به سندس ان ئي ايجنڊا جي هڪ خصي طور هئو. 25 سالن تائين امن، ڀائيچاري، جمهوريت ۽ انساني حقن لاءِ دانهيندي ۽ جاکوڙيندڙي جڏهن ڏٺائين ته هن ملڪ جا حڪمران انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا ٻڌجي چڪا آهن تڏهن هن سنڌ جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت لاءِ ڪوشش شروع ڪئي، ان مقصد سان ته جئين امن، ڀائيچاري ۽ ترقيءَ جي اعليٰ ترين انساني قدرن جي حاصلات واري جدوجهد ۾ سنڌ پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪري سگهي.

جيئن اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته سيد جنهن ڳالهه کي صحيح سمجهندو هئو اها نتيجن جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ دهل جي ڏئونڪي تي چوندو هئو سو جنگي جنون ختم ڪرڻ ۽ سوويت يونين، افغانستان ۽ هندستان سميت سمورن پاڙيسري ملڪن سان امن ۽ دوستيءَ جي ڳالهه به هو اعلانيه ڪندو رهيو جنهن جي پاداش ۾ کيس حڪمرانن طرفان ڪافر، ملحد ۽ ملڪ دشمن جهڙن لقبن سان گڏ جيل ۽ قيد جي اڻ کٽ سلسلي کي منهن ڏيڻو پيو. ۽ مزي جي ڳالهه ته موجوده پاڪستان جا بظاهر وڏا سياستدان ۽ جمهوريت جا چيمپئن به ان سچي عمل ۾ جي ايم سيد جي مخالفت ۽ حڪمرانن جي حمات ۾ بيٺل نظر ايندا. جيئن ته رياستي اقتدار تي قبضو جنگجو ٽولن جو هئو تنهن ڪري چڱا ڀلا ڏسڻا وائسڻا ماڻهو به ان آسري ۽ لالچ ۾ ته من کين اقتدار ۾ حصو ڏنو وڃي نه رڳو جنگ، نفرت ۽ دشمنيءَ تي ٻڌل پاليسين جي حمايت ڪندا هئا پر ان ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ لاءِ زور ڏيندا رهيا هئا. جن کي سڀ کان وڌيڪ اقتدار جي خواهش هئي انهن ته پنهنجي سياست جو بنياد ئي انهن نعرن تي رکيو ته ”هندستان سان هزار سالن تائين جنگ ڪنداسين“ ۽ ”گاهه کائينداسين پر ايٽم بم ضرور ٺاهينداسين“. انهن کي وڏو عوام دوست ۽ ترقيءَ جو چيمپئن سڏيو ويندو هئو.

هاڻي جڏهن دنيا جي صورتحال تبديل ٿي آهي ۽ ميڊيا جو انقلاب اچڻ سان عام ماڻهو حقيقتن ۽ پنهنجي حقن کي سمجهڻ لڳا آهن

تڏهن سيڪو امن، دوستي ۽ ڀائيچاري جي ڳالهہ ٿو ڪري حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ پنجابي ۽ مهاجر جيڪي ڪالهہ تائين جنگي جنون جا علمبردار هئا اهي ئي هينئر سڀ کان وڏا امن ۽ دوستيءَ جا رکوالا بڻجي ويا آهن ۽ انهن مان وري اهي سڀ کان وڌيڪ اڳرا آهن جيڪي هزار سال جنگ واري مهم جا مکيہ ٿنيا هئا. ڪراچيءَ ۾ تازو منعقد ٿيل پاڪستان انڊيا امن ڪنوينشن ان صورتحال جو بهترين نمونو هئو جتي اهي ڪالهہ جا هندستان دشمنيءَ جا چيمپئن هند کان آيل مهمانن جي سامهون امن ۽ دوستيءَ جون دعوائون ڪندي ٿڪيا ئي نٿي. خير جيڪڏهن پلجي پلجي بہ اهي صحيح واٽ تي آيا آهن تہ اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي پر جيڪڏهن اهي واقعي امن سان سچا آهن تہ ڪين جي ايم سيد ۽ انهن سنڌين ۽ ٻين محڪوم قومن جي ماڻهن جو ذڪر ڪرڻ ڪپي ها جن امن خاطر اولين جدوجهد ڪئي ۽ جيل ڪاٽيا. هوڏانهن هندستان سان هزار سالن تائين جنگ ڪندڙن جا جانشين دنيا آڏو پاڻ کي هندستان جو دوست ظاهر ڪرڻ لاءِ وڏا جتن ڪري رهيا آهن. ان مان ثابت ٿيو تہ سيد جي سوچ صحيح ۽ انهن جي غلطي هئي.

پنجاهہ سالن تائين پاڪستان جي رياست کي ٽيڪ ڏيندڙ ٻيو اهم ٿنيو مذهب رهيو آهي. چيو ويو تہ هي ملڪ اسلام جي نالي تي ٺهيو آهي تنهن ڪري سڄي دنيا جي مسلمانن جو ان تي حق آهي ۽ ان ۾ سمورا قانون اسلام موجب ٺاهيا ويندا. سيد پهرئين ڏينهن کان چوندو رهيو تہ مذهب انسان جو ذاتي معاملو آهي، جڏهن تہ رياست جو ڪم ماڻهن جي اجتماعي مسئلن کي حل ڪرڻ آهي. تنهن ڪري مذهبن کي رياست کان عليحده رکيو وڃي. سنڌس چوڻ هئو تہ جيڪڏهن رياستي معاملن سان مذهب کي ملايو ويو تہ پوءِ ماڻهن ۾ مذهب جي بنياد تي نفرتون وڌنديون ۽ نہ رڳو غير مسلمانن سان پر مسلمان هڪ ٻئي سان فرقن جي بنياد تي وڙهندا جيڪو عمل انساني سماجي ترقي لاءِ تباهہ ڪن ثابت ٿيندو. پر اقتدار جا لالچي حڪمران مذهب کي سياسي حربي طور استعمال ڪندا رهيا. هڪڙن قراداد مقاصد جي نالي ۾ عوام کان اقتدار جو حق کسيو تہ

ٻين مسلمانن کي غير مسلم قرار ڏيڻ جو ڪارنامو سر انجام ڏنو تہ ٽين وري اسلام جي نالي ۾ ماڻهن جا انساني ۽ جمهوري حق کسيا ۽ پنهنجو ووٽ ٻئنڪ ناهڻ لاءِ مختلف مذهبي فرقن کي پئسي ۽ هٿيارن سان ليس ڪيو. انهن سڀني عملن جو منطقي نتيجو اهو نڪتو تہ فرقي پرستيءَ وڏي شدت پسندي ۽ دهشتگرديءَ جي صورت اختيار ڪئي ۽ اسلام جي نالي تي قائم ملڪ ۾ مسلمان پنهنجي گهرن ۽ عبادتگاهن ۾ بہ محفوظ نہ رهيا. مسلمانن جي هٿان ايترا مسلمان قتل ٿيا جيترا "ڪافر هندن" هٿان بہ ڪونہ ٿيا. صورتحال اتي پهتي آهي تہ هاڻي ماڻهو رڙيون ڪري چئي رهيا آهن تہ اسان کي فرقي پرستي ۽ ان جي تباهہ ڪارين کان بچايو. نہ رڳو ايترو پر مذهب کي رياست جي ڍال ٺاهيندڙ حڪمرانن جا موجوده جانشين بہ فرقي پرستي ۽ رياستي معاملن ۾ مذهبي مداخلت ختم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. "برادر اسلامي رياست" افغانستان تي حملي ۾ غير مسلمانن جو ساٿ ڏئي حڪمرانن پاڻ ثابت ڪيو تہ سندن اهو نقطہ نگاهہ غلط هئو تہ هي ملڪ اسلام لاءِ ٺهيو آهي جڏهن انهن نعرو هنيو تہ "سڀ کان اول پاڪستان." تمام ٿورن ماڻهن کي خبر هوندي تہ اسلام ۽ جهاد جي نالي ۾ جيڪي تباهيءَ جا ڪم اڄ ٿي رهيا آهن، جي ايم سيد نالو وٺي انهن جي نشاندهي اڄ کان پاونجاهہ سال اڳ آسٽريليا جي شهر ويانا ۾ ٿيل عالمي امن ڪانفرنس ۾ ڪري چڪو آهي ۽ اِهو اُهو وقت هئو جو اڄ جا "مذهبي بنياد پرستي" جا عالمي مخالف بہ ڪميونزم جي خوف کان مذهبي رياستن جي حمايت ۽ مدد ڪري رهيا هئا.

هاڻي جيڪڏهن ملڪ جا حڪمران، سياستدان ۽ دانشور امن، ڀائيچاري ۽ رواداريءَ متعلق اڄ جيڪو نقطہ نگاهہ رکن ٿا ان کي درست ۽ عوام دوستيءَ جي ڪسوٽي تسليم ڪجي ٿو تہ پوءِ جي ايم سيد انهن سڀني کان وڌيڪ درست سوچ رکندڙ ۽ عوام دوست ثابت ٿئي ٿو جيڪو اڌ صديءَ تائين مسلسل ۽ مستقل مزاجيءَ سان انهن آدرشن لاءِ جاکوڙيندو رهيو. ۽ جيڪڏهن مٿي ٻڌايل ڏاهپ جي وصف جي بنياد تي پرکجي تہ جي ايم سيد انهن سياستدانن ۽ دانشورن کان ڏاهپ (Wisdom) جي

Gul Hayat Institute

ميدان ۾ ڪوهين اڳتي نظر ايندو ڇاڪاڻ ته اهي اڄ واري سوچ ۽ موقف تي تڏهن پهتا آهن جڏهن انهن جي ماضيءَ جي پاليسين جي نتيجي ۾ هزارين لکين ماڻهو نفرت ۽ قتل غارتگري ۽ بک بدحاليءَ جو شڪار ٿي چڪا آهن ۽ سماج کي مجموعي طور ناقابلِ تلافي نقصان پهچي چڪو آهي. اهو ان جي باوجود ٿيو ته انهن همراهن دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي اعليٰ ترين يونيورسٽين مان ڊگريون حاصل ڪيون ۽ اقتدار ۾ يا اقتداري ايوانن جي قريب هجڻ سبب وٽن دنيا جهان جي سموري معلومات ۽ سمورا وسيلا ميسر هئا، جڏهن ته ان جي ڀيٽ ۾ جي ايم سيد وٽ ڪنهن اسڪول جو به سرٽيفڪيٽ ڪونه هئو ۽ پاڪستان ۾ گذاريل اڌ صديءَ جووڌو حصو قيد و بند ۾ گذاريائين جتي سندس دنيا سان رابطو انتهائي محدود هوندو هئو. معلومات جا سڀ ذريعا بشمول ميڊيا نه هجڻ برابر هوندا هئا، سواءِ ريڊيو جي جيڪو ٽي سندس دنيا سان ڳانڍاپي جو وسيلو هوندو هئو ۽ جنهن جو پاڻ ڀرپور استعمال به ڪندو هئو. ان جي باوجود سيد وٽ ڏاهپ انهن کان وڌيڪ هئي ته ان جو مکيه سبب اهو آهي ته وٽس ايمانداري (Honesty) به هئي. ۽ جيئن مٿي ٻڌايو ويو ته ايمانداري جي معنيٰ آهي عوام سان ڪمٽمنٽ ۽ ذاتي مفادن تي اجتماعي مفادن کي ترجيح ڏيڻ. اهڙي طرح جيفرسن جي قول جو صحيح مفهوم سمجهه ۾ اچي ٿو ته ايمانداري سان ئي ڏاهپ اچي ٿي ان کانسواءِ ماڻهوءَ وٽ ڪيتري به ڄاڻ هجي ته ان کي ڀيو ڪو به نالو ته ڏئي سگهجي ٿو پر ڏاهپ نه.

Gul Hayat Institute

17 جنوري 2004

# سنڌ جي قومي نجات ۾ اظهارِ راءِ جي اهميت

## ڄي جي ايم سيد

**جيئن** هر ڪو ڄاڻي ٿو ته جي ايم سيد رڳو سياستدان نه پر ان سان گڏوگڏ اديب، عالم ۽ مفڪر پڻ هئو. سو هن جي زندگي، زندگيءَ جون مصروفيتون ۽ وقت به انهن سيني شعبن ۾ انهن جي ڪم لاءِ ورهايل هئا ۽ هر شعبي ۾ هن ايترو نمايان ڪم ڪيو جو ڪافي ماڻهن لاءِ اهو تعين ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي ته جي ايم سيد سياستدان وڌيڪ هئو يا عالم ۽ مفڪر ۽ سندس ڪيل ڪم ڪهڙي شعبي ۾ سنڌي سماج توڙي انسانذات لاءِ وڌيڪ ڪارگر ۽ ڪارائتو رهيو آهي. بهرحال ان جو حتمي فيصلو وقت ۽ تاريخ تي ڇڏيندي هتي ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته سيد جي مطالعي ۽ مشاهدي، علم ۽ عمل، سوچ ۽ فڪر، قلمي ڪاوشن ۽ سياسي جدوجهد جو مطلب ته سموري ذهني ۽ جسماني پورهيئ جو مقصد ۽ مرڪزي نقطو سنڌي سماج جي مجموعي بهتري، سنڌي قوم جي خوشحالي ۽ بني نوع انسان جي ترقي هئو. ٻين لفظن ۾ شاهه لطيف جي ان بيت کي عملي تعبير ڏيڻ لاءِ جاکوڙ هئي ته "سائين سدائين ڪري مٿي سنڌ سڪار، دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين". ايتري تائين جو جي ايم سيد جي سياست جو مقصد به فوري نه پر ڊگهي مدي وارو هئو. يعني اقتدار جو حصول نه پر سماج جي سڌاري، واڌاري ۽ ترقيءَ کي هٿي ڏيندڙ

اصولن، آدرشن ۽ قدرن کي زور وٺائڻ.

ڪنهن بہ سماج جي زنده ۽ متحرڪ رهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو دارومدار ان ڳالهہ تي هوندو آهي تہ ان سماج ۾ تبديل ٿيڻ جي ۽ نين حالتن سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڪيتري خواهش ۽ صلاحيت آهي. ۽ تبديليءَ ۽ ترقيءَ لاءِ گهربل ان صلاحيت ۽ اهليت جو وري سڌو سنئون واسطو ان ڳالهہ سان رهي ٿو تہ ان مخصوص سماج ۾ هڪ مخصوص وقت ۾ نون خيالن جي ڪيتري آمد آهي ۽ ان جي ماڻهن ۾ انهن نون خيالن کي قبول ڪرڻ جي ڪيتري همت ۽ لڳن آهي. عام ماڻهو نئين ڳالهہ ۽ نئين خيال کي دير سان سمجهندا ۽ اجا بہ دير سان قبول ڪندا آهن. ان جي ڀيٽ ۾ خاص ۽ وڏو ماڻهو چئبو ئي ان کي آهي جيڪو ايندڙ ڏينهن کي ڏور کان ڏسي ۽ وقت کان اڳ ۾ وقت جي وهڪري جو رخ پروڙي وٺي. اها بہ هڪڙي ميجيل حقيقت آهي تہ هر نئين ڳالهہ ۽ نئين خيال کي ڪفر قرار ڏنو ويندو آهي ۽ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ ۽ اهڙو خيال پيش ڪر ڻ وارن کي تعذيرن جا پٿر سهڻا پوندا آهن. اهو سقراط هجي يا حضرت محمد، مارٽن لوٿر هجي يا گئليلو يا ڪٽي چنڊ تي انسان کي پهچائيندڙ سائنسدان، انهن سيني ۽ انهن جهڙن بين ڪيترن عظيم انسانن کي مروجہ معيارن (Status quo) کان مختلف خيال پيش ڪرڻ ۽ انهن جي پرچار ڪرڻ جي پاداش ۾ پهرين ڪافر ڪوٺيو ويو پر وقت گذرڻ سان انهن جا خيال درست ثابت ٿيا، تڏهن تعذير ڏيندڙن انهن کان معافيون بہ ورتيون تہ اڄ ڏينهن تائين انسانذات انهن جي عظمت کي سجدا بہ ڪندي ٿي رهي.

ويهين صديءَ جي سنڌ جي پس منظر ۾ اهو ڪردار جي ايم سيد ادا ڪيو. ڊگهي غلاميءَ جي ڪري سنڌي سماج تي جيڪو جمود طاري ٿي چڪو هئو ان کي ٽوڙڻ لاءِ سيد چاتو ٿي تہ ان ۾ نون خيالن جو اچڻ هڪ اٽتر امر هئو. نين سوچن جا نيسارا جاري تڏهن ٿي پئي سگهيا جڏهن هڪ طرف اظهارِ راءِ جي آزادي هجي ۽ مختلف الخيال ماڻهن وچ ۾ سوچن جي متاستاٿي تہ ٻئي طرف عقيدي جي صورت اختيار ڪري ويل پراڻن خيالن کي چئلينج ڪيو وڃي. عملي صورتحال اها هئي تہ ورهاڱي جي

Gul Hayat Institute

نتيجي ۾ قائم ٿيندڙ ملڪ پاڪستان تي شروع کان ئي ٽن قوتن جي حاڪميت ۽ بالادستي رهي آهي، يعني جاگيردار، ملان ۽ فوجي ڊڪٽيٽر جيڪي ٽئي پنهنجي فطرت ۾ نواڻ ۽ تبديليءَ جا دشمن آهن. ڇاڪاڻ ته انهن جا مفاد اسٽيٽس ڪو ۾ هوندا آهن. ۽ نون خيالن، نين حقيقتن جو شعور ماڻهن ۾ تبديليءَ جي خواهش سان گڏ جرئت ۽ حوصلو به پيدا ڪندو آهي. تنهنڪري انهن ٽنهي گڏيل مفاد تحت جدا جدا طريقن سان نون خيالن جي ڦهلاءَ ۽ ماڻهن جي هڪ ٻئي سان ڏي وٺ (Interaction) جي مخالفت ڪئي. جاگيردار عزت، وقار ۽ "قومي قدرن" جي نالي ۾ ملان مذهب جي پاڪائيءَ جي نالي ۾ ۽ ڊڪٽيٽر ملڪي تحفظ ۽سلامتي جي آڙ ۾ هر نئين ڳالهه کي ۽ تبديليءَ جي هر امڪان کي روڪڻ لاءِ ڏاڍ، جبر ۽ پابنديءَ جي هر حربي کي بند ٻڌڻ لاءِ استعمال ڪيو. رياست جي نوآبادياتي شڪل هئڻ ڪري سنڌ ان صورتحال جو وڌيڪ شڪار ٿي.

ان صورتحال ۾ جي ايم سيد هڪ فردي فوج (One man army) جي صورت ۾ ميدان جنگ ۾ لٿو ۽ سمورين بدعتن ۽ سيني اونده جي حامي قوتن کي روشن خياليءَ جي هٿيار سان چئلينج ڪيو. ان هڪ فردي فوج هڪ ئي وقت گهڻن محاذن تي سنڌي سماج جي بقا ۽ ترقيءَ جي ويڙهه وڙهي. هڪ طرف هن جاگيردارن جي قائم ڪيل "عزت، وقار روايتن ۽ قومي ڪلچر" جي ڪوڙن ڪوٽن کي ڪيرايو ۽ ٻڌايو ته ڪلچر هڪ وهندڙ درياءَ مثل آهي جنهن مان هڪڙو پاڻي نڪرندو پوئتي رهندو ٿو وڃي ته ٻيو نئون تازو پاڻي ان ۾ داخل ٿيندو ٿو وڃي ۽ ڪلچر جڏهن هڪ هنڌ بيهي رهندو ته اهو بيٺل پاڻيءَ وانگر ڌپ ڪري ويندو. ٻئي طرف هن ملان جي مڪاري، منافقي ۽ مفاد پرستيءَ جي پردي ۾ ڍڪيل مذهب جي چهري تان نقاب لاهي ان جي اصل حقيقت کي ننگو ڪري بيهاريو ته ٽئين پاسي آمر حڪمرانن طرفان طاقت ۽ دٻدٻي جي زور تي قائم ڪيل خوف ۽ هراس جي حصار کي ٽوڙيو. جتي هن "سنڌي ڪلچر" تصنيف ڪري سنڌي ثقافت ۽ تهذيب بابت ڪوڙن ۽ مفروضن (myths) کي رد ڪندي ان کي جديد ۽ روشن رستا ڏيکاريا اتي "پيغام لطيف" ذريعي



Gul Hayat Institute

لطيفي ادب جي ميدان ۾ پڻ نوان گس گهڙيا. جتي ”سنڌ جا سورما“ لکي سنڌ جي تاريخ تان صدين جي سامراجيٰ ڳٽُ لاٿي اتي ”جديد سياست جا نورتن“ لکي نئدي کند جي سياست جي شاگردن لاءِ بت ٻٽايل شخصيتن جي حقيقي حيثيت کي اجاگر ڪيو. جتي ”جيئڻ ڏنو آهہ مون“ جهڙو شاهڪار تصنيف ڪري مذهب جي مقدس ڳڻونءَ واري حيثيت ڊاهي ان کي انساني معاشري سان لاڳاپيل هڪ موضوع طور پيش ڪيو اتي ”سنڌو ديش ڇوءِ ڇالاءِ“ ذريعي دنيا جي هن حصي ۾ قائم ڪالونيل نظام جي اصليت کي واڪو ڪندي سنڌ جي آزاد، خودمختيار ۽ خوشحال حيثيت لاءِ مضبوط ڪيس پيش ڪيو. انهيءَ جنگ جي پاداش ۾ مٿس ”ڪميونسٽ“، ”ڪافر“ ۽ ”غدار“ جهڙا الزام لڳا. فتوائون ۽ تعذير پاس ٿيا ۽ قيد ڪٽڻ جون سزائون ڏنيون ويون. ايتري تائين جو موت جو حقدار قرار ڏنو ويو اها ٻي ڳالهہ آهي تہ حڪمران سمورا وسيلا ۽ سمورا قانون پنهنجي هٿ ۾ هجڻ جي باوجود ڪيس اها سزا ڏئي نہ سگهيا جو اهڙو حڪم پاس ڪندي سندن هٿ خوف وچان ڏڪڻ پيا. اهڙي ڪردار کي سامهون رکندي ئي سنڌ جي شاعر نياز همايوني چيو تہ:

منصورن کان مٿي او سيد، تنهنجي رام ڪهاڻي آ
هرڪو مٿي کان پوءِ شهيد، تو جيئري شهادت ماڻي آ.

اڪيلو سپاهي جنهن جي هٿ ۾ رڳو قلم هئو ان کان اهي حڪمران ڇو پيا ڊڄن جن وٽ جديد ترين هٿيارن سان ليس لکين فوج هئي؟ صرف ان ڪري تہ اهو اڪيلو سپاهي جي ايم سيد سچ تي ٻڌل نوان خيال ماڻهن تائين لفظن جي صورت ۾ پهچائي رهيو هئو ۽ حڪمرانن چاتو ٿي تہ اهي نوان ۽ سچا خيال عوام ۾ شعور ۽ طاقت پيدا ڪرڻ سان گڏ سندن ڪوٽ قلعي کي ڊاهڻ جو اسلحو پيدا ڪري رهيا .آهن. تڏهن سمورن حاڪمن، سول توڙي فوجي، ڪيس خوف وچان بند رکيو. ايتري تائين جو جن ليڊرن وٽ هٿياربند جٿا موجود هئا، جن پارليامينٽ اندر گوليون هلائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ جن عملي طور هٿيار استعمال ڪيا انهن کي تہ آزاد ڪيو ويو بلڪہ ڪن سان تہ دوستيون ۽ اتحاد بہ ڪيا ويا

پر جي ايم سيد تي پهرا جاري رهيا. جنرل ضياءَ الحق ذوالفقار علي ڀُٽي جو بظاهر سياسي، نظرياتي ۽ ذاتي دشمن هئو پر ان بہ سيد جي قيد کي ”پيپلزپارٽيءَ جو ڏنل تحفو“ قرار ڏيندي جاري رکيو.

جي ايم سيد جي زندگي، فڪر ۽ جدوجهد منجهان مجموعي طور اسان کي جيڪو سبق ۽ پيغام ملي ٿو سو اهو آهي تہ ڪا بہ شيءِ ۽ ڪا بہ ڳالهہ بيٺل نہ آهي بلڪ هر وقت تحرڪ ۾ آهي، تنهن ڪري صرف اهو ماڻهو ۽ اها قوم زنده رهي سگهندا جيڪي وقت سان گڏ پاڻ کي تبديل ڪندا. ٻيو تہ دنيا ۾ ڪا بہ شيءِ ۽ ڪو بہ خيال مقدس ناهي، هر شيءِ هر سوچ، هر عمل ۽ هر ماڻهوءَ تي ڳالهائي سگهجي ٿو بحث ڪري سگهجي ٿو ۽ بحث ڪرڻ کپي. ۽ ٽيون اهو تہ بحث ۽ گفتگوءَ جي نتيجي ۾ جيڪا ڳالهہ عقل ۽ دليل جي بنياد تي صحيح ۽ سچ ثابت ٿئي ان کي اختيار ڪجي ۽ ان جو ساٿ ڏجي. عقل جي ڪسوٽيءَ تي پورو نہ لهندڙ خيال ۽ عمل کي رد ڪجي ۽ ان جي خلاف جدوجهد ڪجي.

هن وقت سنڌ جنهن صورتحال مان گذري رهي آهي، سنڌي قوم جن مصيبتن کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ سنڌي سماج جنهن مرحلي تي بيٺو آهي اتي سيد جي ڇڏيل ان پيغام کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي اڳي کان وڌيڪ ضرورت آهي. جتي ٻيروني طور سنڌ قبضي، بالادستي ۽ ڦُرلٽ جو شڪار ۽ ڌارين جي يلغار هيٺ آهي اتي اندروني طور سنڌي سماج ۾ ڪوڙ، ٺڳي، منافقي، مفادپرستي، موقعي پرستي، عقيدي پرستي ۽ بڇاڙائيءَ جهڙا لاڙا وڌندڙ آهن جيڪي گهرائيءَ سان ڏسجي تہ اسان جي مستقبل ۽ اسان جي وجود لاءِ ڌارين حملن کان وڌيڪ خطرناڪ آهن ڇاڪاڻ تہ ڌاريو اسانجي خلاف جيڪي منصوبا ٺاهي ٿو سي ان ڪري تہ اهو ڌاريو آهي پر اهو انهن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿو وڃي ان ۾ اسان جا ”پنهنجا“ ياڳي يائيوار هجن ٿا ۽ مجموعي طور اسان ۾ ڪي ڪوتاهيون آهن.

سڀ کان پهرين تہ اسان وٽ سنڌيت جو تصور اڻچٽو ۽ ايڪويهين صديءَ جي گهرجهن کي پورو نہ ڪندڙ آهي. ٻيو وڃي ٿو تہ



Gul Hayat Institute

سنڌ جي نجات لاءِ سڀ سنڌي فرق ڇڏي هڪ ٿي وڃو. هاڻي ڏسجي ته ڇا سمورا سنڌي سٺا، نيڪ ۽ محبِ وطن آهن؟ جي ائين هجي ها ته سنڌ کي اڄوڪا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا ئي ڪونه پون ها. دنيا جي هر قوم ۾ فطري طور ڪي سٺا ته ڪي خراب، ڪي نيڪ ته ڪي بد ماڻهو هوندا آهن. سنڌين تي به فطرت جا ساڳيائي قانون لاڳو ٿين ٿا. اسان ۾ به ڪي ماڻهو صحيح ڪي غلط هوندا ۽ انهيءَ فرق کي لڪائڻ ۾ نه پر ڇنڊو ڪرڻ ۾ اسان جو ڀلو آهي. ساڳي طرح سنڌي سماج ۾ پڻ رڳو خوبيون ڪونهن خاميون به آهن ۽ اسان جي هر روايت سٺي ڪانهي پر اسان بغير جاچ جوچ ۽ تجزيي ڪرڻ جي هر پراڻي ڳالھ کي سنڌيت جي نالي ۾ چنبڙيا پيا آهيون. وقت گذرڻ سان سنڌ جون ڪيتريون روايتون مدي خارج ٿي ويون آهن ته انهن کي تبديلي ڪجي ۽ تبديل تڏهن ڪري سگهبو جڏهن انهن کي خراب يا غلط چئبو. ڪيترا ڏسڻا وائسڻا همراھ "غيرت" جي نالي تي عورتن جي قتل ۽ "پلاند" جي نالي ۾ قبائلي جهيڙن کي سنڌ جون روايتون چئي ان جي حمايت ٿا ڪن ۽ ايڪيهين صديءَ ۾ انصاف لاءِ نا انصافين جي جڙ جرڳا سسٽم جي وڪالت ڪئي ٿي وڃي. وڌيڪ افسوسناڪ پاسو اهو آهي ته جي. ايم سيد سان وابستگي ڏيکاريندڙ به ڪيترا همراھ انِ عمل ۾ شامل آهن.

خيالن جي آزاداڻي متاستا ۽ نون خيالن جي آمد لاءِ سيڪيولر ماحول بنيادي شرط هجي ٿو ڇو ته مذهبي عقيدو هڪ مخصوص دائري کان ٻاهر سوچڻ ۽ سوال ڪرڻ کي گناھ قرار ڏئي ٿو ڏئي پر اسان جا ڪيترا "قومپرست" ۽ "ترقي پسند" سياستدان ۽ اديب، دانشور ڪڏهن دليئون ته ڪڏهن موقعي پرستيءَ جو مظاهرو ڪندي اجتماعي زندگي ۽ اجتماعي معاملن ۾ مذهب کي فوقيت ڏيندا آهن. سماج کي اڳتي وڌائڻ لاءِ گهربل نون خيالن، نون نظرين ۽ نين تحقيقن جو واحد ۽ لازمي ذريعو تعليم آهي، پر اسان وٽ سنڌي قوم جي نجات ۽ ترقيءَ جو نالو وٺي علم ۽ ڄاڻ جا رستا ۽ دروازا بند ڪيا ويا آهن. سو به جي ايم سيد جو نالو وٺي، جنهن اڪيلي سر سنڌي قوم جي نجات ۽ سنڌي سماج جي ترقيءَ لاءِ جنگ قلم



Gul Hayat Institute

۽ ڪتاب وسيلي ڪئي.

سنڌي قوم ڪي تاريخ جو سڀ کان وڏو ۽ ناقابلِ تلافي نقصان تڏهن پيو جڏهن مذهب جي نالي تي اسان جي قوم کي هڪ ڏک سان ٻه حصا ڪيو ويو ۽ مذهب جي آڙ ۾ قوم جي وڏيڪ سجاڻ ۽ ترقي يافته حصي کي سنڌ نيڪالي ڏني وئي. پر اڄ به اسان هڪ طرف سنڌي قوم جي گڏجڻ ۽ ترقي ڪرڻ جون ڳالهيون ٿا ڪريون ته ٻئي پاسي قومي معاملن ۽ اجتماعي ادارن ۾ مذهب جي بنياد تي تفريق ٿا ڪريون. ايتري تائين جو اسان جا اديب، عالم، دانشور به يا ته لاعلميءَ جي ڪري يا مفادپرستيءَ تحت ان تفريقي عمل جو نه رڳو حصو ٿا بڻجن پر ان کي هٿي به ٿا ڏين. سنڌي قوم جو جڏهن اسان ذڪر ڪريون ٿا ته ان ۾ سڀني مذهبن جا ماڻهو اچي وڃن ٿا پر قومي اجتماعن ۾ هڪ مخصوص مذهب جي بالادستي هجي ٿي جنهن کي رياستي ادارن جي به حمايت حاصل آهي جڏهن ته سنڌ جون تاريخي روايتون مذهبي تفريق کان آجيون آهن. گويا هڪ طرف اسان ٻيڻن عملن کي قومي روايتن جي نالي ۾ پختو ٿا ڪريون ته ٻئي طرف پنهنجي شاندار روايتن تي پاڻي پيا ڦريون. اهڙيون روايتون جيڪي اسان وٽ صدين کان موجود آهن پر دنيا جا ڪيترائي سڌريل ملڪ به انهن جي حاصلات لاءِ اڄڪلهه هٿوراڙيون ڏيئي رهيا آهن.

ٿورن لفظن ۾ ته سنڌ جون اهي پراڻيون روايتون جن کي اسان جي قومي مخالف حڪمرانن جي پنيرائي آهي انهن جي اکيون ٻوٽي پوئواري ڪريون ٿا. يعني قدامت پسنديءَ کي اسان قومپرستيءَ جو نالو ڏئي ڇڏيو آهي، ۽ انهن سڀني ڳالهين تي ڳالهائڻ ۽ بحث مباحثي ڪي ڪي ماڻهو ڪفر ته وري ڪي قوم دشمني ٿا سڏين. پر وقت اچي ويو آهي ته اسان انهن سڀني معاملن ۽ مسئلن تي کلئي نموني قومي سطح تي گفتگو ڪريون. ان ۾ ئي اسان جي قومي ٻڌي، قومي نجات ۽ قومي ترقيءَ جو راز سمايل آهي ۽ اهو ئي جي ايم سيد کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي.

(17 جنوري 2005)

# جي ايم سيد :
# خود تنقيد ۽ تبديلي جي باب ۾

**جي** ايم سيد پاڪستان جي تاريخ جو سڀ کان وڏو متنازعہ سياسي اڳواڻ رهيو آهي. اهو ان ڪري ته هو ماڻهوءَ کي يا موقعي کي ڏسي ڳالهہ نہ ڪندو هئو پر هر وقت، هر هنڌ، هر صورتحال ۾ هر ڪنهن جي سامهو سچ چوندو هئو.

"سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نہ وڻي"

ان ڳالهہ تي سڀ ماڻهو دوست توڻي دشمن، حامي توڻي مخالف، متفق آهن تہ هو سچ ڳالهائيندو هئو. ۽ ماڻهن جي گهڻائي ان ڳالهہ جو بہ اظهار ڪري ٿي تہ اها سندس "خامي" آهي ۽ هڪ لحاظ کان انهن جي اها ڳالهہ درست بہ آهي ڇاڪاڻ تہ سياست ۾ خاص ڪري پاڪستان جي سياست ۾ سچ ڳالهائڻ خطري جو سؤدو تہ آهي. ۽ واقعي بہ پاڪستان ۾ ۽ سنڌ ۾ سياستدان ماڻهوءَ جو منهن ۽ حالتن جي نزاڪت ڏسي ڳالهہ ڪندا آهن. هڪڙي ڏينهن هڪڙي ڳالهہ ڪين تہ ٻئي ڏينهن ٻي ڪندا. هڪ هنڌ هڪڙي ڳالهہ جي حمايت ڪين تہ ٻئي هنڌ ساڳي ڳالهہ جي مخالفت ڪندا ۽ اهي ڪامياب ليڊر سڏجن ٿا. وري جنهن ۾ اها "خوبي" جيتري وڌيڪ رهي آهي اهو اوترو وڏو سياستدان سمجهيو ويو آهي.

پر وري اها بہ حقيقت آهي تہ جي ايم سيد رڳو سياستدان ڪونہ

Gul Hayat Institute

هئو پر هو هڪ مدبر ۽ دانشور بہ هئو ۽ دانشور جي سڀ کان وڏي خوبي اها هوندي آهي بلڪہ ائين چئجي تہ ان جو فرض هوندو آهي تہ هر صورت ۾ سچ چوي ۽ سچ جو ساٿ ڏئي.سچ چوڻ سان بحيثيت سياستدان جي ايم سيد جي مقبوليت کي جيڪو نقصان پهتو تہ ان کان وڌيڪ فائدو بحيثيت دانشور سندس سچ ڳالهائڻ سان سنڌي قوم، سنڌي سماج ۽ سنڌ جي ايندڙ نسلن کي ٿيو آهي. نہ رڳو ايترو پر خود سچ کي بہ فائدو ٿيو ڇاڪاڻ جو ان سان ماڻهن کي سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ڪرڻ سؤلو ٿيو ۽ ان سان ماڻهن جو سچ ۾ اعتماد وڌيڪ پختو ٿيو. هونءَ بہ سياڻن جو چوڻ آهي تہ "جيڪڏهن توهان مان هر ماڻهو خوش آهي تہ پوءِ پڪ سمجهو تہ توهان زندگيءَ ۾ تمام گهڻا ناهہ (Compromises) ڪيا آهن".

سچ جي سڀ کان وڏي پرک اها هوندي آهي تہ اهو نہ صرف ٻين جي باري ۾ پر پنهنجي لاءِ بہ ڳالهايو وڃي ۽ نہ رڳو پراون لاءِ پر پنهنجن بابت بہ چيو وڃي. سيد پنهنجو پاڻ کي بہ سچ چيو ۽ پنهنجي باري ۾ بہ سچ دنيا کي ٻڌايو تہ پنهنجي "محبوب" جي باري ۾ بہ سچ ڳالهايو جيڪا ڳالهہ هڪ روايتي انسان جي وس کان ٻاهر آهي. اها تہ هر سنڌ واسيءَ کي خبر آهي تہ سيد جو محبوب ڪير هئو؟ ها، سونهاري سنڌ.

پنهنجي باري ۾ ايڏو ڪڙو سچ ڳالهائيندو هو ۽ پنهنجي شخصيت جو اهڙو بي رحماڻو تجزيو ڪيائين جهڙو ڪو ورلي ماڻهو ڪري سگهندو. پاڪستان جي نهڻ لاءِ جدوجهد سندس زندگيءَ جي پهرئين اڌ جو سڀ کان وڏو "ڪارنامو" هئو. پر پوءِ جڏهن احساس ٿيس تہ چيائين تہ اها منهنجي زندگي جي عظيم ترين غلطي هئي ۽ پوءِ زندگي جو پوين اڌ حصو پنهنجي ان عمل کي نندينڊو رهيو. ٻين جي طرفان ڪيل تنقيد برداشت ڪرڻ انتهائي مشڪل ڪم هوندو آهي پر پاڻ پنهنجو پاڻ تي تنقيد ڪرڻ مشڪل تر ڪم آهي. سيد اهو نهايت آسانيءَ سان ڪندو هئو. جڏهن سندس سامهون ون يونٽ ٺهرائڻ جي حوالي سان ميان محمد ايوب کهڙي ۽ پير علي محمد راشديءَ تي تنقيد ڪئي ويندي هئي تہ چوندو هئو تہ " کهڙي ۽ راشديءَ ون يونٽ ٺهرايو پر مون تہ پاڪستان

ٺهرايو ٻڌايو ڪنهن جو وڏو ڏوهه آهي“. ان تي هڪڙي دفعي مون چيس ته ”سائين! ائين برابر آهي پر هڪڙو وڏو فرق آهي ٻنهي ۾... توهان پنهنجي غلطي تسليم ڪئي ۽ قوم کان معافي ورتي جڏهن ته هنن ائين ڪونه ڪيو“. پنهنجي ڪيل ان ”ڏوهه“ جو اظهار اقرار ۽ اعتراف هنن لفظن ۾ ڪندو رهيو هئو ته ”مان جيڪو هيترو ڊگهو قيد ۽ نظربندي گهاري رهيو آهيان، اها ڪيل ڏوهه جي (فطرت جي طرفان) سزا آهي“.

نه رڳو هن زباني طور پنهنجي غلطيءَ کي تسليم ڪيو پر عملي طور پنهنجي باقي سموري زندگي ان غلطيءَ جي ازالي جي ڪوشش ۾ گذاري ڇڏيائين. ۽ اهو سندس زباني اعتراف ۽ اها سندس عملي جدوجهد ئي هئي جنهن جي ڪري سنڌي قوم نه رڳو کيس معاف ڪري ڇڏيو پر کيس پنهنجي رهبر جي حيثيت ڏني.

اها ته سڀ ڪنهن کي خبر آهي ته جي ايم سيد سنڌ سان ۽ سنڌي قوم سان ڪيتري محبت ڪندو هئو ۽ اهو به اسان ڄاڻون ٿا ته محبت ٿي وڃڻ ڪانپوءِ انسان کي محبوب ۾ رڳو خوبيون ۽ چڱايون نظر اينديون آهن ۽ خامين ۽ گساين تي نظر ئي نه ويندي آهي، پر جي ايم سيد اتي به حق سچ جو رستو ورتو. هڪ پاسي هن سنڌي قوم جي انهن خوبين ۽ خاصيتن کي ڳولهي ڪڍيو ۽ اجاگر ڪيو ۽ چنڊي ڦوڪي دنيا جي آڏو پيش ڪيو جن سان سنڌي قوم دنيا جي مهذب ۽ روشن خيال قوم جي صف ۾ فخر سان بيهي سگهي ته ٻئي طرف انهن خامين، ڪوتاهين ۽ ڪمزورين جي به چٽي طرح نشاندهي ڪئي جن جي ڪري سنڌي قوم سياسي، سماجي ترقيءَ جي ميدان ۾ گهربل مقابلو نٿي ڪري سگهي ۽ ڌارين جي عددي ۽ اقتداري لحاظ کان بالادستي وڌندي پئي وڃي. سنڌ ۾ ماضي قريب ۾ اهڙا سياستدان به ٿي گذريا آهن جن مٿي بيان ڪيل چوڻيءَ مطابق هرڪنهن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هارين کي چيو ته زمينون توهانجون آهن ته وري ساڳئي وقت هارين سان هاڃا ڪندڙ وڏيرن، جاگيردارن کي پارٽي ۽ حڪومت ۾ اهم عهدا ڏئي انهن جي هارين مٿان حاڪميت کي وڌيڪ مضبوط ڪريو. سنڌين کي تاثر ڏنو ويو ته سڀ

Gul Hayat Institute

ڪجهه توهان جي لاءِ پيو ٿئي، جڏهن ته عملي طور پنجاب جي بالادستي ۽ ڦرلٽ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو اهڙن طريقن سان انهن ليڊرن کي اقتداري سياست ۾ ته وقتي طور وڏي مقبوليت حاصل ٿي پر مستقبل مفادن ۽ مستقبل جي ترقيءَ جي لحاظ کان سنڌي سماج کي بي انتها نقصان پهتو. ان جي ڀيٽ ۾ جي ايم سيد جي حق سچ ڳالهه ڪرڻ واري ڪردار جي ڪري ڪيس وقتي سياسي مقبوليت جي قرباني ته ڏيڻي پئي پر ان سان هو سنڌ جي ايندڙ نسلن کي قومي بقا، نجات ۽ ترقيءَ جا گس ڏيکاري ويو جن جو احساس وقت گذرڻ سان گڏ سنڌي ماڻهن کي ٿيندو پيو وڃي. شايد اهڙي ئي صورتحال لاءِ ڪنهن چيو آهي ته ”هڪ سياستدان ايندڙ اليڪشن لاءِ سوچيندو آهي جڏهن ته هڪڙو مدبر ايندڙ نسلن لاءِ سوچيندو آهي“.

ان پسمنظر ۾ اڄ جي ڳنڀير صورتحال مان نڪرڻ لاءِ ۽ گهڻ طرفن چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي قابل ٿيڻ خاطر اسان سنڌين کي جي ايم سيد جي حق جي ڳالهه ڪرڻ ۽ سچ چوڻ وارو رستو وٺڻو پوندو. ”تون مونکي حاجي چئه ته مان توکي غازي چوان“ واري روش ترڪ ڪرڻي پوندي. اسان چوندا ٿا رهون ته سنڌ جي خلاف حڪمران ۽ ڌاريا ماڻهو سازشون ڪندا ٿا رهن. اهو ته درست آهي، ظاهر آهي ته اسان جا مخالف حڪمران اسان کي ڪمزور ڪرڻ جي سازشن ۽ منصوبن تي ئي عمل ڪندا پر انهن جون اهي سازشون ۽ انهن جا اهي منصوبا ڪامياب ٿا وڃن ان جو مطلب اهو ٿيو ته اسان ۾ ڪي ڪمزوريون آهن. اسان ۾ ڪي انفرادي ۽ اجتماعي ڪردار جون ڪوتاهيون ٿي سگهن ٿيون ته ڪي حڪمت عملين جون غلطيون به ٿي سگهن ٿيون. ڌارين جي ڌاڌاين، ٺڳين، سازشن، بالادستي ۽ ڦرلٽ تي اسان ڪافي ڪجهه لکيو ۽ ڳالهايو آهي. اهو درست آهي. اڃا به وڌيڪ لکڻ ۽ ڳالهائڻ کپي. پر وقت اچي ويو آهي ته هاڻي اسان تصوير جي ٻئي پاسي تي به نظر وجهون. اسان پنهنجي اندروني صورتحال تي به تنقيدي نگاهه وجهون. اسان بحيثيت فرد، گروهه، تنظيم ۽ بحيثيت قوم پنهنجي ڪردار جو جائزو وٺون ۽ پوءِ ان کي انهن قومن جي

Gul Hayat Institute

ڪردارن سان پيٽيون جن انقلاب آندا، جن آزاديون ورتيون، جيڪي سياسي غلامي ۽ سماجي پستيءَ جي ڪڏ مان ڪر موڙي اٿيون ۽ اڄ نہ رڳو آزاد آهن پر ترقيءَ جي شاهراه تي ڊوڙون پائي رهيون آهن. اسان يا تہ ڌارين جابرن جي جبر، ظلم ۽ ناحق جون دانهون ڪندا آهيون يا وري پنهنجي يتيمي ۽ بيوسيءَ جو ماتم ڪندا آهيون. ۽ پوءِ وري خواهش ڪندا آهيون تہ اهڙي ڪا هوا لڳي جو اسان جا سڀ دک درد دور ٿي وڃن ۽ اسان بہ ترقي يافتہ قومن جهڙا ٿي پئون.

دنيا جي تاريخ ۾ سنڌي ڪا پهرين يا واحد قوم ڪانهي جيڪا غلام ٿي هجي ۽ جنهن کي ڌارين جي غلامي ۽ اندروني استحصال ۽ ٻنهي جي ڳٺ جوڙ ڪمزور ۽ ڪنگال ڪيو هجي. جيڪي بہ قومون غلام ٿيون آهن انهن ۾ اسان واريون يا انهن جهڙيون ڪمزوريون اچي ويون هيون تڏهن ئي انهن کي ڌاريا غلام بڻائي سگهيا. پر پوءِ انهن پاڻ کي سنڀاليو پنهنجي قومي زندگي ۽ اجتماعي ڪردار جي چنبا چاڙ ڪئي، پنهنجون صفون سڌيون ڪيون ۽ ڌارين غاصبن ۽ انهن جي ديسي دلالن خلاف فيصلاڪن ويڙهہ وڙهي. ۽ پوءِ پنهنجي تاريخ ۽ ڪلچر جي بنياد تي جديد علمن جي مدد سان نئين سر قومي زندگيءَ جي عمارت جي تعمير ڪئي.

ٻئي پاسي اهي قومون جن يا تہ شڪست خورده ذهنيت اختيار ڪندي حاڪمن جي خيرات تي زنده رهڻ جو رستو اختيار ڪيو يا وري ”شاندار“ ماضيءَ ۾ پناهہ وٺندي دنيا ۾ ايندڙ تبديلين کان منهن موڙيو ۽ انهن تبديلين جي نتيجي ۾ آڏو ايندڙ چئلينجن کي پٺي ڏني، اهي دنيا جي گولي تان يا تہ مڪمل طور ميسارجي ويون يا ٻئي درجي جا شهري بڻجي محتاجيءَ واري زندگي گهاري رهيون آهن.

اهڙي صورتحال ۾ حق سچ جي راهہ تي هلڻ ۽ قومي نجات لاءِ جاکوڙ واري رستي تي قوم جي قيادت ڪرڻ جو سڀ کان اولين فرض دانشورن ۽ ليڪڪن جو هوندو آهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سنڌ جي دانشورن ۽ ليکڪن جي وڏي اڪثريت پنهنجو اهو فرض نڀائي نہ سگهي آهي. جيڪڏهن سياستدان ڪڏهن ڪٿي عملي سياست جي

ضرورت تحت ناهہ (Compromise) ڪندا بہ آهن تہ دانشور ۽ ليکڪ واضح موصف اختيار ڪندي اچي ۽ ڪاري جي فرق کي ظاهر ڪندا آهن ۽ سچ کي سچ، ڪوڙ کي ڪوڙ ۽ صحيح کي صحيح ۽ غلط کي غلط چوندا آهن. ۽ ائين ڪندي اهي ڌاريي ۽ پنهنجي هم قوم ۾ فرق نہ ڪندا آهن. جديد دور جي پهرئين انقلاب، انقلاب فرانس جي پويان بين عنصرن سان گڏ والتيئر ۽ روسو جي لکڻين جو بہ هٿ آهي. يا وري فرانس جي ڪالونيل ڪردار جي خاتمي ۾ بين ڳالهين سان گڏ سارتر جهڙن اديبن ۽ دانشورن جي ڪردار کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ساڳئي نموني الجزائر جي غلاميءَ کان آزادي ڏانهن سفر جي ڪهاڻي فرانز فينن جي ذڪر کانسواءِ مڪمل نٿي ٿي سگهي. هن سامراجي طاقتن جي ڪردار سان گڏ الجزائري سماج جي اندروني صورتحال جو جهڙي نموني تجزيو ڪيو اهو ذهني ۽ عملي آزاديءَ جي خواهشمند انسانن لاءِ نسخہ ڪيميا جي حيثيت رکي ٿو. اهڙي ريت حاڪم ۽ محڪوم، ظالم ۽ مظلوم، حق ۽ ناحق ۽ سچ ۽ ڪوڙ وچ ۾ ازل کان هلندڙ جنگ جي انساني تاريخ جي شايد سڀ کان وڏي معرڪي ويٽنام جي جنگِ آزاديءَ دوران انگريز دانشور برٽرينڊ رسل جو پنهنجي ملڪ سميت سامراجي طاقتن خلاف قلمي ۽ عملي جهاد سمورن آزادي پسند انسانن لاءِ اتساهہ جو سبب آهي.

ان لحاظ کان سنڌ جي قومي تاريخ جي هن اهم ۽ سنگين مرحلي تي نظر وجهجي تہ صورتحال ڪا حوصلہ افزا نظر نٿي اچي. اسان جا اڪثر دوست صحيح ۽ غلط وچ ۾ فرق ڪرڻ کي يا تہ ضروري نٿا سمجهن يا وري ان جي اظهار جي همت نٿا رکن. سچ جو ساٿ ڏيڻ ۽ ڪوڙ جي خلاف عَلم کڻڻ تہ نهيو پر اهي سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ چوڻ لاءِ بہ تيار ناهن. اهي سچ چئي ڪنهنکي بہ ناراض ڪرڻ نٿا چاهين. اهي اجتماعي مفاد خاطر انفرادي لڳ لاڳاپا خراب ڪرڻ نٿا چاهين. اهي سنڌ جي مظلوميت ۽ محڪوميت جو تہ تذڪرو ڪن ٿا پر ان جي ڪارڻن ۽ ذميوارن جو ذڪر نہ ٿا ڪن. سنڌ ٻاهرئين ۽ اندرئين ٻنهي طرح جي ظلم، جبر ۽ نا انصافين جو شڪار آهي، جنهن ۾ ڪيترن ئي انفرادي ۽

Gul Hayat Institute

اجتماعي ڪردارن جو حصو آهي، ان لاءِ ڪيترائي فرد، گروه، طبقا، تنظيمون ۽ ادارا ذميوار آهن پر ڪنهن جو به نالو نٿو ڪنيو وڃي. جيڪو چوي ٿو " نه کپي " اهو به صحيح آهي ۽ جيڪو چوي ٿو "کپي" اهو وڏيڪ صحيح آهي. جيڪو قتل ٿئي ٿو يا بک مري ٿو ان سان به همدردي آهي ۽ جيڪو قتل ڪري ٿو يا بک مارڻ جو سبب آهي اهو به "قابلِ احترام" آهي. جي ايم سيد جهڙا يونيورسٽيون قائم ڪرائيندڙ ۽ قلم ڪتاب ذريعي جنگ ڪندڙ به عظيم آهن ته يونيورسٽين کي تالا هڻندڙ ۽ ڪتاب ساڙيندڙ ۽ قلم ڀڃيندڙ به سنا آهن. يا وري اهڙو رويو اختيار ڪيو ته ٻاهران اچي سنڌ جي شهرن تي قبضو ڪندڙ ته "سنڌ دشمن" آهن پر انهن جي پنيرائي ڪندڙ سڀ کان وڏا "سنڌ دوست" آهن. سنڌ جي قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ تي دانهون ڪوڪون ڪبيون پر انهيءَ ڦرلٽ ۽ قبضي گيريءَ کي آئيني تحفظ ڏيندڙن جا به گيت ڳائبا.

ڪي ته "ڏاها" اهو به ڏس ڏين ٿا ته حڪمرانن سان هرويرو جهيڙو نه ڪجي. انهن جي آڏو پنهنجا ڏک سور رکجن ۽ پوءِ جيتري به "رعايت" ڏين اها ونجي، جڏهن ته دنيا جا سمورا ڏاها، دانشور ۽ انقلابي اهو چون ٿا ته جيڪي به رعايتون وٺندا آهن اهي ڪڏهن به حق حاصل ڪري نه سگهندا آهن. ڪي ته اڃا به به قدم اڳتي ويندي چون ٿا ته حق وٺڻ جو هڪڙو ئي رستو آهي ته دنيا جو واحد سپر پاور جنهنجو گذريل 65 سالن کان ڏنڊو ئي ٻين کي غلام بڻائڻ، ٻين جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ ۽ حقن جي جاکوڙ ڪندڙن کي قتل ڪرڻ رهيو آهي ان جي آڏو فرياد ڪٽي هلجي. سنڌ جي لوڪ عقل جي روشنيءَ ۾ اهو ته ائين ٿيو ته "پينگ به ڪئي جهان خان، انصاف لاءِ به هلو جهان خان وٽ."

جڏهن حق سچ جي ڳالهه ۽ سنڌ جي نجات جو ذڪر جي ايم سيد جي حوالي سان ٿيندو هجي ته پوءِ ان جي چيل ڳالهين تي عمل ڪرڻ، ان جي ڏيکاريل دڳ تي هلڻ ۽ ان جي قائم ڪيل ڪردار جي پوئواري ڪرڻ جو سڀ کان وڏيڪ فرض ۽ سڀ کان اولين ذميواري انهن ماڻهن تي ٿئي ٿي جيڪي سندس پوئلڳ هجڻ جي دعويٰ ڪن ٿا يا ان جي نالي تي

سياست ڪن ٿا (جن ۾ ليکڪ بہ شامل آهي). پر جڏهن عملي صورتحال تي نظر وجهجي ٿي تہ معاملو مختلف نظر اچي ٿو. انهن جي گهڻائي نہ رڳو سيد جي ڏسيل رستي ۽ اختيار ڪيل ڪردار تي عمل نٿي ڪري پر ڪيترين حالتن ۾ قصو ان جي ابتڙ هجي ٿو. سڀ کان پهرين جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ سيد پنهنجي ذات جو ۽ سنڌي سماج جو تنقيدي جائزو ورتو ۽ اچي ڪاري ۾ سچ ڪوڙ کي وائکو ڪري رکيو. نہ رڳو ايترو پر سچ جو ساٿ نتيجن کان بي پرواهہ ٿي ڏنائين ۽ هر وقت ڪوڙ جي خلاف ڪات ڪهاڙا تيز رکيائين. پر هي همراهہ پنهنجو پاڻ کي تہ سچ چا چوندا پر سنڌي سماج ۾ ان کي درپيش مسئلن جو تجزيو ڪرڻ بہ گناهہ سمجهن ٿا. انهن کي هر ڳالهہ جي پويان "سازش" نظر ايندي آهي. سيد ڌارين حڪمرانن سان گڏ سنڌ جي پيرن، ميرن، وڏيرن ۽ جاگيردارن کي بہ سنڌ جي مصيبتن جو ڪارڻ قرار ڏيندو هئو جڏهن تہ هي انهن جي اوطاقن تي سلاميون پريندا آهن. سيد پنهنجي سڄي جدوجهد قلم ۽ ڪتاب سان ڪئي پر هي ڪتاب ساڙيندا آهن. سيد جو اصول هئو تہ نيڪ مقصد صرف صحيح طريقن سان حاصل ڪري سگهجي ٿو پر هتي چيو وڃي ٿو تہ "مقصد" حاصل ڪرڻ لاءِ "هر طريقو" جائز آهي.

سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ جي ايم سيد هڪ ترقي پسند ۽ روشن خيال رهنما ۽ سماج ۾ تبديليءَ جو سڀ کان وڏو وڪيل هئو جڏهن تہ هي همراهہ قدامت پسند ۽ تبديليءَ جا دشمن آهن. ايتري تائين جو انهن قدامت پسنديءَ کي قومپرستيءَ جو نالو ڏنو آهي. جيڪا ڳالهہ، جيڪا شئي، جيڪا رسم، جيڪا سوچ ۽ جيڪو عمل جيترو قديم آهي اوترو اهو سنڌ جي عظمت جي علامت ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي. تنقيد کي دشمني ۽ دشمن جي سازش قرار ڏنو ٿو وڃي ۽ تبديليءَ کي ڪفر سمجهيو ٿو وڃي. سيد تہ تبديليءَ جو ايترو حامي هئو جو سوويت يونين جي ٽٽڻ ۽ سرد جنگ جي خاتمي کانپوءِ دنيا ۾ سڀ کان پهرين هن ئي نئين عالمي سرشتي جي تجويز پيش ڪئي، جڏهن تہ ان جي نالي تي سياست ڪندڙ سنڌ جي قومي تحريڪ کي اڃا سرد جنگ جي دائرن ۾ قيد ڪيو ويٺا

Gul Hayat Institute

آهن. سيد جو چوڻ هوندو هئو تہ مذهبن جي اهميت ۽ افاديت بہ وقت سان تبديل ٿئي ٿي ۽ ڪيترين ئي ڳالهين جيڪي شروع ۾ انساني سماج جي ترقيءَ لاءِ اهم هيون هاڻي انساني سماج اڳتي وڌيو ويو آهي. تنهن ڪري انهن ۾ تبديلي ضروري آهي، پر هي دوست جاگيرداراڻي سماج جي نشانين انا، ڪوڙي غيرت ۽ انسانن هٿان انسانن جي تذليل جهڙن عملن کي سنڌ جي ثقافت چئي حمايت تا ڪن. سيد تہ ايتري تائين بہ چيو تہ پيغمبر بہ غلطين کان پاڪ ڪونہ هئا پر هي چوندا آهن تہ جي ايم سيد غلطين کان پاڪ هئو ۽ ان جي چيل هر ڳالهہ تي مذهبي تقدس سان عمل ڪيو وڃي. (اها جدا ڳالهہ آهي تہ عمل پاڻ بہ ڪندا ڪونهن). اصل مقصد اهو هوندو آهي تہ اهي پاڻ کي بحيثيت ليڊر ڪارڪنن جي تنقيد کان آجو رکڻ چاهيندا آهن. اهو ائين ئي آهي جيئن ڪارل مارڪس انساني سماج جي ارتقا ۽ ترقيءَ ۾ تبديليءَ کي بنيادي ۽ لازمي عنصر سمجهندو هئو ۽ سندس چوڻ هئو تہ هر شئي، هر ڪردار ۽ هر سوچ هر وقت تبديليءَ جي اثر هيٺ هجي ٿي. پر ان جي ڪيترن ئي پوئلڳن کيس تبديليءَ واري سندس سوچ جي بلڪل ابتڙ ڪري پيش ڪيو. انهن چيو تہ مارڪس جيڪي ڪجهہ چئي ويو اهو مڪمل سچائي ۽ حرف آخر آهي، ان ۾ هڪ اکر جي بہ تبديلي ڪفر آهي، ۽ منهنجي خيال ۾ مارڪس سان سڀ کان وڏي زيادتي ۽ نا انصافي اها آهي جيڪا ڪنهن ٻئي نہ پر سندس نالو وٺندڙن طرفان ڪئي وئي آهي.

اهڙيون نا انصافيون دنيا جي لڳ ڀڳ سمورن غيرمعمولي ۽ انقلابي انسانن سان ٿينديون رهيون آهن. پيغمبر، پنهنجي پنهنجي دور جا وڏا انقلابي ۽ مدبر هئا. اهي روايتون ٽوڙيندڙ هئا. انهن تہ پنهنجي ابن ڏاڏن جي دين کي بہ تبديل ڪري ڇڏيو. پر پوءِ اڄ ڏينهن تائين ڪيترا ماڻهو سندن نالي کي تبديليءَ کان روڪڻ ۽ اسٽيٽس ڪُوَ (Status quo) بحال رکڻ خاطر استعمال ڪندا ٿا رهن. نتيجو اهو ٿوَ ٿئي تہ انهن عظيم انسانن جي عظيم جدوجهد، مدبراڻي سوچ ۽ شاندار ڪردار اڄ جي انساني سماج جي ترقيءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري نٿا سگهن. ها البتہ ايترو



Gul Hayat Institute

ضرور آهي تہ انهن جو پاڻ کي پڪو ۽ سچو پوئلڳ چوائيندڙن جي ذاتي ترقي ضرور ٿي آهي.

سو سنڌ جي تاريخ جي هن عظيم انسان جي ايم سيد کي ياد ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي تہ اسان سنڌ جي نجات ۽ انسان ذات جي فلاح لاءِ ڏسيل رستن ۽ اختيار ڪيل طريقن کي پنهنجي سوچ ۽ عمل جا رهنما اصول بڻايون ۽ سندس ڇڏيل ڪردار کي اڳتي وڌڻ لاءِ رستي جي روشني بڻايون.

❊❊❊

Gul Hayat Institute

# جي ايم سيد جو
# قومي ۽ سياسي ورثو

جي ايم سيد بلاشبہ سنڌي قوم جي پنج هزار سالہ تاريخ جي عظيم شخصيتن مان هڪ آهي. نہ رڳو هن جي زندگي ويهين صديءَ جي آغاز کان اختتام تائين پکڙيل رهي پر ان صديءَ دوران سنڌ جي نجات ۽ ترقيءَ لاءِ هلندڙ هر تحريڪ جو حصو رهيو ۽ هر تحريڪ جي هر عمل ۾ مڪمل، ڀرپور ۽ پرجوش حصو ورتو. ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ يا ائين چئجي تہ پاڪستان جي قيام کانپوءِ سنڌ جي قومي تشخص جي سڃاڻپ، بقا ۽ ڀلائيءَ واري گهرڻ طرفي جدوجهد جي هن سرواڻي ڪئي جڏهن تہ آخري چوٿائي دوران يعني بنگلاديش جي قيام کانپوءِ سنڌ جي قومي تحريڪ جي شروع ٿيندڙ نئين مرحلي جو اهو بنياد وجهندڙ هئو.

دنيا جو هر وڏو ۽ غير معمولي ماڻهو متنازعہ هوندو آهي. جتي هڪ طرف ان جا مخالف کيس ڪافر، منڪر، ملڪ دشمن، عوام دشمن وغيره جهڙا لقب ڏئي سندس راهہ ۾ رڪاوٽون وجهندا آهن اتي ٻئي طرف وري پاڻ کي سندس پوئلڳ ۽ حامي سڏائيندڙ سندس مختلف شڪليون دنيا آڏو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سيد جي معاملي ۾ اها صورتحال ڪجهہ وڌيڪ ئي سنگين رهي آهي. هو هڪ ئي وقت مفڪر، اديب، تاريخدان، سماجي ورڪر، صوفي، سياستدان ۽ محب وطن

انقلابي هئو ۽ هن ايتري ڏگهي عرصي تائين ۽ ايتري طاقتور نموني اڪيلي سر قومي تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي جو ڪڏهن ڪيس هڪ جڻي، واري فوج (One man army) به چيو ويندو هئو. ان ڪري سندس شخصيت جا اوترائي گهڻا پاسا ۽ گهڻيون شڪليون، گهڻيون تعبيرون پيش ڪيون وينديون رهيون آهن. مخالفن جو ته هڪ ئي مقصد رهيو آهي ته سنڌ جي شناخت جي علامت بڻيل هن مرڪز جي چوڌاري مونجهارن، شڪ شبهن، خوف، بهتان بازي ۽ ڪردار ڪشي ذريعي اهڙي ديوار ڪڙي ڪجي جيئن سنڌ جي عوام کي قومي نجات جي ان مرڪز تائين پهچڻ کان روڪي سگهجي، ڇاڪاڻ ته حڪمرانن ۽ انهن جي ساٿارين ڄاتو ٿي ته جيڪڏهن ۽ جڏهن جي ايم سيد جي سچ جي قوت ۽ عوام جي ٻڌيءَ جي طاقت گڏجي پيون ته پوءِ سندن سمورا مانداڻ ۽ ٺٺيءَ جا ٺاهه ڊهي اچي پٽ پوندا.

دشمن ته دشمني ئي ڪندو آهي. اها نه ته ڪا نئين ڳالهه آهي ۽ نه ئي حيران ڪندڙ نڪو ئي ڪو افسوس ڪرڻ جهڙي، پر افسوس ۽ حيرت ان تي ٿئي ٿي ته ڪيترن سيد جي "پوئلڳن" به حڪمرانن جي سنڌ دشمن منصوبن ۽ سيد دشمن عملن ۽ ڪارروائن کي هٿي وٺرائڻ ۾ پنهنجو پنهنجو حصوءِ ڪردار ادا ڪيو آهي. انهن "پوئلڳن" يا چئجي ته نالو وٺي سياست ڪندڙن ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو آهن، جن مختلف طريقن سان ۽ مختلف شڪلين ۾ شعوري يا لا شعوري طور ڄاڻندي يا اڻڄاڻائيءَ ۾ سيد جي مقصد ۽ مشن کي ڇيهو رسايو آهي. انهن ۾ ڪجهه ذاتي طور سٺا ماڻهو، ڪجهه مهمان نواز ۽ ڪجهه ڏاڍا يار ويس همراهه آهن. ۽ اسان سنڌي ماڻهو روايت پسند ۽ "صوفي ازم" جو ضرورت کان وڌيڪ شڪار ٿيل ڪنهن سان ڪو ليکو چوکو ڪونه ڪندا آهيون ۽ چوندا آهيون ته "بس سڀ صحيح آهن". يا " ڪنهن جا عيب ڇو کولجن" وغيره. پر ائين ڪندي ۽ ائين چوندي اسان اهو ڪونه سوچيندا آهيون ته اسان جي اهڙي عمل ۽ اسان جي اهڙي رويي سان سنڌ جي ڪاتي ۾ ڪيترن عيبن جو اضافو ٿو ٿئي، سنڌ جي قومي تحريڪ تي ان جا ڪهڙا ناڪاري اثر پون ٿا ۽

قومي نجات ۽ بقا جي جدوجهد ۾ ڪھڙيون غلطيون ٿيون ٿين. نتيجو اهو ٿيو آهي تہ سيد جي آزادي، امن ۽ ترقيءَ واري خواب کي ساڀيان ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندي ڪندي اتي اچي پهتا آهيون جو هڪ طرف ڌارين حڪمرانن ۽ انهن جي اتحادين جي هٿان سنڌ جي قومي وجود کي ئي خطرا لاحق ٿي ويا آهن تہ ٻئي پاسي اندروني طور سنڌي سماج پوئتي پيل جاگيرداراڻي، قبائلي ۽ نسلي روين جي ور چڙهي پيچ ڍاهہ جو شڪار ٿيندو پيو وڃي.

ان ڪري تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ وقت جي تقاضا آهي تہ سنڌ جي قومي تشخص، نجات ۽ ترقيءَ واري جنگ جي هن عظيم سپاهيءَ جي نالي ۽ حوالي سان ٿيندڙ ڳالهين، عملن ۽ ڪوشش جو جائزو وٺجي. ۽ ان مقصد لاءِ سنڌ ۾ قومي سجاڳيءَ جي علامت بڻجي ويل سيد جي سالگره کان وڌيڪ موزون ڪو بہ موقعو ٿي نٿو سگهي.

سيد جا ”پوئلڳ“ يا ”وارث“ چورائيندڙ ٿلهي ليکي جن ٽن خانن ۾ ورهائي سگهجن ٿا انهن مان هڪڙا اهي آهن جيڪي ڪيس پوريءَ ريت سمجهي نہ سگهيا آهن ۽ سنڌس انقلابي رول کان اڻواقف آهن. انهن کي ”سچا پر سادا“ چئي سگهجي ٿو. پر اتي اهو بہ چوڻ ضروري آهي تہ سياست جي ميدان ۾ سادگي سچائيءَ جي اهميت کي گهٽائي ٿي ڇڏي. ڇاڪاڻ تہ سياست جو مطلب رڳو سچي ڳالهہ ڪرڻ ناهي هوندو پر سياست حالتن کي تبديل ڪري نتيجا ڏيڻ جو نالو آهي ۽ درست نتيجا رڳو درست حڪمت عملين ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجن ٿا. ۽ وري درست حڪمت عمليون اختيار ڪرڻ لاءِ مقامي، علائقائي ۽ عالمي صورتحال کي پروڙڻ ۽ دوست ۽ دشمن کي سمجهڻ بنيادي ضرورت هوندي آهي. تنهن ڪري اهڙا ”سچا ۽ سادا“ همراهہ سيد جا ”عقيدت مند“ تہ ٿي سگهن ٿا پر سندس انقلابي مشن کي ڪا مدد نٿا ڏئي سگهن.

ٻيا وري اهڙا آهن جيڪي سيد کي سمجهڻ چاهين ئي نٿا يا ان جي ضرورت ئي نٿا سمجهن. جي ايم سيد جي فڪر ۽ ان جي مشن کي سمجهڻ خاطر جي ايم سيد کي پڙهڻ ۽ سندس مقصد جي حامي توڙي

مخالف نظرين ۽ تحريڪن جو مطالعو ڪرڻ لازمي آهي پر اهي همراهہ پڙهڻ کي بزدلي ۽ ڪچائيءَ جو ڪارڻ قرار ڏيندا آهن جڏهن تہ ”ڏنڊي“ کي سچائيءَ ۽ بهادريءَ جي علامت سمجهندا آهن. سيد پنهنجي سموري جدوجهد قلم ۽ ڪتاب جي هٿيار سان هلائي پر سندس هي ”پوٺلڳ“ ڪتاب جا دشمن آهن. وڏي ڳالهہ تہ اهي پاڻ اهڙي عمل ۽ اهڙي ڪردار جي وڏي واڪ وڪالت ڪندا رهندا آهن. اهي ائين ان ڪري ڪندا آهن تہ حقيقت ۾ انهن جو جي ايم سيد جي فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار سان سروڪار ئي ناهي. انهن جو مقصد ڪجهہ ٻيو آهي. اهڙن ماڻهن کي ”پروفيشنل“ چئي سگهجي ٿو. ٽيون قسم وري انهن ماڻهن جو آهي جيڪي جي ايم سيد کي ۽ ان جي جدوجهد کي سمجهن ٿا ۽ چاڪاڻ تہ چڱيءَ طرح سمجهن ٿا تنهن ڪري ئي ان جي پوئواري نٿا ڪن، ڇو تہ کين ڄاڻ آهي تہ سيد وارو رستو وڃڻ گهاٽي جو سودو آهي. ان ۾ ذاتي طور تي رڳو نقصان ئي نقصان آهي. البتہ اهي جيئڻ تہ تمام گهڻا ”چالاڪ“ آهن تنهن ڪري اهي چُونڊي يا (Choosy) آهن. سيد جي زندگيءَ جي جيڪا ڳالهہ فائدو ڏيندڙ آهي ان کي اختيار ڪن ٿا پر جيڪي ڳالهيون ۽ عمل امتحان ۾ وجهندڙ آهن انهن کي پري کان سلام ٿا ڪن.

اهو تہ هر ماڻهوءَ کي اختيار آهي تہ هو پنهنجي زندگيءَ لاءِ ڪهڙا معيار ۽ هدف مقرر ٿو ڪري ۽ ڪهڙا رستا اختيار ٿو ڪري. اها بہ هن جي مرضي آهي تہ پنهجي لاءِ ڪهڙا لقب يا ٽائيٽل منتخب ٿو ڪري. سو جيڪڏهن ڪير پاڻ کي جي ايم سيد جو پوئلڳ، سچو پوئلڳ، وارث يا جانشين چوائي تہ ان تي اعتراض ڪرڻ جو ڪنهن کي حق ڪونهي. البتہ اهو سنڌي ماڻهن کي حق آهي تہ جيڪو بہ ماڻهو جي ايم سيد جي حوالي سان سياست ڪري ٿو تہ ان جي سيد جي فڪر ۽ ڪردار جي بنياد تي پرک ڪن ڇاڪاڻ تہ سياست انفرادي نہ پر اجتماعي عمل آهي ۽ سيد جي سياست جو محور سنڌي قوم جي آزادي، خودمختياري ۽ خوشحالي هئي. ان ڪري سيد جي نالي تي ٿيندڙ سياست جو سڌو سنئون واسطو سنڌي قوم جي مستقبل سان آهي، سو اهو سنڌي قوم جو نہ رڳو حق پر



Gul Hayat Institute

فرض بہ آهي تہ اها سيد جي تعليم ۽ جدوجهد کي بنياد بڻائي اهڙن سيني ماڻهن جو احتساب ڪري. اٿين ڪرڻ ڏکيو ڪم بہ ڪونهي، ان ڪري تہ سيد جي هر سوچ، هر ڳالهہ ۽ هر عمل رڪارڊ جي صورت ۾ موجود آهي. سيد نہ رڳو پنهنجي سڄي زندگي لکت ۾ چڙهي ويو آهي پر سندس زندگيءَ بابت ٻين ماڻهن جون لکڻيون، پوءِ اهي حمايت ۾ هجن يا مخالفت ۾، سڀ سانڍي رکي ويو آهي.

جي ايم سيد جو چوڻ هئو تہ سندس زندگيءَ جو مقصد ۽ مشن انسانذات جي ڀلائي، خوشحالي، ڀائيچارو ۽ عالمي امن جو قيام آهي ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ هو ان ڪري جدوجهد ڪري رهيو آهي تہ جيئن سنڌي قوم عالمي سطح تي پنهنجو تاريخي رول ادا ڪري سگهي. ۽ اهو تہ سڀ سٺا ماڻهو، سڀ انسان دوست ماڻهو اسانجا پنهنجا آهن. ڀلي اهي ڪٿي بہ رهندا هجن ۽ دنيا جا سمورا انسان دوست ۽ ترقي پسند نظريا ۽ پروگرام اسانجي رهنمائي ۽ مدد لاءِ آيل آهن. هاڻي ڪي همراهہ آهن جيڪي نالو تہ سيد جو وٺن ٿا پر بين الاقواميت جي مخالفت ڪن ٿا. دنيا جي امن پسند ۽ انسان دوست ماڻهن کي پنهنجو ”قومي دشمن“ قرار ڏين ٿا ۽ انسان ذات جي ڀلائي ۽ عالمي اپيل رکندڙ نظرين کي سنڌ جي خلاف سازش قرار ڏئي انهن جي مخالفت ڪن ٿا. سندن چوڻ آهي تہ ”اسان جيئن تہ سچا قومپرست آهيون، تنهن ڪري سنڌ کان ٻاهر جي ڪنهن بہ ڳالهہ سان، ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان، ڪنهن بہ نظريي سان ۽ ڪنهن بہ تبديليءَ سان اسان جو ڪجهہ نہ وڃي“. ايتري تائين جو اهي پاڪستان اندر ٻين قومن جي محبِ وطن ۽ جمهوريت پسند ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ کي بہ گناهہ ٿا سمجهن.

سيد جي زندگيءَ جو ٻيو اهم اصول اهو هئو تہ ” نيڪ مقصد رڳو نيڪ طريقن سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو ۽ رڳو بلند ڪردار ۽ عمل صالح وارا ماڻهو ئي اهو مقصد حاصل ڪري ٿا سگهن. ڀلي ڪٿي اهي تعداد ۾ ٿورا هجن“. پر انهن همراهن جو چوڻ آهي تہ ”سنڌ جي آزاديءَ لاءِ هر طريقو ۽ هر ڪم جائز آهي“. ۽ اهي پنهنجي ان فلسفي تي ڀرپور نموني



Gul Hayat Institute

عمل بہ ڪندا ٿا رهن. هتي سيد جي ان تقرير جو حصو پيش ڪرڻ بلڪل مناسب ٿيندو جيڪا هن زندگيءَ جي پوين سالن ۾ ڪراچيءَ جي تاج محل هوٽل ۾ ڪئي هئي ۽ جنهن لاءِ هڪ دوست تبصرو ڪندي چيو هئو تہ ان تقرير جي سنڌ جي قومپرستن لاءِ اوتري اهميت آهي جيتري پيغمبر اسلام جي آخري خطبي جي مسلمانن لاءِ هئي. ان تقرير دوران ٻين سياسي، سماجي ۽ صحافتي دنيا جي ماڻهن سان گڏ سيد جي جدوجهد سان واسطو رکندڙ سمورن گروپن جا ماڻهو موجود هئا. "سنڌ کي آزاد ڪرڻو اٿو تہ اخلاق سڌاريو پاڻ ۾ ٽڪرا ٽڪرا نہ ٿيو مڙي مٺ ٿيو. اوهان تڏهن ئي آزادي حاصل ڪري سگهندؤ جڏهن پنهنجو اخلاق سڌاريندؤ. اوهان ٽيستائين ڪجھہ بہ حاصل نہ ڪري سگهندؤ جيستائين اوهان ۾ اخلاق نہ هوندو. سڀني پيغمبرن بہ اخلاق تي زور ڏنو آهي. اسان اڳ ۾ بہ چوندا هياسون تہ اسان وٽ گهڻا ماڻهو اچي ويا پر انهن ۾ اخلاق، عمل ۽ عقل نہ هوندو تہ اهي ماڻهو ڪنهن بہ ڪم جا نہ هوندا. مهرباني ڪري پاڻ ۾ اخلاق ڏاريو جيڪي چئو سو ڪريو ۽ پاڻ ۾ توڙي ٻين ماڻهن ۾ قومي شعور پيدا ڪريو". هاڻي اها تقرير سيد جي حوالي سان ڪم ڪندڙ ماڻهن کي پرکڻ لاءِ بهترين ۽ آسان ۽ ساڳئي وقت لازمي ڪسوٽي آهي ۽ هجڻ کپي.

سيد جو شايد سڀ کان وڏو ڪارنامو اهو هئو تہ ڌرتي جي هن خطي تي رهندڙ ۽ نسلن، قبيلن ۽ ذاتين ۾ ورهايل ماڻهن کي هڪ قوم جي سڃاڻپ ڏني. هن تاريخي، ڪلچرل ۽ بين الاقوامي معيارن جي روشنيءَ ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سنڌي هڪ جديد قوم آهن ۽ انهن کي دنيا جي مهذب ۽ ترقي يافتہ قومن وارا سمورا حق ملڻ گهرجن. پنهنجي علمي، فڪري ۽ جسماني پورهئي ۽ قربانين سان سنڌيت جي تصور کي ان معراج تي پهچايو جو ماڻهو پاڻ کي سنڌي سڏائڻ تي فخر ڪرڻ لڳا. پر پوءِ سيد جو سچو پوئلڳ چورائيندڙن جو هڪڙو گروه نسلي ۽ قبائلي بنيادن تي ٺهندڙ تنظيمن جو نہ رڳو ساٿاري بڻجي پيو پر انهن جي همٿ افزائي ڪرڻ لڳو ۽ سيد جي زندگيءَ جي جاکوڙ جي نچوڙ سنڌي قوم جي تصور تي وار ڪندڙ اهڙين سرڪاري پنيرائيءَ سان جوڙايل تنظيمن کي

Gul Hayat Institute

سنڌ جي قومي جدوجهد جو وڏو ”مڙس ماڻهو“ حصو قرار ڏيڻ لڳا. ان رجحان ۾ خاص ڪري سائينءَ جي وفات کانپوءِ اضافو ٿيو ۽ انتها ته تڏهن ٿي جو سيد جي سالگره ۽ ورسيءَ جي پروگرامن دوران انهن تنظيمن جي ماڻهن کي سنڌن بدترين نسلي شڪل ۾ اسٽيج تي ”معتبر“ ڪري ويهاريو ويو. اجا اڳتي وڌنديءَ اهڙن ماڻهن هٿان سيد جي فڪري جاکوڙ کي صحيح معنيٰ ۾ اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪم ڪندڙ ماڻهن تي حملا ڪرايا ويا. اجا به اسان کي سيد جي پوئلڳن جي پرک ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي ڇا؟

سنڌي سماج جاگيرداري ۽ جاگيرداراڻي قدرن جي زبردست غلبي هيٺ آهي. ايتري تائين جو ڪيترا ماڻهو جيڪي ان طبقي سان واسطو نٿا رکن اهي به اهو ڪلچر اختيارڪرڻ لاءِ بي چين ٿا رهن. جي ايم سيد پيدائشي طور نه رڳو جاگيرداراڻي نظام جو حصو هئو پر هو هڪ پيراڻي گاديءَ جو جانشين به هئو. پر فطري طور هن جي شخصيت ۾ انسان دوستي ۽ حب الوطني جا ڳڻ ايترا ته غالب هئا جو هن کي جاگيرداراڻي ۽ پيراڻي ٻنهي رنگ وارو چوغو لاهي ڦٽو ڪرڻ ۾ دير ئي نه لڳي. ۽ پوءِ دنيا ڏٺو ته جي ايم سيد جو ڪردار هن ملڪ جي ڪيترن ”مستند“ ڪميونسٽن کان وڌيڪ پروگريسو هئو. جاگيرداراڻي سماج جي هڪ وڏي خاصيت اها هوندي آهي ته زندگيءَ جي هر ڳالهه، هر خيال، هرشئي ۽ هر عمل کي موروثي ۽ خانداني عينڪ سان ڏٺو ويندو آهي. ملڪيتون، رشتا ناتا، ”بزرگي“ ويندي سياست به موروثي هوندي آهي. ان جا مثال سڄي سنڌ ۾ جڳهه جڳهه پکڙيا پيا آهن. پر سيد ٻين ڪيترين بغاوتن سان گڏ ان روايت سان به بغاوت ڪئي. مُني صديءَ تي ڦهليل سندس سياسي زندگيءَ ۾ ورثي ۽ خانداني اثر جو ناءُ نشان ئي ڪونه ملندو. هن پاڻ به ٻاراڻي عمر کان ئي سياست پنهنجي پيرن تي شروع ڪئي ۽ پنهنجي صلاحيتن، محنت ۽ قربانين سان ان کي عروج تي پهچايائين ۽ ٻين کي به سڄي عمر اها تلقين ڪندو رهيو ته پاڻ ۾ اهليت ۽ صلاحيت پيدا ڪريو. اها رڪارڊ جي ڳالهه آهي ته سوين دفعا ڪانئس پڇيو ويو ته توهان پنهنجو سياسي وارث يا جانشين ڪنهن کي مقرر ٿا ڪريو ته هميشه اهو جواب ڏنائين ته ”هر اهو

ماڻهو جنهن ۾ صلاحيت آهي، جنهن جو ڪردار بهتر آهي ۽ جنهن جا عمل صالح آهن اهو منهنجو سياسي وارث آهي". پر جيئن انساني تاريخ ۾ وڏن ماڻهن سان ٿيندو آيو آهي تيئن سيد جون اکيون بند ڪرڻ سان ئي سندس تعليم ۽ سندس ڪردار ۽ شخصيت سان هٿ چراند شروع ٿي وئي. سيد جو نالو وٺي سيد جي فڪر ۽ جدوجهد کي مسخ ڪرڻ جون ڪوششون شروع ٿي ويون، ايتري تائين جو سيد جي انتقال واري دکدائڪ صورتحال کي به سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ کان ماڻهو نه مڙيا.

سندس وفات جي پٺيان ڏينهن کان سندس سياسي ورثي ۾ هڪ اصطلاح "خاندان" جو اهڙو شامل ڪيو ويو جنهن کان سڄي دنيا وانگر سيد پاڻ به بي خبر هئو. سيد جي عالمگير اپيل رکندڙ پيغام ۽ انسانذات جي ڀلائيءَ ۽ عالمي امن لاءِ سندس جدوجهد کي "خاندان" جي تنگ دائري تائين محدود ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. اهڙا ماڻهو به سندس "سياسي وارثي" جي ڊوڙ ۾ شروع ٿي ويا جيڪي سيد جي زندگيءَ ۾ ان جي جدوجهد ۽ جماعت جي ويجهو به نه لنگهيا هئا. سائينءَ جي وفات کان فوري پوءِ مختلف مفاد رکندڙ ماڻهو "خاندان" جي نالي ۽ نعري تي گڏ ٿي ويا، جڏهن ته سيد جي عالمگير فڪر ۽ ڪردار کي پنهنجو رهنما سمجهندڙ سندس پوئلڳن جو هڪڙو حصو اهڙي گڏجڻ واري عمل کان اهو چوندي پري رهيو ته خانداني ۽ موروثي ڳالهه سيد جي فڪر جي منافي آهي. ۽ پوءِ جلد ئي دنيا ڏٺو ته اهو ئي ٿيو جڪو ورثي جي فائدن جي ورهاست تي ٿيندو آهي. يعني "خاندان" جي نالي تي گڏ ٿيندڙ ماڻهن جا جڏهن مفاد هڪٻئي سان ٽڪرايا ته انهن هڪٻئي تي سنڌ دشمني ۽ سيد دشمنيءَ جا اهي الزام هنيا جو ڪنهن ٻئي به نه لڳايا هئا. نتيجي طور آهي ڏار ڏار ٿي ويا ۽ هڪڙو گروپ ته "خاندان" جو اصطلاح استعمال ڪرڻ تان هٿ کڻي ويو باقي جيڪي "حقيقي" جا نشين بچيا انهن کي به جڏهن اندروني ۽ بيروني طور مسئلن ۽ مشڪلن سان دوچار ٿيڻو پيو ته انهن به وراثتي سياست سان وابستگيءَ جو اظهار ڪرڻ گهٽائي ڇڏيو ۽ صرف اتي ان اصطلاح جو استعمال ڪن ٿا جتي ان مان کين ذاتي طور فائدو ٿئي ٿو.



Gul Hayat Institute

پيپر جتي قومي ۽ اجتماعي طور ذميوارين ۽ نتيجن جو سوال اچي ٿو تڏهن اهي پاڻ کي لاتعلق ٻڌايو ٿا ڇڏين ۽ سيد جي 75 سالن تي پکڙيل سياسي جدوجهد جي صرف ڪجهه ڏينهن، چند واقعن ۽ مرضيءَ جي نالن ۽ نعرن جو حوالو ڏين ٿا سو به انهن جي معنيٰ ۽ تشريح پنهنجي سهوليت ۽ ضرورت مطابق ڪن ٿا. هتي سنڌ جي هڪ انقلابي عالم مولانا نذير حسين حيدريءَ جي ڪتاب ”خدا ۽ جڙتو خدا“ جو حوالو ڏيڻ مناسب ٿيندو. هن لکيو آهي ته خدا به آهن، هڪڙو اهو جيڪو حقيقي آهي ۽ ٻيو اهو جيڪو انسان پنهنجي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي عملن کي جائز قرار ڏيڻ يا Justify ڪرڻ خاطر تخليق ڪري ٿو.

دنيا جي سيني وڏن ماڻهن، انقلابي ۽ غير معمولي ماڻهن هڪ عالمگير سچائي رکندڙ نظريو ۽ پروگرام ڏنو ۽ ان سان گڏ دنيا آڏو عملي ڪردار جو مثال پيش ڪيو ۽ ٻڌايو ته انسانذات جي نجات هن پروگرام ۾ آهي ۽ اهو پروگرام هنڙي ڪردار ذريعي عمل ۾ آڻي ٿو سگهجي. جي ايم سيد به جيئن ته انهن غير معمولي انسانن منجهان هڪ هئو سو ان به پنهنجي ورثي ۾ هڪ سوچ ۽ هڪ فڪر سان گڏ بلند ڪردار جو هڪ نمونو ڇڏيو آهي. ان مان رهنمائي وٺي ۽ ان کي صحيح ۽ غلط سٺي ۽ خراب جي ڪسوٽي ٻڻائي سنڌ جي قومي نجات ۽ ترقي حاصل ڪري سگهون ٿا ۽ ان سان گڏ انسانذات جي ڀلائي ۽ عالمي امن لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا.

Gul Hayat Institute

(عبرت_16 جنوري 2006)

## سيد، سنڌ ۽ پاڪستان

"*سمورا* رياستي ادارا مفلوج ٿي چڪا آهن ۽ ملڪ انارڪيءَ جي ڪنڌيءَ تي پهچي چڪو آهي". سڀ ڪان پهرين پاڪستان جي نعري هيٺ اٺن سالن تائين حڪمراني ڪندڙ فوجي حڪمران جنرل پرويز مشرف جو 3 نومبر 2007 تي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ وقت اعلان "پاڪستان روءِ زمين تي سڀ ڪان وڏيڪ خطرناڪ خطو بڻجي چڪو آهي"، پاڪستان جي سڀ ڪان وڏي اتحادي آمريڪا ۽ ترقي يافته ملڪن جي سڀ ڪان وڏي بلاڪ يورپي يونين جي متفقه راءِ. اهي ۽ ان جهڙا ٻيا آواز ۽ رايا پاڪستاني رياست جي باري ۾ ملڪ جي اندر ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اڄڪلهه اڪثر ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. اهڙن راين ۽ تبصرن کي جنم ڏيڻ جو ڪارڻ اهي حالتون اهن جن مان پاڪستان اڄڪلهه لنگهي رهيو اهي. رياست جي "چئن ٿنڀن" مان ٻن يعني عدليه ۽ پريس (ميڊيا) سان خود رياست (معنيٰ انتظامي ادارو) عملي طور جنگ جي صورتحال ۾ آهي. رياست جا پاليل مذهبي انتها پسند رياستي اختيار کي چئلينج ڪري رهيا آهن. روزانو سوين ماڻهن کي ڪاچ بڻائيندڙ آپگهاتي حملا ٿي رهيا آهن. ملڪ کي وجود بخشيندڙ قومون (سنڌي، بلوچ، پختون) پنهنجي وجود جي جنگ وڙهڻ تي مجبور آهن. بک، بيروزگاري ۽ مهانگائي ملڪ جي 80 سيڪڙو غريب ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي ۽ وڏي ڳالهه ته ائٽمي هٿيار جن کي ناهڻ تي ڪربين رپيا خرچ ڪرڻ لاءِ مسڪين

Gul Hayat Institute

ماڻهن جي وات جو گرهہ بہ کسيو ويو ۽ چيو ويو تہ اهي هٿيار ملڪ جي ۽ ملڪ جي ماڻهن جي تحفظ کي يقيني ۽ ناقابل تسخير بڻائيندا تہ حڪومت خود انهن ائٽمي هٿيارن کي محفوظ بڻائڻ لاءِ انهن کي لڪائڻ جي ڪوشش ۾ پريشان آهي.

پاڪستاني رياست ۽ ان جي مستقبل جي باري ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار هڪ اهڙي شخص بہ اڄ کان 30_35 سال اڳ ۾ ڪيو هئو جڏهن اڃا مٿي بيان ڪيل ملڪي حالتون موجوده مرحلي تي ڪونہ پهتيون هيون. اهو شخص هئو سنڌ جو قومي رهنما سائين جي ايم سيد جنهن چيو (۽ لکيو) هئو تہ "هن ملڪ جو بيڙو هن ملڪ جا حڪمران پاڻ ٻوڙيندا". اها ڳالهہ هن اٽڪل چاليهہ سالن تائين حڪمرانن جي روين، ڪردار ۽ طريقہ حڪمراني جي بنيادن تي چئي هئي، اهي حڪمران جيڪي قومن جا تاريخي سياسي حق کسڻ ۽ انهن جي اقتصادي وسيلن جي ڦر لٽ ڪرڻ لاءِ "ملڪي مفادن" جو نالو وٺندا هئا ۽ پوءِ وري "ملڪي مفاد" کي ذاتي ۽ گروهي مفادن خاطر ورتو ڪندا هئا. آئين جيڪو ڪنهن بہ ملڪ جي رياستي عمارت جو بنياد هوندو آهي، ان کي شخصي حڪمرانيءَ جا شوقين پنهنجي ذاتي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ ردي ڪاغذ جي ٽڪري وانگر استعمال ڪندا رهيا آهن ۽ مذهب کي گروهي مفادن جي حاصلات لاءِ هٿڪنڊي طور استعمال ڪيو ويو آهي. هر سياسي ۽ اقتصادي مسئلي جو حل بندوق جي گوليءَ کي قرار ڏنو ويو آهي ۽ ماڻهن جي زندگي موت جي معاملن کي رياستي دهشتگرديءَ ذريعي چيپاڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. انصاف جا ايوان نا انصافين جا سڀ کان وڏا مرڪز بڻايا ويا آهن ۽ حڪومتي هائوس تفريح گاهن ۾ تبديل ڪيا ويا آهن.

تاريخ جي روشنيءَ ۾ جڏهن سيد انهن روين جو جائزو ورتو ۽ انهن طريقن جو تجزيو ڪيو تہ هن کي نظر آيو تہ حڪمران هن ملڪ کي تباهيءَ طرف وٺيو پيا وڃن ۽ جيئن سڄي دنيا ڄاڻي ٿي تہ هو جيڪا ڳالهہ جيئن سمجهندو ۽ محسوس ڪندو هئو ان جو "ڍُهل جي ڏونڪي تي" دنيا



Gul Hayat Institute

آڏو اظهار ڪندو هئو. سو جڏهن سيد پاڪستان جي ماضي ۽ حال تي نظر وجهندي ان جي مستقبل بابت اڳڪٿي ڪئي ته ملڪي حڪمران مٿس ڏمرجي پيا ۽ ڪيس غدار، ملڪ دشمن ۽ اسلام دشمن چئي قيد ڪيو ويو جنهن حالت ۾ هو زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين رهيو.

سيد جي آواز کي خاموش ڪرائڻ جون ڪوششون ڪندڙ حڪمرانن ۾ ”دنيا جي هڪ بهترين“ ڏهه لک فوج جا مهندار به هئا ته ”عالمي پائي جا ڏاها“ ليڊر به هئا، پر اهي سيد جي نشاندهي ڪيل نتيجن کي روڪي يا تبديل ڪري نه سگهيا ڇاڪاڻ ته سيد جو آواز وقت جو آواز هئو. نتيجو اهو آهي ته هن ”ملڪ جا مالڪ“ پاڻ ان جي مستقبل تي سواليه نشان هڻڻ تي مجبور آهن جڏهن ته سندن ”عالمي دوست“ هن ملڪ کي ”محفوظ“ رکڻ لاءِ پنهنجي فوجن کي تيار ڪري رهيا آهن. ۽ انهن نتيجن جو ذميوار به ڪير بيو نه پر هن ملڪ جا ”حَقيقي حڪمران“ آهن ڇاڪاڻ ته ساڻن اختلاف رکندڙن ۽ عقل، فهم فراست، جمهوريت ۽ عوام دوستيءَ جي ڳالهه ڪندڙن کي ته ”عليحدگي پسند“ ۽ ”ڪميونسٽ“ جهڙن ”خطرناڪ“ الزامن ۽ لقبن هيٺ هميشه جيل ۾ رکيو ويو يا قتل ڪيو ويو. ملڪي اقتدار جون واڳون هميشه ”محب وطن، اسلام پسندن ۽ عوام دوستن“ جي هٿن ۾ رهيون آهن. ته پوءِ لازمي طور نتيجن جا ذميوار به اهي ئي آهن ڇاڪاڻ ته ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي ته جيڪو جيترو با اختيار هوندو آهي اوترو ذميوار هوندو آهي.

سائين جڏهن ”تجربا ڪري هٿ ساڙائي“ ان نتيجي تي پهتو ته هن ملڪ جا حڪمران ”انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا“ تي چڪا آهن ۽ انهن مان ڪنهن چڱائيءَ جي اميد رکڻ اجائي آهي تڏهن هن پنهنجي سموري توجه، ڪوشش ۽ جاکوڙ جو مرڪز سنڌ کي بڻايو ۽ سنڌ جي نجات ۽ خوشحالي لاءِ ئي پنهنجون سموريون صلاحيتون ۽ سيئي وسيلا ڪتب آڻڻ شروع ڪيا، جڏهن ته سنڌ جي نجات ۽ خوشحاليءَ جو صحيح ۽ قابلِ عمل رستو سنڌ جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت کي قرار ڏنو.ان ڪانپوءِ سيد جي گفتگو تحرير ۽ تقرير هميشه به طرفي هوندي هئي. جتي هڪ طرف هو

حڪمرانن جي نڳين، بي ايمانين، بدڪارين ۽ سنڌ دشمنين جي چير ڦاڙ ڪري انهن کي واٽکو ڪندو هئو تہ ٻئي طرف سنڌي ماڻهن ۾ خاص ڪري سنڌ دوستيءَ جي دعويٰ ڪندڙن جي ڪردار بابت بہ ڳالهائيندو هئو. جتي هڪ پاسي هو هن ملڪ جي مستقبل بابت پنهنجا تجزيا ۽ رايا پيش ڪندو هئو تہ ٻئي پاسي هو پنهنجي همسفر ساٿين لاءِ پڻ پيغام ۽ نقشہ راهہ ڇڏيندو ويندو هئو. هاڻي اچو تہ پاڪستان جي رياست بابت ۽ سنڌ جي جدوجهد بابت سيد جي چيل ڳالهين جي روشنيءَ ۾ صورتحال تي نظر وجهون.

پاڪستاني رياست جي مٿي بيان ڪيل مونجهاري، غير يقيني، عدم استحڪام ۽ وڳوڙ ۽ ٽڪراءَ واري صورتحال کي ڏسندي سنڌ جي قومي تحريڪ سان واڳاپيل ڪجهہ همراهہ اهو ٿا چون تہ "سائينءَ جو خواب پورو پيو ٿئي ۽ سنڌ آزاد پئي ٿئي". ڪن همراهن تہ سنڌ جي آزاديءَ بابت تاريخ ۽ سال، مهينن جو بہ اعلان ڪري ڇڏيو. افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اهڙي سوچ باراڻي، حقيقتن کان اڻڄاڻائي ۽ خيالي پلاٽن تي ٻڌل آهي. نہ رڳو اهو پر اها سيد جي حقيقي تعليم کان پڻ ڪوهين ڏور آهي.

سنڌ جي مستقبل بابت اها سوچ حقيقتن جي ابتڙ ان ڪري آهي تہ پاڪستان جو نقصان خودبخود سنڌ جي فائدي ۾ تبديل نہ ٿيندو. پاڪستان جي اونداهي مستقبل جي معنيٰ سنڌ جو روشن مستقبل ناهي. پاڪستان جي رياستي جوڙجڪ ۾ تبديلي خودبخود سنڌ جي نجات جي ضمانت ڪانہ هوندي. پاڪستان جي بدحالي ۽ سنڌ جي خوشحالي بہ جدا شيون آهن. سنڌ جي نجات بابت اهڙو آسان حل ٻڌائيندڙ ۽ سيد جي تعليم کي رڳو منفي انداز ۾ پيش ڪندڙ ان بنيادي ۽ سولي حقيقت کان بہ اڻڄاڻ لڳن ٿا تہ جيڪا تبديلي جن قوتن جي ڪوشش سان ايندي آهي اها انهن جي ئي مفاد ۾ استعمال ٿيندي آهي. ان جو سڀ کان وڏو مثال خود پاڪستان جي رياست آهي. پاڪستان جي رياست قائم ڪرائڻ ۾ بنيادي مفاد ۽ ڪردار هتان جي فوج، جاگيردار ۽ ملان جو ۽ عالمي سامراج جو

هئو. نتيجا سڀ ڪنهن جي سامهون آهن تہ اها رياست پهرئين ڏينهن کان اڄ تائين انهن ئي قوتن جي مفادن ۾ استعمال ٿي رهي آهي. 1971ع ۾ پاڪستان جي رياستي جوڙجڪ ۾ تبديلي تہ آئي پر ان جي نتيجي ۾ سنڌ جي آزادي ۽ خوشحاليءَ جو رستو هموار ٿيڻ جي بدران سنڌ لاءِ مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ واڌارو ٿي ويو. ننڍي ڪنڊ جي سڀ کان وڏيڪ حريت پسند متحرڪ ۽ سياسي طور سجاڳ قوم بنگالي هن جبر تي ٻڌل رياست جي خلاف جدوجهد ۾ پهرين اسان جا اتحادي ۽ اڳواڻ هوندا هئا جيڪي پوءِ نہ رهيا ۽ ٻئي طرف سنڌ مان رياستي ڦرلٽ پهرين کان گهڻو وڌيڪ ٿي وئي.

تہ پوءِ ڇا ائين سمجهجي تہ سنڌ جي آزادي ۽ خوشحاليءَ بابت سائين جي ايم سيد جو نظريو غلط هئو؟ بلڪل نہ. بلڪ سائينءَ جي سوچ کي تہ هرروز ٿيندڙ واقعا ۽ هر هندَ ايندڙ تبديليون وڌيڪ صحيح ثابت ڪري رهيون آهن. تہ پوءِ فرق ڪٿي آهي؟ فرق اهو آهي تہ سيد جي تعليم کي يا تہ اڻڄاڻائيءَ جي ڪري يا مفادن خاطر اڌورو ۽ غلط نموني پيش ڪيو ٿو وڃي. جڏهن ڇيو ٿو وڃي تہ پاڪستاني ياست جون مصيبتون ۽ مشڪلاتون سيد جي خواب جي تڪميل ٿيون ڪن تہ ان مهل سائينءَ جي فڪر ۽ تعليم کي اڌورو ۽ پسمنظر ۽ پيش منظر کان ڪٽي ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي. اهو ائين ئي آهي جيئن ڪير چوي تہ قرآن ۾ لکيل آهي تہ نماز نہ پڙهو تنهن ڪري نماز نہ پڙهڻ عين اسلامي ڪم آهي. پر حقيقت اها آهي تہ قرآن ۾ "نماز نہ پڙهو" کان اڳتي بہ ڪجهہ لکيل آهي ۽ اهو ئي اسلام جي مقدس ڪتاب جي پيغام جي مفهوم کي مڪمل ڪري ٿو. يعني نماز نہ پڙهو جڏهن توهان ناپاڪائيءَ جي صورت ۾ هجو. سو سيد جڏهن بہ ڇيو ۽ لکيو تہ هن ملڪ جو ٻيڙو هن ملڪ جا حڪمران پار ڊبوڙيندا تڏهن هو ٻيو بہ ڪجهہ چوندو هئو جنهن جو رخ سندس همسفر ساٿين ڏانهن هوندو هئو. سو سيد جو مڪمل پيغام سنڌ جي نوجوان نسل لاءِ اهو هوندو هئو تہ "هن ملڪ جو ٻيڙو هن ملڪ جا حڪمران پار ڊبوڙيندا، توهان پاڻ ۾ اهليت پيدا ڪيو ۽ پاڻ کي تيار ڪيو جو اهڙي وقت ۾ سنڌ کي سنڀالڻ جي لائق ٿي سگهو". ۽ اهليت مان سندس مراد هوندي

Gul Hayat Institute

هئي، علم، ڄاڻ، عمل صالح، ڪردار جي پختگي ۽ قربانيءَ جو جذبو.

هاڻي ڏٺو وڃي ته ڪيترن ماڻهن سنڌ ۾ سيد جو نالو وٺي اهي ڪم ڪيا آهن جيڪي سنڌ جي مفاد ۽ سيد جي پيغام جي ابتڙ آهن. سيد پنهنجي سموري جدوجهد علم ۽ عقل جي زور تي ۽ قلم ۽ ڪتاب جي ذريعي هلائي، پر هتي ته ڪتاب ساڙيا ويا، قلم ڪٽڻ جي ڳالهه ڪندڙن کي ڀيڙيا ويا يا انهن کان قلم کسي انهن کي بندوق کڻڻ تي مجبور ڪيو ويو. علم ۽ ڄاڻ ڏيندڙ استادن جي تذليل ڪئي وئي ۽ علم، عقل ۽ اخلاق جو سبق حاصل ڪندڙ شاگردن کي بزدل ۽ سنڌ مخالف چئي ننديو ويو. دنيا ۾ جيڪي به عظيم انسان ٿي گذريا آهن پوءِ اهي پيغمبر هجن، مصلح هجن يا انقلابي هجن، انهن دنيا کي هڪ پيغام، پروگرام ۽ منشور ڏيڻ سان گڏ دنيا آڏو عملي ڪردار جو هڪڙو مثال به پيش ڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته هھڙي پروگرام تي هھڙي ڪردار ذريعي ئي عمل ڪري سگهجي ٿو ۽ ان جي مقصدن کي حاصل ڪري سگهجي ٿو. جي ايم سيد بيشڪ سنڌ جو هڪ عظيم سپوت هئو سو هن به سنڌ جي نجات ۽ سنڌي ماڻهن جي خوشحاليءَ جو پيغام ڏيڻ سان گڏ ان تي عمل خاطر هڪ اعليٰ انساني ڪردار جو نمونو به پيش ڪيو. پر نهايت افسوس جي ڳالهه آهي ته ان معصوم انسان جو نالو وٺي هتي اخلاق ۽ ڪردار جو ڏيوالو ڪڍيو ويو. الٽو هتي ته جهالت کي بهادريءَ جو نالو ڏنو ويو. مفادپرستيءَ کي قومپرستي ڪوٺيو ويو ۽ لباڙبازي ۽ لفاظيءَ کي علم ۽ عقل جو متبادل ڪري پيش ڪيو ويو.

جتي سيد جي ڪچهرين ۾ مذهب، فلسفي، سائنس، فن، موسيقي، تاريخ، جاگرافي، جيالاجي، شاعري، تهذيب، ڪلچر ۽ ٻين علمن جا موتي پکيڙيا ويندا هئا اتي سندس نالي ۾ منعقد ڪيل ميڙاڪن ۾ ڀنگ، آفيم، شراب ۽ چرس جا چرچا ٿيڻ لڳا. جتي علامه آءِ آءِ قاضي، اي ڪي بروهي، قاضي فيض محمد، حيدربخش جتوئي، حسام الدين راشدي، شيخ اياز، تنوير عباسي، نياز همايوني، محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، سوڀي گيانچنداڻي ۽ نور الدين سرڪيءَ جهڙا علم ۽ ڄاڻ جا ڀنڊار ماڻهو سيد جي محفلن جا مور هوندا هئا، اتي سندس پاڇي ۾ مچايل ميڙن ۾ سماج جا اٽوٽندڙ ماڻهو گڏ ڪيا ويندا رهيا ۽ "انقلاب خاطر سڀ

ڪجهہ جائز آهي“ جي نعري جي آڙ ۾ چوري، ڦرلٽ، اغوا ۽ قبضي گيريءَ کي جائز قرار ڏنو ويو.

ڏاهن ماڻهن جو چوڻ آهي، جن ۾ جي ايم سيد به شامل آهي، ته نيڪ مقصد رڳو نيڪ طريقن سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. هاڻي سنڌي قوم جي آزادي، خودمختياري ۽ خوشحاليءَ جهڙي سيد جي ٻڌايل عظيم ۽ مقدس مقصد کي اهڙي ڪردار، اهڙن عملن ۽ اهڙن طريقن سان ڪيئن ٿو حاصل ڪري سگهجي جيڪي نه رڳو سيد جي ٻڌايل رستن ۽ ڏيکاريل عملي زندگيءَ کان قطعي مختلف هجن پر ان جي، تعليم جي بلڪل ابتڙ هجن. اهو ئي سبب آهي جو اج اسان ڏسون ٿا ۽ دنيا چوي پئي ته هن ملڪ جا حڪمران هن رياست کي ان رستي تي وٺيو پيا وڃن جنهن جي سيد اڳڪٿي ڪئي هئي. پر سيد طرفان سنڌ جي مستقبل لاءِ متعين ڪيل منزل اڃا ويجهي به نظر ڪانه ٿي اچي. جن ماڻهن سيد جي اهليت پيدا ڪرڻ ۽ تياري ڪرڻ واري درس کي نظر انداز ڪيو اهي پاڪستان جي مصيبتن کي سنڌ جون ڀلايون قرار ڏئي هنيوڇيون هڻي رهيا آهن. پر سيد جا صحيح شاگرد ۽ پڙهيا سمورا سنجيده ۽ سنڌ دوست ماڻهو ان امڪان بابت پريشانيءَ واري صورتحال ۾ سوچي رهيا آهن ته جيڪڏهن اسان جي اهليت ۽ تياري کان سواءِ ڪن عالمي قوتن جي مرضي ۽ مفاد مطابق هتي ڪا تبديلي اچي ٿي ته ان صورت ۾ سنڌي قوم جو ڇا ٿيندو.

هونءَ به ٿوري سوچ وارو ماڻهو به ٻڌائي سگهي ٿو ته پاڪستان جي رياست ان انجام کي ان ڪري پهتي آهي جو ان جا ”والي وارث“ سڏائيندڙن جو ڪردار ۽ انهن جا افعال صحيح ناهن. پوءِ جيڪڏهن اسان جا افعال ۽ اسانجو ڪردار صحيح نه هوندو ته فطرت جي قانون مطابق اسان جو انجام ڪيئن انهن کان مختلف ٿيندو. تنهن ڪري اچو ته اج وري نئين سر سيد جي سبق کي ياد ڪريون ۽ پنهنجي اهليت ۽ ڪردار وسيلي پاڻ کي سنڌ سنڀالڻ جي لائق بڻايون.

(عوامي آواز/سوپ: 17 جنوري 2008)



Gul Hayat Institute

# جي. ايم سيد جو فڪر
# ۽ پاڪستاني رياست جا بحران

جي. ايم سيد پاڪستان جي تاريخ جي سڀ کان وڌيڪ متنازع شخصيت رهيو آهي. پر پوءِ اها به حقيقت آهي ته انساني تاريخ جا سڀ وڏا ۽ غيرمعمولي ماڻهو متنازع رهيا آهن. انهن ۾ پيغمبر، فلسفي، سياستدان، سائنسدان، مدبر ۽ انقلابي سڀ شامل آهن. حضرت نوح کان حضرت محمد تائين، گئليلو کان آئنسٽائن تائين، مارڪس کان چي گويرا تائين ۽ محمد علي جناح کان مولانا آزاد تائين سڀ پنهنجي پنهنجي وقت ۾ متنازع رهيا. انهن سڀني جي متنازع هجڻ جو سڀ کان وڏو سبب اهو هئو ته انهن روايتي ڳالهين ۽ مروج قدرن کي چئلينج ڪيو ۽ نيون ڳالهيون ڪيون، اهڙيون ڳالهيون جيڪي ايندڙ وقت لاءِ هيون ۽ ايندڙ وقت انهن جي ڳالهين کي درست به ثابت ڪيو پر انهن جي پنهنجي وقت جي ڪيترن ماڻهن انهن سان نه رڳو اختلاف ڪيو پر اعتراض ڪيا، انهن جي خلاف فتوائون جاري ڪيون، انهن کي سزائون ڏنيون ۽ انهن کي ڪافر ۽ سماج دشمن جهڙا لقب ڏنا ويا. اها جدا ڳالهه آهي ته فتوائون جاري ڪندڙن ۽ سزائون ڏيندڙن مان ڪيترن بعد ۾ سچائيءَ کي تسليم به ڪيو ۽ ڪن ته معافيون به ورتيون، ليڪن جيڪو نقصان (انساني سماج کي) ٿيڻو هئو سو ته ٿي چڪو. جيئن گئليلو کي زمين جي سج جي

ڇوڏاري ڦرڻ واري ڳالهہ ڪرڻ تان چرچ ڪافر قرار ڏئي موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي پر پوءِ اٽڪل پنج سئو سال گذرڻ ڪانپوءِ چرچ گئليلو جي سچائيءَ کي تسليم ڪندي ان کان معافي ورتي. اهڙي ئي صورتحال جي پسمنظر ۾ جارج برنارڊ شا چيو تہ” دنيا جون سموريون سچايون پهرين ڪفر (Blasphemy) طور شروع ٿينديون آهن“.

جي ايم سيد پاڪستان کان پهرين پنهنجي زندگيءَ ۾ ۽ پنهنجي سياست ۾ جيڪي تجربا ڪيا ۽ انهن مان هن جيڪي نتيجا حاصل ڪيا ۽ سبق سکيا انهن جي روشنيءَ ۾ هن نئين قائم ٿيندڙ ملڪ کي هلائڻ لاءِ هڪ خاص نقطہ نگاهہ (Vision) ڏنو جنهن لاءِ هو پاڻ ئي چوندو هئو تہ ”مان تجربا ڪري ۽ هٿ ساڙائي انهن نتيجن تي پهتو آهيان“. تاريخي عمل کي ورجائيندي هن جي چيل ڳالهين کي ۽ هن جي ڏنل فڪر کي ڪفر ۽ ملڪ دشمن قرارڏئي سنڌس خلاف هڪ زبردست قسم جو طوفانِ بدتميزي اٿاريو ويو. ان عمل ۾ حسبِ روايت رياست تہ پيش پيش هئي پر هن ملڪ جي ،”دانشورن“ ۽ ”ترقي پسندن“ جي هڪ وڏي حصي بہ وسان ڪين گهٽايو.

پاڪستان جي 60 سالن جي دوران جيڪو ڪجهہ ٿيو ۽ جيڪي نتيجا سامهون آيا ۽ اڄ هي ملڪ جن بحرانن مان گذري رهيو آهي انهن جي پسمنظر ۾ معقوليت جي تقاضا آهي تہ جي ايم سيد جي خيالن ۽ ان جي ڪردار تي نئين سر نظر وڌي وڃي ۽ تجزيو ڪيو وڃي تہ انهن جي اڄ جي حالتن سان ڪيتري مناسبت آهي.

جي ايم سيد جي شخصيت سان لاڳاپيل سڀ کان وڏو مسئلو پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومن جي سڃاڻپ ۽ خودمختياريءَ جو رهيو آهي. 1940ع جي قراردادِ لاهور جنهن ۾ چيو ويو تہ (ملڪ کي) ناهيندڙ اڪائيون آزاد ۽ خودمختيار هونديون، ان کان وٺي پنهنجي زندگيءَ جي آخري دم تائين اهو ئي سنڌس زندگي ۽ سنڌس سياست جو مرڪزي نقطو رهيو. جنهن جي پاداش ۾ کيس زندگيءَ جا اٽڪل 29 سال جيل ۽ نظربنديءَ ۾ گذارڻا پيا. قيدوبند جو اهو ڏکوسلسلو محمد علي جناح کان



Gul Hayat Institute

وٽي بينظير ڀٽو تائين جاري رهيو. ايستائين جو 92 سالن جي عمر ۾ 1995ع ۾ سنڌس انتقال ٿيو تہ ان وقت بہ سنڌس اسپتال واري ڪمري جي ٻاهران پوليس وارا بندوقون سڌيون ڪيو بيٺا هئا. چاڪاڻ تہ ان وقت بہ هو نظربند هئو.

هاڻي ڏٺو وڃي تہ پاڪستان جي اندر پيدا ٿيندڙ تقريباً سمورن بحرانن جي پويان قومي اڪائين جي وجود، شناخت ۽ خودمختياريءَ جو مسئلو ئي ڪار فرما رهيو آهي. ملڪ جي تاريخ جي پهرين فوجي چڙهائي جناح صاحب جي وقت ۾ ئي ٿي، جڏهن بلوچستان (قلات) جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ختم ڪري ان کي زبردستي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويو. ان وقت کان وٺي اڄ تائين بلوچستان جا ماڻهو ۽ پاڪستان جي رياست هڪٻئي جي آمهون سامهون آهن ۽ هر گذرندڙ ڏينهن سان گڏ انهن جي وچ ۾ عدم اعتماد ۽ فاصلا وڌندا ئي رهن ٿا. ايوب خان، ذوالفقار علي ڀٽي ۽ پرويز مشرف جي صورت ۾ هڪ جي پويان ٻئي حڪمران انهن تي فوج ڪشي ڪئي. نتيجي ۾ بلوچستان جي حوالي سان پاڪستان لڳاتار بحرانن جو شڪار آهي ۽ مسئلو؟ مسئلو بلوچستان جي سياسي ۽ اقتصادي خودمختياري۔ پاڪستان جي تاريخ جو سڀ کان وڏو بحران 1971ع ۾ آيو جڏهن پاڪستان جي اندر پنهنجي سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي حقن جي حاصلات کان مايوس ٿي بنگالين آزاديءَ جي راهہ ورتي ۽ حڪومت فوج ڪشي ڪئي. نتيجي ۾ مشرقي پاڪستان بنگلہ ديش بڻجي ويو. هڪ ٻيو تمام وڏو مسئلو ون يونٽ جو قيام هئو جنهن جي ذريعي قومي وحدتن جي وجود کي ئي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان سان پيدا ٿيندڙ بحران 15 سالن تائين سڄي ملڪ تي ڇانيل رهيو. جيستائين ون يونٽ ٽوڙي اصلي قومي وحدتون بحال نہ ڪيون ويون.

سنڌ جي قومي، سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي حقن جي جدوجهد بہ پاڪستان جي پهرئين ڏينهن کان شروع ٿي ۽ اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. مختلف مرحلن ۾ ان جدوجهد جا مسئلا ۽ حدف مختلف ضرور رهيا آهن

Gul Hayat Institute

ڪراچيءَ جي علَيحدگي، سنڌي زبان جو مسئلو ون يونٽ، قدرتي وسلين جي مالڪي، ڏارين ماڻهن جي آبادڪاري ۽ 1973ع جو آئين جنهن ۾ سنڌ جي ڦرلٽ ۽ استحصال کي قانوني شڪل ۾ آئيني تحفظ ڏنو ويو!

انهن سڀني مسئلن ۽ مرحلن ۾ جي ايم سيد هڪ طرف هئو ۽ پاڪستان جا حڪمران ۽ ٻيا "وفادار" ٻئي طرف. سيد جو نقطہ نگاهہ هئو تہ پاڪستان مختلف قومن جو رضاڪارانہ مجموعو هئو تنهن ڪري رضاڪارانہ طريقي سان ئي اهي قومون گڏ هلي سگهن ٿيون ۽ اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن اهي مڪمل طور تي آزاد (Sovereigns) ۽ خودمختيار (Autonomous) هجن. ٻئي پاسي حڪمرانن جو چوڻ هئو تہ هڪ الله، هڪ رسول، هڪ پاڪستان، ڪائي عليحده شناخت نہ هلندي، مضبوط مرڪز سان ئي ملڪ متحد رهندو ۽ اهو مقصد صرف بندوق جي طاقت سان حاصل ٿيندو. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ حالتون، واقعا ۽ نتيجا ڇا ٿا ٻڌائين.

1970ع ۾ جڏهن عوامي ليگ جڳ مشهور ڇهن نڪتن جي بنياد تي رياست جي نئين سر تشڪيل ڪرڻ تي چاهيو تہ جي ايم سيد ان جو اتحادي هئو جڏهن تہ حڪمران ۽ "مغربي پاڪستان" جا اڪثر سياستدان، صحافي ۽ دانشور بنگالين کي غدار قرار ڏئي رهيا هئا. ليڪن بنگلہ ديش جي ٺهڻ کان 25 سال پوءِ پاڪستان جي طاقتور حڪمران طور نواز شريف ڍاڪا ۾ بنگالين کان معافي ورتي ۽ تسليم ڪيو تہ 1971ع جي فوجي ڪارروائي غلطي هئي، جڏهن تہ پاڪستان جا "وفادار" دانشور، صحافي ۽ ليکڪ هاڻي اهو چوندي ٻڌجن ٿا تہ جيڪڏهن عوامي ليگ کي اقتدار ڏنو وڃي ها تہ ملڪ جون اهي حالتون نہ ٿين ها.

جڏهن 1973ع جو آئين ٺاهيو ويو ۽ ان کي "متفقہ" چئي جشن ملهايا پيا وڃن تہ سيد ۽ ان جي جماعت جيئي سنڌ محاذ ان کي قاتل آئين قرار ڏنو ۽ ان جي خلاف ڀرپور آواز بلند ڪيو. جنهن جي پاداش ۾ کيس ملڪ دشمن قرار ڏئي قيد ڪيو ويو ۽ اهو قيد حڪمرانن جي تبديليءَ جي باوجود (مختصر وقفن کي ڇڏي) 1995ع ۾ سندس موت تائين جاري رهيو.



Gul Hayat Institute

ليڪن اڄ ان آئين جا سڀ ڪان وڏا چيمپئن بہ جي ايم سيد جي موقف کي تسليم ڪرڻ تي مجبور آهن. تازو جڏهن سنڌ جي قدرتي وسيلن جي نيلامي ۽ سنڌ ۾ ناجائز آبادين کي مستقل ڪرڻ واري حڪومت جي اعلان جي خلاف سنڌ جي عوام احتجاج ڪيو تہ سنڌ ۾ قائم پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت جو موقف سامهون آيو تہ احتجاج ڪندڙن جي خدشن ۾ وزن آهي پر اسان ان ڏس ۾ ڪو قدم کڻڻ کان ان ڪري لاچار آهيون جو 1973ع وارو آئين اسان کي ائين ڪرڻ کان روڪي ٿو. ان مان ثابت ٿيو تہ جيڪا ڳالهہ جي ايم سيد 35 سال اڳ ۾ ڪئي هئي ان جا مخالف وقت ۽ حالتن جي جبر سان اڄ اها ڳالهہ مڃڻ تي مجبور آهن.

جي ايم سيد جو نقطہ نگاهہ هئو تہ پاڪستان هڪ گھڻ قومي ملڪ آهي، جنهن ۾ پنجاب حاڪم آهي ۽ ٻيون قومون محڪوم. پيپلزپارٽيءَ سميت پاڪستاني قوميت جا حامي چوندا رهيا تہ هتي صرف هڪڙي قوم پاڪستاني آهي، زياده قومن جي ڳالهہ ڪندڙ ۽ پنجابَ تي بالادستيءَ جا الزام هڻندڙ ملڪ دشمن آهن. ايتري تائين جو ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ هڪڙو قانون ٺاهيو ويو جنهن مطابق پاڪستاني کان علاوه ڪنهن ٻيءَ قوم جو ذڪر ڪرڻ قابلِ سزا ڏوهہ قرار ڏنو ويو. پر پوءِ اڳتي هلي جڏهن پيپلزپارٽيءَ کي اقتدار کان محروم ڪيو ويو تہ ان جي ليڊر بينظير ڀٽو جو موقف سامهون آيو تہ سنڌ کي ڪالونيءَ وانگر هلايو پيو وڃي. ان دور ۾ ڪيس لاهور ۽ لاڙڪاڻي جي وزير اعظم جي حيثيت ۾ فرق جي خبر بہ پئي. ٻئي طرف هڪ مسلم قوميت جي ڳالهہ ڪندڙ ۽ زمين جي حوالي سان قوميت جي ڳالهہ ڪرڻ تي جي ايم سيد کي ڪافر چوندڙ جماعت اسلامي بہ اڄ سنڌ ۾ سنڌين جي حقن جي ڳالهہ ڪندي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

انساني سماج جو هڪ ٻيو مسئلو جنهن تي جي ايم سيد جو نقطہ نگاهہ مختلف، منفرد ۽ متنازعہ رهيو اهو آهي سيڪيولرزم يعني رياست ۽ مذهب جي تعلق جو مسئلو. مذهب جي نالي تي قائم ٿيندڙ پاڪستان جي رياست لاءِ چيو ويو تہ اها اسلام ۽ مسلمانن لاءِ ٺاهي وئي آهي. قراردادِ

مقاصد ذريعي مذهب کي ملڪي آئين جو بنياد بڻايو ويو ۽ اسلام کي رياست جو سرڪاري مذهب قرار ڏنو ويو. مذهب جي نالي تي قائم رياست ۾ مذهب جي استعمال کي چئلينج ڪرڻ ڪيڏو نہ مشڪل ڪم هجي ٿو. ليڪن جي ايم سيد اهو ڪم وڏي واڪ ڪيو. هن چيو تہ رياست جو ڪو بہ مذهب ناهي ٿيندو مذهب هر انسان جو ذاتي معاملو آهي ۽ رياستي معاملن ۾ مذهب جو استعمال، تفريق، تنازعن ۽ تصادم کي جنم ڏيندو. ان تي رياستي ادارن ۽ ڪيترن ئي سياستدانن، دانشورن ۽ ليکڪن طرفان کيس ڪافر قرار ڏنو ويو جڏهن تہ ملڪ جي شهرن، ڳوٺن، روڊن رستن ۽ جڳهن ميدانن کي مشرف بہ اسلام ڪيو ويو. اڄ مذهب جي حوالي سان پاڪستاني رياست ۽ پاڪستاني سماج جي جيڪا صورتحال وڃي بيٺي آهي ان لاءِ ان کان وڌيڪ ڇا چئجي تہ مسلمانن لاءِ امن ۽ سلامتيءَ جي جاءِ قرار ڏنل مسجدن اندر هڪ ڏڪ ۾ سوين ماڻهو قتل ڪيا ٿا وڃن. اها صورتحال باشعور انسان دوست ماڻهن کي دعوت تي ڏئي تہ اهي جنونيت ۾ ورتل هن ملڪ ۾ سيد جي عقل، دليل ۽ فهم و فراست تي ٻڌل ان آواز کي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪن.

هونءَ تہ سيڪيولرزم لاءِ سيد جي هڪ ڊگهي ۽ وسيع جدوجهد آهي ۽ سنڌي سماج جيڪو مذهبي منافرت کان نسبتاً آجو آهي تہ ان ۾ بہ سنڌ جي تاريخي ڪلچرل روايتن سان گڏ جي ايم سيد جي رول جو بہ حصو آهي. خاص ڪري سندس ڪتاب "جيئن ڏٺو آه مون" وڏي اهميت وارو آهي. ليڪن هتي مثال پيش ڪرڻ لاءِ صرف ان تقرير جا ڪجهہ ٽڪرا پيش ڪريون ٿا جيڪا سيد 1952ع ۾ منعقد ٿيندڙ عالمي امن ڪانفرنس ۾ پاڪستاني وفد جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ ڪئي هئي. "....
جن اصولن جي بنياد تي پاڪستان ٺاهيو ويو هئو ۽ اهي اصول جن تي مسلمانن جي عليحده قوم وارو فيصلو ٻڌل هئو ۽ ان سان گڏ قراردادِ مقاصد جا لفظ ۽ روح انهن سڀني ملي ڪري لازمي طور تي مسلم ليگ جي اندر ۽ ان کان ٻاهر ماڻهن جا اهڙا گروهہ پيدا ڪيا آهن جيڪي صاحبِ اقتدار ماڻهن تي اهڙيون پاليسيون اختيار ڪرڻ لاءِ زور ڀري رهيا آهن، جن جو

Gul Hayat Institute

لازمي نتيجو هڪ بنياد پرست رياست (Theocratic state) ۽ يارت سان جنگ جي صورت ۾ نڪرندو“. ”جيڪي ماڻهو مذهب جي نالي مان فائدو ٿا وٺن انهن مان اڪثر جو خيال آهي تہ اسان کي قانون ۽ انصاف جا رومن ۽ انگريزي طريقا ترڪ ڪري انهن جي جاءِ تي قانون جو هڪ پراڻو ۽ دقيانوسي سسٽم رائج ڪرڻ کپي، جنهن مطابق چورن جا هٿ ڪٽيا ويندا، زانين کي سنگسار ڪيو ويندو ۽ مذهبي معاملن ۾ اختلاف رکندڙن کي قتل ڪيو ويندو. حڪومت جي واڳ (نام نهاد) الله جي بندن، ملن جي هٿ ۾ هوندي ۽ ان (حڪومت) کي مذهبي ڪتابن جي تشريح تي هلايو ويندو. جمهوريت ۽ راءِ جي آزاديءَ لاءِ ڪا جڳهہ ڪانہ هوندي. مذهب جي باري ۾ انهن جي تشريح جي مطابق اڳ ۾ ئي زمينداري ۽ قومي دولت جي غير مساوي تقسيم ۽ طبقاتي فرق کي جائز قرار ڏيئي چڪا آهن. اهي چاهين ٿا تہ موجوده سموريون عدالتون ختم ڪيون وڃن ۽ خصوصي عدالتن جي ذريعي انصاف مهيا ڪيو وڃي. بئنڪن کي ختم ڪيو ويندو اسلام جي بالادستي ۽ دنيا جي قيادت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اهي ”جهاد“ جي حمايت ڪندا ۽ مسلمانن کي هڪ شاونسٽ قسم جي معاشري ۾ تبديل ڪيو ويندو“. ”.... اسان ڄاڻون ٿا تہ بين الاقوامي سطح تي اهڙيون قوتون بہ آهن، جيڪي مسلمانن ۽ مسلم ملڪن کي هڪ اهڙي آئنده جنگ ۾ هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن جيڪا انهن جي خيال ۾ نہ رڳو اٽٽر آهي پر انهن جي سامراجي مقصدن کي ڪاميابيءَ لاءِ شايد ضروري پڻ“.

”جناب چيئرمين،هن ڪانفرنس جو مقصد دنيا ۾ امن جي قيام کي هٿي ڏيڻ آهي ۽ مان هن ڪانفرنس جي عيوضين کي عام طور ۽ برطانيا و آمريڪا جي عيوضين کي خاص طور هيءَ ڳالهہ چوندس تہ مسلمان ملڪن کي انهن جي نام نهاد مذهبي عقيدن جي بنياد تي گڏ ڪرڻ واريون برطانوي ۽ آمريڪي حڪومتن جون ڪوششون خطرناڪ امڪانن سان ڀريل آهن. انهن کي معلوم هجڻ کپي تہ انهن طاقتن جي سرپرستيءَ جي ڪري ئي مذهبي تعصب، انتهاپسندي ۽ فاشٽ رجحانن

Gul Hayat Institute

ڪي مدد ۽ تقويت ملي رهي آهي“. ”.... مان هن ڪانفرنس ۾ شريڪ سمورن عيوضين کي گذارش ڪندس تہ مذهب جي نالي تي جمع ٿيندڙ اونده جي قوتن جي خلاف سينہ سپر ٿيڻ ۾ اسان جي مدد ڪن“.

هڪ طرف جي ايم سيد جون اهي سوچون ۽ ڪاوشون هيون ۽ ٻئي طرف مرڪزيت پسند اقتداري قوتون جيڪي اسلام جي نالي کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيون هيون. فوج ۽ مذهبي جماعتون تہ پنهنجي جاءِ تي پر غيرمذهبي ۽ سياسي شڪل رکندڙ پارٽين ۽ ليڊرن جو ڪردار بہ ڪو گهڻو مختلف نہ رهيو آهي. اهڙي هڪ ليڊر تہ سوشلزم کي بہ اسلامي بڻائي ڇڏيو ۽ مذهبي انتها پسندن کي خوش ڪرڻ خاطر شهرين جي مذهب بابت فيصلي جو اختيار رياست کي ڏياري ڇڏيو، جڏهن تہ ٻئي وري شريعت جو نظام نافذ ڪري اميرالمومنين بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٽين وري طالبان کي منظم ٿيڻ ۾ مدد ڪئي.

اهڙين پاليسين ۽ اهڙي ڪردار جا اڄ جيڪي نتيجا نڪتا آهن سي سڀ ڪنهن جي سامهون آهن. انهن تي ڪنهن ڊگهي بحث جي ضرورت ڪانهي. آمريڪي ۽ برطانوي حڪومتن طرفان پنهنجي سامراجي مقصدن خاطر مذهب جو استعمال ۽ مذهبي انتهاپسنديءَ کي منظم ڪرڻ ۽ هتان جي ليڊرن پاران اقتدار خاطر سياسي موقعي پرستيءَ ڪندي مذهبي قوتن کي راضي رکڻ (Appeasement) واري پاليسي اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ نہ رڳو پاڪستان پر هي پورو خطو مذهبي انتهاپسنديءَ جي لپيٽ ۾ آهي، جنهن جي نشاندهي ۽ اڳڪٿي جي ايم سيد اڌ صدي اڳ ۾ ڪئي هئي. اڄ پاڪستان جي رياست ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻهو جيڪي مذهبي انتهاپسنديءَ کي سماج لاءِ، جمهوريت لاءِ ۽ ترقيءَ لاءِ خطرو قرار ڏئي رهيا آهن انهن کي کپي تہ پهرين اهي جي ايم سيد سان ڪيل ورتاءَ تي ان کان معافي وٺن، جيئن گئليليو سان ڪيل سلوڪ تي چرچ ان کان معافي ورتي.

(انفيئر: 15 جنوري 2009)

## سنڌ جي قومي تحريڪ
## ۽ سيد جو نظرياتي ورثو

**گذريل** ڇئن ڏهاڪن کان جيئي سنڌ جو اصطلاح سنڌ جي سياست ۽ سياسي افق جو سڀ کان نمايان نظارو ۽ مرڪزي نقطو رهيو آهي. اهڙي وزن بحر وارا ٻيا اصطلاح ۽ نعرا بہ ان عرصي دوران ميدان ۾ آيا آهن يا آندا ويا آهن پر اهي سڀ وجود ۾ جيئي سنڌ جي حوالي سان آيا آهن، اڪثر ڪري جيئي سنڌ جي سوچ ۽ قوت کي ڪمزور ڪرڻ خاطر. هڪ شعر کان شروع ٿي هڪ نعري جي شڪل اختيار ڪندي هڪ سياسي پروگرام ۽ ان پروگرام جي حاصلات لاءِ سياسي جدوجهد جي علامت بڻجندڙ ان اصلطاح جي ڪهاڻي تمام ڏکي ۽ گهڻ رخي آهي. مختصر ۾ ائين چئجي تہ هڪ طرف جيئي سنڌ، سنڌ جي تمام وڏي آباديءَ لاءِ اميد ۽ اتساهہ جو سبب آهي تہ ٻيئي طرف رياست جي جوڙيل طلسماتي ڪاڪ محل کي سڀ کان وڏو نظرياتي چئلينج. انهن ٻن انتهائن جي وچ ۾ ڪيترائي رخ ۽ رويا آهن. جيڪي پاڻ ۾ مثبت ۽ منفي مواد رکن ٿا ۽ جن جو جائزو وٺڻ وقت جي ضرورت آهي.

ڪافي وقت کان اها ضرورت محسوس ڪئي پئي ويئي تہ چاليهن سالن کان ادا ڪيل ڪردار جي بنياد تي سنڌ جي قومي تحريڪ جو تفصيلي ۽ تنقيدي جائزو ورتو وڃي ۽ جيئن تہ قومي تحريڪ جو وڏو حصو انهن گروپن/ڌرين تي ٻڌل آهي، جيڪي جيئي سنڌ جي نالي سان

Gul Hayat Institute

ڪم ڪن ٿا تنهن ڪري يقيني طور تي انهن تي گفتگو ڪرڻ جي ضرورت سڀ کان وڌيڪ ۽ سڀ کان اڳ ۾ آهي. حقيقت اها ٻه آهي ته گذريل ڪجھ سالن کان اهڙي قسم جي گفتگو بحث ۽ ڇنڊڇاڻ ٿيندي به رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ جيئي سنڌ جي نالي ۽ نعري هيٺ ڪم ڪندڙ هڪ ڌر جيئي سنڌ محاذ پنهنجي جهنڊي سياسي اصطلاحن ۽ حڪمت عملين ۾ تبديليون، واڌارو ۽ وضاحتون ڪيون آهن.

ٻين قومپرست ۽ ترقي پسند پارٽين پارٽين وانگر جيئي سنڌ ۾ به ڀڃ ڊاهه ٿيندي رهي آهي. خاص ڪري 1995ع ۾ سائين جي_ايم سيد جي وفات کانپوءِ اهو عمل تيز ٿي ويو آهي. هڪڙا گروپ گڏبا آهن ته وري ڀيا ٽٽندا آهن. جي ايم سيد جي نالي ۾ ماڻهو گڏ ٿيندا آهن ۽ وري جي_ايم سيد جي فڪر جي خاطر الڳ گروپ ٺاهيندا آهن. اٿين ٿي تازو سائينءَ جي فرزند سيد امير حيدر طرفان اعلان ڪيو ويو ته سيد جي فڪر سان لاڳاپيل مختلف گروپن کي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ ان مقصد خاطر هڪ اجلاس به سڏايو اٿس (6 نومبر 2010ع تي، ان گهرايل ان اجلاس کي بنا ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي ملتوي ڪيو ويو). ان اعلان جي حوالي سان قومي تحريڪ بابت عمومي طور ۽ جيئي سنڌ جي صورتحال بابت خصوصي طور ميڊيا ۾ هڪ بحث شروع ٿي ويو آهي. اهڙين لکڻين ۾ هڪڙو مضمون جيئي سنڌ قومي محاذ جي هڪ اڳواڻ ڊاڪٽر مير عالم مريءَ جو به آهي، جيڪو هن هڪ ”نظرياتي ڪارڪن“ جي حيثيت ۾ لکيو آهي.

جيئي سنڌ جي اندران ۽ ٻاهران ان تي بحث ڪرڻ ۽ ان جو تجزيو ڪرڻ هڪ صحتمند رويو آهي، جيڪو جاري رکڻ کپي، پر بحث کي ڪارگر ۽ بامقصد بڻائڻ لاءِ تجزيي ۽ طريقهءِ ڪار جي پوئواري ڪئي وڃي. سياست به سائنس آهي ۽ سائنس ۾ ڪنهن مسئلي جي حل ڳولهڻ واري عمل کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي. هڪ بنيادي معلومات، ٻيو تجزيو ۽ ٽيون نتيجو. هاڻي ڪنهن به مسئلي جو صحيح تجزيو ڪرڻ ۽ درست نتيجو اخذ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ڊيٽا يعني بنيادي معلومات

Gul Hayat Institute

حقيقي ۾ 100 سيڪڙو درست هجي جنهن کان ڪير به انڪار نه ڪري سگهي.

بنيادي معلومات جي خاني ۾ مير عالم مري جي اها ڳالهه بلڪل درست آهي ته "دراصل سنڌ ۾ قومپرست جدوجهد جو باني ۽ وڏو حوالو خود سائين جي ايم سيد جو فڪر، شخصيت ۽ جدوجهد آهي". پر ان کان اڳتي ٻي معلومات جيڪا سائينءَ طرفان آزاد، خودمختيار ۽ سيڪيولر سنڌ خاطر جدوجهد جوپهريون ڏاڪو هئي، ان جو ليکڪ ذڪر ئي نه ڪيو آهي. اها پوليٽيڪل سائنس جي ابتدائي ڄاڻ آهي جيڪا هر سياسي ۽ صحافتي ڪارڪن کي هجڻ گهرجي ته سياسي پروگرام جي حاصلات هڪ سياسي جماعت ذريعي ئي ٿي سگهي ٿي. سو سائين جي ايم سيد بنگلاديش جي آزاديءَ کانپوءِ جڏهن سنڌ جي آزاديءَ جو سياسي پروگرام ڏنو ته ان جي حاصلات لاءِ هڪ سياسي جماعت ٺاهي، جنهن جو نالو رکيو ويو جيئي سنڌ محاذ. اها سائينءَ جي ڊگهي سياسي سفر جي آخري پارٽي هئي جيڪا هن پاڻ ٺاهي هئي ۽ پنهنجي باقي سڄي عمر ان جماعت جي واڌ ويجهه لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. 18 جون 1972ع تي حيدر منزل تي وجود وٺندڙ ان جماعت جو صدر سائين پاڻ ٿيو جڏهن ته سندس جهونو ساٿي رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو. سائينءَ جي لڳاتار جيل ۽ نظربندي سبب ۽ رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙيءَ جي ڪمزور جسماني صحت جي ڪري جيئي سنڌ محاذ تنظيمي طور ڪا وڏي اڳڀرائي نه ڪري سگهيو ته 1977ع جي آخر ۾ سائين پنهنجي جدوجهد جي متحرڪ ساٿين جي هڪ گڏجاڻي سن ۾ ڪوٺائي، جنهن ۾ جيئي سنڌ محاذ کي نئين سر منظم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ تنظيم جو سربراهه عبدالواحد آريسر کي مقرر ڪيو ويو. (جيڪو هن وقت جسقم جي پنهنجي ڌڙي جو سربراهه آهي). وري جڏهن ڊگهي نظربنديءَ کانپوءِ سائينءَ کي آزادي ملي ۽ هن ڊسمبر 1987ع ۾ سنڌ جو دورو ڪيو ته شهدادڪوٽ ۾ تقرير ڪندي سنڌي ماڻهن کي اپيل ڪيائين ته "منهنجي جماعت جيئي سنڌ محاذ جو ساٿ ڏيو". هاڻي انهن سيني



Gul Hayat Institute

واقعاتي حقيقتن جو ذڪر هيٺ آيل مضمون ۾ ذڪر ٿي ڪونهي. سائين جي ايم سيد جي وفات ڪانپوءِ جيڪا جماعت جيئي سنڌ قومي محاذ جي نالي سان ٺهي ان جو تہ مير عالم مري تاريخ، مهينو ۽ سال وار تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي ۽ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ ڪهڙيون ڪهڙيون ڌريون ان ۾ شامل ٿيون پر سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ٺاهيل سيد جي پهرين ۽ آخري جماعت کي هن قومي تحريڪ جي تجزيي ۽ تاريخ ۾ شامل نہ ڪيو. وري معلومات جي ٻي غلطي اها تہ سيد جي جدوجهد ۽ پارٽيءَ کي "جيئي سنڌ هلچل"جي نالي سان پيش ڪيو ويو آهي جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ ان نالي سان نہ تہ ڪا جماعت ڪڏهن ٺهي هئي ۽ نہ ئي ڪڏهن سائين اهو نالو يا اصطلاح استعمال ڪيو. بقول شاعر "وه بات جس ڪا ساري فساني ۾ ذڪر نہ ٿا" ٻي معلومات جيڪا اهم آهي ۽ جنهن جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي سا اها آهي تہ سنڌ جي قومي آزاديءَ لاءِ سائينءَ جيڪو اصطلاح ڪتب آندو سو هو "سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي آزادي". ان ڪانسواءِ اهو بہ درست نہ آهي تہ ڪو ٺهڻ شرط ئي 1972ع ۾ سيد جي پارٽيءَ ۾ گروپ بندي ٿي وئي. ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ ۽ ان جا دوست 1972ع ۾ نہ پر 1978ع ۾ الڳ ٿيا هئا.

سياسي مسئلي جي حل جي ڪوشش ۾ ٻيو مرحلو هجي ٿو تجزيي جو. جيئي سنڌ جي عنوان واري قومي تحريڪ جو تجزيو ڪندي اهو چوڻ درست ناهي تہ ڀيڄ ڊاهہ پويان مکيہ عنصر عهدن ۽ پيسي جي لالچ نہ پر سياسي حڪمت عملين جو اختلاف آهي. حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي. شروع ۾ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ وارن ۽ پوءِ ادريس چانڊيي جي دوستن کي ڇڏي باقي ان ڪانپوءِ جيڪا گروهہ بندي ۽ ڀيڄ ڊاهہ ٿي آهي ان جي پنيان ڪنهن بہ حڪمت عمليءَ جو دخل نہ رهيو آهي. سڀ کان وڏيڪ محرڪ جذبو عهدا، پئسو ۽ ڪرائيم عنصر رهيا آهن. مثال طور جڏهن ڊاڪٽر قادر مگسي پنهنجو الڳ گروپ ٺاهيو تہ هن جو مکيہ ۽ اعلانيہ اعتراض اهو هو تہ "جيئي سنڌ محاذ عدم تشدد جي سياست ٿو ڪري، عدم تشدد بزدليءَ جي علامت آهي ۽ اسان هٿيار بند ويڙهہ ذريعي سنڌ کي

Gul Hayat Institute

آزاد ڪرائيندا سين“. ان ڪري ٿي قادر مگسيءَ پاڻ کي ڇڪي گوپرا ٻسان پيٽ ڏيڻ لڳو. اها بظاهر حڪمت عمليءَ جي تبديلي هئي، پر ڏسجي ته الڳ گروپ ٺاهڻ کانپوءِ انهن هٿياربند جدوجهد ڪئي؟ جواب آهي ته نه. هڪ ڏينهن لاءِ به انهن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ هٿياربند ويڙهه ڪا نه ڪئي. ڪانفرنسون، بک هڙتالون، جلسا، مظاهرا، ريليون، اهي سڀ ته عدم تشدد جي جدوجهد جا هٿيار آهن ۽ اهو ئي ڪجهه آهي جيڪو قادر مگسي صاحب گذريل ويهن سالن کان ڪري رهيو آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته انهن دوستن کي اختلاف عدم تشدد جي حڪمت عمليءَ تي نه هو پر قادر مگسيءَ کي ليڊر ٿيڻ جو شوق هو جيڪو جيئي سنڌ محاذ ۾ رهندي فوري طور پورو نه پيو ٿي سگهي. ان جا پيا به ڪيترائي ثبوت آهن، جيڪي ضرورت پوڻ تي پيش ڪري سگهجن ٿا. جيستائين پئسي جو سوال آهي ته جيئي سنڌ محاذ وٽ ان وقت به پئسو ڪونه هو ۽ هن وقت به ڪونهي جڏهن ته قادر مگسي صاحب جو شمار امير ماڻهن ۾ ٿئي ٿو.

ٻيو گروپ جيڪو گل محمد جکراڻي ۽ بشير قريشيءَ جي اڳواڻي ۾ الڳ ٿيو ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي نالي سان پنهنجي جماعت ٺاهي انهن جو به مکيه اعتراض اهو هو ته عدم تشدد سان آزادي ڪونه ملندي، تنهن ڪري هٿياربند ويڙهه ضروري آهي. هاڻي ٻهرين ڳالهه ته اها سوچ سائين جي۔ايم سيد جي عدم تشدد واري نظريي جي ابتڙ هئي ۽ ٻيو ته اهائي ساڳي ڳالهه ته عملي طور هڪ ڏينهن لاءِ به اها ڇيل پر تشدد جدوجهد انهن ڪا نه ڪئي، بلڪه هر ٻئي ٽئين مهيني قريشي صاحب وضاحت ڪندو رهندو آهي ته ”اسان عدم تشدد جا پوئلڳ آهيون“. ٻيو اعتراض جيئي سنڌ تحريڪ وارن کي اهو به هوندو هو ته جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين عبدالواحد آريسر مڙه کي ٿو واپرائي، پر پوءِ دنيا ڏٺو ته اڳتي هلي انهن ساٿين همراهن ساڳئي عبدالواحد اريسر کي ساڳي حالت ۾ پنهنجي پارٽيءَ جو چيئرمين ٺاهيو. يا هونءَ به يلا ڪنهن انقلابي اڳواڻ، ڏاهي يا مدبر چيو آهي، ڇا مڙه پيئڻ انقلابي جدوجهد ۾ رڪاوٽ ۽ گناهِ ڪبيره آهي باقي ڀنگ ۽ چرس مڙئي خير آهي. پئسي جي معاملي ۾ به ڏسو ته اهي

Gul Hayat Institute

همراهہ جيڪي غريب ڪارڪن طور قومي جدوجهد ۾ شامل ٿيا هئا، اهي جڏهن پنهنجون الڳ جماعتون ٺاهي ليڊر ٿيا تہ بزنس مين ۽ زميندار بڻجي ويا ۽ سنڌ جي روايتي وڏيرن ۽ سردارن سان ڪلها پيا گسائين.

سڀ کان وڏي ڀيج ڊاهہ ۽ گروپ بنديءَ جو مرحلو تڏهن آيو جڏهن سائين جي ايم سيد لاڏاڻو ڪيو. ان عمل جي نتيجي ۾ هڪ نئين جماعت جيئي سنڌ قومي محاذ وجود ۾ آئي، جڏهن تہ سڀ کان وڏيڪ نقصان جيئي سنڌ محاذ کي ٿيو جنهن جوهڪڙو وڏو حصو عبدالواحد آريسر ۽ مير عالم مري وارن جي صورت ۾ محاذ کي ڇڏي نئين جماعت ۾ شامل ٿيو. هاڻي ڪير ٻڌائي تہ جيئي سنڌ محاذ کي ٽوڙڻ ۽ نئين پارٽي ٺاهڻ ۾ ڪهڙي سياسي حڪمت عملي ڪار فرما هئي. جيئي سنڌ محاذ جي ڪهڙي حڪمت عمليءَ سان ڪهڙو اختلاف ظاهر ڪيو ويو ۽ نئين جماعت سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڪهڙي نئين حڪمت عملي ڏني؟. صرف شامِ غريبان پڙهي وئي تہ "سائينءَ جي وڇوڙي سان ڇورا ڇنا ٿي ويا آهيون"، "سيد جي وڇوڙي جي غم کي طاقت ۾ تبديل ڪريون" ۽ "گڏ نہ ٿياسين تہ ختم ٿي ويندا سين". جيڪڏهن ڪو نقطو اٿاريو ويو تہ اهو انهن ماڻهن لاءِ جن لاءِ مير عالم مريءَ لکيو آهي تہ "جيئي سنڌ محاذ جو هڪ ڌڙو عبدالخالق جوڻيجي جي اڳواڻيءَ ۾ شامل نہ ٿيو". اهو نقطو اهو هو تہ ڌوهاري عنصر جي موجودگيءَ قومي تحريڪ کي وڏو نقصان پهچايو آهي ۽ عوام جي اعتماد کي ڇيهو رسايو آهي، تنهن ڪري گڏجڻ کان پهرين يقيني بڻايو وڃي تہ آئنده ڪنهن بہ صورت ۾ ڪنهن بہ عذر بهاني هيٺ ڌوهاري عنصر کي داخل ٿيڻ نہ ڏبو. ان تي جيئي سنڌ محاذ پاران مير عالم مريءَ جي بہ صحيح آهي، جڏهن تہ جيئين سنڌ تحريڪ جي دوستن ان کي پنهنجي جماعت جي موقف طور تسليم ڪيو. پر پوءِ بنا ڌوهاري عنصر جي تدارڪ ڪرڻ جي اعلان ٿي ويا تہ "ٿي ويو، ٿي ويو انضمام ٿي ويو". اهو بہ چيو ويو تہ "جيڪي ڌوهاري عنصر جو سوال ٿا اٿارين اهي قومي تحريڪ ۽ سيد جي فڪر سان سچا ناهن". مون جڏهن مير عالم کان پڇيو تہ توهان پنهنجي طئہ ڪيل اصولن تي عمل کان بغير نئين جماعت

Gul Hayat Institute

۾ ڪيئن ٿا شامل ٿيو تہ جواب ۾ هن ڪو بہ حڪمت عمليءَ جو نقطو پيش نہ ڪيو. سندس دلچسپ جواب اهو هو تہ ”منهنجي اڳيان بہ رستا هئا، يا تہ اصولن جي پاسداري ڪريان ۽ هڪ ننڍي جماعت ۾ رهان يا وري هڪ وڏي جماعت جو حصو بڻجان. مون پوئين رستي جو انتخاب ڪيو آهي“. پوءِ اڳتي هلي جيئي سنڌ قومي محاذ کي ڇڏي پنهنجي الڳ ننڍي جماعت ٺاهڻ جي حق ۾ مير عالم مري صاحب ”اصولي اختلاف“ کي سبب بنايو جن مان هڪڙو اصولي اختلاف ڏوهاري عنصر بابت بہ هو. ان ڪانسواءِ قومي محاذ جي ٺهڻ جو اعلان ڪندڙ سيد زين شاهہ جڏهن جسقم کي ڇڏيو تہ ان بہ ان جماعت ۽ ان جي قيادت تي ڏوهاري سرگرمين جا سنگين الزام لڳايا. يا وري جيئي سنڌ محاذ کي ڇڏي نئين ٺهندڙ ”وڏي“ پارٽي جسقم جو اڳواڻ ٿيندڙ عبدالواحد آريسر جڏهن ان جماعت کي ٽوڙي نئون گروپ ٺاهيو تہ ان بہ جماعت اندر ڏوهاري قيادت کي جواز طور پيش ڪيو.

ان سڄي صورتحال مان مطلب اهو ٿو نڪري تہ جماعتون ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ يا اختلاف يا اتحاد ڪرڻ جي پويان محرڪ ڪارڻ ڪو حڪمت عملي جو فرق نہ پر عهدن جو شوق، پئسو يا ذاتي اختلاف آهن. يا مثال طور مذڪوره مضمون جو ليڪ پاڻ گذريل سالن دوران ڏهاڪو کن جماعتن/ گروپن ۾ رهيو آهي. هو پاڻ ٻڌائي سگهي ٿو تہ اهڙي ردوبدل جي پويان ڪهڙي سياسي حڪمت عملي ڪارفرما هئي؟

هاڻي اچون ٿا تازي بحث ڇڙڻ جي ڪارڻ ڏانهن يعني سيد امير حيدر شاهہ پاران مختلف ڌڙن کي گڏ ڪرڻ جو اعلان. ڪجهہ ڏينهن اڳ اخبارن ۾ سائين جي ايم سيد جي وڏي فرزند سيد امير حيدر شاهہ جو اوچتو اهو اعلان ڇپيو تہ هو سائين جي ايم سيد جي فڪر تحت ڪم ڪندڙ مختلف پارٽين/گروپن کي گڏائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري رهيو آهي. سندس مکيہ دليل اهو هو تہ جڏهن مسلم ليگ جا مختلف ڌڙا گڏجي رهيا آهن تہ پوءِ ڇو نہ جيئي سنڌ جا گروپ بہ گڏ ٿين. سندس ان پيش رفت جي جواب ۾ جيئي سنڌ جي مختلف پارٽين جي اڳواڻن جهڙوڪ بشير قريشي، عبدالواحد آريسر ۽ ڊاڪٽر صفدر سرڪي پاران جيڪو موقف

سامهون آيو آهي اهو ٿوري گهڻي لفظن جي فرق سان هن ريت آهي، ”سيد امير حيدر شاهه سائين جي ايم سيد جو پڳدار پٽ آهي، تنهن ڪري سندس حڪم اکين تي، سيد امير حيدر شاهه جيڪو فيصلو ڪندو اهو قبول هوندو. سيد امير حيدر شاهه جيڪڏهن پاڻ نئين جماعت جي قيادت ڪندو ته پوءِ ان ۾ شامل ٿيڻ تي اسان کي ڪو اعتراض نه هوندو“. پنهنجي مضمون ۾ مير عالم مري به اهو لکيو آهي ته ”جيڪڏهن اتحاد ٿاهڻ جي تجويز آهي ته ان جي اڳواڻي سيد امير حيدر شاهه خود ڪري“.

هاڻي سيد امير حيدر شاهه پاران سيد جي فڪر تحت ڪم ڪندڙن کي گڏائڻ جو اعلان ۽ مختلف ليڊرن جي اهڙي رد عمل ۽ موقف تي ٿورو غور ڪرڻ سان اها ڳالهه سڻي نموني واضح ٿيو تي وڃي ته معاملو ڪيتري حد تائين اصولن جو آهي، سوال ڪيتري حد تائين سياسي حڪمت عملين جو آهي، ڳالهه ڪيتري سائين جي ايم سيد جي فڪر جي آهي ۽ ڪيتري نظرياتي آهي. سائين جي ايم سيد جو فرزند هئڻ جي حيثيت ۾ سيد امير حيدر شاهه جي عزت ۽ احترام نه رڳو سائينءَ جا سياسي پوئلڳ ڪريون ٿا پر سڄي سنڌ ۾ سندس عزت ۽ اهميت مڃيل آهي. پر اها به هڪ ناقابلِ ترديد حقيقت آهي ته سيد امير حيدر شاهه جو سائين جي ايم سيد جي سياسي جدوجهد سان ۽ خاص ڪري قومي آزاديءَ واري سياست سان ڪڏهن ڪو تعلق نه رهيو آهي. ”پڳدار“ پٽ هئڻ جي حيثيت ۾ ڪيس سائينءَ جي خانداني وراثت به مليي ۽ سيد حيدر شاهه سنائيءَ جي گادي نشيني به. سيد جو قومي فڪر ته خانداني رشتن کان گهڻو مٿانهون آهي.

سائين جي ايم سيد سنڌ جي سياست ۾ خصوصي طور ۽ سنڌي سماج ۾ مجموعي طور ڪيترائي نوان، منفرد ۽ صحتمند معيار قائم ڪيا. انهن منجهان هڪڙو اهو به آهي ته سنڌ جي جاگيردارڻي سماج ۾ هن سياست کي موروثي بندڌڻ مان ڪڍي مضبوط فڪري بنيادن تي بيهاريو. جتي ولايت جا تعليم يافته ۽ عالمي ليڊر هئڻ جا دعويدار پنهنجي زال کي، زال ڌيءَ کي ۽ ڌيءَ مڙس کي ۽ مڙس پٽ کي سياسي جا نشين مقرر ڪندا

Gul Hayat Institute

رهيا آهن، اتي هڪ ننيڙي ۾ ڏورانهين ڳوٺ ۾ رهندڙ ۾ ڪنهن به تعليمي ڊگريءَ کان محروم هن شخص سياست کي عالمي معيارن جي ٿنڀن تي تعمير ڪيو ۽ پنهنجي فڪر کي سقراط، مارٽن لوٿر، شاهه لطيف ۽ موهن داس گانڌيءَ جي عالمگير تسلسل سان جوڙيو ۽ اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ ۽ قائم ڪرڻ لاءِ هن کي تمام ڏکيي، اڙانگي ۽ خطرن سان ڀريل جدوجهد ڪرڻي پئي. هن ماتما ٻڌ وانگر سڪن جي سيج ڇڏي ڪنڊن جو رستو اختيار ڪيو. ڪيس نه رڳو پنهنجي مال دولت جي قرباني ڏيڻي پئي پر هن پنهنجي ڏکيي زندگيءَ جا ڪئين سال ڪوٺن ۾ قربان ڪيا، پنهنجي احساسن ۽ جذبن کي سوليءَ تي چاڙهيو ۽ پاڻ هڪ کان وڌيڪ دفعا غداريءَ ۽ دهريت جي الزامن هيٺ ڦاهيءَ جي ڦندي مان گذريو. هاڻي جيڪي ماڻهو جي ايم سيد جي اهڙي عالمگير فڪر، ايڏي وسيع شخصيت، اهڙي مثالي ڪردار ۽ اهڙي سنڌ دوست، انسان دوست، جدوجهد کي خانداني ورثي جي مختصر ڏانوَ ۾ محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ڪن ته اهي ته سيد کي هيٺانهون ٿا ڪن. پنهنجي وقتي ۽ ننيڙن مسئلن کي پنهنجي صلاحيت ۽ محنت سان منهن ڏيڻ بدران اهي سيد جي شخصيت کي ڍال بڻائڻ جا جتن ٿا ڪن. جيڪڏهن جي ايم سيد جي فڪر کي خانداني چادر ۾ ڍڪيو ويو ته پوءِ سيد جي سلسلي ۽ انهن رواجي ۽ روايتي ماڻهن ۾ ڪهڙو فرق رهندو جيڪي پنهنجي وقتي ۽ ننيڙن مفادن کي حاصل ڪرڻ خاطر هڪ خانداني نالي کي ناڪافي سمجهندي هڪ وقت به به خانداني لقب نرڙ تي سجائين ٿا. ساڳئي وقت اهي دوست جيڪي سائينءَ جي مقرر ڪيل آزادي، امن ۽ عالمي ڀائيچاري واري مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ ڪنهن حڪمت عملي يا تدبير جي تبديليءَ کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ سائينءَ جي چيل ڳالهين ۾ هڪ اصطلاح يا هڪ لفظ جي واڌ گهاٽ کي ڪفر سان تعبير ڪندا آهن، اهي رڳو خانداني ڳانڍاپي جي ڪري اهڙي فرد جي قيادت ۾ غير مشروط طور هلڻ لاءِ تيار آهن جنهن ڪڏهن به پاڻ کي سيد جي نظريي ۽ فڪر سان وابسته نه ڪيو. ته پوءِ يقيني طور دنيا انهن بابت سوال اٿارڻ ۾



Gul Hayat Institute

حق تي آهي تہ اهي ڪيترا نظرياتي آهن ۽ ڪيترا سيد جي فڪر جا پيروڪار.

هن سڄي بحث کي سهيڙيندي اچو تہ ڏسون تہ سيد جي پيروڪاري ۽ جانشيني بابت خود سيد ڇا ٿو چوي. بيشمار دفعا سائين ۽ کان سوال ڪيو ويو تہ پنهنجو ڪو جانشين مقرر ڪيو آهي؟ سندس جواب هڪ ئي هوندو هو جيڪو ڪيترن هنڌن تي لکيل ۽ رڪارڊ ٿيل آهي. سندس چوڻ هوندو هو تہ "مون ڪنهن بہ فرد کي پنهنجو جانشين مقرر ناهي ڪيو جن جا بہ عمل صالح هوندا ۽ ڪردار بلند هوندو اهي ئي منهنجا جانشين هوندا". ائين تہ ڪونهي تہ سياسي راند ۾ جنهن بہ ڪيڏاريءَ جون ڳوٽون ڪپي ٿيون وڃن اهو سيد جي خاندان جي غير سياسي اصطلاح جو سهارو وٺڻ جي ڪوشش ٿو ڪري؟ ان سوال تي اسان سيني کي سوچڻ کپي، پر سڀ کان وڌيڪ سيد خاندان کي سوچڻ گهرجي.

2010 انيئر آڪٽوبر

Gul Hayat Institute

## جي _ ايم سيد جو فڪر ۽ اڄوڪو پاڪستان

جي ايم سيد بلاشبہ پاڪستان ۾ سڀ کان وڏيڪ متنازعہ شخص هئو ۽ بلاشبہ دنيا جا سڀ وڏا ماڻهو سڀ غير معمولي شخص متنازعہ رهيا آهن. ۽ اهي ان ڪري متنازعہ هوندا آهن تہ اهي نوا خيال کڻي ايندا آهن، اهڙا خيال جيڪي ان وقت جي مروجہ روايتن ۽ تصورن جي خلاف هوندا آهن ۽ اهڙا خيال جيڪي واسطيدار رياست جي نظرين ۽ قانونن کي چئلينج ڪندڙ هوندا آهن. پر اڳتي هلي وقت ۽ حالتون انهن کي سچو ثابت ڪندا آهن. ان ڪري ئي اهي ڪالهہ جا متنازعہ شخص سڀاڻي جا عظيم انسان تسليم ٿيندا آهن، پوءِ اهي مفڪر ۽ دانشور هجن، سياسي ۽ انقلابي اڳواڻ هجن يا سائنسدان هجن. ان پسمنظر ۾ ئي جارج برناڊ شا چيو تہ: "All great truths begin as blasphemies." يعني سمورا وڏا سچ شروع ۾ ڪفر هوندا آهن.

63 سالن کان سنڌ پاڪستان ۾ شامل آهي. اهو سمورو عرصو پاڪستان جي رياست بحرانن جو شڪار رهي آهي تہ ٻئي طرف سنڌي قوم اندروني طور پيچ ڌاهہ مصيبتن ۽ مايوسين ۾ گهريل رهي آهي ۽ اهو سلسلو اڃا تائين جاري آهي. پاڪستاني رياست جا مهندار لڳاتار اهو چوندا رهن ٿا تہ "ملڪ جي وجود کي سنگين خطرا آهن" ۽ "اسان ملڪ



Gul Hayat Institute

ڪي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون". ٻئي طرف سنڌي قوم جا "خيرخواهه" اهي دانهون ڪندا ٿا رهن تہ "سنڌي سماج تنزليءَ طرف وڃي رهيو آهي"، "سنڌي قوم بقا جي جنگ وڙهي رهي آهي" ۽ "سياسي پارٽين سنڌي قوم کي مايوس ڪيو آهي". وغيره.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سائين جي ايم سيد 48 سال جيئرو رهيو. ان عرصي جو اڌ يعني 24 سال هن سنڌي سماج کي سڌارڻ سان گڏ پاڪستاني رياست کي درست رستي تي هلائڻ جي ڪوشش ۾ صرف ڪيا. جڏهن تہ ٻيا 24 سال پاڪستان جي سڌاري جي امڪانن کان مايوس ٿي سنڌ جي قومي آزادي، ترقي ۽ خوشحالي (۽عالمي امن ۽ انسانذات جي ترقيءَ) لاءِ جاکوڙ ۽ جدوجُهد ۾ گذاريا. ان عرصي دوران هن اهڙا خيال پيش ڪيا، اهڙي سوچ ڏني ۽ اهڙن مقصدن لاءِ جدوجهد ڪئي جيڪي هن خطي جي امن ۽ پائيداري لاءِ ۽ ان ۾ رهندڙ ماڻهن جي نجات، ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ تہ انتهائي ڪارگر هئا پر هڪ طرف اهي پاڪستان جي رياستي پاليسين لاءِ چئلينج پيش ڪري رهيا هئا تہ ٻئي پاسي سنڌي سماج کي جهنجهوڙي رهيا هئا. نتيجي ۾ پاڪستان جا حڪمران (ظاهري ۽ لِڪل) سندس سخت مخالف (بلڪ ائين چئجي تہ دشمن) رهيا ڇاڪاڻ تہ انهن سيد جي فڪر ۽ جدوجهد کي پنهنجي استعماري ۽ استحصالي مقصدن لاءِ خطرو ٿي سمجهيو.

Gul Hayat Institute

۽ حقيقت اها آهي تہ بنگال کي ڇڏي باقي پاڪستان ۾ جي ايم سيد ئي رياستي اسٽيبلشمينٽ ۽ ان جي قبضي گيري، تفريق، ڦرلٽ ۽ جنگي جنون وارين پاليسين لاءِ سڀ کان وڏو خطرو هئو. اهو ئي سبب هئو تہ محمد علي جناح کان وٺي بينظير ڀٽو جي ٻئي دور حڪومت تائين (جيستائين سيد زنده هئو) سمورا حڪمران جي ايم سيد کي جيل ۽ نظربنديءَ ۾ رکندا آيا. جڏهن تہ رياستي ادارا ۽ انهن جا ساٿاري ۽ پگهاردار ملا ۽ "دانشور" ليکڪ، هن کي غدار، ملڪ دشمن، ڪافر ۽ عوام

دشمن جهڙا لقب ڏئي سندس ڪردار ڪشي ڪندا رهيا. ان عرصي دوران پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ جا مختلف حصا ۽ اسلام، پاڪستان جي نالي تي ڪمائي ڪندڙ مختلف گروهه مختلف وقتن تي هڪ ٻئي سان وڙهندا ۽ ٺهندا رهيا پر سيد جي خلاف سڀئي هم خيال ۽ متحد هئا. "جمهوريت جا چيمپئن" فوجي آمرن سان، "سوشلسٽ" ملن سان ۽ "ترقي پسند" رجعت پرستن سان ته گڏ بيهندا هئا پر سيد کي سوڙهو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اهي سڀ هڪ ٻئي جا ساٿاري ۽ مددگار هوندا هئا ڇاڪاڻ ته اهي سڀئي ٺڳي، ڦرلٽ ۽ جنگ و جدل تي ٻڌل ڪاڪ محل مان فائدو وٺندڙ ۽ ان جا محافظ هئا جڏهن ته جي ايم سيد ان جا بنياد لوڏيندڙ. ان ٿي پسمنظر ۾ پروفيسر ڊاڪٽر جعفر احمد چيو ته "پاڪستان جي رياست جي_ايم سيد جي خلاف سدائين ان ڪري رهي ته سيد ايڏو وڏو ماڻهو هئو جو تنگ نظر رياست ان کي پاڻ ۾ سمائي نه پئي سگهي".

سائين جي_ايم سيد کي وفات ڪئي 15 سال ٿي ويا آهن. اهي 15 سال 48 سالن سان جوڙ ڪجن ٿا ته پاڪستان جي عمر 63 سال بڻجي ٿي. ان عرصي دوران پاڪستان ۾ مختلف طرحن جا، مختلف پس منظرن جا ۽ مختلف پروگرامن جا حڪمران رهيا، انهن ۾ "پاڪستان جا باني" به هئا ته "ملڪ بچائيندڙ" به هئا، فوجي جرنيل به هئا ته "عوامي نمائندا" به هئا، ڊڪٽيٽر به هئا ته "جمهوريت جا چيمپئن" به هئا، مَرد به هئا ته عورتون به هيون، پڙهيل "روشن خيال" به هئا ته خارجه پاليسيءَ جا "ماهر" به هئا. انهن سڀني ۾ هڪڙي ڳالهه مشترڪ هئي، اهي سڀ جي ايم سيد جا مخالف هئا. اهي سڀ سيد کي پاڪستان دشمن، اسلام دشمن، عوام دشمن ۽ جمهوريت دشمن چوندا رهيا ۽ پاڻ کي پاڪستان جو محافظ، اسلام جو شيدائي، عوام جو خير خواهه ۽ جمهوريت جو چيمپئن سڏائيندار رهيا. اهو ئي سبب هئو ته پاڪستان جي پهرئين ڏينهن کان وٺي پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين، محمد علي جناح کان وٺي بينظير ڀٽو تائين سڀني

حڪمرانن جي دور ۾ سيد قيد ۾ رهيو جيڪو عرصو ملائي ڪري 29 سال ٿئي ٿو. يعني سندس پاڪستان ۾ گذاريل زندگي جو 60 سيڪڙو ايتري تائين جو 1995 ۾ جڏهن بينظير ڀٽو جي ٻئي دورِ حڪومت ۾ سيد جناح اسپتال ۾ وفات ڪئي ته ان وقت به حڪومت جا بندوق باز سندس ڪمري کي ڪڙو چاڙهيو بيٺا هئا.

63 سال چڱو خاصو عرصو آهي. سراسري بنياد تي ٽن نسلن جو عرصو گذري چڪو ٿئين جو جاري آهي. اڄ پاڪستان جي رياست ڪهڙي حال ۾ آهي، سماج جي ڪهڙي صورتحال آهي، مجموعي طرح ۽ انفرادي طور ماڻهو ڪهڙين حالتن ۾ زندگي گذاري رهيا آهن ۽ اسلام جي نالي تي هلندڙ مسلمانن جي اڪثريت واري ملڪ ۾ مسلمانن جو ڇا حال آهي، وقت اچي ويو آهي ته ان جو جائزو وٺجي. ملڪ کي هلائڻ جي پاليسين ۽ طور طريقن بابت جي ايم سيد جي چيل ڳالهين ۽ ڏسيل واٽن کي هڪ پاسي رکي ۽ حڪمرانن جي اختيار ڪيل طريقن کي ٻئي پاسي ڏانهن آڏو رکي، آيل نتيجن جي بنياد تي صورتحال جو تجزيو ڪجي.

سڀ کان پهرين ۽ اهم ڳالهه جيڪا سيد نئين وجود ۾ ايندڙ پاڪستاني رياست جي باري ۾ چئي سا اها هئي ته پاڪستان هڪ قوم نه پر گھڻين قومن جو ملڪ آهي. جن ۾ تاريخ، زبان ۽ ڪلچر جي حوالي سان تمام گھڻو فرق آهي. اهي صرف ان صورت ۾ گڏ رهي سگهن ٿيون ته انهن جي جداگانه قومي تشخص کي تسليم ڪيو وڃي. انهن جي حيثيت، عزت ۽ اهميت کي برابر مڃيو وڃي ۽ ملڪ کي انهن جي گڏيل راءِ سان هلايو وڃي. ٻئي طرف الف کان ي تائين سمورن حڪمرانن جي.ايم سيد سميت (پنجاب کان سواءِ) سڀني قومن جي اڳواڻن (شيخ مجيب الرحمان، خان عبدالغفار خان، عبدالصمد خان اڇڪزئي، مير غوث بخش بزنجو ۽ عطاءُ الله مينگل) کي غدار، ڀارت ۽ روس جو ايجنٽ قرار ڏئي ۽ ملڪ کي وحدائي طريقي سان ڏنبي جي زور تي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجا



Gul Hayat Institute

تاريخي قومي حق گهرڻ جي بدلي ۾ واري واري سان سيني قومن خلاف فوجي ڪارروائيون ڪيون ويون. ايتري تائين جو ملڪ جي اڪثريتي قوم بنگالين تي فوجي چڙهائي ڪري چيو ويو ته ”خدا جو شڪر آ هي ته پاڪستان بچي ويو“. نتيجو ڇا ٿيو؟ صرف 25 سالن جي عرصي ۾ ”مسلمانن جو سڀ کان وڏو ملڪ“ به حصا ٿي ويو.

ان ڇڪتان دوران جي ايم سيد بنگالين سان گڏ هئو پر انهن جي الڳ ٿي وڃڻ ڪانپوءِ باقي رهيل ”نئين پاڪستان“ جي حڪمرانن ڏانهن سيد تعاون جو هٿ وڌايو ۽ ماضيءَ مان سبق سکندي ”نئين پاڪستان“ کي نئين طريقي سان هلائڻ جي صورت ۾ غير مشروط حمايت جي آڇ ڪئي. پر عوام جي نالي تي سياست ڪندڙ انهن ليڊرن به ملڪ کي ساڳئي پراڻي طور طريقي سان بندوق جي زور تي هلائڻ جو طريقو اختيار ڪيو ۽ بندوق جي زور هيٺ هڪ پاڪستاني قوم کي نه مڃيندڙ سنڌي، بلوچ ۽ پختون قومن جا قومي اڳواڻ اهو سڄو عرصو (1977_1972) قيد ۾ رهيا. ان ڪانپوءِ به ليڊر ته بدليا آهن پر طريقه حڪمراني ناهي بدليو ۽ ٿوري گهڻي فرق سان ساڳي صورتحال اڄ تائين هلندي پئي اچي. نتيجو... وڌيڪ ٽڪراءُ، نفرت، فوجي چڙهايون ۽ ويڙهه. ان جو وڌيڪ نتيجو اهو آهي ته پنجاب ۽ ٻين قومن جي وچ ۾ سمورا ذهني تعلق ختم ٿي چڪا آهن. صرف ڏنڊي جي زور تي انهن کي گڏ رکيو پيو وڃي ۽ ٻيون قومون (سنڌي، بلوچ، پختون، سرائيڪي) پاڻ کي پنجاب جي ڪالوني ٿيون سمجهن جڏهن ته دنيا وارا، جن ۾ پاڪستان جا دوست به شامل آهن، بحيثيت رياست ان جي مستقبل تي وڏو سواليه نشان لڳايو ويٺا آهن.

ٻيو نهايت اهم معاملو جيڪو پهرئين ڏينهن کان هن ملڪ ۾ متنازعه رهيو آهي ۽ جنهن لاءِ خود حڪمرانن جو چوڻ آهي ته ان سان ملڪ شديد ترين بحرانن ۾ مبتلا ٿي ويو آهي، جڏهن ته پاڪستان جا عالمي همدرد چون ٿا ته ان جي ڪري پاڪستان جي رياستي حيثيت کي

Gul Hayat Institute

خطرو آهي، اهو آهي مذهب جي رياست سان تعلق جو مسئلو. ان مسئلي بابت بہ جي ايم سيد ۽ پاڪستان جي حڪمرانن (بغير فرق جي) جا رويا ۽ پاليسيون هڪٻئي جي متضاد رهيون آهن. اڄ مختلف مذهبن ۽ هڪ مذهب اسلام جي مختلف فِرقن جي وچ ۾ ٿيندڙ ڇڪتاڻ ۽ مارا ماري ۽ ان جي نتيجي ۾ سياسي ۽ مذهبي اڳواڻن جي قتلن ڪانپوءِ ميڊيا ۾ جنهن قسم جو بحث هلي رهيو آهي، ان سيد جي سوچن جي اهميت کي اڳي کان بہ وڌيڪ واضح ۽ زوراٺتو بڻائي ڇڏيو آهي. پاڪستاني سوسائٽيءَ ۾ موجود ٿورا روشن خيال ماڻهو اڄ جيڪي ڳالهيون ڪري رهيا آهن جي ايم سيد انهن جي نشاندهي 50_60 سال اڳ ۾ ڪئي هئي.

سائين جي_ايم سيد پهرئين ڏينهن کان چيو ۽ مسلسل چوندو رهيو تحرير ۽ تقرير ذريعي، ملڪي ۽ بين الاقوامي فورمن تي، تہ مذهب کي رياستي معاملن کان عليحده رکيو وڃي، جڏهن تہ رياستي ادارن جي آشيرواد سان مذهبي ڌريون اها مهم هلائي رهيون هيون تہ سڀ دنيا جا مسلمان هڪ قوم آهن ۽ پاڪستان کي اسلام جو قلعو بڻائين ڪانپوءِ سڄي دنيا تي مسلمانن جي حڪمراني قائم ڪبي. اهڙي طرح "مسلم دنيا" جو هڪڙو عجيب و غريب اصطلاح استعمال ۾ آندو ويو. ڪٿي بہ اسان کي عيسائي دنيا، يهودي دنيا يا هندو دنيا جا اصطلاح ٻڌڻ ۾ نہ ايندا. پئن_اسلام ازم جي اهڙي سوچ ۽ اهڙي تحريڪ ۾ لڪل خطرن جو اڳواٽ ادارڪ ڪندي سيد گهڻو اڳي پاڪستان جي حڪمرانن ۽ سياسي ليڊرن ۽ پڙ عالمي طاقتن کي انهن جي امڪاني نتيجين کان خبردار ڪيو هئو. اهي امڪاني نتيجا اهي هئا جن کي اڄ دنيا جا اڪثر ملڪ ۽ خاص ڪري پاڪستان منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙيون دور انديشيءَ واريون ۽ سماج جي ڀلائيءَ واريون ڳالهيون ڪرڻ تي مذهبي مهندار تہ سيد جا مخالف هئا ئي پر لبرل ۽ "روشن خيال" سياستدان/حڪمران بہ پنهنجي ڪوتاهہ نظري ۽ وقتي ۽ خسيس اقتداري مفادن جي ڪري مٿس ڏمريل



Gul Hayat Institute

هوندا هئا. "لبرل" ڊڪٽيٽر ايوب خان هجي يا "بنياد پرست" جنرل ضياءُ الحق هجي، سيني جو سيد جي باري ۾ سندس سيڪيولر سوچ جي باري ۾ رويو ساڳيو هئو. اهو ئي سبب هئو تہ ايوب خان جي اقتدار جي ڏهن سالن مان اٺ سال جڏهن تہ جنرل ضياءُ جي يارهن سالن مان اٽڪل نو سال سيد قيد ۾ رهيو. وري آڪسفورڊ جو پڙهيل ۽ سوشلزم جون ڳالهيون ڪندڙ "سويلين" ۽ "عوامي" حڪمران ذوالفقار علي ڀٽو بہ ان ڏس ۾ ڪنهن کان پوئتي نہ هئو.ان بہ پنهنجي اقتدار کي وڌائڻ خاطر مذهب کي خوب استعمال ڪيو. ۽ عوام جو مقبول اڳواڻ هئڻ ڪري هن جي اهڙي ڪردار سبب پاڪستاني رياست سان گڏ معاشري ۾ بہ مذهبي رجحانن کي وڏيڪ هٿي ملي.

پنهنجي اقتدار کي وڌائڻ جي ڪوشش ۾ مولوين کي خوش ڪرڻ خاطر هن اهڙا قانون ٺاهيا ۽ اهڙا عمل ڪيا جن جي بنياد تي اڳتي هلي بنيادپرستيءَ جون اهي تحريڪون هليون جن کي اڄ پاڪستان سان گڏ سڄي دنيا منهن ڏئي رهي آهي ۽ جنهن جي نشاندهي جي ايم سيد ڪندو رهندو هئو. جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جي پنجن مان ساڍا چار سال سيد قيد ۾ رهيو. نہ رڳو جي ايم سيد پر سنڌ، بلوچستان ۽ پختونخوا جا سيڪيولر ۽ رواداريءَ واري سوچ رکندڙ اڳواڻ (جهڙوڪ خان عبدالولي خان، ايئر مارشل اصغر خان، مير غوث بخش بزنجو سردار عطاءُ الله مينگل ۽ نواب خير بخش مري) ۽ سڄي ملڪ جا ترقي پسند ۽ روشن خيال سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن، اديب، شاعر، صحافي ۽ دانشور يا تہ جيلن ۾ هوندا هئا يا جلاوطن يا وري اندرگرائونڊ. ان ئي صورتحال تي ترقي پسند ۽ انقلابي شاعر حبيب جالب پنهنجو مشهور شعر چيو تہ "لاڙڪاني چلو ورنہ ٿاني چلو". ان ئي عرصي دوران جناب ڀٽو مذهبي ۽ قدامت پسند تنظيمن ۽ اڳواڻن کي راضي ڪرڻ جا جتن ڪندو رهيو. نہ رڳو انهن جي مرضيءَ جا قانون ٺاهيائين پر انهن کي "پرچائڻ" لاءِ ذاتي طور



Gul Hayat Institute

انهن جي گهر به هلي ويو. گهڻن ماڻهن جو خيال آهي ته اڄ جيڪا مذهبي انتهاپسنديءَ جي خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي آهي ان لاءِ ميدان هموار لياقت علي خان قراردادِ مقاصد جي ذريعي ڪيو ان تي بنياد ذوالفقار علي ڀٽي وڌا ۽ انهن بنيادن تي هڪ "شاندار" عمارت ضياءُ الحق تعمير ڪئي.

جنرل ضيا پنهنجي ناجائز اقتدار کي جائز بنائڻ لاءِ ۽ ان کي اينگهائڻ لاءِ جيڪو مذهب جو استعمال ڪيو ان بابت ته ڪنهن تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "ڏڪن جا شاهد ڦٽ هوندا آهن". "هُن ۽ هن جي رفقا" مذهب جي تلوار سان پاڪستاني سماج جي جيڪا چير ڦاڙ ڪئي ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل زخمن مان اڄا تائين رت وهي رهيو آهي. روايتي سياسي پارٽين تي بندشون وجهي هن ملڪ اندر جيڪي عوام جي پئسي سان مدرسن جا چار وڇايا ۽ پاڙيسري ملڪن ۾ "مجاهدن" ذريعي مداخلت ڪئي، ان جو منطقي نتيجو اڄ اهو آهي ته مسلمانن جي 95 سيڪڙو اڪثريت واري ملڪ ۾ مسجدن، مدرسن ۽ امام بارگاهن اندر انسانن جي رت جون نديون وهي رهيون آهن جنهن جو غيرمسلم ۽ غير ملڪي حاڪمن جي وقت ۾ تصور به ڪونه هئو.

هن جي آمرانه، جابرانه، متشددانه ۽ فرقيوارانه حڪومت جي خلاف پاڪستان جي روشن خيال، امن پسند ۽ جمهوريت پسند ماڻهن وڏي جدوجهد ڪئي ۽ زبردست قربانيون ڏنيون. جنرل جي موت کانپوءِ 1988ع ۾ ٿيندڙ چونڊون ان بنياد تي هڪ قسم جو ريفرنڊم هئو. ان ۾ ماڻهن مذهبي تفريق ۽ تشدد تي ٻڌل پاليسين کي رد ڪندي انهن سياسي پارٽين کي چونڊيو جيڪي سيڪيولر چهرو رکندڙ هيون. (مولانا فضل الرحمان جي چند سيٽن کان سواءِ ڪا به مذهبي جماعت ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهي.) پر افسوس ته ان اليڪشن ۾ ۽ ان کانپوءِ وارين اليڪشنن ۾ چونڊجندڙ حڪومتن اهو ساڳيو ئي جنرل ضيا وارو نظام



Gul Hayat Institute

جاري رکيو. انهن ان آمرانہ حڪومت جي تاهيل هڪ بہ قانون کي تبديل نہ ڪيو. اهم معاملن ۾ ساڳيون ئي پراڻيون پاليسيون جاري رکيون ويون. بلڪ ڪن حالتن ۾ تہ انهن ۾ واڌارو بہ ٿيو جيئن محترمہ بينظير ڀٽو جي پهرئين دور حڪومت دوران افغانستان ۾ آمريڪا جي چوڻ تي اسلام جي نالي ۾ وڙهندڙ "مجاهدن" جي جلاوطن حڪومت اسلام آباد ۾ قائم ٿي جڏهن تہ سندس ٻئي دور حڪومت ۾ طالبان کي تيار ڪيو ويو. اهڙي طرح مذهبي بنياد پرستي وڌندي وئي، جنهن جو نشانو خود محترمہ بہ بڻجي وئي ۽ لبرل سياستدانن ۽ روادار مذهبي عالمن جي قتل جي صورت ۾ اهو سلسلو جاري آهي.

هاڻي پاڪستاني رياست ۽ معاشرو جنهن مذهبي انتهاپسنديءَ جي لپيٽ ۾ آهي ان جي پسمنظر ۾ هڪ طرف حڪمرانن جو رياستي پالسين کي مذهبي رنگ ڏيڻ آهي تہ ٻئي طرف جي ايم سيد جو سيڪيولرزم، رواداري ۽ برابريءَ تي ٻڌل فڪر ۽ رياست کي مذهبي بڻائڻ ۾ لڪل خطرن بابت سندس خدشا ۽ اڳڪٿيون آهن. هونءَ تہ سيد انهن معاملن بابت تمام گھڻو لکيو ۽ ڳالهايو آهي پر 1952ع ۾ آسٽريا جي شهر ويانا ۾ ٿيندڙ عالمي امن ڪانفرنس ۾ ڪيل سندس تقرير دور انديشيءَ جو هڪ شاهڪار آهي، جنهن مان اقتباس مثال طور پيش ڪجن ٿا.

سياست ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ جي وڌندڙ رجحانن تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي هن چيو تہ ان سوچ جي بالادستيءَ جي صورت ۾ "... چور جا هٿ ڪپيا ويندا، زنا جي ملزمن کي پٿر هڻي ماريو ويندو ۽ مذهبي معاملن ۾ مختلف خيال رکندڙ ماڻهن کي قتل ڪيو ويندو" . مذهبي انتهاپسندن جي حڪومت ۾ "جمهوريت ۽ اظهار جي ازاديءَ جي ڪا گنجائش نہ هوندي ۽ مذهب بابت سندن تشريح مطابق دولت جي غير مساوي ورهاست ۽ طبقاتي تفريق جائز هونديون". مستقبل تي نظر وجهندي هن چيو تہ "... اجا تائين حڪومتي مهندارن انهن مذهبي گروپن جا مطالبا نہ مڃيا آهن

Gul Hayat Institute

پر خدشو آهي ته پئن_اسلام ازم ۽ متحده وچ اوير جي مطالبن سان ۽ قراردادِ مقاصد جي پاس ٿيڻ سان رجعت پسند پروپئگنڊا جو زور وڌندو ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهي نام نهاد مذهبي گروهه حڪمرانن کي ڌمڪائڻ ۽ ڊيڄارڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ۽ حڪمران انهن جي نظرين ۽ مطالبن جي آڏو جهڪي پون“.

سيد ۽ حڪمرانن جي وچ ۾ اهڙي صف بنديءَ ۾ اقتداري سياست ڪندڙ پارٽيون ته انهن سان گڏ رهيون ٿي پر افسوس جي ڳالهه آهي ته چند کي ڇڏي باقي ”روشن خيال ۽ ترقي پسند“ سياستدان، ليکڪ، صحافي ۽ دانشور به سيد جا مخالف ۽ حڪمرانن کي ويجها رهيا آهن. اڄ مذهبي انتهاپسنديءَ جي حوالي سان پيدا ٿيل صورتحال جي پس منظر ۾ ڏسجي ۽ فيصلو ڪجي ته صحيح ڪير هئو ۽ غلط ڪير ۽ ڪنهن جون سوچون ۽ پاليسيون عوام دوست ۽ جمهوريت دوست هيون ۽ ڪنهن جون ان جي ابتڙ. اڄ 2011ع ۾ ان سوال جو جواب ڳولهڻ ڪو ڏکيو به ڪونهي. هر شيءِ پڌري پٽ پئي آهي، جيئن چوندا آهن ته ”هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڏيکارڻ جي ڪهڙي ضرورت“.

نه رڳو پاڪستاني حڪمران پر عالمي سامراجي طاقتون به پنهنجي وقتي مفادن خاطر پاڪستان ۽ ٻين مسلم ملڪن ۾ مذهبي ڌرين جي حمايت ڪنديون رهيون آهن. انهن جي باري ۾ سيد ان ساڳي امن ڪانفرنس ۾ چيو ته ”چيئرمين صاحب! هيءَ ڪانفرنس امن جي عظيم مقصد کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش آهي. مان هن ڪانفرنس جي نمائندن کي عموي طور ۽ برطانيا ۽ آمريڪا جي نمائندن کي خاص طور تي احساس ڏيارڻ چاهيندس ته آمريڪي ۽ برطانوي حڪومتون مسلمانن کي انهن جي نام نهاد مذهبي نظرين جي بنياد تي گڏ ڪرڻ جون جيڪي ڪوششون ڪري رهيون آهن، انهن ۾ خطرناڪ امڪان پريل نظر اچي رهيا آهن“. اڄ آمريڪا ۽ برطانيا ماتم ڪري رهيا آهن ته ”مذهبي

Gul Hayat Institute

بنيادپرستي دنيا لاءِ سڀ کان وڏو خطرو آهي“ ۽ اهو تہ ”اسلامي انتهاپسنديءَ کي اسلام جي اصلي روح کان عليحده ڪرڻ جي ضرورت آهي“. ڪاش پاڪستان جي حڪمرانن سان گڏ اهي عالمي ”سپر پاور“ بہ سيد جي خدشن ۽ مشورن تي ڪن ڌرين ها.

ٽيون اهم شعبو جنهن بابت جي ايم سيد ۽ پاڪستان جي حڪمرانن جي سوچڻ ۾ فرق هئو سو آهي خارجہ پاليسيءَ جو معاملو. سيد جو چوڻ هئو تہ پاڪستان کي گهرجي تہ پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن کي اوليت ڏئي ۽ جنگ، دشمني ۽ ڇڪتاڻ واري پاليسيءَ بدران امن، دوستي ۽ تعاون جي اصولن تي عمل ڪيو وڃي. ان جي جواب ۾ حاڪمن سيد کي ڀارت ۽ سوويت يونين جو ايجنٽ قرار ڏئي جيل ۽ نظربنديءَ ۾ رکيو ۽ پاڻ هزارين ميل پري آمريڪا ۽ برطانيہ سان دوستي ڪئي جڏهن تہ اولهہ (افغانستان) ۽ اوڀر (ڀارت) وارين سرحدن تي رهندڙ پاڙيسرين سان دشمنن واريون حڪمت عمليون اختيار ڪيون ويون. انهن ۾ خارجہ پاليسيءَ جو ماهر چيو ويندڙ ذوالفقار علي ڀٽو بہ شامل هئو جنهن پنهنجي سياست جو بنياد ئي ڀارت دشمنيءَ تي رکيو. سنڌس مشهور جملا سڀ ڪنهن کي ياد اهن تہ ”ڀارت سان هزار سالن تائين جنگ ڪنداسين“. ۽ ”گاهہ کائينداسين پر ائٽم بم ضرور ٺاهينداسين“. ٻئي طرف افغانستان جي اندروني معاملن ۾ پاڪستان طرفان رياستي سر پرستيءَ ۾ باقاعده منظم مداخلت جي شروعات بہ جناب ذوالفقارعلي ڀٽي جي دور ۾ ٿي، جڏهن سردار دائود جي حڪومت جي خلاف مذهبي بنيادپرستن کي منظم ڪرڻ خاطر گلبدين حڪمت يار کي ڪابل جي انجنيئرنگ ڪاليج مان ڪڍي پشاور ۾ آڻي رهايو ويو.

آمريڪا سان دوستي ڪرڻ ۽ ان کان امداد وٺڻ جي بدلي ۾ ٽين دنيا جي ٻين ڪيترن ملڪن وانگر پاڪستان بہ پنهنجي سر زمين تي آمريڪا کي فوجي اڏا ڏنا. ان صورتحال ۾ ۽ ان جي امڪاني نتيجن تي بہ

Gul Hayat Institute

سيد ويانا جي امن ڪانفرنس ۾ روشني وڌي هئي. هڪ هنڌ هن چيو ته ” اسان ڄاڻون ٿا ته ڪيتريون عالمي قوتون آهن، جيڪي مسلمانن ۽ مسلمان ملڪن کي مستقبل جي جنگ ۾ هڪ هٿيار طور استعمال ڪرڻ ٿيون چاهين، اها جنگ جنهن کي اهي قوتون پنهنجي سامراجي مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڻٽر ۽ لازمي ٿيون سمجهن“. ٻئي هنڌ چيائين: ”مونکي نهايت ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته ڪيترا مسلم ملڪ سامراجي طاقتن جي فوجن کي پنهنجا اڏا وڪڻي رهيا آهن. اهڙن معاهدن جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا انهن جو اندازو ڪرڻ ڪو گهڻو ڏکيو ناهي، اسان جا اهي ملڪ پرڏيهي فوجن جي سندن سرزمين تي هجڻ جي صورت ۾ بيوس ۽ ٻڏل هوندا ۽ سندن قومي خودمختياري ختم ٿي ويندي“. هاڻي ڏسجي ته 63 سالہ خارجہ پاليسيءَ جي نتيجي ۾ مسلم ملڪ ۽ خاص ڪري پاڪستان ڪٿي بيٺو آهي. اڌ صديءَ کان مٿي اڳ ۾ جي ايم سيد طرفان ظاهر ڪيل امڪان ۽ اظهار ڪيل خدشا حقيقتن جو روپ ڌاري حڪمرانن آڏو بيٺا آهن. اختيار ڪيل خارجہ پاليسين جي نتيجي ۾ پاڪستان خطي ۾ بلڪل تنها بيٺو آهي ۽ پنهنجي بقا خاطر آمريڪا ڏانهن نهاري رهيو آهي جڏهن ته آمريڪا پنهنجي اقتصادي ۽ مالي مفادن خاطر ڏينهن بہ ڏينهن هندستان جي وڌيڪ ويجهو ٿيندو پيو وڃي. ڳالهہ ايتري تائين وڃي پهتي آهي ته ”ملڪي سلامتي ۽ تحفظ“ جي نالي تي ناهيل ۽ طاقت جي علامت سمجهيا ويندڙ ائٽمي هٿيارن کي محفوظ بڻائڻ لاءِ همراهہ پريشان آهن.

Gul Hayat Institute

جيئن مٿي چيو ويو ته سائين جي ايم سيد پاڪستان ۾ گذاريل پنهنجي زندگيءَ جو پهريون اڌ پاڪستاني حڪمرانن کي سڌارڻ ۽ پاڪستاني رياست کي درست بنيادن تي بيهارڻ جي ڪوشش ۾ صرف ڪيو. پر جيئن تاريخ ۾ ٿيندو آهي ته ”بندوق تي ڀاڙڻ وارا عقل جي ڳالهہ ناهن ٻڌندا، تنهن وانگر پاڪستان جي ”حاڪمن“، انهن جي ساٿاري سياستدانن ۽ پاڪستان جي ”خيرخواهہ“ دانشورن تبديل ٿيڻ کان انڪار

ڪري ڇڏيو ۽ ”جيئن ٽڏ تيئن وڏ“ جي مثال وانگر عمل ڪندا رهيا. ان مرحلي تي سيد قرآن ڪان رهنمائي وٺندي تہ ”اهي انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا تي چڪا آهن“، پنهنجو رستو تبديل ڪيو ۽ پنهنجي سموري توجہ، سموريون توانايون ۽ سيئي وسيلا سنڌي قوم جي آزادي، خودمختياري ۽ خوشحالي حاصل ڪرڻ ۽ سنڌ ذريعي عالمي امن، ڀائيچاري ۽ ترقيءَ جي منزل تائين پهچڻ لاءِ صرف ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي باقي زندگي ان مقصد ڪي حاصل ڪرڻ ۽ ان منزل تائين پهچڻ جي جاکوڙ ۾ گذاريائين.

(سنڌ جي حوالي سان صورتحال جو جائزو ٻئي حصي ۾ پيش ڪيو ويندو).

(عبرت، سوڀ، عوامي آواز: 17 جنوري 2011)

Gul Hayat Institute

# جي ايم سيد جو فڪر ۽ اڄوڪي سنڌ

(17 جنوري 2011 تي لکيل مضمون جو تسلسل)

مٿي ذڪر ڪيل مضمون ۾ مون لکيو هئو ته ”جي ايم سيد بلاشبہ هڪ متنازعہ شخص هئو ۽ بلاشبہ دنيا جا سڀ وڏا ماڻهو غير معمولي ماڻهو متنازعہ ٿيندا آهن. اهي ان ڪري متنازعہ هوندا آهن ته اهي نوان ۽ مختلف خيال پيش ڪندا آهن. اهڙا خيال جيڪي ان وقت جي مروجہ روايتن، معيارن ۽ تصورن جي خلاف هوندا آهن ۽ اهڙا خيال جيڪي وقت جي رياستي نظرين ۽ قانونن کي چئلينج ڪندڙ هوندا اهن“.

جي ايم سيد ڪجهہ خيال ۽ ڪجهہ ڳالهيون پاڪستاني رياست بابت ۽ ان جي مستقبل بابت پيش ڪيون ۽ ڪجهہ ڳالهيون ۽ ڪجهہ خيال سنڌي قوم، سنڌي سماج ۽ انهن جي مستقبل بابت پيش ڪيا. ان ڪري هو نہ رڳو پاڪستان ۾ متنازعہ رهيو پر سنڌ ۾ پڻ. پاڪستان جي حوالي سان سندس سوچن، خيالن ۽ ڪوششن جو اڄوڪين حالتن جي روشنيءَ ۾ مختصر جائزو اسان گذريل مضمون ۾ وٺي چڪا آهيون. اڄ سنڌي قوم ۽ سنڌي سماج جي حوالي سان گفتگو ڪنداسين.

ڪي ماڻهو چئي سگهن ٿا تہ جي ايم سيد سنڌ سان محبت ڪندو هئو پوءِ سنڌ ۾ ڇو متنازعہ هئو. تہ نفرت تہ جي ايم سيد پاڪستان ۽ پاڪستان وارن سان بہ ڪونہ ڪندو هئو بلڪ ڪنهن سان بہ ڪونہ

ڪندو هئو. هو تہ صوفي منش، انسانذات ۽ انسانيت سان محبت ڪندڙ هئو. محبت ۽ نفرت جي ان مونجهاري کي سندس ئي زباني سمجهڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون. نظربنديءَ وارن ڏينهن دوران هڪ دفعي سائينءَ ٻڌايو تہ سندس نياڻي ڊاڪٽر دُرِ شهوار سندس ڪتاب "ديارِ دل داستانِ محبت" پڙهڻ ڪانپوءِ هڪ ڏينهن صبح سان ئي سندس ڪمري ۾ آئي ۽ اچڻ سان سوال ڪيائين تہ "توهان هن ڪتاب ۾ محبت جو داستان بيان ڪيو آهي پر توهان پنهنجي سياسي زندگيءَ ۾ مختلف موقعن تي "پاڪستان جي حڪمرانن" يا "پنجابي مهاجر مستقل مفاد" کان نفرت جو اظهار ڪندا رهندا آهيو، اهو ڪيئن؟. سائينءَ پنهنجي پياري ڌيءَ کي جيڪو جواب ڏنو سو سندس زباني هينءَ هئو. "اسان کي پنهنجو سمورو جسم نهن کان وٺي چوٽيءَ تائين هڪ جيترو پيارو هوندو آهي. پر جيڪڏهن هٿ جي هڪڙي آڱر ۾ زخم ٿي پوي ۽ اهو ناسور جي شڪل اختيار ڪري وڃي تہ پوءِ ان کي ماڻهو ڪٽرائڻ بهتر سمجهندو آهي. ان جو مطلب اهو نہ هوندو آهي تہ، ڪو ان آڱر کان ماڻهوءَ کي نفرت هوندي آهي، بلڪ سڄو جسم جنهن سان کيس محبت هوندي آهي ان جي تحفظ خاطر هو ان "ڪِنيءَ آڱر" کي وڍرائڻ بهتر سمجهندو آهي. آءٌ انساني سماج کي پنهنجي جسم وانگر سمجهان ٿو ۽ انسان ذات سان محبت ڪريان ٿو پوءِ ان خاطر جيڪي ضروري هجي ٿو سو چوان ۽ ڪيان ٿو".

جي ايم سيد جي سنڌ سان محبت ڪو جذباتي يا وقتي عمل نہ هئو پر ان جون پاڙون تاريخي شعور تي ٻڌل هيون. هن سنڌ جي تاريخ جو بہ گهرو مطالعو ڪيو هئو تہ عالمي تاريخ ۽ ان ۾ قومن جي عروج ۽ زوال، لاهن چاڙهن، تي بہ هن جي نظر هئي. ان پس منظر ۾ سندس چوڻ هئو تہ سنڌي قوم جي بقا، نجات ۽ ترقيءَ تي اهي عالمگير اصول لاڳو ٿين ٿا جيڪي دنيا جي ٻي ڪنهن بہ قوم تي لاڳو ٿيا آهن يا ٿي سگهن ٿا. اهي اصول جن جو ادراڪ رکندڙ ۽ خبردار رهندڙ قومن انساني تاريخ ۾ عروج حاصل ڪيو جڏهن تہ انهن (اصولن) کي نظر انداز ڪندڙ يا انهن کان لاپرواهہ رهندڙ قومن کي زوال جو منهن ڏسڻو پيو. چيو ويندو آهي تہ قومن

جو حال قومن جي ماضيءَ کي مستقبل سان ڳنڍڻ جو ذريعو هوندو آهي. جي ايم سيد شاندار ماضيءَ واري سنڌ جو مستقبل روشن ڏسڻ ٿي چاهيو ان ڪري هُن سنڌ جي حال کي فطرت جي عالمگير اصولن تحت بهتر ڪرڻ جي جستجو ۾ سڄي زندگي گذاري.

جي-ايم سيد قومن جي مستقبل جي باري ۾ ”بهترين جي بقا“ (Sruvival if the fittest) جي اصولن ۾ يقين رکندو هئو. يعني ته هيءَ دنيا مقابلي جو ميدان آهي، ان ۾ رڳو اها قوم زنده رهي سگهندي جنهن ۾ اهليت هوندي ۽ جنهن جا فرد ”صالح“ هوندا. ۽ ڪنهن قوم جي اهليت ۽ صلاحيت جي پرک تڏهن ٿيندي آهي جڏهن ان کي مشڪل ۽ ناموافق حالتن جي ڪڙي آزمائش مان گذرڻو پوي ۽ ان اهليت ۽ صلاحيت جي نوعيت ۽ درجي جي صحيح خبر تڏهن پوندي جڏهن ان جو تنقيدي جائزو ورتو ويندو. ان ڪري ئي ڪنهن ڏاهي چيو ته ”غير تنقيدي رويو موت جي نشاني آهي“. جيئن ته جي ايم سيد سنڌين کي دنيا جي زنده قومن جي قطار ۾ روشن مستقبل واري باوقار قوم جي صورت ۾ ڏسڻ پئي گهريو ان ڪري هن سنڌي قوم جي حال جو تنقيدي جائزو ورتو ۽ پيش ڪيو. هن سنڌي قوم جي فطري، تاريخي ۽ تهذيبي خوبين، خاصيتن ۽ قوتن (Strangths) جي تفصيلي ۽ پرپور اپٽار به ڪئي ته ان جي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين کي به پليءَ پٽ اجاگر ڪيو. جتي هن سنڌي سماجي جي مثبت پاسن جي تعريف ڪئي اتي ان جي منفي رخن جي مذمت به ڪئي.

اها ئي وجه هئي جي ايم سيد جي سنڌ ۾ متنازعه ٿيڻ جي ۽ اهي سنڌ ۾ متنازعه ٿيڻ واريون ڳالهيون هن سنڌ سان محبت جي جذبي تحت ئي ڪيون. هن چاهيو پئي ته سنڌ آزاد، خودمختيار ۽ خوشحال هجي، هن جو مقصد هئو ته سنڌي سماج صحتمند، طاقتور ۽ ترقي پذير هجي. هن سنڌي سماج کي جامد ٿيڻ کان بچائڻ پئي چاهيو. ڇاڪاڻ ته هن کي انساني سماج جي تاريخ جي علم اهو احساس ڏياريو هئو ته رڳو هڪ متحرڪ، ڇنڇرپيتي ڪندڙ ۽ تبديليون قبول ڪندڙ سماج ئي صحتمند رهي ۽ طاقتور ٿي سگهي ٿو. ۽ هن اهو به ڄاتو ٿي ته صرف اهو سماج، اها



Gul Hayat Institute

قوم ٻاهرين حملن ۽ يلغارن جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪري سگهي ٿي جيڪا اندروني طور مضبوط هجي. هن جي ڪوشش رهي ته سنڌي سماج جي مثبت ڳالهين کي وڌيڪ اجاگر ۽ اثرائتو ڪري ان کي وڌيڪ خوبصورت بڻائجي، پر ساڳئي وقت هن ان لاءِ به جاکوڙيو ته سنڌي سماج جي منفي پاسن کي ختم يا درست ڪري ان جي مستقبل کي خطرن کان محفوظ بڻائجي. ٻين لفظن ۾ ته هن پنهنجي محبوب وطن جي مستقبل جي اهڙي تصوير بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا هر طرح مڪمل ۽ ٻين مهذب ۽ ترقي يافته قومن سان سونهن ۾ همسري ڪندڙ هجي.

چوڻي آهي ته ”توهان جو سچو دوست اهو آهي جيڪو توهان جي منهن تي توهان کي اهاڳالهه نه چوي جيڪا توهان کي سٺي لڳي پر اها ڳالهه چوي جيڪا توهان لاءِ سٺي هجي“. جي ايم سيد جيئن ته سنڌ ۽ سنڌين جو سچو دوست هئو تنهن ڪري هن اهي ڳالهيون چيون ۽ اهي عمل ڪيا جيڪي سنڌي قوم جي مستقبل لاءِ سٺا ۽ صحيح هئا پوءِ ڀلي اهي ڳالهيون ڪيڏيون به ڪڙيون هجن ۽ اهي عمل (ماڻهن لاءِ) وقتي طور ڪيترا به تڪليف ڏيندڙ ڇو نه هجن. بلڪل ائين جيئن اسان پنهنجي ڪنهن پياري ماڻهوءَ يا گهر ڀاتيءَ جي بيماريءَ جي صورت ۾ ان کي زهر جهڙيون ڪڙيون دوائو به پيارينداآهيون ۽ ضرورت پوڻ تي انتهائي تڪليف ڏيندڙ آپريشن به ڪرائينداآهيون. اهو سڀ ان لاءِ هوندو آهي ته اسان ان فرد سان محبت ڪندا آهيون ۽ ان کي صحتمند ڏسڻ چاهيندا آهيون. جي ايم سيد ائين ڪونه ڪيو ته سنڌي ماڻهن کي پنهنجو ”معتقد“ بڻائڻ لاءِ انهن کي رڳو اهي ڳالهيون ٻڌائي جيڪي انهن کي وقتي طور وڻندڙ لڳن. (جيئن ڦال ڪيڻ وارا ڪندا آهن)، هن واه واه ڪرائڻ لاءِ ڪوڙيون سچيون ڪهاڻيون ڪونه ٻڌايون جيئن ٻين ڪجهه ليڊرن ڪيو جو انهن ماڻهن کي ڏينهن جا خواب ڏيکاريا ۽ هر ماڻهوءَ جي منهن تي ان جي مرضيءَ واري ڳالهه ڪئي. غريبن کي چيائون ته طاقت جا مالڪ توهان آهيو پر عملي طرح طاقت جا سڀ وسيلا ۽ ذريعا (ٻهرين ڪان به وڌيڪ) سماج ۽ مملڪت تي قابض ڌرين جي هٿ ۾ ڏنا. ترقي پسندن کي

خوش ڪرڻ لاءِ سوشلزم جي ڳالهہ ڪئي تہ ٻئي طرف اسلام پسندن کي راضي رکڻ خاطر ملڪ ۾ مذهبي قانون لاڳو ڪيا. سنڌين جا ووٽ وٺڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي تعريف ڪئي، جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ جي دشمنن کي راضي ڪرڻ لاءِ سنڌيءَ مٿان اردوءَ کي مڙهيو. ڀيو تہ ٿيو پر هن ملڪ ۾ سڀ کان وڏيڪ ڦرجندڙ قوم سنڌي ۽ ڦريندڙ قوم پنجاب جي هڪ ئي وقت وڪالت ڪئي.

جي ايم سيد هڪڙيون ڳالهيون اهي ڪيون جيڪي عام سنڌي ماڻهن لاءِ هيون، هر انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ هيون جيڪو سنڌ جي نجات، سنڌي سماج جي ترقي ۽ سنڌي ماڻهن جي اجتماعي بهتريءَ ۾ دلچسپي رکندڙ هئو پر ٻيون وري اهڙيون چيائين جيڪي خاص طور تي سندس ساٿين ۽ حامين لاءِ هيون. يا جيڪي ڳالهيون سيني سنڌ دوست ماڻهن لاءِ هيون انهن لاءِ بہ سندس چوڻ هوندو هئو تہ سندس ساٿين ۽ حمايتين کي انهن بابت عملي مثال جو مظاهرو ڪرڻ کپي.

سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ جي ايم سيد جو رويو زندگيءَ ڏانهن ۽ سماج ڏانهن سائنسي هئو. هن وٽ هر ڳالهہ جو بنياد عقيدي تي نہ پر عقل تي هوندو هئو. هو هر شيءِ کي، هر عمل کي ۽ هر واقعي کي عقل دليل جي بنياد تي پرکيندو هئو. ۽ پوءِ جنهن شئي کي صحيح سمجهندو هئو ان کي صحيح ۽ غلط کي غلط چوڻ ۾ ڪنهن بہ قيمت تي ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ رک رکاءُ نہ ڪندو هئو ۽ ان جي هر نتيجي لاءِ تيار ۽ هر قميت ادا ڪرڻ لاءِ آماده هوندو هئو. ان ڏس ۾ هن وڏي کان وڏن ۽ پراڻي کان پراڻين نظرين کي بہ تنقيد جي چاڻيءَ ۾ چاڙهيو ۽ ماڻهن وٽ ”مقدس“ حيثيت حاصل ڪري ويل ڳالهين کي بہ چئلينج ڪيو. ان لاءِ هڪ مثال سندس ڪتاب جيئن ڏٺو آهہ مون آهي. يا ماڻهن ۾ ”آفاقي“ حيثيت حاصل ڪري ويل محمد علي جناح کي جڏهن غلط سمجهيائين تہ ان کي ۽ ان جي نظريي کي چئلينج ڪرڻ ۾ هڪ لمحي جي دير بہ نہ لڳايائين. سيد سنڌي ماڻهن کي بہ اهڙا رويا اختيار ڪرڻ جي تعليم ۽ ترغيب ڏني ۽ انهن مان اهڙي عمل جي توقع رکندو هئو. اج صورتحال اها آهي تہ ٻيا تہ ڇڏيو ڪيترا سندس

”حامي ۽ پوئلڳ“ بہ اهڙا آهن جن عقل کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي ۽ بدترين قسم جي عقيدي پرستيءَ جو شڪار آهن. ايتري تائين جو خود جي ايم سيد سان سندن روبو عقل جي بدران عقيدي تي ٻڌل آهي. انهن وٽ هر ڳالهہ جو جواب اهو آهي تہ ”جي ايم سيد فرمايو“ ۽ انهن جي نزديڪ ”هر مسئلي جو حل فڪرِ جي_ ايم سيد ۾ آهي“. باقي فڪرِ جي_ ايم سيد کي انهن ڪيترو پڙهيو ۽ سمجهيو آهي ان جي خبر سندن اهڙن جملن مان ئي پئجي ٿي وڃي ڇاڪاڻ تہ سيد جي فڪر جو بنياد ئي عقيدي پرستيءَ جي مخالفت تي آهي. سيد چيو تہ ”پيغمبر بہ غلطيون ڪري سگهن ٿا“. هي همراهہ چون ٿا تہ جي ايم سيد غلطي نٿو ڪري سگهي. سيد چيو تہ ”انسان خطا جو گهر آهي“ ۽ اهو بہ اقرار ڪيو تہ ”مون غلطيون ڪيون آهن“ پر هنن وٽ جي ايم سيد کي غلط چوڻ ڪفر آهي. جي ايم سيد وٽ عقل ۽ دليل جي ايتري اهميت هئي جو هن پنهنجي زندگيءَ ۾ شايد سڀ کان اهم ڪتاب جو نالو ئي رکيو ”سنڌو ديش ڇو ۽ ڇالاءِ“.

سنڌ جو ڪلچر بيشڪ شاندار ۽ شاهوڪار آهي. پر جيئن ڪو بہ فرد ڪوتاهين ڪمزورين کان پاڪ ناهي تيئن دنيا جي ڪا بہ قوم اهڙي ناهي جنهن جي ڪلچر ۾ رڳو مثبت ۽ رڳو سٺيون ڳالهيون هجن. ڪا بہ ڪسائي، ڪا بہ خرابي ۽ ڪا بہ منفي شيءِ نہ هجي. يا ائين بہ آهي تہ ڪي شيون جيڪي هڪ وقت درست ۽ سٺيون هيون اهي وقت گذرڻ سان سماج لاءِ غلط ۽ نقصانڪار ٿي پيون. جي ايم سيد عقل ۽ دليل جي بنياد تي سنڌي ڪلچر جي ڇنڊ ڇاڻ ڪندي ان جي مثبت ۽ منفي پاسن کي ۽ سٺن ۽ خراب ڳالهين کي ڇنڊي الڳ ڪري رکيو. پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ڪلچر“ ۾ هن هڪ زنده ڪلچر کي وهندڙ درياهہ سان ڀيٽ ڏني،جيڪو هر وقت متحرڪ آهي. جيڪو اڳتي ئي وڌندو رهي ٿو ۽ جيڪو پنهنجي سفر دوران پنهنجي ڪُل مان ڪيترا جزا، ڪيترا حصا پوئتي ڇڏيندو ٿو وڃي ۽ وري ڪيترن ٻين درياهن، ندين، نالن ۽ برسات جو پاڻي ۽ ان پاڻيءَ سان گڏ تازي مٽي ۽ ٻي غذائيت (Nutrients) کڻندو پاڻ کي صحتمند بڻائيندو جلا بخشيندو ٿو وڃي. ان لحاظ جي ڀيٽ ۾ اڄ

Gul Hayat Institute

پنهنجي ڪلچر بابت اسان جو عمومي رويو مختلف آهي. ان ۾ به خاص نڪتا آهن. هڪ ته اسان سمجهون ٿا ته سنڌ جو ڪلچر بهترين ۽ مڪمل آهي ۽ ٻيو ته ان کي اسان ساڪت ۽ جامد ڪري بيهاري ڇڏيو آهي. نه اسان پاڻ ان ۾ ڪا نواڻ پيدا ڪريون ٿا ۽ نه ٻين قومن ۽ سماجن کان ڪجهه وٺڻ چاهيون ٿا. ڪيترين مدي خارج رسمن ۽ سماجي براين کي اسان سنڌي ڪلچر جي نالي ۾ تحفظ ڏيون ٿا. عورتن سان ناروا سلوڪ، قتل جي بدلي ۾ قتل، قبائليت ۽ جاگيرداراڻا رويا، انهن سڀني منفي ۽ سنڌي سماج لاءِ هاڃيڪار شين کي سنڌ جي تهذيب جو نالو ڏنو ٿو وڃي. ۽ وڏيڪ افسوس ته ان معاملي ۾ به ڪيترا پاڻ کي سيد جا "سچا ۽ قريبي ساٿي" سڏائيندڙ ٻين کان اڳرا هوندا آهن.

جي ايم سيد سنڌ ۾ جنهن نيشنلزم جي ڳالهه ڪئي سو قومي تاريخي حقن تي ٻڌل، سيڪيولر، روشن خيال ۽ اينٽي اسٽيبلشمينٽ هئو. اڄ ڪيترائي سنڌ جا سياسي ليڊر (انهن ۾ ڪيترا سيد جي ڪئمپ سان لاڳاپيل به شامل آهن ته ناليوارا ترقي پسند به)، صحافي، ليکڪ ۽ دانشور آهن جيڪي سنڌي قوم جي تاريخي حقن تي وقتي ۽ انفرادي يا گروهي مفادن کي ترجيح ڏين ٿا. انهن ماڻهن کي به سنڌ جي قومي تحريڪ جو حصو ٻڌائين ٿا جيڪي ملڪ ۾ مذهبي نظام نافذ ڪرڻ ٿا چاهين ۽ اسٽيبلشمينٽ جي خوشنودي ۽ ان جي حامي مرڪزيت پسند، رجعت پسند ۽ قومن جي وجود جي انڪاري جماعت جي حمايت سان سنڌ جا حق وٺڻ جي ڳالهه ٿا ڪن. جن پارٽين جو پروگرام ئي سنڌ جي ڦرلٽ، محڪومي ۽ مرڪز جي بالادستيءَ تي مشتمل آهي، انهن جي ليڊرن کي سنڌ جي مدد لاءِ اپيلون ۽ منٿون ڪيون ٿيون وڃن، اهڙن ليڊرن کي انهن جي سنڌي نسل هجڻ جا واسطا وڌا ٿا وڃن. اهڙي طرح هڪ طرف اصولن ۽ آدرشن تي ٻڌل سنڌ جي قومي تحريڪ کي هڪ نسلي گروهه جي مفادن واري جنگ جي هيٺانهين درجي تي ڪيرايو پيو وڃي ته ٻئي طرف شڪست خوردگيءَ جو مظاهرو ڪيو پيو وڃي. اهڙن روين لاءِ سولي سنڌيءَ ۾ چئجي ته "ٻيِنگ به جهان خان ڪئي ۽ انصاف لاءِ به جهان خان



Gul Hayat Institute

وٺ“ ۽ سياسي اصطلاح ۾ ائين چئبو تہ ”اصول پرستيءَ کي ڇڏي موقعي پرستي اختيار ڪجي“.

جي ايم سيد سنڌ جي ڦرلٽ، محڪوميت ۽ مظلوميت لاءِ ٻاهرين ڌاريو ۽ قابض قوتن سان گڏ اندروني طور انهن جي ساٿاري، ايجنٽ ۽ وفادار ٽولن کي بہ ذميوار قرار ڏيندي انهن جي نشاندهي ڪئي. انهن ۾ پير، مير، وڏيرا، جاگيردار ۽ ملا شامل آهن. اڄ سنڌ جي حقن جي ناليءَ ۾ انهن طبقن ۽ گروهن سان ساز باز ڪئي پئي وڃي ۽ ڪٿي تہ انهن کي قومي نجات واري جدوجهد جو مهندار ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي تہ ڪي همراهہ وري انهن کي قومي تحريڪ جي قيادت ڪرڻ جون اپيلون ٿا ڪن.

دنيا ۾ عوام دشمن ۽ ڌارو حڪمران هميشہ بندوق جي طاقت تي ڀاڙيندا آهن جڏهن تہ عوام دوست ۽ تبديلي پسند انقلابي ماڻهن جي جدوجهد جو سڀ کان وڏو هٿيار عقل، شعور ۽ ڏاهپ هوندا آهن. عقل، شعور ۽ ڏاهپ ۾ واڌارو ڄاڻ سان ايندو آهي ۽ ڄاڻ جو وڏو طاقتور ۽ قابلِ اعتماد ذريعو ڪتاب هوندا آهن. جي ايم سيد جو شمار نہ رڳو سنڌ پر ننڍي کنڊ جي انهن چند ليڊرن ۾ ٿئي ٿو جن پنهنجي جدوجهد جو مکيہ هٿيار ڪتاب ۽ قلم کي بڻايو. بلڪ پنهنجي زندگيءَ جو پوئين حصو جڏهن هو ”تجربا ڪري، هٿ ساڙائي.“ سنڌ جي آزاديءَ جي پروگرام تي پهتو ۽ ڪيس اڪثر ڪري قيد ۽ نظربنديءَ ۾ گذارڻو پيو تہ هن پنهنجي تقريباً سموري جدوجهد قلم ڪتاب جي ذريعي ڪئي. اڄ صورتحال اها آهي تہ جي ايم سيد جي ناليءَ ۾ ڪتابن کي ساڙيو ٿو وڃي ۽ قلم کي بزدليءَ جي علامت جڏهن تہ لٺبازي ۽ بندوق کهاڙيءَ کي بهادري جو نعم البدل قرار ڏنو پيو وڃي. ۽ وري بندوق جو استعمال انقلابين وانگر طاقتور ۽ قابض حڪمرانن خلاف ڪرڻ بدران جاگيردارن، قبائلي سردارن ۽ ڌاڙيلن وانگر غريب، ڪمزور ۽ مظلوم هم وطنن جي خلاف ڪيو پيو وڃي.

جي ايم سيد سنڌيءَ جي هڪڙي چوٽي اڪثر ورجائيندو رهندو هئو: ”ٻن تلوارن جاءِ ناهي هڪ مياڻ ۾“. ۽ پوءِ ان جي وضاحت ائين ڪندو هئو تہ اجتماعي قومي مفاد ۽ ذاتي مفاد گڏ نٿا هلي سگهن. قومي

Gul Hayat Institute

مفادن خاطر ذاتي مفاد قربان ڪرڻو پوندو ۽ جي ذاتي فائدي کي اهميت ڏني تہ اجتماعي مفاد کي ڇيهو رسندو. اڄڪلهہ سنڌ ۾ قوم جي ڀلائيءَ جي "ڳالهہ" ۽ ذاتي / گروهي فائدن لاءِ "ڪوششون" گڏوگڏ ٿيون هلن. بلڪ ڪجهہ رب جا سنواريا تہ اهڙا بہ آهن جيڪي چون ٿا تہ "جيسين پاڻ کي نہ ٺاهبو تہ قوم کي ڪيئن ٺاهي سگهبو". ۽ اهو تہ "جڏهن اسان پاڻ خوشحال ٿينداسين تہ پوءِ ئي صحيح طرح سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ ڪم ڪري سگهنداسين". افسوس اهو آهي تہ اهڙن ماڻهن ۾ رڳو وڏيرا ۽ بيوروڪريٽ نہ پر اديب، دانشور، سماجي ڪارڪن ۽ "سيد جي پوئلڳن" سميت سياسي اڳواڻ بہ شامل آهن. ڳالهہ ايستائين وڃي پهتي آهي تہ اسان ڇاڙون ٿا تہ فلاڻو يا فلاڻو ماڻهو ڪوڙ نڳي، دوکيبازي، ڪرپشن، قبضي گيري ۽ وطن فروشيءَ ذريعي غريب مان امير ٿي ويو آهي،تڏهن بہ چئون ٿا تہ "ماشاءَ الله سائين نوازيو اٿس". ان ڏس ۾ هڪڙي دلچسپ ڳالهہ 1970 جي ڏهاڪي ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي هڪڙي جلسي کي خطاب ڪندي سيد چيو تہ "مستقبل قريب ۾ توهان تي اهم ذميواريون اچڻ واريون آهن، توهان پاڻ کي انهن لاءِ تيار ڪريو". تہ ان جو ڪافي دوستن اهو مطلب ورتو تہ جلد اسان کي حڪومت ۾ حصو ملڻ وارو آهي.

جيئن شروع ۾ ذڪر ٿيل آهي تہ هي مضمون 17 جنوريءَ واري مضمون جو تسلسل آهي. ان مضمون ۾ ڪجهہ مثالن سان اهو ڏيکاريو ويو تہ جي ايم سيد پاڪستان جي رياست لاءِ ۽ پاڪستان جي حڪمرانن لاءِ ڇا چيو هئو ۽ حڪمرانن طرفان انهن تي عمل نہ ڪرڻ جي نتيجي ۾ اڄ پاڪستان ڪهڙي صورتحال ۾ آهي. اڄ سنڌ، سنڌي سماج ۽ پنهنجي حامين جي حوالي سان سيد جي سوچن ۽ خيالن تي مختصر نظر وڌيسين. انهن ٻنهي کي ڳنڍڻ لاءِ بہ سيد جو ئي هڪڙو جملو مناسب ٿيندو. هو اڪثر چوندو هئو ، خاص ڪري پنهنجي حامين کي تہ "پاڪستان جو بيڙو هن ملڪ جا حڪمران پاڻ ٻوڙيندا، توهان پاڻ ۾ اهليت ۽ صلاحيت پيدا ڪريو تہ جيئن سنڌ کي سنڀالڻ جي لائق ٿي سگهو". اهليت ۽



Gul Hayat Institute

صلاحيت جي ڏس ۾ سندس سڀ کان وڌيڪ زور ”عمل صالح، بلند اخلاق ۽ ڪردار جي صفائي“ تي هوندو هئو. 28 اپريل 1991ع تي ڪراچيءَ جي تاج محل هوٽل ۾ هڪ جلسي کي خطاب ڪندي ته ايتري تائين چيائين ته ”قومن جي زندگيءَ لاءِ اخلاق بنيادي ڳالهه آهي.... ۽ جيستائين توهان پاڻ ۾ بلند اخلاق پيدا نه ڪندا تيستائين سنڌ آزاد ڪانه ٿيندي“.

هاڻي ڏسون ته بحيثيت سنڌيءَ جي عمومي طور ۽ بحيثيت سندس حامين جي خصوصي طور ا سان سيد جي ٻڌايل ڳالهين تي ڪيترو عمل ٿا ڪريون ۽ پوءِ غور ڪريون ته اسان ڪهڙي طرف وڃي رهيا آهيون. پاڪستان جي حڪمرانن سان جي ايم سيد جي ڪا خدا ڪارڻ دشمني ڪانه هئي. انهن جي باري ۾ جيڪي ڪجهه چيائين ان جو ڪارڻ انهن (حڪمرانن) جا اعمال ۽ افعال هئا. جيئن ته هو فطرت جي بهترين جي بقا (Survival of the fittest) واري اصول ۾ يقين رکندڙ هئو تنهن ڪري پاڪستاني حڪمرانن جي ڪردار جي تجزيي ۽ تجربي کانپوءِ هن اهي نتيجا اخذ ڪيا جن کي اڄ پاڪستان جي حالتن درست ثابت ڪيو آهي. سنڌ ڪو باقي دنيا کان الڳ خطو ڪونهي، نه ڪو سنڌي ماڻهو ڪا خاص مخلوق آهن. فطرت جا قانون جهڙا ٻين ماڻهن تي لاڳو ٿين ٿا تهڙائي اسان سنڌين تي به. پاڪستاني رياست جو حشر جيڪڏهن اڄ خراب آهي ۽ ان جي سياڻي بابت اجا وڌيڪ خدشا ظاهر ڪيا پيا وڃن ته اهو ان ڪري آهي ته ڪالهه انهن جو ڪردار صحيح نه هئو. جيڪڏهن اڄ اسان جو ڪردار صحيح نه هوندو ته اسان جو سڀاڻو يا مستقبل به سٺو نه هوندو.

سيد جي هلايل هلچل سان لاڳاپيل ڪجهه همراهه پاڪستاني رياست جي موجوده صورتحال کي ڏسي جهمريون ٿا هڻن ته واهه واهه، اجهو سنڌ آزاد ٿي. اهي يا ته فطرت جي قانون کان اڻواقف آهن يا سيد جي سوچ کان اڻڄاڻ. يا وري ڄاڻي واڻي حقيقتن کي خاص ڪري پنهنجي ڪارڪنن کان لڪائين ٿا. اهي سيد جي مٿي ذڪر ڪيل جملي جو رڳو پهريون اڌ ٿا ٻڌائين ته ”هن ملڪ جو ٻيڙو هن ملڪ جا حڪمران پاڻ

Gul Hayat Institute

ٻوڙيندا“. سنڌين ۽ خاص ڪري ڪارڪنن جي اهليت، ۽ ڪردار بابت ان ئي جملي جي ٻئي حصي ڪي اهي ڪائي ٿا وڃن. اهو واضح هجڻ کپي ته پاڪستان جو گهاٽو ۽ سنڌ جو فائدو به جدا شيون آهن ۽ پاڪستان جي تخريب خود بخود سنڌ جي تعمير تي منتج نه ٿيندي. سنڌ جي مستقبل جو دارومدار ان تي آه ته حال ۾ اسان جو ڪردار ڪهڙو آهي ۽ ڪهڙو ڪردار ادا ٿا ڪريون. سائين جي ايم سيد وٽ ته ”جنت ۽ دوزخ“ جو تصور به اهو ئي هوندو هئو ته ”جيڪي حال ۾ سٺا عمل ڪندا انهن جو مستقبل سٺو ٿيندو“.

(عوامي آواز/عبرت/سوڀ: 25 اپريل 2011)

Gul Hayat Institute

## جي_ ايم سيد جو ورثو
## ۽ سياسي اتحاد (1)

**1990ع** واري ڏهاڪي دوران ٻه وڏا، اهم ۽ دور رس اثر ڇڏيندڙ واقعا رونما ٿيا. هڪڙو عالمي ليول تي، ٻيو سنڌ سطح جو. انهن ٻنهي واقعن جا پنهنجي پنهنجي دائري ۾ غير معمولي اثر ٿيا ۽ نتيجا نڪتا. اهي اثر ۽ نتيجا ٻن قسمن جا ٿيا. هڪڙا اهي جيڪي حقيقي هئا، ٻيا اهي جيڪي ڪجھه ماڻهن سمجهي ورتا ته ائين آهن. عالمي ليول جو اهو واقعو 1991ع ۾ سوويت يونين جو ٽٽڻ هئو. جڏهن ته سنڌ سطح جو اهڙو واقعو 1995 سائين جي. ايم سيد جو انتقال هئو.

روس ۾ بالشويڪ انقلاب ۽ سوويت يونين جي قيام انساني تاريخ جي رخ کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ اهو ڪجھه ڪري ڏيکاريو جيڪو اڳ ۾ تصور کان ٻاهر هئو. ان محڪوم قومن ۽ مظلوم ۽ ڏتڙيل طبقن جي نجات جو هڪ سياسي ۽ قابلِ عمل رستو دنيا کي ڏيکاريو. ان سان سڄي دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن ۾ ظلم ۽ جبر خلاف جدوجهد ڪرڻ جو حوصلو ۽ پنهنجي قسمت تبديل ڪرڻ لاءِ اتساهه پيدا ٿيو. اهڙي طرح وري جڏهن سوويت يونين ٽٽو ته دنيا ۾ انصاف ۽ امن لاءِ جاکوڙيندڙ انسانن ۾ مايوسي ۽ استحصالي قوتن ۾ سرهائي پيدا ٿي. ائين ٿيڻ ڪنهن حد تائين فطري ڳالهه به هئي. ساڳي طرح سائين جي ايم سيد پنهنجي زندگيءَ دوران پنهنجي فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار ذريعي سنڌ جي بقا ۽ نجات واري جدوجهد کي هڪ نئون رخ ڏنو. هڪ طرف هُن نسلي، قبائلي ۽ مذهبي

بنيادن تي ورهايل سنڌي ماڻهن کي جديد بنيادن تي هڪ قوم هجڻ جو احساس ۽ يقين ڏياريو ته ٻئي طرف سنڌ جي بقا ۽ نجات لاءِ جاکوڙيندڙن ۾ هڪ بي مثال اتساهه ۽ اعتماد پيدا ڪيو. سو جڏهن سائينءَ جو انتقال ٿيو ته اهو اتساهه ۽ اعتماد متزلزل ضرور ٿيو ۽ جيڪو قومي ايڪو پيدا ٿيو هئو اهو به متاثر ٿيو. ڪجهه وقت لاءِ ۽ ڪنهن حد تائين ائين ٿيڻ به فطري عمل هئو.

اهي انهن ٻن اهم واقعن جا فطري ۽ حقيقي اثر ۽ نتجا هئا. ٻيا وري ڪجهه اهڙا نتيجا هئا جيڪي ڪجهه ماڻهن جي ذهنن ۽ تصورن ۾ پيدا ٿيا. سوويت يونين جي ٽٽڻ تي دنيا جي قابض قوتن ۽ استحصالي ٽولن اهو سمجهڻ ۽ چوڻ شروع ڪيو ته انقلاب، آزادي ۽ برابريءَ جا نظريا غلط ثابت ٿي ويا. اصولن ۽ آدرشن لاءِ جدوجهد جو دور گذري ويو ۽ ثابت ٿي ويو ته (اڻبرابري، بالادستي ۽ ڦرلٽ تي ٻڌل) سرمائيدارڻو نظام ئي درست نظام آهي ۽ هاڻي ”تاقيامت“ اهو نظام ئي هلندو. ۽ اهو به ته سوويت يونين جي خاتمي سان جنگ و جدل جو به خاتمو ٿي ويو ۽ هاڻي دنيا ۾ امن قائم ٿيندو. پر گذريل ٻن ڏهاڪن اهو ثابت ڪري ڇڏيو ته اهي رڳو تصور هئا ۽ خواهشون هيون، حقيقتون نه هيون. دنيا ۾ جنگ و جدل، مارڌاڙ ۽ تباهي جيڪا گذريل ٻن ڏهاڪن دوران ٿي آهي، ٻن عالمي جنگين کان سواءِ ان جو مثال نٿو ملي. سرمائيداراڻو نظام اهڙي بدترين بحران ۾ ڦاسي چڪو آهي جو اتان نڪرڻ جا رستا ان جي وڏن حمايتين کي به نظر نٿا اچن جڏهن ته جنگ، قبضه گيري، ڦرلٽ، بالادستي ۽ استحصال تي ٻڌل ان نظام جي خلاف امن ۽ آزاديءَ جون قوتون نئين سر صف آرا ٿي رهيون آهن ۽ آزادي، برابري ۽ انصاف جهڙن اعليٰ انساني آدرشن ۽ قدرن لاءِ جدوجهد جا پڙاڏا استحصالي نظام جي مرڪزن تائين پهچي رهيا آهن.

سنڌ ۾ به لڳ ڀڳ اهڙي صورتحال پيدا ٿي. سوويت يونين جي ٽٽڻ جا منفي اثر ته اڳ ۾ ئي سنڌ ۾ موجود هئا، اصولن ۽ آدرشن خاطر زندگي گذاريندڙ ۽ انهن خاطر موت کي ڀڪلي لڳائڻ جي مشتاق جي ايم سيد جي وفات سان منفي صورتحال ۾ اجا وڌيڪ اضافو ٿيو. ماڻهن اهو

Gul Hayat Institute

سمجهيو تہ جي ايم سيد جي وفات سان سنڌ دشمنن, امن دشمنن ۽ انسان دشمنن جي پٽيءَ تي (بقولِ هڪ ڏاهي سياستدان جي) چهبڪ وانگر وسندڙ قوت هلي وئي آهي. هاڻي انهن کي جيئڻ وڌندو تئين ڪندا. انهن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هئا, هڪڙا تہ حڪمران ۽ انهن جا ساٿاري هئا, جن سمجهيو تہ سنڌ ۾ انهن جي بالادستيءَ کي چٽلينج ڪندڙ قوت ۽ سنڌ جي سياسي, اقتصادي ۽ ثقافتي حقن جي تحفظ لاءِ بڻيل ديوار هٽي وئي آهي. نہ رڳو ايترو پر انهن وٽ اهو تصور هئو تہ سيد کانپوءِ سنڌ مان قومپرستيءَ جو ئي خاتمو ٿي ويندو. ان جي ڪيترن مثالن مان صرف هڪ ٻہ هتي پيش ڪجن ٿا.

سائينءَ جي بنا ڪيس هلائڻ قيد دوران پيپلزپارٽي حڪومت جي وزيرداخلا رٽائرڊ جنرل نصير الله بابر اسيمبليءَ جي ايوان ۾ چيو تہ "اسان جي ايم سيد جي (طبعي)موت جو انتظار ڪري رهيا آهيون". پيو سائينءَ جي انتقال کانپوءِ پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ۽ پاڪستان جي وزير اعظم محترمہ بينظير ڀٽو وڏي پرجوش انداز ۾ چيو تہ "غفار خان ۽ جي ايم سيد سان گڏ انهن جا نظريا بہ قبر ۾ دفن ٿي ويا". پر پوءِ وقت ثابت ڪيو تہ حڪمران ڌرين جا اهي تصور ۽ مفروضا, معروضي حالتون مختلف هيون, اهي انهن جون خواهشون ضرور هيون پر حقيقتون نہ هيون. ان جو سڀ کان وڏو ثبوت اهو آهي تہ ڪجهہ وقت کانپوءِ محترمہ خود چوڻ لڳي تہ "هن ملڪ ۾ لاڙڪاڻي ۽ لاهور جي وزير اعظم ۾ فرق ڪيو ٿو وڃي". اجا اڳتي وڌندي ٻئي دفعي تہ ائين بہ چيائين تہ "سنڌ کيِ اسلام آباد مان ڪالوني طور هلايو پيو وڃي". هاڻي محترمہ کي ڪير چوي تہ جي ايم سيد جو نظريو اهو ئي تہ هئو تہ هن ملڪ ۾ پنجاب ۽ سنڌ جي حيثيت ۾ فرق آهي. پنجاب حاڪم آهي ۽ سنڌ محڪوم.

ٻيا وري اُهي ماڻهو هئا جيڪي سنڌ, سنڌي قوم, سنڌي ماڻهن ۽ انهن جي حقن جي نالي تي سياست ڪن پيا يا ڪرڻ چاهين پيا. انهن مان بہ ڪيترن سمجهيو تہ هاڻي سنڌ ۾ قومپرستيءَ جي ڪسوٽي ۽ قومپرستيءَ جو مرڪز بڻيل سيد موجود ناهي, تنهن ڪري اهي ئي قومي

تحريڪ جا ”والي وارث ٿي ويندا“. انهن جي خيال ۾ تہ قومي حقن واري جدوجهد جي علامت ٻٽيل سيد جي غيرموجودگيءَ ۾ انهن کي جيئن وٽندو تئين ان کي هلائيندا. انهن مان هڪڙا اُهي هئا جيڪي سائينءَ سان پنهنجي ”وابستگي ۽ ويجهڙائي“ کي ذريعو پيا بڻائين تہ پين وري خوني ۽ خانداني تعلق کي ئي سڀ کان وڏو بنياد سمجهيو. پر انهن کي شايد خبر نہ هئي يا صحيح اندازو نہ هئو تہ جي ايم سيد نہ رڳو تاريخ جو ڄاڻو هئو پر تاريخ ٺاهيندڙن مان هئو. هو مني صديءَ کان مٿي عرصو تاريخي عمل جو حصو رهيو. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ هن وٽ مطالعو بہ هئو مشاهدو بہ هئو تجربو بہ هئو جيئن پاڻ اڪثر چوندو هئو تہ ”مان تجربا ڪري، هٿ ساڙائي ڪن نتيجن تي پهتو آهيان“. سو پنهنجي ڪامياب ۽ ناڪام تجربن کي تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکيندي هن اهڙو شعور ۽ اهڙي صلاحيت ۽ اهڙي دورانديشي حاصل ڪئي جو هو ايندڙ وقت ۽ واقعن کي ٻين کان بهتر نموني ڏسي ۽ سمجهي پئي سگهيو.

پنهنجي مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي جو اعليٰ استعمال ڪندي ۽ ايندڙ وقت جو ادراڪ ڪندي هو پنهنجي فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار جو تحفظ پاڻ ڪري ويو. هو ان ڳالهہ جو مناسب بندوبست ڪري ويو تہ جيئن ڪير سندس فڪر کي مسخ نہ ڪري سگهي. ان ڏس ۾ هُن بہ مکيہ ڪم ڪيا. هڪ تہ هُن پنهنجي ڏکي زندگيءَ جي اڻٿڪ ۽ اڻٽڪ جدوجهد جي هڪ هڪ عمل ۽ هڪ هڪ ردِ عمل، هڪ هڪ واقعي ۽ هڪ هڪ تجربي، ۽ هر هڪ سوچ کي قلم ذريعي ڪاغذ تي لاهي ڪتابن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ ٻيو هن پنهنجو پيغام سڌي طرح سنڌي ماڻهن جي دل ۽ دماغ تائين پهچايو. جيتوڻيڪ حڪمرانن کيس لڳ ڀڳ ٽيهہ سال قيد رکيو پر اهي سندس سوچن کي قيد ڪري نہ سگهيا ۽ پنهنجي سمورين ڪوششن ۽ حربن جي باوجود سنڌي ماڻهن سان سندس رابطي کي روڪي نہ سگهيا. ڏکي قيد ۽ نظربنديءَ کان پوءِ جڏهن بہ ۽ جيئن بہ کيس موقعو ملندو هئو تہ سنڌي ماڻهن سان منهن مقابل ٿيڻ لاءِ ڳوٺن ۽ شهرن جو رخ ڪندو هئو ۽ ائين ڪندي نہ عمر جو لحاظ ڪندو هئو ۽ نہ صحت جو



Gul Hayat Institute

خيال.

حڪمرانن جيٰ پابندين، الزامن ۽ ڌمڪين ۽ قانونن ڪي تہ هُن ڪڏهن ڪنگهيو ئي ڪونہ. سن هجي يا ڪراچي، گهر هجي، نظر بند هجي يا اسپتال ۾ داخل هجي، ماڻهن سان هن جو رابطو برقرار ۽ جاري رهندو هئو. ڪڏهن هزارن جا مجمعا، ڪڏهن وڏن ٽولن سان ڪچهريون تہ ڪڏهن مشڪل سان هڪڙو ماڻهو سائين تائين پهچي سگهندو هئو پر هن جو پيغام پهچائڻ جو سلسلو جاري رهندو هئو. ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيو تہ بيهوشيءَ جي حالت ۾ اسپتال ۾ داخل ٿيو ۽ جيئن ئي هوش ۾ آيو تہ دوائن وانگر ڪچهريون باقاعدگيءَ سان شروع. ۽ پوءِ اسپتال وارن کي خاص انتظام ڪرڻا پوندا هئا. اُهي ڪوشش ڪري سائينءَ کي اهڙو ڪمرو ڏيندا هئا جيڪو هڪ پاسائتو هجي ۽ جنهن سان ڪو هال، وراندو يا ميدان ڳنڍيل هجي جتي ملڻ وارا ۽ ڪچهريون ڪرڻ وارا ويهي سگهن. انهن ملندڙن ۾ ڪچهريو ڪرڻ وارن ۾ هاري، مزدور ۽ شاگرد بہ هوندا هئا تہ انجنيئر، وڪيل ۽ ڊاڪٽر بہ، استاد ۽ ڪلارڪ بہ هوندا هئا تہ ڪامورا بہ، شاعر، اديب ۽ سگهڙ بہ هوندا هئا تہ دانشور ۽ تاريخدان بہ. سياسي ڪارڪن تہ ڄڻ سندس گهر جا ڀاتي هوندا هئا پوءِ ڀلي ڇو نہ اهي مخالف سياسي پارٽين سان واسطو رکندڙ هجن.

اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ڪندو هئو تہ سنڌي ماڻهن ۾ هن جو پختو ويساهہ هوندو هئو. ان ڪري ئي جڏهن بہ ڪائنس پڇيو ويندو هئو تہ، ”توهان جي تحريڪ تيزيءَ سان ترقي ڇو نہ ٿي ڪري“ يا ”اها ڪڏهن ڪامياب ٿيندي“ تہ سندس جواب اهو هوندو هئو تہ ”سنڌي ماڻهن جي گهڻائي اڃا اسان سان گڏ ناهي، جڏهن انهن جي گهڻائي اسان جي ڳالهہ سان ٻيهندي تڏهن سنڌ جي قومي تحريڪ ڪامياب ٿيندي“. ۽ ڪچهري ڪرڻ وارن ماڻهن تي ڪنهن بہ قسم جي ڪا پابندي ڪانہ هوندي هئي، ڪا بہ روڪ ٽوڪ ۽ جهل پل نہ هوندي هئي. اهي جيڪا بہ ڳالهہ ڪن، جيڪو بہ موضوع کولين ۽ جيڪو بہ سوال ڪن سائين ان تي ڳالهائيندو هئو.

ان سڀني صورتحال جو نتيجو اهو ٿيو تہ ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين ۽ ڪارونجهر کان ڪوهستان تائين زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ سنڌي ماڻهن تمام ويجهڙائيءَ کان سائينءَ کي ڏٺو پڙهيو سمجهيو. سائينءَ بہ هر طرح ۽ طريقي سان ۽ هر پاسي کان سنڌ جي بقا ۽ نجات جو ڪيس انهن تائين پهچائڻ کي عبادت وانگر فرض سمجهندي جاري رکيو. اڄ اهي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل بيشمار سنڌي ماڻهو پوڙها ۽ جوان، مرد ۽ عورتون، سيد جي فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار جا نہ رڳو گواهہ آهن پر صحافين جا انٽرويو ۽ ٻين ماڻهن جا سيد بابت لکيل بيشمار ليک ان کان علاوه آهن، جن کي ميسارڻ يا پاسي ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ ناهي.

پر تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جن ماڻهن کي طاقت جو گهمنڊ هوندو آهي يا پئسي جي طاقت تي پاڙيندا آهن يا اقتدار جي لالچ هوندي اٿن اهي نہ تہ تاريخ مان ڪو سبق حاصل ڪندا آهن ۽ نہ ئي وري ڪنهن عقل دليل جي ڳالهہ کي اهميت ڏيندا آهن. اهي سمجهندا آهن تہ اهي پنهنجي اٽڪل بازين سان ماڻهن جي اڪثريت کي بہ بيوقوف بڻائي ويندا ۽ سماج جي قوتن کي بہ شڪست ڏئي ويندا. جيئن سوويت يونين جي ٽٽڻ تي هڪڙن "طاقت"، بالادستي ۽ استحصال جي ڪاميابيءَ جا جشن ملهايا تہ ٻين (جن ۾ ٿيو لڳل ڪجهہ ڪميونسٽ بہ هئا) چيو تہ هاڻي بالادست ۽ جابر جي خلاف جدوجهد ڪرڻ بدران ان جي آشيرواد سان حق حاصل ڪبا. ساڳئي نموني ساڳي صورتحال سنڌ ۾ بہ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

(عوامي آواز: 01 آگسٽ 2012)

Gul Hayat Institute

# جي_ايم سيد جو ورثو
# ۽ سياسي اتحاد (2)

***انساني*** تاريخ ۾ ڏائي تي تہ ڪي غيرمعمولي شخص جڏهن دنيا مان گذاري ويندا آهن تڏهن ڪيترائي ماڻهو ۽ گروهہ سامهون ايندا آهن جيڪي انهن جي وارثيءَ جي دعويٰ ڪندا آهن. سندن ڪليم هوندو آهي تہ اهي ئي انهن عظيم انسانن جي مشن کي صحيح طرح سمجهن ٿا ۽ رڳو اهي ئي ان مشن کي صحيح طرح اڳتي وڌائي سگهڻ جي صلاحيت رکن ٿا. انهن ماڻهن ۽ گروهن ۾ ڪي تہ اهڙا هوندا آهن جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن مرحلي تي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ ۽ طريقي سان انهن غيرمعمولي شخصن سان ۽ انهن جي جدوجهد سان لاڳاپيل رهيا هوندا آهن پر ڪي تہ اهڙا بہ نمودار ٿيندا آهن جن جو ڪڏهن ان مشن ۽ ان جدوجهد سان واسطو ئي نہ رهيو هوندو آهي.

جي. ايم سيد بلاشبہ سنڌ جي تاريخ جو هڪ عظيم انسان ۽ غيرمعمولي ڪردار آهي. ان جي وفات ڪانپوءِ بہ اهو ئي ڪجهہ ٿي رهيو آهي. مختلف گروپ ۽ مختلف ماڻهو مختلف طريقن ذريعي سيد سان وابستگيءَ جو اظهار ڪري رهيا آهن ۽ سنڌس تحريڪ ۽ ان جي مقصد ۽ طور طريقن کي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ پيش ڪري رهيا آهن. اهو ائين ٿيڻ ڪنهن حد تائين فطري بہ آهي. پر ساڳئي وقت اهو بہ فطري عمل آهي

Gul Hayat Institute

۽ جڏهن ڪير اهڙي غير معمولي ۽ گهڻ پاسائين شخصيت سان وابستگي ڏيکاري ٿو جنهن هڪ ڊگهي عرصي تائين ۽ تمام گهري نموني قومي زندگيءَ کي متاثر ڪيو هجي ته ان وابستگي ڏيکاريندڙ شخص يا گروپ جي ڪردار جي به ڇنڊڇاڻ ضرور ٿيندي ۽ ان ڇنڊ ڇاڻ جو اولين بنياد ان غير معمولي شخصيت جو ڪردار ۽ ان جو ڇڏيل پيغام هجڻ کپي ۽ هوندو آهي. ان کانپوءِ عام فهم ۽ عالمگير سماجي ۽ اخلاقي قدر ۽ معيار...

اهڙن مختلف ماڻهن ۽ گروپن مان هڪڙا اهي آهن جيڪي خوني تعلق يا خانداني رشتن جي بنياد تي سيد جي سياسي ورثي تي ڪليم ٿا ڪن. سڀ کان پهرين اچو ته سائينءَ جي ڪردار ۽ پيغام جي روشنيءَ ۾ ان صورتحال جو جائزو وٺون. جتي ٻيون ڪيتريون ڳالهيون سائين جي ايم سيد کي سنڌس دور جي ٻين سياسي ليڊرن کان منفرد ۽ ممتاز ڪن ٿيون اتي اها ڳالهه به قابلِ ذڪر آهي ته هتان جي زرعي سماج سان واسطو رکڻ جي باوجود هن پنهنجي سياسي جدوجهد کي نج سياسي ۽ فڪري بنيادن تي هلايو. ان ۾ خانداني يا نسلي عنصر جو ڪو به دخل ڪونه هئو. جتي ڪراچي ۽ ممبئي جهڙي ميٽروپوليٽن شهرن ۾ پرورش پائيندڙ ۽ ڪيليفورنيا ۽ آڪسفورڊ ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙ ليڊرن سياست کي خانداني ورثو ۽ سياسي جماعت کي خانداني ڪاروبار طور هلايو اتي سن جهڙي ننڍڙي ۽ پسمانده ڳوٺ ۾ زندگي گذاريندڙ ۽ ڪنهن به قسم جي نصابي تعليم کان محروم هن شخص پنهنجي سياسي سفر ۽ جدوجهد جي تعمير اصولن ۽ آدرشن جي بنياد تي ڪئي ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ کي هر قسم جي قبائلي ۽ خانداني اثرن کان پاڪ رکيو.

جاگيرداراڻي سماج جا ماريل ماڻهو يا موروثي سياست کان متاثر صحافي جڏهن به کائنس سوال ڪندا هئا ته ”سائين توهان جو جانشين ڪير آهي/هوندو“ ته سدائين سنڌس جواب اهو هوندو هئو ته ”منهنجو ڪو به مقرر ڪيل جانشين ڪونهي، جنهن جا به عمل صالح هوندا ۽ ڪردار درست هوندو اهو منهنجو جانشين آهي/هوندو“. سائين ايترو ته جمهوري انسان هئو جو نئين سر آرگنائيز ٿيڻ کان وٺي سنڌس وفات تائين



Gul Hayat Institute

جيئي سنڌ محاذ جون سڀ ميٽنگون سن ۾ ٿينديون هيون. اسان ويندا هئاسين تہ سائين ڪچهري ڪندو هئو چانهيون ۽ شربت پياريندو هئو پر جڏهن ميٽنگ شروع ٿيندي هئي تہ پاڻ اٿي ويندو هئو اهو چوندي تہ توهان پنهنجا فيصلا پاڻ ڪريو.

ان جو اهو مطلب ناهي تہ ڪو سائينءَ پاران سندس خاندان جي ماڻهن تي سندس سياست ۾ حصو وٺڻ تي ڪا جهل پل هئي. بلڪ سائينءَ جي تہ خواهش هوندي هئي تہ سندس خاندان جا فرد سندس جدوجهد ۾ اڳتي اچن. ان لاءِ هو ڪين همٿائيندو بہ هئو البتہ انهن تي زور ڪونہ وجهندو هئو ۽ نہ ئي ان لاءِ ڪي وڏيون ڪوششون ڪندو هئو. انهي چوڻ جي تہ ڪا ضرورت ئي ناهي تہ اسان جهڙا هيٺئين ڪلاس جا ڪارڪن جن ڪي سائينءَ سان ملاقات لاءِ ڪو موقعو ڏسڻو پوندو هئو ۽ ڇهہ ڇهہ، اٺ اٺ ڪلاڪ جو سفر ڪرڻو پوندو هئو ۽ ڪڏهن وري ان سفر جو ڀاڙو ڪونہ هوندو هئو انهن جي ڀيٽ ۾ ڪيس ويجهو رهندڙ ماڻهن ڪي سندس سياست سمجهڻ ۽ اختيار ڪرڻ جا وڌيڪ موقعا موجود هئا پر ڪن بہ سببن جي ڪري انهن ائين ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو. وري سائينءَ جي وفات وقت اهو چيو ويو ۽ ان لاءِ ڪوششون بہ ورتيون ويون تہ "سيد جي خاندان جا فرد جيئي سنڌ هلچل جي قيادت ڪن"، پر انهن انڪار ڪيو.

پر ان جو اهو مطلب ڪونہ ٿيو تہ بعد ۾ سندس خاندان مان يا ڪو ٻيو بہ ماڻهو چاهي تہ سيد جي سياست اختيار نٿو ڪري سگهي. بلڪل ڪير بہ ڪيڏي مهل بہ قومي تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهي ٿو ۽ پنهنجي اهليت، صلاحيت ۽ محنت سان ان جي قيادت بہ ڪري سگهي ٿو. ها پر ان لاءِ ضروري آهي تہ سيد جي سياسي ورثي کي ڪُلي طور قبول ڪرڻو پوندو. اثاثن سان گڏ ذميواريون (Assets and liabilities) کڻڻيون پونديون. سندس ڪاميابين سان گڏ ناڪام تجربن جو بار بہ ڪُلهن تي کڻڻو پوندو. سائينءَ واسطيداريءَ جي ڪري ملندڙ عزت ۽ اهميت وٺبي تہ سندس حوالي سان ٿيندڙ تنقيد ۽ طبرا بہ برداشت ڪرڻا پوندا ۽ سندس فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار جي حوالي سان ايندڙ الزامن ۽ لڳندڙ تهمتن کي بہ منهن ڏيڻو پوندو. سيد نالي جي ڪري

Gul Hayat Institute

سياسي سفر ۾ ملندڙ آسانين مان فائدو ونبو تہ سندس ڪم جي ڪري پيش ايندڙ ڏکيائيون بہ قبول ڪرڻيون پونديون. صورتحال جي رڳو هڪڙي پاسي تي هٿ رکڻ کي سياسي اخلاقيات سنو ڪونہ ٿي چوي؛ رڳو اثاثا (Assets) پنهنجي پاسي ڪجن ۽ ذميوارين (Liabilities) کان وري پاسو ڪجي، اهو مناسب ناهي.

پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ هتي ٿئي گھڻو ڪري ائين پيو. جي ايم سيد سان خانداني لاڳاپي جي حوالي سان سياست ڪندڙ هڪ اڳواڻ کان اردو جي هڪ مشهور ٽي وي چينل جي نمائندي انٽرويو ڪندي سنڌو ديش چو ۽ چالاءِ ڪتاب ڪڍيو ۽ ان مان سائينءَ جي حوالي سان سوال پڇيو. ان اڳواڻ اهو چوندي تہ اُن ڪتاب سان منهنجو واسطو ناهي، ان مان سوال نہ پڇو. هن پنهنجي پارٽيءَ جو منشور ڪڍيو ۽ چيو تہ "مونکان هن مان سوال پڇو. ان کان علاوه جڏهن سيد جا سياسي مخالف اديب يا سياستدان (پوءِ اهي سنڌ جا هجن يا پاڪستان جا) سندس ڪردار ڪشي ڪندا آهن تہ اهڙا اڳواڻ خاموش هوندا آهن. پر ويجهي ماضيءَ ۾ تہ ائين بہ ٿيو تہ پاڻ کي سنڌ ۾ سيد جو متبادل سمجهڻ واري خول ۾ قاتل هڪڙو سياستدان سائينءَ جي قومي آزاديءَ واري فڪر ۽ جدوجهد کي رد ڪرڻ لاءِ ڪالم بہ لکي رهيو هئو تہ عين ان وقت جانشينيءَ جا دعويدار اڳواڻ ان سان اليڪشني اتحاد کي مضبوط ڪري رهيا هئا.

يا وري پاڪستان جي حڪمران قوتن کي راضي ۽ خوش ڪرڻ لاءِ جي ايم سيد طرفان مني صدي اڳ ۾ پاڪستان لاءِ ڪيل انهن ڪوششن جو تہ ذڪر ڪجي جن کي اڳتي هلي هُن پنهنجي زندگيءَ جي عظيم غلطي قرار ڏنو پر بعد ۾ "تجربا ڪري ۽ هٿ ساڙائي" هو پاڪستاني رياست جي حوالي سان جن نتيجن تي پهتو انهن جو نالو ئي نہ ونجي ۽ نہ ئي سنڌ جي نجات لاءِ سندس پڌايل حل "آزاد سنڌ" جي ڳالهہ ڪجي. اهو حل جنهن لاءِ هن پنهنجي زندگيءَ جا آخري 32 سال وقف ڪيا ۽ ان عرصي جو اڪثر وقت قيد ۾ گذاريو. ٻين لفظن ۾ تہ اهو پروگرام جنهن کي هو پنهنجي سموري مطالعي ۽ مشاهدي، سوچ ۽ فڪر جي



Gul Hayat Institute

حاصلات ۽ سڄي زندگيءَ جي جدوجهد جو نچوڙ قرار پيو ڏئي، ان کي لڪائي رکجي پر اهو عمل جنهن تي هُن کي پڇتاءُ هجي ۽ جنهن کي هو رد ڏئي چڪو هجي، اهو ان جي کاتي ۾ وجهجي ته ان کان وڏي زيادتي اهڙي وڏي ماڻهوءَ سان ٻي ڪا ٿي نٿي سگهي. ۽ جڏهن اها زيادتي ٿي رهي هجي ته ان وقت ان جا شاگرد ۽ ساٿي ڪيئن خاموش ويهي ٿا سگهن ۽ جي ويهن ٿا ته حيف هجين.

ان صورتحال ۾ تازو سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪندڙ هڪ پارٽيءَ جو پنجاب جي نمائنده ۽ پاڪستان جي اقتداري جماعت مسلم ليگ سان ”ناهه“ ٿيو آهي، جنهن کي ڪي ماڻهو سنڌ جي قومپرستن جو حڪمرانن سان ناهه قرار ڏين ٿا ته ٻيا وري ان کي سنڌ جي قومپرستن جو پنجاب جي قومپرستن سان معاهدو ٿا چون (انهن کي شايد اها خبر ئي ڪانهي ته حڪمران ۽ بالادست ڌرين جي قومپرستي نه ٿيندي آ، قومپرستي محڪومن جو هٿيار هوندي آهي، حاڪمن جو شاونزم هوندو آهي) ۽ ڪن الله جي نيڪ بندن ته ان کي ٻن قومن جي وچ ۾ معاهدو قرار ڏئي ڇڏيو آهي. ان ناهه کي اهي لقب سيڪو ڇاڻي ٿو ته ان ڪري ڏنا ٿا وڃن جو ان جي پس منظر ۾ جي ايم سيد جو نالو آهي. جيڪڏهن اهو نالو ۽ اهو حوالو هٽائي ڇڏجي ته پوءِ ڪهڙي صورتحال بيهندي اها ٻه ڪنهن کان ڳجهي ناهي. بهرحال هاڻي ناهه جي ان پاسي کي مٿي تفصيل سان پيش ڪيل صورتحال جي پس منظر ۾ ضرور پرکڻ گهرجي.

هاڻي نظر وجهون ٿا ناهه يا معاهدي جي حيثيت ۽ سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ حاصل ڪيل فائدن جي. پهريون سوال اهو آهي ته ڇا حاڪم قوم جي نمائندن ۽ محڪوم قوم جي حقن جي ڳالهه ڪندڙن جي وچ ۾ ناهه ٿي سگهي ٿو؟ ته ان جو جواب آهي ته ها ٿي سگهي ٿو پر ان جي حيثيت ۽ بناوت مختلف هوندي آهي. اهو ٻن مخالف ڌرين جي وچ ۾ ٿيندو آهي ۽ ان لاءِ ڳالهيون ڪرڻ کان پهرين ٻنهي پاسن وٽ هڪٻئي جي ڌر واري حيثيت تسليم ڪئي ويندي آهي. پوءِ ڳالهين ۾ ٻئي ڌريون پنهنجا پنهنجا مطالبا ۽ حل جا نقطا پيش ڪنديون آهن ۽ پوءِ ڪجهه ڏي ڪجهه وٺ جي اصولن تحت ناهه ٿيندو آهي.

جيئن آمريڪا ۽ ويٽنام جي وچ ۾ معاهدو ٿيو، اهو جنگ جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٺاهه هئو. اتي ويٽنامين جا مطالبا هئا ته آمريڪي فوجون واپس وڃن ۽ هڪ متحده ۽ آزاد ويٽنامي رياست قائم ٿئي، جڏهن ته آمريڪا جي گهر هئي ته سندس اتحادي ڏکڻ ويٽنام جي حڪومت کي تحفظ يقيني بڻايو وڃي. آمريڪي فوجون ”بنا شڪست“ جي باعزت طريقي سان نڪرن ۽ آئينده آمريڪي مفادن جو خيال رکيو وڃي. ۽ پوءِ اهڙو معاهدو ٿيو جنهن تحت هڪ طرف آمريڪي فوج کي نڪرڻ جو ڏگ مليو ته ٻئي طرف ٻن سالن کانپوءِ آزاد متحده ويٽنام وجود ۾ آيو.

يا هندستان تي انگريزن جي قبضي ۽ استحصال جي خلاف انڊين نيشنل ڪانگريس جدوجهد ڪري رهي هئي. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ کان وڌيڪ معاهدا ٿيا پر اهي ٻن مخالف ڌرين وچ ۾ ٿيا. ڪانگريس پنهنجا مطالبا رکندي هئي ۽ انگريز پنهنجا. يا ائين چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو ته ڪانگريس انگريز حاڪمن کان وڌ ۾ وڌ مطالبا ميڙائڻ چاهيندي هئي ۽ انگريز گهٽ ۾ گهٽ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پوءِ وچ ۾ ڪٿي ٺاهه ٿيندو هئو. انهن ٺي معاهدن سان (جدوجهد سان گڏ) ڳالهه هندستان جي آزاديءَ تائين پهتي. يا شيخ مجيب الرحمان ۽ عوامي ليگ به پاڪستان جي حڪمرانن ۽ پيپلزپارٽيءَ جي ليڊر سان معاهدي لاءِ ڳالهيون ڪيون پر پنهنجي پارٽيءَ جي پروگرام جي بنياد تي جيڪو ڇهن نقطن جي شڪل ۾ بنگالي عوام آڏو پيش ڪيل هئو.

هتي سنڌ ۾ ٿيندڙ ٺاهه جي صورت ۽ حيثيت مختلف آهي. هي ٻن ڌرين وچ ۾ معاهدو نه پر هڪ ”اتحاد“ آهي. ”سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ“ هاڻي جيڪڏهن محڪوم (سنڌي) قوم جا ماڻهو حاڪم (پنجاب) قوم جي نمائندن سان اتحاد ڪري پنهنجي قومي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندا ته سوال پيدا ٿو ٿئي ته اها جدوجهد ڪنهنجي خلاف ٿيندي؟ ٻيو اهو ته اهي دوست عوامي ليگ جو گهڻو مثال ڏيندا آهن، ته جيئن مٿي ٻڌايو ويو ته عوامي ليگ ته پنهنجي ان پروگرام جي بنياد تي ڳالهيون ڪيون جيڪو بنگالي عوام جي آڏو پيش ڪيو ويو



Gul Hayat Institute

هئو. هتي ته سنڌ واري پارٽيءَ جي پنهنجي پروگرام جو ٿي ذڪر ڪونهي، بس پنجاب واري پارٽيءَ جي پروگرام تي صحيحون ڪيون ويون آهن. هتي دوست سنڌ جي وسيلن تي مالڪي ۽ ڊاري آبادڪاري روڪڻ جا مطالبا ۽ انهن لاءِ احتجاج ڪندا آهن پر انهن جو ٿاهه ۾ ڪو ذڪر ڪونهي. هتي پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ۾ 1940ع واري ٺهراءَ جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي پر معاهدي ۾ موجوده يعني 1973ع واري آئين جي دائري ۾ صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. 1940ع وارو ٺهراءُ قومي وحدتن جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت کي تسليم ڪري ٿو جڏهن ته 1973ع وارو آئين سنڌي قوم (۽ ٻين قومن) جي وجود کان ئي انڪار ڪندي هڪ بدترين قسم جي مرڪزيت قائم ٿو ڪري. ڳالهين ۾ مذهب کي رياست کان ڌار ڪرڻ تي به زورو ڏنو ويندو آهي پر ٿاهه ۾ ان جو به ذڪر ڪونهي.

جن به نقطن تي اتحاد ڪيو ويو آهي اهي سڀ مسلم ليگ (ن) جي پروگرام جو حصو آهن. سنڌ جي تقسيم کي رد ڪرڻ يقيني طور سنڌي قوم جي مفاد جو هڪڙو اهم نقطو آهي پر اهو هن اتحاد کان اڳ ۾ ئي پنهنجي پارٽي پاليسي طور ميان نواز شريف اعلان ڪري چڪو هئو. باقي 1991ع وارو پاڻي ٺاهه ته ڪيو ئي ميان صاحب جي حڪومت هئو ۽ سنڌي ماڻهن جي اعتراض کي رد ڪندي ڪيو هئو. پاڪستان جي آزاد خارجه پاليسي ۽ ڪرپشن جو خاتمو ڪافي عرصي کان مسلم ليگ (ن) جي ايجنڊا تي موجود آهن. ناڻي جي ورڇ (N F C) کي بهتر بڻائڻ جي ڳالهه آهي پر سنڌ جي حق ۾ حصي جي نشاندهي ڪانه ڪئي وئي آهي. سڀ کان وڏي ۽ اهم بنيادي ڳالهه آهي 1973ع واري آئين جي دائري ۾ حل ڻ جي. ان ڪانپوءِ ته ٻيا سڀ مطالبا ۽ مسئلا پنهنجي اهميت وڃائي ٿا ويهن ڇاڪاڻ ته 1973ع جو آئين قومن کي حق ڏيڻ نه پر انهن جا حق کسڻ جو دستاويز آهي.

(عوامي آواز: 2 آگسٽ 2012)

# جي_ايم سيد
# ۽ نظرياتي سياست جي اهميت

**سنڌ** تي تاريخ ۾ بار بار حملا ٿيندا رهيا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن حملن جي ڪاميابيءَ جي صورت ۾ سنڌ تي قبضا بہ ٿيندا رهيا آهن. ائين ئي وري سنڌي ماڻهن جي انهن حملن کي منهن ڏيڻ ۽ انهن قبضن کي ختم ڪرڻ جي جدوجهد سان بہ تاريخ ڀري پئي آهي. جيڪڏهن سنڌي ماڻهن جي سستين، هيڻاين ۽ غلطين جي ڪري سنڌ غلام ٿيندي رهي آهي تہ وري سنڌي ماڻهن پنهنجي همت، حوصلي، ڏاهپ ۽ قربانيءَ وسيلي سنڌ کي آزاد بہ پئي ڪرايو آهي. اهڙي طرح سنڌ جي پنهنجي سڃاڻپ، بقا ۽ نجات جي جنگ ۽ جدوجهد لاها چاڙها ڏسندي ۽ مختلف مرحلن مان گذرندي جاري ۽ ساري رهي آهي. ان ۾ بيشمار ڏاهن ۽ وطن دوست اڳواڻن جي اڳواڻي ۽ هزارين لکين محبِ وطن ماڻهن جي قربانيءَ جو دخل آهي.

هن وقت سنڌ جي آزادي، خودمختياري ۽ خوشحاليءَ جي جدوجهد جنهن جديد قومپرستيءَ جي بنياد تي جاري آهي ان مرحلي جي تشڪيل ۽ ترتيب ۾ سڀ کان اهم ۽ موثر ڪردار سائين جي ايم سيد جو آهي. جديد قومپرستيءَ مان مراد قوم جي سڃاڻپ، تشڪيل ۽ ترقيءَ جا اهي عنصر جن جي بنياد تي سڀ کان پهرين اولهہ يورپ ۾ قومي رياستن

Gul Hayat Institute

وجود ورتو. ( ان ڪري تہ اولهہ يورپ سماجي طرح دنيا جو سڀ کان ترقي يافتہ خطو هئو) ۽ پوءِ جيئن جيئن دنيا ترقي ڪندي وئي تہ دنيا جي ٻين خطن ۾ بہ انهن بنيادن تي قومي رياستن جي تشڪيل ۽ ترتيب ٿيندي وئي ۽ انهن بنيادن تي قومي آزاديءَ جون تحريڪون اڀرنديون رهيون، جن جي نتيجي ۾ نيون نيون رياستون وجود ۾ اينديون رهيون، جيڪو سلسلو اڃا جاري آهي. اهي عنصر آهن مشترڪ سرزمين، مشترڪ تاريخ، ٻولي، ڪلچر ۽ مشترڪ سياسي ۽ اقتصادي مفاد. انهن ئي بنيادن تي اقوامِ متحده ۾ قومي رياستن کي ميمبرشپ ڏني ويجي ٿي.

سنڌ تاريخ جي تمام ڊگهي عرصي کان هڪ جدا حيثيت رکندڙ ملڪ طور موجود رهي آهي. پر جديد دور جي عالمي معيارن مطابق ان جي قومي سڃاڻپ ويهين صديءَ دوران سمجهي، محسوس ڪئي ۽ تسليم ڪئي ويئي. ان عمل ۾ معروضي حالتن سان گڏ الله بخش سومري ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سميت ڪيترن ماڻهن جي شعوري ڪوشش جو بہ حصو آهي پر سڀ کان وڌيڪ نمايان ۽ سڀ کان وڏو ڪردار سائين جي ايم سيد جو آهي.

هن مذهبي، نسلي، قبائلي ۽ ٻين سڃاڻپن مان ڪڍي اسان کي سنڌيت جي سڃاڻپ ۽ احساس ڏياريو. اها ڳالهہ مختصر ۽ سادن لفظن ۾ سنڌي نيشنلزم جو هڪ وڏو پرچارڪ محترم حفيظ قريشي پيش ڪندو هئو. سندس چوڻ هوندو هئو تہ ”آءٌ سنڌي ٻولي بہ ڳالهائيندو هئس، سلوار قميص ۽ سنڌي ٽوپي بہ پائيندو هئس ۽ ٻيون ريتون رسمون بہ ادا ڪندو هئس پر مونکي اهو احساس نہ هوندو هئو تہ آءٌ سنڌي قوم جو حصو آهيان. اهو احساس مونکي جي ايم سيد کان مليو“.

ويهين صديءَ ۾ پهرين عالمي جنگ کانپوءِ قومي بنيادن تي رياستن جو آزاد ٿيڻ ۽ نيون رياستون وجود ۾ اچڻ جي هڪ سلسلي جي شروعات ٿي، جنهن ۾ ٻي عالمي جنگ کانپوءِ تمام گهڻي تيزي آئي.اهو ئي سبب آهي تہ اقوامِ متحده جي نهڻ وقت ان جي ميمبر ملڪن جو تعداد پنجاهہ جي لڳ ڀڳ هئو جيڪو هينئر بہ سئو تائين پهتو آهي. ان ئي



Gul Hayat Institute

عرصي دوران سائين جي_ايم سيد سنڌ جي قومي تشڪيل جي بنيادي عنصرن کي ڳولهڻ، گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي ڇنڊي ڦوڪي ترتيب ڏئي رکڻ واري عمل ۾ مصروف رهيو. سنڌ جي تاريخ کي صحيح بنيادن تي بيهارڻ لاءِ هُن "سنڌ جا سوُرما" جهڙا ڪتاب لکيا. سنڌي ٻوليءَ جي صحيح حيثيت ۽ اهميت کي اُجاگر ڪرڻ خاطر "ٻوليءَ جو مسئلو" جهڙو پمفليٽ لکيو. سنڌي ادب کي نئون ۽ حب الوطنيءَ وارو رخ ڏيڻ لاءِ پيغامِ لطيف جهڙو شاهڪار ڪتاب تصنيف ڪيو. سنڌ جي سيڪيولر سڃاڻپ کي اجاگر ڪرڻ ۽ مستحڪم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ "جيئن ڏٺو آهه مون" جهڙ اعلانِ حق ڪيو ۽ سنڌ جي سياسي ۽ اقتصادي حقن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ سنڌوءَ جي ساجاهہ جهڙو ڪتاب لکيو. اهي رڳو چند جهلڪيون آهن، باقي تہ تاريخ، سياست، علم ادب، ٻولي ۽ ڪلچر وغيره بابت سندس پنجاهہ کان مٿي ڪتابن کان اسان واقف آهيون. خاص ڪري "سنڌي ڪلچر" نالي ڪتاب جنهن ذريعي هُن مذهبي، نسلي ۽ قبائلي اثرن کان آجو ڪري سنڌي ڪلچر کي جديد عالمي معيارن مطابق پيش ڪيو.

سيد جي ان فڪري جاکوڙ جو اعتراف پاڪستان جي نامياري تاريخدان ڊاڪٽر مبارڪ علي هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: "پاڪستان ۾ تاريخ حڪمران طبقن جي مفادن مطابق لکي ويندي رهي آهي، جي ايم سيد پهريون شخص آهي جنهن تاريخ کي عوام جي نقطہ نگاهہ کان لکيو آهي". نہ رڳو فڪري سطح تي پر انهن عنصرن، قدرن ۽ آدرشن جي ڦهلاءَ لاءِ سيد عملي طور ٻ. وڏي جنگ لڙي ۽ انهن کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ خاطر عوام تائين پهچائڻ جي ڪوشش ۾ جهر جهنگ، شهر، ڳوٺ ۽ وستي واهڻ ويو.

هڪ طرف سائينءَ جون اهي ڪوششون (۽ انهن جي پاداش ۾ قربانيون) جاري هيون تہ ٻئي پاسي جديد قومي بنيادن تي رياستن جي آزاد ٿيڻ ۽ نهڻ جو سلسلو جاري رهيو. ايشيا ۽ آفريقہ جي مختلف حصن کان ٿيندو اهو سلسلو 1971ع ۾ پاڪستان تائين پهتو جڏهن اوڀر بنگال، بنگلہ ديش جي صورت ۾ دنيا جي نقشي تي نمايان ٿيو. ان مرحلي تي



Gul Hayat Institute

سائينءَ سوچيو ۽ سمجهيو تہ سنڌ جي قومي رياست ٺهڻ/آزاد ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي ۽ ان جو اعلان هُن ”سنڌو ديش ڇو ۽ ڇالاءِ“ ڪتاب لکڻ ذريعي ڪيو. اتان سائين جي ايم سيد جي جدوجهد ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ جو هڪڙو نئون مرحلو شروع ٿيو جيڪو نوس ۽ واضح نظرياتي بنيادن تي بڌل هئو ۽ ان جي پويان تاريخ جو شعور، عالمي سياست جو ادراڪ ۽ سائينءَ جو پنهنجو تجربو شامل هئو. ان صورتحال جو احاطو ڪندي سائينءَ هڪڙو مشهور جملو چيو (جيڪو پوءِ هو ورجائيندو رهندو هئو) تہ ”مان تجربا ڪري، هٿ ساڙائي ڪن نتيجن تي پهتو آهيان“.

انهن نتيجن جي نچوڙ کي مختصر لفظن ۾ بيان ڪجي تہ اهو هيءُ آهي تہ ”پاڪستان هڪ ڪالونيل (Colonial) رياست آهي، جنهن ۾ پنجاب حاڪم ۽ سنڌ محڪوم آهي“. ۽ ٻيو اهو تہ ”سنڌ جي نجات، ترقي ۽ خوشحاليءَ واري جدوجهد ۾ پيرن، ميرن ۽ وڏيرن/ جاگيردارن تي ڀاڙڻ نہ کپي“. ۽ اسان ڏسنداسين تہ 1971ع کانپوءِ جي سائينءَ جي ساست ۽ جدوجهد ۾ اهي ٻئي عنصر بلڪل واضح، گهرا ۽ غالب نظر ايندا. 1972ع کان وٺي سندس جاکوڙ ۽ جدوجهد جو مرڪز ۽ مقصد سنڌ جي ”سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي آزادي“ رهيو ۽ ان جدوجهد ۾ هڪ بہ پير، مير يا وڏيرو/جاگيردار شامل نہ هئو. هُن پنهنجي اميدن ۽ حڪمت عملين جو مرڪز اڪثريتي غريب پورهيت ۽ هيٺئين وچولي طبقي کي بڻايو. جيتوڻيڪ انهن ۾ الاهي ساريون ڪمزوريون، ڪچايون ۽ ڪوتاهيون هيون، جن جو ذڪر ۽ نشاندهي پاڻ ئي اڪثر ڪندو رهندو هئو پر پوءِ بہ سُڌاري بهتريءَ وارين ڪوششن جو مرڪز انهن کي ئي رکيائين. ڇاڪاڻ تہ مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي مان هو سمجهي چڪو هئو تہ مجموعي طور بحيثيت ڪلاس وڏيرا/جاگيردار وقت جي اسٽيبلشمينٽ کان پري رهي نہ سگهندا، جو انهن تہ پنهي جا مفاد هڪٻئي سان سلهاڙيل هجن ٿا.

سائينءَ جي ان آزادي پسند ۽ عوام دوست نظرياتي ۽ اصولي سياست کان پير، مير ۽ وڏيرا تہ پري رهيا پر ڪي ”ڏاها عوامي اڳواڻ“ ۽ ”ترقي پسند ليڊر“ بہ سندس مخالف رهيا. ڪن جو اعتراض هئو تہ ”سيد

وقت کان اڳ آزادي جو نعرو ڏئي مارائي ٿو“ تہ وري ڪن جي تنقيد اها هئي تہ ”سيد رجعت پسند وڏيرڪي سياست ٿو ڪري“. ۽ اهو بہ تہ ”عدم تشدد واري سياست بزدليءَ جي علامت آهي“. ان ڪري ڪن هوچي منھ ۽ مائوزي تنگ کي ماڊل بڻايو تہ ڪن چي گويرا سان ڪلھو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ۾ ڪا خرابي ڪانهي نہ ئي اختلاف ڪرڻ ڪا غلط ڳالھہ آهي. سياست ۾ اختلاف بلڪل ٿيندا آهن ۽ هر ماڻهوءَ کي حق آهي تہ پنهنجي پسند، پنهنجي مرضي ۽ پنهنجي سوچ مطابق پروگرام ڏئي ۽ اهو پروگرام ماڻهن وٽ کڻي وڃي. پوءِ اهو هڪ طرف ماڻهن تي آهي تہ کهڙي پروگرام ۽ کهڙي سوچ کي موٽ ٿا ڏين ۽ ٻئي طرف ڏسجي تہ وقت ۽ حالتون کهڙي ڳالھہ کي صحيح ثابت ٿيون ڪن. هن وقت سنڌ جون حالتون نهايت اهم ۽ فيصلہ ڪن موڙ تي پهتيون آهن. قومي تحريڪ هڪڙو مرحلو پورو ڪري ٻئي ۾ داخل ٿي رهي آهي . ان موڙ ۽ اهڙي مرحلي تي ضروري آهي تہ اسان گذريل مرحلي تي هڪ تنقيدي نظر وجهون ۽ ان دوران اختيار ڪيل حڪمت عملين جو جائزو وٺون ۽ تجزيو ڪريون ۽ ان تجزيي جي نتيجن کي حال جي صورتحال تي لاڳو ڪري مستقبل جا رستا مقرر ڪريون.

سڀ کان ڀرين اصولي ڳالھہ تہ ”جي ايم سيد آزاديءَ جي ڳالھہ وقت کان اڳ ۾ ڪئي جنهن لاءِ سنڌي ماڻهو اڃا تيار نہ هئا“. انهن دوستن کي ڪير سمجهائي تہ ڳالھہ هميشہ اڳ ۾ ڪبي آهي پوءِ ان ڳالھہ تي ئي ماڻهو تيار ٿيندا آهن. ڳالھہ هجي ئي نہ تہ ماڻهو ڇا تي تيار ٿيندا. سندن استدلال کي مڃجي تہ پوءِ تہ حضرت عيسيٰ بہ وقت کان اڳ ۾ ڳالھہ ڪئي جو سڀ ماڻهو سندس مخالف ٿي پيا ۽ صليب تي چاڙهڻ وقت بہ ٿي دوست ئي گڏ هئس. حضرت محمد بہ وقت کان اڳ ۾ ڳالھہ ڪئي، جو سڄو ملڪ، شهر، ايستائين جو خاندان بہ مخالف ٿي پيس ۽ کيس پنهنجو گهر ۽ شهر ڇڏڻو پيو. گئليلو بہ زمين ڦرڻ جي ڳالھہ وقت کان اڳ ۾ ڪئي هئي. مارڪس ۽ لينن بہ پورهيت انقلاب جي ڳالھہ وقت کان اڳ ۾ ڪئي هئي. پر حقيقت اها آهي تہ اڳتي هلي دنيا انهن عظيم انسانن جي سچائيءَ کي

Gul Hayat Institute

تسليم ڪيو. هڪڙو انسان غيرمعمولي ٿيندو ۽ چٽبو ئي ان ڪري آهي جو اهو عام ماڻهن کان اڳ ۾ شين کي ڏسي ۽ سمجهي سگهندو آهي.

وقت کان پوءِ معاملن کي ڏسڻ واري روش ۽ حڪمت عمليءَ جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو اسان کان سياسي پهل (Initiative) ڇڏائي وئي آهي ۽ اسان رڳو رد عمل ڪرڻ واري مشين بڻجي ويا آهيون. رياستي حڪمران سنڌ دشمن منصوبا شروع ڪن ٿا يا ڪو سنڌ دشمن عمل ڪن ٿا ته اسان ان تي ردِ عمل ظاهر ڪريون ٿا. اهي منصوبا حڪمران مڪمل ڪري ٿا وڃن (مثال : پنون عاقل ڇانوڻي ۽ گريٽر ٿل ڪئنال وغيره) ته اسان وري ٻين منصوبن جو انتظار ٿا ڪريون. هڪڙي مسئلي (Issue) تي جدوجهد ڪندي حڪمران ٻيو سنڌ دشمن عمل ڪندا آهن ته اسان وري ان تي احتجاج ڪندا آهيون ۽ پوئيون مسئلو وسري ويندو آهي. مثال طور ڪجهه وقت اڳ ۾ اسان سڀ ذوالفقار آباد رٿا جي خلاف جدوجهد ڪر ي رهيا هئاسين، اهو چوندي ته اها رٿا سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش آهي (۽ واقعي اها حقيقت آهي). اوچتو وري ٻئو مڪاني نظام آيو ( ان بابت ٻه اهو چوڻ بلڪل درست آهي ته اهو سنڌ ورهائڻ جو منصوبو آهي) ته اسان ان خلاف اٿي کڙا ٿياسين پر ذوالفقار آباد وسري ويو. اڄ ان جو ذڪر ئي ڪونه ٿو ٿئي جڏهن ته حڪمرانن ان کي ختم ڪونه ڪيو اهي، بلڪ ان سنڌ دشمن منصوبي تي ڪم جاري آهي. اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن. چوڻ جو مطلب ته اسان رڳو مسئلن (Issues) جي پويان ٿا هلون، انهن مسئلن کي پيدا ڪندڙ رياستي مشينريءَ جو نالو نٿا وٺون. رياستي مشينريءَ جو بنياد آئين (هن وقت 1973ع وارو) آهي ۽ اسيمبليون، عدالتون ۽ حڪومتون ان جا جزا ۽ پرزا آهن. اسان رياستي مشينري يا رياستي ادارن جي تبديليءَ جي نه صرف ڳالهه ڪونه ٿا ڪريون پر انهن جو حصو ٿيڻ ٿا چاهيون ۽ پوءِ وري اميد ٿا ڪريون ته سنڌ جون مصيبتون ۽ سنڌ جا مسئلا گهٽ ٿين پر اهي گهٽجڻ بدران وڌندا ٿا وڃن.

سائين جي ايم سيد بقول سندس "تجربا ڪري هٿ ساڙائي" ان نتيجي تي پهتو ته اها رياست ۽ اهي رياستي ادارا سنڌ ۽ سنڌين کي حق

/

ڏيڻ نہ پر انھن جا حق کسڻ لاءِ وجود ۾ آيا آھن، تنھن ڪري هُن ان مشين يعني رياست جي تبديليءَ جي ڳالھہ ڪئي. يعني سنڌ جي آزاد۽ خودمختيار رياست. اڄ ھيءَ جيڪا صورتحال نوڪرين، ڪارخانن، زمينن، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن جي کسجڻ کان ٿيندي سنڌ جي ورھاست تائين پھتي آھي تہ ان جي پويان اصلي محرڪ قوت رياستي ادارا آھن. سنڌ ۾ ويھي سنڌ جي ورھاست جي گھر ڪندڙ بہ ان رياست جو تيار ڪيل پرزو ۽ رياستي ادارن جو سنڌ جي حقيقي نجات واري جدوجد خلاف ھڪڙو ھٿيار آھن. غيرنظرياتي سياست ۽ پروگرام بدران اشوز تي جدوجھد ڪرڻ جو نتيجو اھو نڪتو آھي تہ رياست جي تيار ڪيل ھڪ گروھہ ۽ رياستي ادارن جي اسان خلاف استعمال ٿيندڙ ھڪ ھٿيار ڪي منھن ڏيڻ جي ڪوشش ۾ اسان خود انھن رياستي ادارن جا ڳيجھو ٿيندا پيا وڃون. رياستي ادارن جي اڻ اعلانيل ايجنٽن ڪي منھن ڏيڻ لاءِ وري اعلانيل ايجنٽن جو سھارو ٿا وٺون. ڇا اھا رياستي ادارن جي حڪمت عمليءَ جي ڪاميابي ۽ اسان جي ناڪامي ناھي؟.

ٻيو ھڪڙو اختلافي نقطو سائين جي ايم سيد ۽ ان جي سياسي مخالفن جي وچ ۾ اسيمبلين ۾ وڃڻ نہ وڃڻ جو رھيو آھي. سائينءَ جو چوڻ ھو تہ اسيمبليون ڪالونيل ۽ استحصالي نظام کي برقرار رکڻ ۽ ان کي تحفظ ڏيڻ جا ادارا آھن. ٻين لفظن ۾ اھي سٽيٽس ڪو (Status quo) جا ھٿيار آھن. انھن ذريعي اھا بنيادي تبديلي نٿي اچي سگھي، جنھن جي سنڌي قوم کي ضرورت آھي. ٻين ھمراھن جو الزام رھيو آھي تہ "سيد اليڪشني سياست ۾ حصو نہ وٺي سنڌ جي قومي تحريڪ کي وڏو نقصان ڏنو آھي" ۽ اھو چوندا رھيا آھن تہ "ھاڻي اسان اسيمبلين ۾ وڃي سنڌ جي ڪايا پلٽ ڪنداسين". اھا حڪمت عملي اٽندي ٿي اصولي طور (In Principle) توڙي تدبير (Tactics) جي لحاظ کان ناڪام ٿي وئي. اصولي طور ائين تہ جيڪي ھمراھہ اسيمبلين ذريعي سنڌ جي قسمت تبديل ڪرڻ جي ڳالھہ ٿا ڪن اھي ٿي وري تحرير اسڪوائر ٺاھڻ جا اعلان ٿا ڪن. ھاڻي اھو تہ سڄي دنيا ڄاڻي ٿي تہ حڪمران ٽولي جي قائم

ڪيل اسيمبلين کان بيزار ۽ نا اميد ٿيڻ ڪانپوءِ ئي مصري عوام تحرير اسڪوائر ۾ گڏ ٿيا ۽ مصر ۾ توڙي تيونس ۾ جنهن تبديليءَ عرب دنيا ۾ بهارآندي اها تبديلي اسيمبلين ۾ قانون ٺاهيندڙن جي ڪري نه پر اسيمبلين جي ماريل ماڻهن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ آئي آهي. جيڪڏهن مصري عوام موجود نظام ۽ ان تحت قائم اسيمبلين ذريعي تبديليءَ جو آسرو ۽ انتظار ڪن ها ته پوءِ اجا انهن جا به ٽي نسل آمريتن جي گهاٽي ۾ پيسجن ها. تدبير جي لحاظ کان ناڪامي اها ٿي ته اسان جا قومپرست دوست اجا انتظار ۾ ۽ تياريءَ ۾ هئا ته سنڌ جي مفادن جي بنياد تي جيڪي سنڌي ماڻهو پيپلزپارٽيءَ کان بيزار ٿيا آهن اُهي ڪين ووٽ ڏيندا ۽ اهي متبادل ٿي ايرندا ته خبر ئي نه پئي ته متبادل واري واڳ انهن ڌرين جي هٿ ۾ هلي وئي جيڪي پيپلزپارٽيءَ کان وڌيڪ اصل حڪمرانن جا اتحادي آهن.

گذريل ٻن ڏهاڪن دوران غيرنظرياتي ۽ موقعي پرستيءَ واري سياست جو شڪار رڳو سيد جا سياسي مخالف ئي نه پر ڪيترائي سنڌس "پوئلڳ" به ٿيا. ۽ ان جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو شعوري يا لاشعوري طور ان رستي تي هلندي هلندي اهي اهڙي منزل تي پهتا آهن جيڪا سيد جي نظريي، سوچ ۽ فڪر، اصولن ۽ آدرشن جي بلڪل ابتڙ آهي. سنڌو ديش جا قسم کڻندي ۽ پاڪستان ڀاهڻ جا اعلان ڪندي اهي اتي پهتا آهن ته متحده پاڪستان جي نعري ۽ جهنڊي هيٺ جدوجهد ٿا ڪن ۽ پاڪستان جي سالميت ۽ ترقيءَ لاءِ دعائون ٿا گهُرن.

سيڪيولرزم، مذهبي رواداري ۽ انساني ڀائيچاري لاءِ جي ايم سيد جو ڪردار ۽ جدوجهد نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان پر سڄي برِ صغير ۾ مثالي آهي. ڪيڏي نه ستم ظريفي ۽ ماتم جو مقام آهي ته سيد جو نالو وٺي ۽ ان جي جدوجهد سان واڳيل جهنڊو کڻي ماڻهو مذهبي انتهاپسندن جي اڳواڻيءَ ۾ مذهب جي نالي ۾ انسانن کي ذبح ڪرڻ ۽ سرونن سان ڇچري ماري انهن جي لاشن کي بازارن ۾ بي عزتو ڪرڻ ڪانپوءِ ڳڻن ۾ ويڙهي تيلي ڏئي ساڙين ٿا. سيد جي شخصيت ۽ جدوجهد کي قريب کان ڏسندڙ



Gul Hayat Institute

حساس ماڻهو سمجهي سگهي ٿو ته هن آدرشي انسان جي روح کي ان عمل مان ايتري تڪليف ٿي هوندي جيتري ڪيس شايد حڪمرانن جي ٽيهن سالن جي قيد ۽ بند سان به نه ٿي هجي.

ان مان ثابت ٿئي ٿو ته جي ايم سيد جي اصولن تي ٻڌل نظرياتي جدوجهد ئي سنڌي قوم جي حقيقي نجات جو بنياد فراهم ڪري ٿي ۽ پنهنجي غلطين مان سبق سکي هو سنڌي قوم کي گهٽين غلطين کان بچائڻ واري راهه روشن ڪري ويو آهي.

(عبرت/عوامي آواز:17 جنوري 2013ع)

Gul Hayat Institute

# سيد جي فڪر کي خطرا

**پنهنجي** ڪتاب ”فڪر جي ايم سيد اور آج ڪان وپاڪستان“ جي تعارف ۾ مون لکيو هئو تہ ”هر غير معمولي شخص متنازعہ هوندو آهي ۽ هر غير متنازعہ فرد معمولي هوندو آهي“. سمورا غير معمولي ماڻهو متنازعہ ان ڪري ٿيندا آهن تہ اهي نوان خيال کڻي ايندا آهن، اهي تبديليءَ جي ڳالهہ ڪندا آهن.

انساني سماج هر وقت تبديليءَ جي عمل مان گذرندو ٿو رهي. جيئن وقت هڪ هنڌ بيهي نٿو تيئن انساني سماج بہ تبديل ٿيندو اڳتي وڌندو ٿو رهي. جيڪي ماڻهو جيڪي گروهہ ۽ جيڪي قومون تبديليءَ جي عمل کي سمجهن ٿيون ۽ وقت سان گڏ پاڻ ۾ تبديلي آڻين ٿيون اهي زنده بہ رهن ٿيون ۽ ترقي بہ ڪن ٿيون پر جيڪي تبديل نٿيون ٿين انهن جي ترقيءَ جو عمل رُڪجي ويجي ٿو ۽ آخر اهي ختم ٿي وڃن ٿيون. غير معمولي انسانن جو وقت جي نبض تي هٿ هوندو آهي تنهن ڪري اهي تبديل ٿيندڙ وقت جي گهرجن سان مطابقت رکندڙ نوان خيال ڏيندا آهن. پراڻا خيال ۽ زندگيءَ بابت پراڻا تصور هلندي هلندي ماڻهن جي عقيدي جي حيثيت اختيار ڪري ويندا آهن. ان ڪري جڏهن نوان خيال ايندا آهن ۽ انهن ماڻهن جي عقيدن سان ٽڪرائبا آهن تہ اهي عقيدي پرست ماڻهو نون خيالن جي ۽ نوان خيال ڏيندڙ ماڻهن جي مخالفت ڪندا آهن. اهڙي طرح اُهي سماج جي واڌاري ۽ ترقيءَ بابت نوان خيال، نيون سوچون

۽ نوان تصور ڏيندڙ ماڻهو متنازعہ بڻجي ويندا آهن.

اڄ انساني تاريخ جا عظيم ۽ غير معمولي سمجهيا ۽ مڃيا ويندڙ سمورا شخص پنهنجي دور جا انتهائي متنازعہ ماڻهو هئا, اهي مفڪر هجن, مذهبي مهندار/ پيغمبر هجن يا سائنسدان هجن. ڪنفيوشس. گوتم ٻڌ, سقراط حضرت عيسيٰ, حضرت محمد, ڪارل مارڪس, گئليلو آئنسٽائن, اهي سڀ پنهنجي پنهنجي وقت ۾ متنازعہ رهيا. اهي سڀ اُهي ماڻهو هئا جن عام ماڻهن ۾ عقيدي جي حيثيت اختيار ڪري ويل پراڻن خيالن کي چئلينج ڪيو ۽ رد ڪيو. انهن جي پيٺ ۾ ٻيا اهڙا بہ ماڻهو هئا جن ماڻهن کي خوش ڪرڻ خاطر انهن سان ها ۾ ها ملائي. اُهي وقتي طور تہ وڏا مقبول بہ ٿيا ۽ ماڻهن جا ليڊر ۽ حڪمران بہ ٿيا پر انساني سماج جي ترقيءَ ۾ انهن ڪو ڪردار ادا نہ ڪيو.

جي ايم سيد بلاشبہ سنڌ جي پاڪستان جو ۽ شايد ننڍي کنڊ جو سڀ کان وڌيڪ متنازعہ ماڻهو هئو. هُن عقيدي پرستيءَ جي خلاف جنگ ڪئي. هُن پراڻن ۽ فرسوده خيالن کي رد ڪيو. هُن مقدس ۽ متبرڪ بڻيل خيالن, نظرين ۽ شخصيتن کي چئلينج ڪيو. هُن پنهنجي دور جي حساب سان سياست ۾, ادب ۾, تاريخ ۾ ۽ مذهب جي معاملي ۾ نوان خيال ۽ نوان لاڙا ڏنا. جي ايم سيد کي سڀ کان وڌيڪ متنازعہ بڻائيندڙ سندس ڪتاب "جيئن ڏٺو آ مون" هئو جنهن ۾ هُن مذهب بابت پراڻن, روايتن تي ٻڌل ۽ گمراهہ ڪندڙ خيالن جو سائنسي طريقي سان ڇيد ڪري انهن کي رد ڪيو. ان ڪتاب تي ٿيل تنازعي ان وقت سيد کي جهڙوڪ اڪيلو ڪري ڇڏيو پر اڄ پاڪستان ۾ هوندي بہ سنڌ جيڪا اڄا تائين مذهبي بنياد پرستيءَ جي باهہ کان بچيل آهي تہ ان ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ ان ڪتاب جو بہ حصو آهي.

شاهہ لطيف هاڻي رڳو سنڌ جي شاعري ۽ ادب نہ پر سنڌ جي ڪلچر ۽ سنڌ جي سڃاڻپ جو هڪ اهم اهڃاڻ بڻجي چڪو آهي. نہ رڳو ايترو پر سنڌ جي قومي نجات جي جدوجهد ۾ بہ سندس شاعري هڪ روشني ۽ هڪ هٿيار طور استعمال ٿي رهي آهي. شاهہ لطيف کي اها



Gul Hayat Institute

حيثيت ڏيارڻ ۾ بہ جي ايم سيد جي ڪتاب "پيغام لطيف" جو اهم ڪردار آهي. غلام ملڪن ۽ پنتي پيل سماجن ۾ تاريخ کي عقيدي پرستيءَ جي بنياد تي لکيو ويندو آهي ۽ ان کي جابر قوتن جي بالادستي جاري رکڻ ۽ سماج ۾ ماٺاريا اسٽيٽس ڪو براقرار رکڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. جي ايم سيد تاريخ جو روشن خيال، تبديلي پسند ۽ بالادستي مخالف پاسو پيش ڪيو. ان لاءِ ننڍي ڪنڊن جي وڏي تاريخدان ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ جو چوڻ آهي تہ "پاڪستان ۾ تاريخ حڪمرانن جي نقطہ نظر کان لکي ويندي آهي. جي_ايم سيد اهو پهريون شخص آهي جنهن تاريخ کي عوام جي نقطہ نگاهہ سان لکيو". اهو تاريخ بابت جي_ايم سيد جي خيالن جو نتيجو آهي تہ اڄ محمد بن قاسم کي غاصب ۽ راجا ڏاهر کي محب وطن طور مڃيو وڃي ٿو ۽ محمد بن قاسم جي ڪيل حملي کي توسيع پسنديءَ جي مهم سمجهڻ وارو خيال هاڻي سنڌ کان نڪري خطي جي ٻين حصن ۾ پختو ٿي رهيو آهي.

غير معمولي انسانن کي نوان خيال پيش ڪرڻ جي پاداش ۾ انهن ماڻهن طرفان مخالفتون، مشڪلاتون ۽ سزائون ملڻ هڪ سمجهہ ۾ اچڻ واري ڳالهہ آهي. جن جي عقيدن کي ۽ جن جي مستقل مفادن کي اهي چئلينج ڪندا آهن. انهن مخالفتون ڪندڙن ۽ فتوائون ۽ سزائون ڏيندڙن ۾ وقت جا حڪمران ۽ ملان، پوپ، پنڊت شامل هوندا آهن. مٿي ذڪر ڪيل غير معمولي ماڻهن ۽ انهن جي قافلي جي ٻين انسانن سان وقت وارن جي ڪيل اهڙي ورتاءَ جي مثالن سان انساني تاريخ ڀري پئي آهي.

وڏيڪ حيرت، افسوس ۽ تڪليف جي ڳالهہ اها هوندي آهي تہ انهن جا معتقد، پوئلڳ ۽ پنهنجا چورائيندڙن طرفان سندن مشن کي نقصان پهچايو ويندو آهي. اهي چوڻ ۾ تہ انهن عظيم انسانن جا پوئلڳ ۽ پيروڪار هوندا آهن پر عمل انهن جي ابتڙ ڪندا آهن. اهي غير معمولي انسان سماج جي تبديلي ۽ بهتريءَ لاءِ هڪڙو فڪر، هڪڙي تعليم ۽ هڪڙو ڪردار پيش ڪندا آهن. انهن جي مخالف حڪمرانن ۽ ملن جي مخالفت سان انهن کي ذاتي ۽ جسماني طور تہ تڪليفون اينديون آهن پر



Gul Hayat Institute

عام ماڻهن جي توجه ۽ همدردي انهن ڏانهن وڌندي آهي ۽ انهن جي ڏنل فڪر ۽ تعليم کي فائدو پهچندو آهي. ان جي ابتڙ پوئلڳ ۽ پيروڪار شخصي ۽ جسماني طور تہ انهن جي ”پوڄا“ ڪندا آهن پر انهن جي فڪر، تعليم ۽ ڪردار جي نفي ڪندا آهن. اهڙي طرح عام ماڻهن ڏانهن منفي پيغام ويندو آهي ۽ نتيجي ۾ انهن جي مشن کي نقصان پهچندو آهي. ۽ اهو نقصان مخالفن طرفان ملندڙ مخالفت ۽ تڪليفن کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ هوندو آهي.

مهاتما ٻڌ جي تعليم ۾ خدا جو تصور ڪونهي. هُن وٽ سڀ ڪجهہ انسان ۽ انساني سماج آهي ۽ انهيءَ سماج جي بهتري ئي سندس مشن آهي پر ان جي پوئلڳن خود مهاتما ٻڌ کي خدا جو درجو ڏئي ڇڏيو آهي ۽ انساني برابري ۽ ڀائيچاري واري سندس تعليم تي عمل ڪرڻ بدران ويٺا سندس پوڄا ڪن. تازو تڏهن دنيا کي حيرت ٿي جڏهن برما ۾ ٻڌن مسلمانن کي مذهبي فرق ڪري قتل ڪيو ۽ مسجدن کي ساڙيو. حضرت محمد جي تعليم ۽ ڪردار جا مکيہ ۽ بنيادي نقطا سچ، ايمانداري، امانت، انساني برابري ۽ بهتر سماجي رشتا ۽ رويا آهن. سندس پوئلڳن جي اڪثريت انهن اصولن ۽ آدرشن مان ڪنهن تي بہ عمل ناهن ڪندا، البتہ ان بنياد تي انساني رت جا درياهہ وهائي ڇڏيندا آهن تہ ڪير ڪپڙا ڪهڙا ٿو پائي، ڪنهن جي ڏاڙهيءَ جي سائيز ڪيتري آهي ۽ ڪير نماز ڪيئن ٿو پڙهي. ڪارل مارڪس سمورن عقيدن کي پيچي هر شئي ۽ هرڳالهہ کي عقل جي بنياد تي پرکڻ جو درس ڏنو ۽ سندس تعليم جو مرڪزي نقطو اهو هئو تہ ڪائنات ۽ ان ۾ موجود هر شئي هر وقت تبديليءَ جي عمل مان گذرندي رهي آهي. پر سندس ڪيترن پيروڪارن خود مارڪس جي لکيل لفظن کي ئي عقيدو بڻائي ڇڏيو ۽ تبديليءَ کي حرام قرار ڏئي ڇڏيو.

جي ايم سيد سان بہ ڪجهہ اهڙي وارتا ٿي آهي. سيد جي شخصيت ۽ ڪردار جا بہ حصا يا بہ پاسا آهن. هڪڙو عملي سياستدان وارو ۽ ٻيو هڪ دانشور مفڪر ۽ مدبر وارو. منهنجي خيال ۾ هن کان



Gul Hayat Institute

جيڪي بہ غلطيون ۽ ڪوتاهيون ٿيون آهن يا ناڪاميون ڏٺيون آهن اهي سياستدان جي ايم سيد کان ٿيون آهن. بحيثيت مفڪر ۽ مدبر هُن سنڌي قوم ۽ سنڌي سماج بابت خاص طرح ۽ انسان ذات بابت عام طرح جيڪي خيال ۽ تجزيا ۽ رهنما اصول پيش ڪيا انهن کي وقت جي وهڪري صحيح ثابت ڪيو آهي ۽ اهي اڄ جي حالتن ۾ اڳي کان وڌيڪ ڪارائتا ۽ درست نظر اچي رهيا آهن. پر افسوس تہ سندس ڪيترائي "پيروڪار ۽پوئلڳ" سندس ڏاهپ وارن ڏسن، عقل، دليل وارين ڳالهين ۽ فهم فڪر وارن نقطن کي نہ رڳو پٺي ڏئي ٿا هلن پر انهن جي ابتڙ عمل ٿا ڪن.

سڀ کان اهم ڳالهہ تہ هن عقيدي پرستيءَ جي بت کي پيچي پورا ڪيو ۽ دنيا جي هر ڳالهہ، هر خيال ۽ هر ڪردار جو عقل، دليل ۽ ثبوتن جي بنياد تي تجزيو ڪيو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ نتيجن کي دهل جي ڏؤنڪي تي دنيا آڏو آندو ۽ ڪنهن بہ پنهنجي پرائي، رشتي تعلق ۽ دوست دشمن جي پرواهہ نہ ڪئي. سندس مشهور جملو هوندو هئو تہ "سڌي راند سؤنتي جي، پيڙي پڌي کوٽي جي". هُن ڪيترن ئي "مقدس" بڻيل صديَن جي تصورن کي عقل ۽ دليل جي ذريعي رد ڪيو. پر سندس ڪيترن پوئلڳن خود سيد جي ڳالهين کي ئي عقيدو بڻائي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳا تہ سيد جي چيل ڳالهين کان وڌيڪ يا مختلف ٻي ڳالهہ ٿي نٿي سگهي. جي_ايم سيد چيو تہ "هر انسان غلطيون ڪري ٿو ۽ مون بہ غلطيون ڪيون آهن". ايتري تائين جو هن چيو تہ "پيغمبر بہ غلطين کان پاڪ ناهن". پر سندس "معتقدن" جو چوڻ آهي تہ جي_ايم سيد غلطين کان پاڪ آهي ۽ جيڪو ماڻهو سندس غلطين جو ذڪر ڪري ٿو اهو منحرف آهي.

سيد پنهنجي تعليم ذريعي اسان کي انسانن آڏو نہ جهڪڻ ۽ پيرن جي قبرن کي سجدو نہ ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي پر ڪيترا سندس پڪا پوئلڳ چورائيندڙ خود سيد کي پير بڻائي ان جي قبر جي مجاوري ٿا ڪن. سيد جي ڏنل فڪر جو هڪ نهايت اهم نقطو اهو آهي تہ پير، مير، وڏيرا، جاگيردار ۽ ملا انساني سماج جي ترقيءَ جا دشمن آهن ۽ سنڌ جي قومي نجات ۽ خوشحاليءَ جي جنگ ۾ انهن مان چڱائيءَ جي امید رکڻ

اجائي آهي. پر تہ ڪيترا سندس "سچا سپاهي" سڏرائيندڙ وڏيرن ۽ قبائلي سردارن جيۡ اوطاقن تي سلاميون ٿا پرين. جاگيردارن کي جهڪي سلام ٿا ڪن، ڪنهن بنياد پرست ملان کي جي ايم سيد جو همعصر قرار ٿا ڏين تہ ڪنهن رجعت پسند پير کي سنڌ جو هم معنيٰ ٿا چون.

جي ايم سيد جو سنڌ لاءِ ڪيل سڀ کان وڏو ڪارنامو ۽ اسان تي ڪيل سڀ کان وڏو احسان اهو آهي تہ هُن اسان کي ذاتين جي تفريق ۽ قبائلي سڃاڻپ مان ڪڍي هڪ جديد قومي سڃاڻپ جو احساس ڏياريو. ڪيڏي نہ ستم ظريفي آهي تہ اسان جي ايم سيد جي نالي ۾ ذاتين جي تفريق جي بنيادن تي ناهيل ۽ قبائلي سڃاڻپ رکندڙ تنظيمن ۽ گروهن کي مضبوط ٿا ڪريون ۽ انهن تنظيمن ۽ گروهن جي اڳواڻن سان گڏجي جي ايم سيد جي فڪر کي ڪامياب ڪرڻ جا اعلان ٿا ڪريون.

سيد ڄاتو ۽ سمجهيو پئي تہ جاگيرداري ترقيءَ جي دشمن ۽ پسماندگيءَ جي علامت آهي ۽ ترقيءَ لاءِ صنعت ۽ واپار ضروري آهي. ان ڪري اڄ کان 80 سال اڳ ۾ هن ڪوششون ورتيون تہ سنڌي قوم جو تمام وڏو حصو (سنڌي مسلمان) جيڪي جاگيرداريءَ ۾ جڪڙيا پيا آهن ۽ زراعت کي ئي پنهنجي قسمت جو لکيو سمجهيو ويٺا آهن اهي شهرن ڏانهن اچن ۽ واپار ڪاروبار جي ميدان ۾ مقابلو ڪن. اڄ جيڪي سنڌي مختلف حالتن ۽ سببن جي ڪري ٻهراڙي ڇڏي شهرن ڏانهن اچن ٿا ۽ ڪاروبار جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ چاهين ٿا تہ "سيد جا سپاهي" سڏرائيندڙ اڳ ۾ ئي ڏنڊا ۽ بندوقون کنيو انهن جي رستا روڪ ڪرڻ لاءِ ويٺا آهن.

حق جو هوڪو ڏيڻ، سچ جو سودو ڪرڻ ۽ مقدس عقيدن کي چئلينج ڪرڻ جي پاداش ۾ سيد جي خلاف غدار، ملڪ دشمن، عوام دشمن ۽ ڪافر هجڻ واريون فتوائون جاري ڪيون ويون. اهي فتوائون ۽ تعذير جاري ڪندڙن ۾ وقت جا حڪمران ۽ انهن جا ساٿاري ملان شامل رهيا آهن. اها ڪا نئين يا عجب جهڙي ڳالهہ ناهي. سقراط کان وٺي نيلسن منڊيلا تائين سيني غير معمولي ۽ انقلابي انسانن سان اهڙو ورتاءُ ٿيندو رهيو آهي. عجب ڳالهہ اها آهي تہ اڄ اهو فتوائون جاري ڪرڻ وارو ڪم



Gul Hayat Institute

جي ايم سيد جي ”معتقدن“ پنهنجي ذمي ڪنيو آهي. جيڪو ماڻهو سندن مخصوص ۽ محدود سوچ سان اختلاف ڪري ٿو ان لاءِ فوراً فتوا اچيو وڃي ته اهو ”سيد جو انڪاري“ ۽ سنڌ جو غدار آهي.

انهن منجهان ڪهڙا ۽ ڪيترا علم ۽ ڄاڻ جي غربت جي ڪري اهڙا عمل ڪن ٿا ۽ ڪيترا ذاتي مفادن خاطر ائين ڪن ٿا، ان جو تعين ته ايندڙ وقت ڪندو باقي اهڙي ئي صورتحال لاءِ ڪنهن سياڻي چيو آهي ته ”مونکي منهنجي دوستن کان بچايو پنهنجي دشمنن کان مان پاڻهي ئي بچي پوندس“. مان اهڙن دوستن لاءِ هتي انساني تاريخ جي تمام وڏي ۽ غير معمولي انسان مهاتما ٻڌ جو هي قول پيش ڪريان ٿو ته ”ڪنهن ڳالهه ۾ ان ڪري يقين نه ڪريو ته ٻُڌ ڪري ٿو ان ڪري ڪا سوچ نه ڪريو ته ٻڌ ڪري ٿو ان ڪري ڪا ڳالهه نه چئو ته ٻڌ چئي ٿو پر تڏهن ڪنهن ڳالهه تي يقين ڪريو ڪجهه چئو ۽ ڪجهه سوچيو جڏهن توهان جو ذهن ضمير توهان کي چوي“.

(عوامي آواز: 17 جنوري 2014)

Gul Hayat Institute

# جي ايم سيد :
# 73ع جو آئين ۽ دانشورا

ان ڳالهه ۾ نه ڪنهن کي شڪ ٿي سگهي ٿو ته نه ڪير اعتراض ڪري سگهي ٿو ته سنڌ جي قومي سڃاڻپ ۽ قومي حق حاصل ڪرڻ واري جدوجهد ۽ سائين جي ايم سيد جو نالو هم معنيٰ بڻجي چڪا آهن. ان ڪري هڪ طرف جتي سنڌس لاءِ بي انتها عزت، احترام ۽ اڻ ميو پيار محبت موجود آهي ته اتي ٻئي پاسي سنڌس خلاف سنگين ترين الزامن ۽ شديد ترين پروپئگنڊا جو سلسلو پوري قوت سان هر وقت ۽ هر طرف کان جاري رهي ٿو.

جيئن ته سيد سنڌ جي مصيبتن، مشڪلاتن ۽ محرومين جو ذميوار رياست کي سمجهندو هو، تنهن ڪري سنڌس جدوجهد جو مکيه نشانو رياستي ادارا هوندا هئا. نتيجي ۾ سيد جي خلاف سڀ کان وڌيڪ الزام تراشيون، بهتان بازيون ۽ پروپئگنڊا رياست جي طرفان ٿي ڪيون وينديون رهيون آهن. ان کانپوءِ اهي ڌريون ۽ گروهه جن جا سياسي، نظرياتي ۽ گروهي مفاد رياست سان جڙيل هئا، ان کان سواءِ اهي پارٽيون ۽ فرد جيڪي پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ سيد کي پنهنجو سياسي حريف سمجهندا رهيا آهن، اهي سڀ سنڌس خلاف مهم ۾ اڳرا رهندا آيا آهن. ۽ هڪڙو حلقو وري "ليکڪن ۽ دانشورن جو" اهڙو به آهي، جيڪي

اٽپوري ڇاڻ يا وري سيد جي سياسي مخالفن سان "محبت" هجڻ سبب مٿس الزام هڻندا آهن يا سندس ڪاتي ۾ اهڙيون سنڌ دشمن، عوام دشمن ۽ جمهوريت دشمن ڳالهيون وجهندا آهن جن جو حقيقت ۾ سيد سان واسطو ئي ناهي هوندو.

انهن مان هڪڙو معاملو 1973ع واري آئين جو آهي. جئين مٿي چيو ويو تہ سائين جي ايم سيد جي زندگي سنڌ جي قومي حقن لاءِ جدوجهد سان عبارت آهي ۽ 1973ع جو آئين سنڌ جا سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي حق کسڻ جو دستاويز آهي، پر پوءِ بہ ڪيترا ليکڪ سوچي سمجهي يا بي خبريءَ ۾ اهو لکندا رهندا آهن تہ جي ايم سيد 1973ع واري آئين ٺاهڻ وارن جي مدد ڪئي. ماضيءَ ۾ مان هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ان جي وضاحت ڪري چڪو آهيان پر ڪجهہ ڏينهن اڳ حيدرآباد مان نڪرندڙ سنڌي اخبار ۾ 17 جنوريءَ تي سائينءَ جي سالگرهہ جي حوالي سان مضمون ۾ هڪ دفعو وري نہ رڳو اها ڳالهہ ورجائي وئي آهي، پر ان مان ڪجهہ مخصوص قسم جا نتيجا بہ اخذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيڪي سيد جي شخصيت ۽ ڪردار سان مطابقت رکندڙ ناهن. لکيو ويو آهي تہ "..... سائين جي ايم سيد تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي بہ مدد ڪئي ۽ اها مدد هئي 1973ع واري آئين تي صحيحون ڪرڻ لاءِ بلوچ ۽ پٺاڻ قومپرست اڳواڻن کي راضي ڪرڻ. تاريخ پاڻ کي ورجائي رهي هئي. 1943ع ۾ پاڪستان جي حق ۾ نهراءُ پاس ڪرائڻ کان ٺيڪ 30 سال پوءِ سيد وري 1973ع ۾ آئين پاس ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اڳ ۾ هن سنڌ ڇائي پاڪستان جي باني محمد علي جناح جي مدد ڪئي ۽ هن ڀيري هُن ٻئي سنڌ ڇائي، پاڪستان جي پهرئين چونڊيل سنڌي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀُٽي جي مدد ڪئي".

1971ع ۾ بنگلاديش ٺهڻ کانپوءِ واري سائين جي ايم سيد جي سياست سان آءٌ ويجهڙائي سان واڳيل رهيو آهيان ۽ هر ننڍي وڏي واقعي کان واقف آهيان. ان ڪري هڪ دفعو وري آءٌ ان ڳالهہ جي ترديد ۽ تصحيح ڪرڻ ۽ ماڻهن جي ڄاڻ خاطر ۽ تاريخ جي رڪارڊ کي درست



Gul Hayat Institute

ڪرڻ لاءِ ان دور جي واقعن کي صحيح تناظر ۾ پيش ڪرڻ پنهنجو فرض ۽ وقت جي ضرورت سمجهان ٿو.

حقيقت اها آهي تہ سائين جي ايم سيد نہ رڳو 1973ع واري آئين جي حمايت ڪانہ ڪئي پر ان جي سخت مخالفت ڪئي. ايتري تائين جو ان کي قومن جو قاتل آئين قرار ڏنو. 1973ع جو آئين ٺاهيندڙ پارلياماني ڪميٽيءَ جي سربراهہ ميان محمود علي قصوريءَ جي استعيفا ڏيڻ ڪانپوءِ جناب عبدالحفيظ پيرزادو ان جو سربراهہ ٿيو. ان ڪري آئين ٺاهڻ ۾ ادا ڪيل سندس ڪردار کي ساراهڻ خاطر سنڌ يونيورسٽي انتظاميا پاران کيس اعزازي ڊگري ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. ان مقصد لاءِ 28 اپريل 1973ع تي ڄامشوري ۾ ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو. جنهن جي خاص مهمان بيگم نصرت ڀٽو هئي. اتي سائين جي ايم سيد جي هدايتن تي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان "نئون آئين نہ کپي" جي نعري سان 1973ع جي آئين ۽ ان جي ٺاهيندڙ جي خلاف زبردست احتجاج ڪيو ويو. (احتجاج ڪندڙن ۾ آءٌ بہ شامل هئس) جنهن دوران جڳ مشهور پر ناخوشگوار حفيظ پيرزادو اسماعيل وساڻ واقعو ٿيو هو. اهو احتجاج ۽ اهو واقعو نہ رڳو سنڌ ۽ پاڪستان پر دنيا جي ميڊيا تي ڇانيل رهيو. ان ڪانسواءِ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ماتحت نڪرندڙ رسالو "اڳتي قدم" جنهن جو ايڊيٽر مدد علي سنڌي هئو ان "نئون آئين نہ کپي" نمبر ڪڍيو هئو جنهن ۾ 1973ع جي آئين بابت سائين جيٰ ايم سيد ۽ سندس ساٿين جو نقطہ نگاهہ چٽي طرح بيان ٿيل هئو.

هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اهي ليکڪ اهڙا واقعا ۽ انهن جو ذڪر ڪٿان ٿا آڻين جيڪي وقُعو پذير ئي نہ ٿيا آهن. شايد انهن جي خواهش اهڙي هجي ٿي يا وري اقتدار ۾ ايندڙ پارٽيءَ جي ليڊرن کي اهي خوش ڪرڻ لاءِ اهڙيون ڳالهيون لکن ٿا ۽ پوءِ پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش موجب تجزيا ڪن ٿا.

آئنده ان موضوع تي لکندڙن جي معلومات لاءِ آءٌ وضاحت ڪندو هلان تہ سائين جي ايم سيد آئين پاس ڪرائڻ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي

Gul Hayat Institute

مدد ڪئي هئي پر اهو 1973ع وارو آئين نه پر 1972ع وارو عبوري آئين هو ۽ ان جو مقصد صرف اهو هئو ته ملڪ جيٰ مارشل لا مان جان ڇڏرائجي. اهو ته پڙهندڙن کي ياد هوندو ته جڏهن پاڪستان جي فوج ڍاڪا ۾ هٿيار ڦٽي ڪيا ۽ صدر يحيٰ خان کي اقتدار ڇڏڻو پيو ته جناب ذوالفقار علي ڀُٽي سويلين مارشل لا ايڊمنسٽريٽر طور "نئين پاڪستان" جو اقتدار سنڀاليو هئو. پنهنجي اها چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر واري حيثيت ڇڏڻ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو صاحب عبوري آئين جي منظوريءَ کي مشروط بڻايو هئو. جيتوڻيڪ اهو آئين انتهائي مرڪزيت پسند هئو ۽ ان جي مواد سان ٻين جمهوريت پسندن وانگر سيد کي به اختلاف هئو پر نعپ جي ليڊرن وٽ هو اهو دليل ڪٽي ويو هئو ته "هي ملڪ تاريخ جي اهم موڙ تان لنگهي رهيو آهي. ملڪي معاملن مان فوج جو عمل دخل ختم ڪرائڻ لاءِ ڀٽي جي مدد ڪجي. عبوري آئين پاس نه ٿيڻ جي صورت ۾ ڀٽو وڏيڪ فوج جي اثر ۾ هليو ويندو".

اهو وري ڪهاڻيءَ جو ٻيو پاسو آهي، جيڪو به تاريخ جي رڪارڊ تي اچڻ کپي ته جنهن فوج جي غلبي مان ملڪ ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي جان ڇڏرائڻ لاءِ سائين جي ايم سيد بلوچ ۽ پٺاڻ اڳواڻن کي عبوري آئين جي حمايت تي آماده ڪيو. اهو عبوري آئين پاس ٿيڻ ڪانپوءِ ان ئي فوج جي مدد سان ذوالفقار علي ڀٽي بلوچن ۽ پٺاڻن جي چونڊيل جمهوري حڪومت کي ختم ڪيو ۽ انهن ليڊرن سان گڏ سائين جي ايم سيد کي به جيل ۾ وڌو ۽ اهي تيستائين جيل ۾ رهيا جيستائين جناب ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار ۾ رهيو. نه رڳو ايترو پر بلوچستان جي ختم ڪيل حڪومت جي جاءِ تي ڏنڊي جي زور تي پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت قائم ڪئي، ان حقيقت جي باوجود ته چونڊن ۾ بلوچستان اسيمبليءَ لاءِ سندس پارٽيءَ جو هڪڙو به ميمبر چونڊجي نه سگهيو هئو.

هڪ ٻي وضاحت به هتي ڪرڻ ضروري آهي. اها هيءَ ته سائين جي ايم سيد محمد علي جناح يا ذوالفقار علي ڀٽي جي مدد سنڌي سمجهي ڪانه ڪئي هئي. تاريخ جي هڪ مخصوص مرحلي تي هن

Gul Hayat Institute

هڪ جمهوريت پسند، انسان دوست ۽ روشن خيال سياستدان جي حيثيت ۾ اهو پنهنجو فرض سمجهيو ته چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي مقابلي ۾ سويلين صدر ذوالفقار علي ڀٽي جي مدد ڪري نه ته هون ۽ پروگرام جي حساب سان سنڌي ذوالفقار علي ڀٽي جي پيپلزپارٽيءَ جي مقابلي ۾ بنگالي شيخ مجيب الرحمان جي قيادت واري عوامي ليگ کي قريب ترين سمجهندي 1970ع وارين فيصلا ڪن چونڊن ۾ پنهنجي پارٽي سنڌ متحده محاذ جو اتحاد عوامي ليگ سان ڪيو هئو.

ساڳي طرح 1943ع ۾ سيد "سنڌ ڄائي" هئڻ ڪري محمد علي جناح جي حمايت ڪانه ڪئي هئي، پر قرارداد لاهور جيڪا هڪ بنگالي فضل حق پيش ڪئي هئي، ان جي حمايت ان ڪري ڪئي هئي ته ان ۾ آزاد ۽ خودمختيار قومي وحدتن جي ڳهر ڪيل هئي.

انيئر_15 فيبروري 2015

Gul Hayat Institute

## سيد جي سالگرهہ
## ۽ قومي تحريڪ جا بنياد

**سائين** جي ايم سيد جي شخصيت هونءَ تہ گهڻ طرفي آهي. زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڪيل سندس ڪم بنيادي نوعيت جو ۽ رستو ڏيکاريندڙ (Trend_Setter) رهيو آهي. تاريخ، ادب، ڪلچر، شاهہ لطيف ۽ سيڪيولرزم جهڙن مضمونن ۾ هن اسان جي رهنمائي ڪئي آهي. برِ صغير جي ناليواري تاريخدان ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ جو چوڻ آهي تہ "پاڪستان ۾ تاريخ حڪمرانن جي مفادن وٽان لکي ويندي رهي آهي. جي ايم سيد پهريون شخص آهي جنهن تاريخ کي عوام جي نقطہ نگاهہ سان لکيو". سنڌ جي ناليواري ۽ ترقي پسند اديب نورالدين سرڪيءَ جي راءِ هئي تہ "ٻيون سڀ ڳالهيون ڇڏي ڪري رڳو سيڪيولرزم لاءِ سائين جي ايم سيد جي ڪم ۽ ڪردار کي وٺجي تڏهن بہ سندس شمار ننڍي کنڊ جي وڏن ماڻهن ۾ ٿيندو. پر ان سڀ ڪجهہ جي باوجود سائين جي ايم سيد جو مکيہ حوالو سنڌ جي قومي تحريڪ آهي.

ويهين صديءَ دوران سنڌ جي قومي تحريڪ جي تشڪيل ۽ ترقيءَ جي هر مرحلي ۾ ۽ هر مرحلي جي هر عمل ۾ سيد جو هٿ ۽ حصو رهيو. جڏهن تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ قومي تحريڪ جي فيصلائتي مرحلي جو تہ باني ۽ معمار ئي سيد آهي ائين چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ سنڌ جي

قومي تحريڪ ۾ جي ايم سيد هم معنيٰ بڻجي ويا آهن. ايستائين جو سالگره ملهائڻ واري انسانن جي بلڪل ذاتي ۽ انفرادي عمل کي بہ جي ايم سيد قومي تحريڪ جو هڪ اڻٽٽ حصو ۽ قومي جدوجهد جو هڪ اهم ميدان بڻائي ڇڏيو.

اڄ سنڌ جي قومي تحريڪ سنگين چئلينجن جي سامهون آهي ۽ سيد جي سالگرهہ ملهائڻ جو سڀ کان ڪارائتو طريقو اهو ٿيندو تہ اسان سنڌ جي قومي تحريڪ جو جائزو وٺون.

انهيءَ چونڊ جي ڪا ضرورت ڪانهي تہ سائينءَ پنهنجي هر ڳالهہ سوچي سمجهي، ذميواريءَ سان ۽ دليل دلائل ذريعي لکت ۾ ڪئي آهي جنهن جي شاهدي سندس پنجاهہ کان وڌيڪ ڪتاب آهن. انهن ڪتابن ۾ هُن جڏهن بہ ۽ جتي بہ قوم، قومي تحريڪ ۽ قومپرستيءَ جو ذڪر ڪيو آهي تہ اتي "جديد قوم" ۽ "جديد قومپرستي" لکيو آهي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سيد جديد قومپرستي ڇو چيو ۽ ان جو مقصد ۽ مفهوم ڇا هي.

انساني تاريخ ۾ مختلف وقتن تي قوم جو تصور مختلف رهيو آهي. ڪڏهن هڪ قبيلي، ڪڏهن هڪ نسل تہ ڪڏهن هڪ مذهب جي ماڻهن کي قوم سڏيو ويو. جديد قوم جو تصور جنهن کي هن دور ۾ عالمي طور تسليم ڪيو وڃي ٿو ان مغربي يورپ ۾ 18 ۽ 19هين صديءَ دوران جنم ورتو ۽ انساني تاريخ جي هڪڙي خاص مرحلي ۽ خاص ماحول جي پيداوار آهي. ان کان اڳ ۾ يورپ تي ۽ يورپي سماج تي ٽي عنصر غالب هئا. مذهب (چرچ)، جاگيرداري ۽ فوجي طاقت ذريعي قائم سلطنتون. اهو دور يورپ جو اونداهو دور ليکيو وڃي ٿو. جڏهن يورپ ۾ "سجاڳي" آئي تہ انهن ٽن عنصرن جي جاءِ ٽن ٻين عنصرن والاري: سيڪيولرزم، واپار ۽ صنعت ۽ قومي رياستون. ۽ اتان کان ئي يورپ جو روشن دور شروع ٿئي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ اڄوڪو جمهوري ۽ ترقي يافتہ يورپ وجود ۾ آيو.

اهي قومي رياستون قوم جي جديد بنيادن تي قائم هيون، جيڪي آهن. زمين (جاگرافي)، تاريخ، ٻولي، ڪلچر ۽ گڏيل مفاد. انهن جي بنياد تي هڪ طرف جرمنيءَ جهڙي وڏي ۽ وسيع قومي رياست وجود ۾ آئي تہ ٻئي



Gul Hayat Institute

طرف هاليند، ناروي ۽ بيلجيم جهڙيون ننڍيون رياستون بہ قائم ٿيون. جن ملڪن ۾ قوم جي انهن جديد بنيادن تي رياستون قائم نہ ٿي سگهيون آهن اتي انهن جي قيام لاءِ ڪوششون جاري آهن. جيئن برطانيا ۽ اسپين ۾.

سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي پنهنجي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت لاءِ جدوجهد مختلف وقتن تي مختلف صورتن ۾ جاري رهي آهي، پر جديد قومي تصور موجب سنڌ جي قومي رياست لاءِ ڪوششون ويجهي ماضيءَ جو مثال آهن.ان جدوجهد جا ابتدائي خاڪا الله بخش سومري ۽ عبيد الله سنڌي ڪڍيا، پر ان کي واضح ۽ پختا نظرياتي بنياد بعد ۾ جي ايم سيد مهيا ڪيا. جديد قومپرستيءَ جي وضاحت ڪندي سائين جي ايم سيد لکيو : ”نظريي جو بنياد ان ڳالهہ تي آهي تہ هر قوم کي حقِ خود اراديءَ جي اصول تي پنهنجي سياسي مستقبل بابت فيصلي ڪرڻ جو حق آهي ۽ انهيءَ طريقي موجب هر قوم پنهنجي آزاد ۽ جداگانہ قومي رياست قائم ڪرڻ جو اختيار رکي ٿي“.

دنيا جي تاريخ اسان کي اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ غير معمولي ۽ ڏاهن انسانن سان انهن جي دشمنن جيڪي زيادتيون ۽ نا انصافيون ڪيون، اهي تہ پنهنجي جاءِ تي پر انهن سان سڀ کان وڌي نا انصافي اها ٿي آهي تہ بظاهر انهن جا حمايتي ۽ پوئلڳ انهن جي ئي نالي ۾ انهن جي اصولن ۽ آدرشن جو بيڙو ٻوڙيندا آهن. سنڌ جي تاريخ جي غير معمولي ۽ ڏاهي انسان جي ايم سيد سان بہ ائين ئي ٿيو آهي.

قومي تحريڪ جو پهريون، لازمي ۽ اڻٽٽ عنصر سيڪيولرازم آهي. ” تجربا ڪرڻ ۽ هٿ ساڙائڻ“ کان پوءِ سيد سيڪيولرازم لاءِ جيڪا جنگ وڙهي آهي ان جي پاداش ۾ هُن کي جيڪي سختيون سهڻيون پيون، اهي عالم آشڪار آهن. سيڪيولرازم جي حوالي سان اڄ جيڪا سنڌ جي قومي تحريڪ جي صورتحال آهي، ان تي نہ رڳو جي ايم سيد جو روح تڙپندو هوندو پر سڄي دنيا جا قومي رياست جا نظريہ دان ۽ قومي تحريڪن جا اڳواڻ افسوس جا ڳوڙها ڳاڙيندا هوندا. سنڌ جي قومي حقن جي جدوجهد ۾ ٿيندڙ هر مظاهري ۽ هر ريليءَ ۾ مذهبي مهندار اڳين صفن

Gul Hayat Institute

۾ نظر اچن ٿا ۽ هر ڪانفرنس، سيمينار ۽ جلسي ۾ اسٽيج جي زينت بڻيل آهن. ائين بہ ڪونهي تہ ڪو قومي حقن جي جدوجهد خاطر انهن مذهبي انتهاپسنديءَ وارن پنهنجي نظرين کي پاسي تي رکيو هجي. اڄ بہ انهن مولوين جي سياست جو اولين ۽ اعليٰ مقصد ملڪ ۾ (سندن مرضيءَ جو) اسلامي نظام نافذ ڪرڻ آهي ۽ انهن جي زندگيءَ جو مقصد ”ڪفر“ خلاف ۽ دنيا تي ”اسلام جي غلبي“ خاطر جهاد ڪرڻ آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ اهي سنڌين کي قوم ئي ڪونہ ٿا مڃين. پوءِ اسان انهن ۾ قومي حقن جي اميد ڪيئن ٿا رکون.

قومون پنهنجي مستقبل جو رستو ماضيءَ جي روشنيءَ ۾ مقرر ڪنديون آهن. ماضي بعيد کان ماضي قريب ڏانهن اچون تہ ڊاڪٽر نجيب الله افغانستان جو پهريون حڪمران هئو جيڪو پاڪستان جي محڪوم قومن ۽ مظلوم طبقن جو حمايتي ۽ مددگار هئو تہ پوءِ ان عظيم محب وطن کي ڦاهي ڏيئي ان جي لاش کي ڪابل جي چوڪ تي لٽڪائي ان جي تذليل ڪرڻ تي ملهايل جشن ۾ شريڪ ٿيندڙ اسان جا هيرا ڪيئن ٿا ٿي سگهن.

وڏيڪ حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ مذهبي انتهاپسندن کي سنڌ جي قومي نجات ۽ قومي حقن واري جدوجهد جا هيرا قرار ڏيندڙن ۾ جي ايم سيد جا ڪجهہ پوئلڳ بہ شامل آهن. اهو جي ايم سيد جيڪو وڌندڙ مذهبي انتهاپسنديءَ جي خطرن کان سنڌ ۽ پاڪستان سميت سڄي دنيا کي خبردار ڪندو رهندو هئو. ٻئي طرف اهي سياسي اڳواڻ بہ مذهبي انتهاپسندن جا شيدائي آهن جيڪي پاڻ کي ترقي پسند تہ چورائيندا آهن پر مذهب کي انسان جو ذاتي معاملو سمجهڻ واري ترقي پسنديءَ جي پهرئين سبق کي مٽيءَ ۾ ملائيندي قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جي نالي ۽ نعري هيٺ ٿيندڙ اجتماعن ۾ گفتگو جي شروعات مخصوص مذهبي رسم سان ڪندا آهن. ياد رکڻ کپي تہ اهي مذهب جي نالي تي سياست ڪندڙ مذهب جي نعري هيٺ هڪ دفعو وري 1947ع واري واردات ورجائڻ ٿا چاهين ۽ مذهب جي تلوار سان هڪ دفعو وري سيڪيولر سنڌي قوم کي

تقسيم ڪرڻ ٿا چاهين.

جديد قومي تحريڪ جو ٻيو اهم جزو جاگيردار مخالف هجڻ آهي. جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو ته جديد قوم وجود ئي تڏهن ورتو جڏهن جاگيرداريءَ کي شڪست آئي (مغربي يورپ ۾). هندستان ۾ ڏسبو ته جاگيردار رياستن جا والي ۽ گاديءَ نشين پير يا ته انگريز سامراج سان گڏ هئا يا انهن جي وفادار جماعت مسلم ليگ ۾ هئا. سنڌ جي تاريخ تي نظر وجهو ته سنڌ جا جاگيردار پير، مير، وڏيرا پهرين مغلن جا وفادار هئا ۽ پوءِ انگريزن جا ساٿاري. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين اهي اسٽيبلشمينٽ جا غلام آهن. اسٽيبلشمينٽ جنهن کي ڪرسيءَ تي ويهاريندي آهي، هي ان جا سلامي هوندا آهن. پوءِ اها مسلم ليگ هجي (الف کان وٺي بي تائين) پيپلزپارٽي هجي يا سڌي فوجي حڪومت. در اصل هر خطي ۽ هر دور جو جاگيردار اسٽيبليشمينٽ سان ائين سلهاڙيل هوندو آهي جيئن مڇي پاڻيءَ سان. ان ڪري سنڌ جي جديد قومي تحريڪ جي معمار سائين جي ايم سيد جي هر ڪتاب ۽ ڪتاب جي هر صفحي تي لکيو پيو آهي ته پير، مير، جاگيردار مان چڱائي نه ٿيندي. اسان جا ڪي سادا دوست، فرد ۽ طبقي جي فرق کي نه سمجهندا آهن ۽ پوءِ جي ايم سيد ۽ چو اين لائي جهڙن فردن جو نالو کڻي جاگيردارن جو دفاع ڪندا آهن. انهن کي خبر ناهي ته اهي تاريخ جا غير معمولي فرد هئا، جن پنهنجي طبقاتي مفاد سان غداري ڪئي. ائين ئي جيئن ڪي غريب فرد پنهنجي طبقي سان غداري ڪندي جاگيردارن جا وفادار ٿي ويندا آهن.

گذريل 67 سالن دوران سنڌ جي ڪامياب ۽ قابل فخر جدوجهد ون يونٽ مخالف تحريڪ هئي. ان جي ڪاميابيءَ جو مکيه سبب اهو هئو ته جاگيردارن ۽ محب وطنن جي وچ ۾ چٽو ليڪو نڪتل هئو. پير، مير، وڏيرا، اسٽيبلشمينٽ جي طرف هئا، جڏهن ته سياسي ڪارڪن، هاري، مزدور، استاد، شاگرد، شاعر ۽ اديب سنڌ جي پاسي بيٺا هئا. هر ديوار هر چهري ۽ هر دل تي لکيل هئو ته ”کهڙو ۽ راشدي غدار آهن. جي. ايم سيد ۽ حيدر بخش جتوئي محبِ وطن سنڌين جا ليڊر آهن.“ هن وقت صورتحال

بلڪل مختلف آهي. هينئر سڀ فرق مٽجي ويا آهن. ائين ٿو لڳي تہ "هٿا اڳي ئي گڏ، ٻڌڻ ۾ بہ ٿيا". قومي تحريڪ جا "وڏا" ليڊر پيرن، ميرن ۽ وڏيرن جي اوطاقنُ تي سلامي پرڻ کي پنهنجي ڪاميابي ٿا قرار ڏين ۽ جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن جي جرڳن ۾ انهن جي پاسي ۾ ڪرسيءَ تي ويهڻ پنهنجي لاءِ فخر ۽ اعزاز ٿا سمجهن ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ڇاتل سچاتل وفادار پيرن، جاگيردارن کي "سنڌ جو متبادل" قرار ڏيندي انهن کي قومي تحريڪ جي قيادت ٿا آڇين. حالت اها آهي تہ سنڌ جا ماڻهو انهن پيرن، ميرن، وڏيرن کان بيزار ۽ نا اميد ٿي قومي تحريڪ ڏانهن اچن ٿا تہ "قومپرست اڳواڻ" انهن ماڻهن جي جذبن، احساسن ۽ امنگن کي ڪٽي وڃي ساڳين پيرن، ميرن جي پيرن ۾ ٿا رکن.

مضمون جي شروع ۾ اسان ڏٺو تہ تاريخ، جاگرافي، زبان ۽ ڪلچر جي بنياد تي قومي رياستون فوجي طاقت جي زور تي قائم سلطنتن جي خاتمي سان وجود ۾ آيون. ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ بيشمار قومي رياستون بہ تڏهن قائم/آزاد ٿيون جڏهن ڊگهي جدوجهد ڪانپوءِ يورپ جي سامراجي سلطنتن کي شڪستون آيون. پر اڄ انساني تاريخ جي سڀ کان خطرناڪ فوجي طاقت جي زور تي قائم سامراجي سلطنت آمريڪا جي خوشامد ڪئي پئي وڃي، نہ رڳو ايترو پر آمريڪا جي آشيرباد سان ۽ فوجي طاقت جي زور تي فلسطيني قوم کي صفحہ هستيءَ تان مٽائڻ جي مِشن تي هلندڙ اسرائيلي رياست جي بہ حمايت ڪئي ٿي وئي. ان کان سواءِ ايرندڙ سامراجي سلطنت ڀارت جي خوشامد ۾ ڪشميري قوم جي جدوجهد آزادي کي رد ڪيو ٿو وڃي. اتي اسان ان عالمگير اصول کي پٺي ٿا ڏيون تہ "جيڪا قوم ٻين کي غلام ٿي بڻائي يا ان جي حمايت ٿي ڪري اها پاڻ ڪڏهن بہ آزاد نہ ٿي سگهندي".

اڄ ڪلهہ سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾، گهرن ۽ اوطاقن ۾ ۽ ميڊيا ۾ سنڌي قوم جي حال ۽ مستقبل بابت اڪثر فڪرمنديءَ واري گفتگو ٻڌڻ ۽ پڙهڻ ۾ اچي ٿي. اهڙا جملا اڪين جي آڏو ۽ ڪنن جي پرسان گذرن ٿا تہ، "سنڌ جي قومي تحريڪ کي ڇا ٿي ويو آهي"، "قومي تحريڪ اڳي جي

پيٽ ۾ ڪمزور ٿي آهي“، ”قومپرست سياست ۾ خال پيدا ٿيَ ويو آهي“ ۽ اهو بہ تہ ”سنڌي ماڻهن ۾ قومپرستيءَ جو شعور ۽ جذبو وڌڻ جي باوجود قومپرست سياست پنهنجو اثر ڇو وڃائيندي پئي وڃي“. انهن سيني سوالن ۽ نقطن جو بنيادي طور هڪ ۽ ساڳيو جواب آهي، جيڪو نهايت سولو ۽ سادو آهي. جڏهن اسان قومي تحريڪ جي بنيادي ۽ لازمي اصولن جي ٿي انحرافي ڪنداسين تہ پوءِ گهربل نتيجا ڪيئن ملندا؟.

(عوامي آواز:18 جنوري 2015)

Gul Hayat Institute

# جي ايم سيد خلاف جنگ ۾ نئون هٿيار

**پنهنجي** ڪتاب ”فڪرِ جي ايم سيد اور آج ڪان پاڪستان“ جي تعارف ۾ مون لکيو هئو ته ”هر غير معمولي شخص متنازعہ هوندو آهي ۽ هر غير متنازعہ هوندو آهي ۽ متنازعہ هجڻ انهن غير معمولي شخصيتن جي سچائي ۽ ايمانداريءَ جو ثبوت هوندو آهي“. سائين جي_ايم سيد بنا ڪنهن شڪ شبہ جي تاريخ جو غير معمولي ڪردار آهي، تنهن ڪري لازمي طور ان کي متنازعہ ٺيڻو هئو ۽ اهڙي غير معمولي شخصيت تي تنقيد ٿيڻ يا ان سان اختلاف ڪرڻ هڪ معمول جي ڳالهہ آهي. ان ئي پس منظر ۾ مون ساڳئي تعارف ۾ لکيو ته ” اهڙين غير معمولي ۽ تاريخي شخصيتن کي ڪنهن صفائي، ڪنهن ضاحت جي ضرورت نہ هوندي آهي“.

Gul Hayat Institute

ڪجهہ وقت اڳ ۾ هڪڙي صحافيءَ طرفان سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سائين جي_ايم سيد جي خلاف غلط بياني ۽ ڪردار ڪشيءَ تي ٻڌل سلسليوار مضمون جي جواب ۾ مون لکيو هئو ته ”جي. ايم سيد کي انهن گناهن جو بہ ذميوار قرار ڏنو ويندو آهي جيڪي هُن ڪيائي ناهن هوندا“. ان سلسلي ۾ منهنجي مستقل راءِ اها رهي آهي ته جي_ايم سيد بہ انسان آهي، ان کان بہ غلطيون ٿي سگهن ٿيون ۽ ٿيون آهن، جن جو اقرار هُن پاڻ بہ ڪيو آهي. جيڪي غلطيون يا ”گناهہ“ هُن ڪيا آهن انهن جي

حوالي سان پلي مٿس تنقيد ڪئي وڃي پر جيڪي غلط يا خراب ڪم هُن ڪيا ٿي ناهن اهي زبردستيءَ سندس نالي سان چنبڙائڻ، تنقيد يا تجزيو نہ پر ڪردار ڪشي هوندي آهي. جڏهن بہ جنهن طرفان بہ، جنهن شڪل ۾ بہ سيد جي ڪردار ڪشي ڪئي وئي آهي، بهتان هنيا ويا آهن ۽ فتوا جاري ڪئي وئي آهي، مون ان جو جواب ڏنو آهي ڇاڪاڻ تہ اهڙي گهڙيءَ تي خاموش ويهڻ کي مان ”ڪفر“ سمجهندو آهيان. ان ڪري تہ جي۔ايم سيد منهنجو رڳو سياسي ليڊر نہ پر زندگيءَ جو استاد بہ هئو ۽ هُن اسان ڪارڪنن جي اولاد وانگر تربيت ڪئي ۽ پرگهور لڌي. منهنجي ذهن ۾ جيڪي ڪجھ آهي ان ۾ سندس لکيل لفظن جي شڪتي ۽ چيل جملن جو پڙلاءُ آهي. مونکي هُن کان جيڪي ڪجھ مليو اهو موٽائي ڏيڻ تہ پري جي ڳالھ پر ان جو حساب ڪرڻ بہ محال آهي. پر پوءِ بہ جيڪي ڪجھ آهي اهو ان جي نظرين، پروگرام ۽ ڪردار جي دفاع ۾ استعمال ڪرڻ مان پنهنجو فرض سمجهندو آهيان.

تازو بہ ڪجھ اهڙيون ڳالهيون سائينءَ جي حوالي سان ڪيون ويون آهن جن کي ڪردار ڪشي ۽ بهتان بازي کان سواءِ ٻيو ڪو نالو ڏئي نٿو سگهجي. 17 جنوري 2015ع تي سائين جي۔ايم سيد جي 112هين سالگره ملهائي وئي. ان ڏينهن تي پنهنجي مضمون ۾ هڪ هنڌ مون لکيو تہ ”اڄ اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ سائين جي۔ايم سيد“ ... ”اٿين چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ جي۔ايم سيد هم معنيٰ بڻجي ويا آهن. ايستائين جو سالگره ملهائڻ واري انسانن جي بلڪل ذاتي ۽ انفرادي عمل کي بہ جي۔ايم سيد قومي تحريڪ جو هڪ اڻٽٽ حصو ۽ قومي جدوجهد جو هڪ اهم ميدان بڻائي ڇڏيو“. ان ڏينهن تي جيئي سنڌ محاذ طرفان حيدرآباد ۾ جلسو ڪيو ويو جڏهن تہ جيئي سنڌ جي نالي وارين ٻين تنظيمن ۽ سنڌ يونائيٽڊ پارٽيءَ پاران سن ۾ پروگرام منعقد ڪيا ويا. ايس يو پي جي جلسي ۾ ڪجھ اڳواڻن سائينءَ جي حوالي سان اهڙيون ڳالهيون چيون جيڪي بلڪل ڀهريون پيرو ٻڌڻ ۾ آيون. اٿين چئجي تہ سيد جي شخصيت ۽ ڪردار خلاف ترڪش مان نوان تير نڪتا. اهي ڳالهيون اهڙيون هيون جيڪي ڪنهن عام ماڻهوءَ لاءِ



Gul Hayat Institute

بہ ڪرڻ غير اخلاقي سمجهيون وينديون, جڏهن تہ جي ايم سيد جهڙي انسان لاءِ اهڙا مفروضا ناهڻ ان جي نالي جي توهين آهي.

اسٽيج تي وينل معزز مهمانن منجهان هڪڙي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ عبدالقادر رانٽي پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ ”جيڪڏهن جي_ايم سيد اڄ زنده هجي ها تہ پاڪستان ٽوڙڻ جي ڳالهہ ڇڏي جلال شاهہ جيان سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪري ها“. هاڻي پاڪستاني رياست بابت سائين جي ايم سيد جو موقف ۽ ڪردار تہ عالم آشڪار ۽ سج جهڙو چٽو رهيو آهي. ان جا حامي بہ واضح آهن تہ مخالف بہ پڌرا آهن, ۽ مخالفن ڪي ان جي مخالفت ۾ جيڪي ڪجهہ چوڻو ۽ جيڪي ڪجهہ ڪرڻو هئو اهو چوندا ۽ ڪندا رهيا آهن ۽ اجا تائين چوندا ٿا رهن. ائين ڪرڻ ۽ چوڻ جو انهن کي پورو حق هئو ۽ آهي. پر اهو حق مسٽر عبدالقادر رانٽي کي ڪنهن ڏنو تہ اهو چوي تہ جي ايم سيد زنده هجي ها تہ هيئن چوي ها يا ڪري ها. سائينءَ پنهنجي زندگيءَ جي پوئين دور ۾ الائي ڪيترا ڀيرا لکيو ۽ چيو تہ ”مان تجربا ڪري هٿ ساڙائي هنن نتيجن تي پهتو آهيان“. قادر رانٽو تہ سائينءَ جي زندگيءَ جي پوئين دور جي بدترين مخالف جي ڪئمپ ۾ ويهي تير وسائيندو رهيو هاڻي راتو رات ۾ هو سيد کي ايترو قريب ڪيئن ٿي ويو جو ان جي طرفان اهڙيون فتوائون جاري ڪرڻ لڳو. ڪو خواب لڌائين يا وحي نازل ٿيس, يا وري سڄي عمر جي سڪيل خوشامد جي فن سان جلال محمدو شاهہ کي خوش ڪرڻ ٿو چاهي. جي ايم سيد جنهن سان رانٽو صاحب هڪ ڏينهن بہ گڏ نہ رهيو ان بابت اهڙيون دعوائون ڪرڻ کان پهرين تہ هو جناب رسول بخش پليجي بابت پنهنجي ڏاهپ جا جوهر ڏيکاري ها, جنهن جي وفاداريءَ ۾ هن سڄي عمر گهاري آهي. مون اجا تائين ڪٿي نہ پڙهيو آهي تہ قادر رانٽي چيو تہ جيڪڏهن اڄ رسول بخش پليجو قومي عوامي تحريڪ جو صدر هجي ها تہ سوشلسٽ نظرين کي رد ڪري اياز لطيف پليجي وانگر پاڳاري ۽ نورانيءَ واري سياست ڪري ها.

جناب قادر بخش رانٽو سياسي اڳواڻ آهي پر هتي تہ عام انساني

Gul Hayat Institute

قدر ۽ سماجي اخلاقيات جون حدون بہ اورانگھي ويو آهي. ڪو بہ انسان فوت ٿي ويندو آهيٰ تہ وفات کان اڳ ۾ ان جي چيل لفظن کيٰ تقدس حاصل ٿي ويندو آهي. اخلاقي، سماجي، قانوني طور. مِٽ مائٽ ۽ دوست عزيز ان ماڻهوءَ جي چيل لفظن تي عمل ڪرڻ جي حتي المقدور ڪوشش ڪندا آهن. ايتري تائين جو ڪورٽ بہ انهن کي اهميت ڏيندي آهي. جي ايم سيد تہ هڪڙي غير معمولي ۽ تاريخ ساز شخصيت هئو جنهن جون 60 سال اڳ ۾ ڪيل دور انديشيءَ واريون ڳالهيون ۽ مدبرا ڻيون اڳڪٿيون اڄ درست ثابت ٿي رهيون آهن. ائين تہ پوءِ سياڻي ڪو بيو عبدالقادر رانتو اٿي ۽ چوڻ شروع ڪري تہ گانڌي زنده هجي ها تہ پنهنجي آدرشن تان هٿ کڻي وڃي ها يا ڪارل مارڪس هجي ها تہ پنهنجي نظرين ۾ تبديلي ڪري ها.

ايس-يو- پي جي جلسي جو مکيہ مقرر سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير ارباب غلام رحيم هئو جنهن سالگره جو ڪيڪ بہ ڪٽيو. ان پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ ”سنڌي ماڻهو جيڪڏهن سائين جي ايم سيد جو ساٿ ڏين ها تہ اڄ جلال محمود شاهہ سنڌ جو وڏو وزير هجي ها“. هاڻي ارباب صاحب جي سياسي ڪردار ۽ سماجي معيار تي تہ گهٽو نہ ڳالهائجي تہ بهتر آهي. هي اهو ئي ارباب غلام رحيم آهي جيڪو سنڌين کي اٽيڙهيل ۽ جاهل چوندڙ جنرل پرويز مشرف جو سنڌ ۾ وفادار نمائندو هئو ۽ هي اهو ئي شخص آهي جنهن سڄي ڪراچي بطور ضلعو ايم ڪيو ايم جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ وري حيدرآباد ايم ڪيو ايم جي ڪنٽرول ۾ ڏيڻ لاءِ ان کي ڇئن حصن ۾ تقسيم ڪيو. هي اهو ئي ارباب رحيم آهي جنهن چيو هئو تہ ”عورتن کي کُڙيءَ ۾ عقل هوندو آهي“. ۽ اهو بہ تہ ”عورتن کي پردو ڪري گهر ۾ ويهڻ گهرجي“. اهڙي شخص کان جي ايم سيد جهڙي شخصيت جي سالگره جو ڪيڪ ڪٽرائڻ عجيب ٿو لڳي. بهرحال جلسي جي منتظمين ڇا سوچي ۽ ڪهڙن معيارن تحت هن کي مک مهمان بڻايو اهو تہ اهي ئي ٻڌائي سگهن ٿا.

باقي جيستائين تعلق آهي سيد جي سياسي پروگرام جو سندس

Gul Hayat Institute

فڪر ۾ جدوجهد جو تہ اهي قومي ملڪيت آهن. ڪي خاص ماڻهو ان جا وارث نڪو آهن نڪو ٿي سگهن ٿا. سائين پاڻ چوندو هئو تہ منهنجي سياست ۾ سياسي جدوجهد جو ڪو بہ جانشين يا وارث مقرر ناهي ، جن جو بہ ڪردار صحيح ۾ عمل صالح هوندا اهي ان ڪي سنڀاليندا ۾ اڳتي وڌائيندا. اهو فيصلو تہ وقت، تاريخ ۾ سنڌي قوم ڪندي تہ ان ڪسوٽيءَ تي پورا لهندڙ ڪهڙا ماڻهو آهن پر مان بہ پاڻ کي انهن مان هڪڙو اميدوار ضرور سمجهان ٿو ۾ ان حيثيت ۾ پنهنجي ذميواري نڀائڻ ۾ سيد جي صحبت جو حق ادا ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو.

ارباب غلام رحيم جو اهو هڪ جملو ئي ٻڌائي ٿو تہ سالگره جي منتظمين جو مک مهمان وارو انتخاب غلط هئو ڇاڪاڻ تہ ان جملي مان صاف نظر اچي ٿو تہ ان ماڻهوءَ سائين جي ايم سيد جي فڪر ۾ جدوجهد کي نہ پڙهيو آ ۾ نہ ئي سمجهيو آ. ڪيس سنڌ جي قومي تحريڪ جي الف ب جي بہ خبر ڪانهي. پرويز مشرف جي پاليل ان پهلوان جي خيال ۾ تہ سائين جي ايم سيد سڄي سياست ۾ سموري جدوجهد پنهنجي خاندان کي اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهارڻ لاءِ ڪري رهيو هئو؟ وزارتِ اعليٰ زندگيءَ جي معراج سمجهندڙ محترم ارباب کي خبر هجڻ کپي تہ جنهن وقت پارلياماني سياست ۾ سائين جي ايم سيد بادشاهہ گر (king maker) سمجهيو ويندو هئو ان وقت بہ هُن ڪڏهن پنهنجي لاءِ اقتدارنہ گهريو بلڪ هميشہ پنهنجي پارٽي/گروپ کي اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ نہ رڳو ڪوشش ڪندو هئو پر قرباني بہ ڏيندو هئو. زندگيءَ ۾ سائين صرف هڪ دفعو وزير ٿيو تہ وري الله بخش سومري لاءِ جڳهہ خالي ڪرڻ خاطر ان تان بہ استعيفا ڏئي ڇڏيائين.

1970ع ڪانپوءِ تہ وري وري ۾ نهايت واضح لفظن ۾ سائينءَ چيو ۾ لکيو تہ ”اسان ڇهرن جي نہ پر رياستي نظام جي تبديلي چاهيون ٿا“.

هڪ دفعي ائين بہ چيائين تہ ”پاڪستان جي هن نظام ۾ مان بہ ملڪ جو سربراهہ ٿيان تہ بہ سنڌ لاءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهندس“. ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ شريڪ نہ ٿيڻ بابت بہ سائينءَ جو موقف بلڪل چٽو



Gul Hayat Institute

هئو ته "اها تحريڪ ڪرسيءَ جي تبديلي لاءِ آهي، جڏهن ته اسان نظام جي تبديلي چاهيون ٿا". سيد ڪان وڏي ڳالهه ته سائين هڪ مدبر، تاريخ شناس ۽ دانشور به هئو. سنڌ جي ۽ دنيا جي تاريخ پڙهڻ، سماجي تبديلين کي سمجهڻ ۽ پاڪستاني رياست جي بناوٽ ۽ ڪردار بابت عملي تجربا ۽ تجزيا ڪرڻ کانپوءِ سائين ان نتيجي تي پهتو ته مذهبي تفريق، قومي جبر ۽ استحصالي سوچ تي ٻڌل هي رياستي نظام نه رڳو سنڌ پر پاڪستان جي ٻين قومن ۽ هن سڄي خطي جي مستقبل لاءِ خطرو آهي. ان ڪري هُن سنڌ جي آزاديءَ جو پروگرام ڏنو ته جيئن سنڌ جي تاريخ ۽ ڪلچر مان اتساهه ۽ رهنمائي وٺي امن، ڀائيچاري ۽ انسانذات جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ وارن عالمگير ۽ آفاقي آدرشن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري سگهجي. ان لاءِ سنڌس بيشمار تحريرون ۽ تقريرون موجود آهن.

ته پوءِ مسٽر غلام رحيم يا جناب قادر بخش رانٽو ڪيئن ٿا چئي سگهن ته جي ايم سيد زنده هجي ها ته پروگرام تان هٽ ڪٽي وڃي ها يا اهو ته سندس جدوجهد جو مقصد خانداني ماڻهن کي اقتدار تائين پهچائڻ هئو. سو به وري اهڙيون احمقاڻيون ڳالهيون اهي همراهه اهڙي وقت ۾ ڪري ويا آهن جڏهن سائينءَ جون چيل ڳالهيون ۽ ڪيل تجزيا درست ثابت ٿي رهيا آهن. هڪ طرف پاڪستاني حڪمران ۽ انهن جا حمايتي پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندي چئي رهيا آهن ته "مذهبي انتهاپسندي ئي ملڪ کي لاحق سڀ کان وڏو خطرو آهي" ته ٻئي پاسي سڄي دنيا مذهب جي نالي ۾ تيندڙ دهشتگرديءَ جي لپيٽ ۾ آهي. جڏهن آمريڪا ۽ برطانيا سميت دنيا جا "سپر پاور" پنهنجي مفادن خاطر ۽ ڪوتاهه نظريءَ سبب مذهبي تحريڪن کي تاتي نپائي رهيا هئا ان وقت جي ايم سيد پنهنجي تجربي ۽ دور انديشيءَ جي بنياد تي انهن ئي ملڪن کي رڙيون ڪري انهن خطرن کان خبردار ڪري رهيو هئو جن کي دنيا اڄ منهن ڏئي رهي آهي. (ڏسو ويانا عالمي امن ڪانفرنس 1952 ۾ جي ايم سيد جي تقرير).

ان مان ثابت ٿئي ٿو ته " ڏَڪ ڪائڻ، هٽ ساڙائڻ" ۽ پنهنجي غلطي تسليم ڪرڻ کانپوءِ جي ايم سيد عالمي سطح جو مدبر بڻجي چڪو هئو



Gul Hayat Institute

جنهن جي فڪر جو مرڪز ۽ جدوجهد جو مقصد آزادي، امن ۽ ڀائيچارو ۽ انسانذات جي ترقي هئو. پنهنجي انهن آدرشن خاطر هُن ٽيهن سالن جي قيد سميت پنهنجي زندگيءَ جا سُک، آرام ۽ خوشيون قربان ڪيون پر موت کي به ڀليڪار چيائين. اهڙي شخصيت لاءِ فتوائون جاري ڪرڻ جو انهن سراسري سطح جي ماڻهن کي حق ڪنهن ڏنو آهي؟. بلڪ اهڙو حق ڪنهن کي به حاصل ناهي، انهن طرفان ڳالهايل جملا جي ايم سيد جي آدرشن ۽ اصولن، ايمانداري ۽ وفاداريءَ تي حملو آهي. اهڙي طرح اهو سيد جي فڪر ۽ جدوجهد سان واڳيل هزارين لکين انسانن جي ذهن ۽ ضمير تي به حملو آهي.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا اهو سڀ ڪجهه انهن ماڻهن اتفاقي طور ۽ غلطيءَ ۾ چيو يا اهو هڪ ڏگهي منصوبي ۽ خطرناڪ مهم جو حصو آهي. تاريخ جو رڪارڊ ٻڌائي ٿو ته هن ملڪ جا حڪمران مسلسل قيد ۾ رکڻ ۽ سموري پروپيگنڊا ۽ فتوابازين جي باوجود جي ايم سيد جي فڪرِ جدوجهد کي ڦهلجڻ کان روڪڻ ۾ ناڪاميءَ ڪانپوءِ ان شخص جي موت جو انتظار ڪرڻ لڳا هئا ۽ سندس موت تي خوشي ۽ اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ويو هئو ته ”جي ايم سيد ۽ غفار خان، سان گڏ انهن جو نظريو به قبر ۾ دفن ٿي چڪو.“ پر اهي سيد جي موت تي مڪمل طور مطمئن ٿي ويهي ڪونه رهيا بلڪ ان موقعي کي انهن سندس تحريڪ کي ختم ڪرڻ جو بهترين موقعو بڻايو ۽ پوءِ دنيا ڏٺو ته ڪيئن سيد جي اکيون بند ڪرڻ سان ئي سندس پارٽيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ وٺ وٺان شروع ٿي وئي.

جنهن طرح سان ۽ جنهن تيزيءَ سان جيئي سنڌ محاذ کي ٽوڙڻ/ ختم ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي وئي، ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته اها سوچ اوچتي ۽ خودرو ڪانه هئي بلڪ جي ايم سيد جي موت جو انتظار ڪندڙن وٽ اهو منصوبو اڳ ۾ ئي موجود هئو. بغير ڪنهن گفتگو جي، بغير ڪنهن صلاح مشوري ۽ بغير ڪنهن پارٽيءَ جي ادارن ۾ ايجنڊا آڻڻ جي سائين جي ايم سيد جي وفات شرط ”انضمام انضمام“ جو گوڙ شروع



Gul Hayat Institute

ٿي ويو ۽ اهو گوڙ ايترو زوراڻتو ۽ گهڻ طرفو ڪيو ويو ته جيئن ڪا به معقوليت جي ڳالهه ٻڌڻ ۾ نه اچي. اهي صحافي ۽ ليکڪ به جي ايم سيد جي نالي ۾ "ٻڌيءَ" جا حمايتي ٿي پيا جن سدائين سندس خلاف قلم ۽ زبان استعمال ڪيا هئا ۽ اهي ليڊر ٻڪين پئجي هڪ ٻئي کي عظيم ۽ قديم چئي رهيا هئا جيڪي هڪ ٻئي کي سيد جو انڪاري ۽ قومي تحريڪ جو دشمن قرار ڏيندا هئا. نه رڳو ارادا ۽ ڪوششون پر بعد جا واقعا ۽ نتيجا به ٻڌائين ٿا ته اهو "ٻڌي" ۽ انضمام جو هُل جي ايم سد جي جماعت کي ٽوڙڻ لاءِ هئو ڇاڪاڻ جو جنهن وقت انضمام ڪري نئين جماعت ناهي وئي ته ان وقت ٿي تنظيمون/گروپ ان ۾ شامل ٿيا پر پوءِ ٿوري ئي وقت ۾ ان نئين پارٽيءَ مان اٺ (8) ڌڙا/گروپ الڳ ٿيا ۽ الڳ ٿيڻ ڪانپوءِ هڪٻئي جي خلاف ساڳيا الزام لڳائڻ لڳا. جيڪي گڏجڻ کان اڳ ۾ لڳندا هئا.

پر جڏهن ان سڀ ڪجهه جي باوجود سيد جي نظرياتي تحريڪ ختم نه ٿي سگهي ۽ ان جا فڪري ۽ نظرياتي پوئلڳ ۽ با ڪردار ڪارڪن سندس جماعت کي به برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته پوءِ حڪمران قوتن مختلف منصوبا جوڙڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ شروع ڪيا ۽ مختلف مهمون هلائڻ شروع ڪيون. هاڻي ڪيترا ۽ ڪهڙا ماڻهو شعوري طور ۽ مفادن خاطر انهن منصوبن ۽ مهمن جو حصو ٿا بڻجن ۽ ڪهڙا اڻڄاڻائي ۽ نيڪ نيتيءَ ۾ انهن ۾ شريڪ ٿا ٿين اهو ايندڙ وقت ٻڌائيندو.

انهن منصوبن ۽ انهن مهمن ۾ رياستي ادارن سان گڏ مختلف ۽ مخالف سياستدان، صحافي ۽ ليکڪ شامل رهيا آهن جيڪي تقرير، تحرير، اخبار ۽ سوشل ميڊيا ذريعي پنهنجو ڪم ڪندا رهندا آهن. ان ڏس ۾ ويجهڙائيءَ ۾ هڪ نئون حملو نئين هٿيار سان ڪيو ويو. اهو هيءَ ته سيد جي پوئلڳيءَ ۾ ۽ جيئي سنڌ جي نالي سان ڪم ڪندڙ جماعت مان هڪ جي اڳواڻ کي جي ايم سيد جي مدِ مقابل بيهاريو ويو ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته جي ايم سيد جي پيٺ ۾ اهو ليڊر وڏيڪ ڏاهو عوام دوست، آمريت مخالف، سنڌ دوست ۽ جمهوريت پسند هئو. ان

Gul Hayat Institute

تي اُن ليڊر جي جماعت وارا همراهه خاموش رهيا.

هاڻي وري ترڪش مان اهو نئون تير ڪڍيو ويو آهي. جي ايم سيد جي شهر ۾ اچي جي_ايم سيد جي سالگره ۾ ويهي جي ايم سيد جي ڪردار ڪشي ڪجي ۽ پوءِ جيڪڏهن ان جي ترديد نه ٿئي ته ماڻهو ان کي سچائي سمجهڻ شروع ڪن. افسوس صد افسوس ته ائين ئي ٿيو. جلسي جي منتظمين مان ڪنهن به انهن الزامن، بهتانن ۽ ڪردار ڪشيءَ جي وضاحت نه ڪئي ۽ نه ئي سنڌ جي تاريخ جي هن عظيم انسان جي عظيم آدرشن جي دفاع ۾ هڪ لفظ به ڳالهايو ويو. جيتوڻيڪ انهن جي سياسي جلسن ۾ تصوير ان ئي شخص جي لڳل هوندي آ. شايد ”گهر هلي آيل مهمانن“ کي ناراض ڪرڻ نه پيا چاهين.

ڳالهه رڳو ايستائين به ڪانهي. جي ايم سيد جي نالي ۽ نعري سان ڪيتريون تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن ۽ پاڻ کي سيد جي فڪر جو حقيقي پيروڪار ٿيون سڏائين، اهي سڀئي به ائين خاموش آهن ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪونهي. واقعي به ٿي سگهي ٿو ته انهن وٽ انهن ڳالهين جي اهميت نه هجي. نه رڳو ايترو پر سيني کان وڌيڪ پاڻ کي سيد جا سچا سپاهي چورائيندڙن جو ليڊر سالگره جي ٻئي ڏينهن ڪمند جي اگهه خاطر ان ئي ارباب رحيم سان گڏ ويهي دعوتون ڪائي رهيو هئو شايد انهن وٽ جي ايم سيد جي فڪر کان ڪمند جو اگهه وڌيڪ اهم آهي ۽ وري اهي همراهه جن طرفان جي ايم سيد جي فڪر ۽ ڪردار جي ”حفاظت جو ٺيڪو“ کنيل هوندو آهي، اهي به پنهنجي قلم سوڌو ائين خاموش آهن ڄڻ ڪو نانگ سنگهي ويو هجين.

Gul Hayat Institute

(عوامي آواز_ 5 فيبروري 2015)

# ڇا سيد ۽ ڀُٽي جا نظريا هڪجهڙا آهن

"**افيئر**" جولاءِ 15، 2015ع واري پرچي ۾ سينئر صحافي ۽ ليکڪ جناب نصير اعجاز جو مضمون "جي ايم سيد ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي سوشلسٽ نظرين جي هڪجهڙائي" جي عنوان سان شايع ٿيو. سيد ۽ ڀُٽي جا سياسي نظريا، انهن جو سياسي ڪردار ۽ ڀُٽي خاندان جا سيد سان لاڳاپا پاڪستان ۾ ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ بحث جو هڪ اهم پر تڪراري موضوع رهيو آهي. ان موضوع تي مضمون لکي جناب نصير اعجاز هڪ دفعو وري بحث کي ڇيڙيو آهي. مضمون ۾ ڪجهه ڳالهيون بلڪل صحيح ۽ ڪجهه تڪراري لکيون ويون آهن، خاص ڪري ڪجهه تاريخي /واقعاتي حقيقتون، جن جي بنياد تي مضمون جو موضوع منتخب ڪيو ويو آهي، وضاحت گهرن ٿيون.

سڀ کان سٺي ڳالهه مضمون جي آخر ۾ لکيل آهي ته "هي منهنجا پنهنجا ذاتي خيال آهن، جن سان اختلاف رکڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي". انهن سان نصير اعجاز پنهنجي سينئر، سنجيده ۽ کليل ذهن هئڻ جو ثبوت ڏنو آهي، نه ته هونءَ اڄڪلهه سنڌ ۾ رواج اهو آهي ته جيڪو همراهه به ڪالم لکي ٿو اهو پاڻ کي آخري حرف سمجهندي اختلاف ڪندڙن کي پنهنجو ۽ سنڌ جو دشمن قرار ٿو ڏئي. ٻي ڳالهه اها درست لکي وئي آهي ته "سائين جي_ايم سيد ۽ ڀٽو صاحب وچ ۾ سياسي اختلاف ته اڻ ڳڻت ٿي سگهيا ٿي پر ڪا خانداني دشمني ڪانه هئي_".

Gul Hayat Institute

هاڻي اچون ٿا وضاحت/درستگي طلب ڳالهين ڏانهن. 1930ع واري ڏهاڪي دوران سر شاهنوازُ ڀُٽي ۽ جي ايم سيد طرفان گڏجي سنڌ پيپلزپارٽي ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ٺاهڻ جون ڳالهيون ته درست آهن پر 1948ع ۾ پيپلزپارٽي ٺهڻ جي حوالي سان ڪيل ڳالهيون حقيقتن سان ميل نه ٿيون کائن. پهرين وضاحت ته 1948ع ۾ سنڌ پيپلزپارٽي ڪانه ٺهي هئي. ان وقت ٺهندڙ پارٽيءَ جي نالي ۾ نه ته سنڌ هئي ۽ نه ئي پارٽي. در اصل 1948ع ۾ ملڪي سطح جي پارٽي ٺاهي وئي هئي، جنهن جو نالو پاڪستان پيپلز آرگنائيزيشن رکيو ويو هئو. تنظيم جي اساسي اجلاس ۾ سائين جي ايم سيد طرفان پڙهيل استقبالي خطبو مان ترجمو ڪري ڪتاب "فکرِ جي ايم سيد اور آج کا پاڪستان" ۾ ڇپرائي چڪو آهيان. ٻي انتهائي اهم ڳالهه اها آهي ته پ پ پ ۾ سر شاهنواز ڀٽو هئو ئي ڪونه. سائين جي ايم سيد کانسواءِ پارٽيءَ جي مک اڳواڻن ۾ خان عبدالغفار خان، عبدالصمد خان اڇڪزئي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، شيخ ظهير الدين ۽ منشي احمد دين شامل هئا. اها ڳالهه به مون ڪٿي ڪانه پڙهي آهي ته سر شاهنواز طرفان اليڪشن هارائڻ کانپوءِ سائين جي ايم سيد ان کي پنهنجي سِيٽ جي آڇ ڪئي هئي.

جناب نصير اعجاز لکيو آهي ته "جڏهن ون يونٽ مخالف تحريڪ هلي رهي هئي تڏهن سيد سان سندس دوست سياستدان سر شاهنواز ڀُٽي جوُ فرزند ذوالفقار علي ڀٽو به ون يونٽ مخالف محاذ ۾ گڏ هئو". هاڻي ون يونٽ مخالف تحريڪ ۾ حصو وٺندڙ يا ان بابت ڄاڻ رکندڙ هر ماڻهوءَ کي خبر آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو ان تحريڪ کان ڪوهين ڏور هئو. در اصل حقيقت اها آهي ته ون يونٽ ٺهڻ کان جلدي پوءِ حيدر منزل تي هڪ اهم گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ ون يونٽ مخالف تحريڪ هلائڻ لاءِ هڪ ڊرافٽ ڪميٽي ٺاهي وئي، جنهن جو سيڪريٽري ذوالفقار علي ڀُٽي کي مقرر ڪيو ويو. پر پوءِ ٿيو ائين ته نصير اعجاز جي لفظن ۾ "ڀهتل" ماڻهن جي چوڻ تي هن صاحب ٻن ڏينهن کان پوءِ سيڪريٽري شپ تان استعيفيٰ ڏياري موڪلي. نه رڳو ايترو پر ون يونٽ کي ٽٽڻ کان بچائڻ

خاطر جنرل ايوب خان طرفان لڳايل مارشل لا جي حڪومت ۾ جناب ڀٽو اٺ سالَ وزير رهيو. ياد رکڻ گهرجي تہ ايوب خان پاڻ لکيو آهي تہ ون يونٽ جو منصوبو سندس ذهن جي تخليق آهي جڏهن تہ دنيا ڄاڻي ٿي تہ سائين جي ايم سيد جي ڪوشش ۾ سياسي حڪمت عملين جي نتيجي ۾ مغربي پاڪستان (ون يونٽ) اسيمبلي ون يونٽ ٽوڙڻ جي حق ۾ قرارداد پاس ڪري چڪي هئي. سيد ۽ ڀُٽي ۾ هڪجهڙايون ڳولهيندڙ دوستن کي اهو بہ ذهن ۾ رکڻ کپي تہ جيڪي اٺ سال (1958 کان 1966ع تائين) ذوالفقار علي ڀُٽو ايوب حڪومت جو خاص وزير رهيو اهي ئي اٺ سال سائين جي ـ ايم سيد قيد ۾ گذاريا. ان کانپوءِ ايوب خان کان ڌار ٿيڻ بعد حيدرآباد ۾ ڀُٽي صاحب جو ڏنل اهو بيان تہ تاريخ جو حصو آهي تہ "ون يونٽ جي مخالفت ڪري مان پنجاب کي ناراض ڪرڻ نٿو چاهيان". ذوالفقار علي ڀٽو ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪيئن ون يونٽ مخالف محاذ ۾ سيد سان گڏ هئو؟ ان جو ڪو تہ ثبوت هجڻ کپي.

ٻئي هنڌ ليڪڪ لکي ٿو تہ "چيو وڃي ٿو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي گذار ش تي سيد هندستان ويو هو تہ جيئن ٻئڪ ڊور ڊپلوميسي تحت پاڪستان ۽ هندستان جي لاڳاپن ۾ سڌارو آڻي سگهجي". حقيقت اها آهي تہ ذوالفقار علي ڀُٽي جي دور ۾ سائينءَ کي وفد ۾ گڏجي ڀارت هلڻ لاءِ چيو ضرورو ويو هئو پر سائينءَ جواب ڏنو تہ "مان جيڪڏهن ويندس تہ اڪيلو". ان جو وڌيڪ احوال جناب ڀُٽي جي انتهائي قريبي ساٿي ۽ صلاحڪار رفيع رضا پنهنجي ڪتاب ۾ ڏيندي لکيو آهي تہ "ڀُٽي صاحب مونکي چيو تہ سيد جا ڪاغذ وٺو تہ جيئن پاسپورٽ ۽ ويزا جا معاملا طئہ ڪجن. مون سيد کان ڪاغذ ورتا، ڪجهہ ڏينهن گذرڻ کانپوءِ جڏهن مون ڀُٽي صاحب کي سيد جي ڪاغذن جو ياد ڏياريو تہ هُن چيو تہ اهو وساري ڇڏ (Forget about it)". پيپلزپارٽيءَ جا ڪجهہ ليڊر ان عمل کي ڀُٽي جي چالاڪي قرار ڏيندا آهن.

سي کان وڌيڪ کُليل ۽ چٽي غلط بياني اها آهي تہ "1973ع ۾ جڏهن ملڪ جي نئين آئين کي منظور ڪرائڻ جو وقت آيو هئو تڏهن بہ

Gul Hayat Institute

سائين جي ايم سيد پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هئو“. ”ولي خان ڪي آئين جي حمايت ڪرڻ لاءِ چيو هئو“. حقيقت اها آهي ته سائين جي ايم سيد 1973ع واري آئين جي ڪڏهن به حمايت نه ڪئي، بلڪ وڏي واڪ ان کي قومن جو قاتل آئين قرار ڏنو ته پوءِ ان جي حمايت لاءِ ٻين کي ڪيئن چوندو. ان ئي 1973ع واري آئين ٺاهڻ تي ان وقت جي قانون واري وزير عبدالحفيظ پيرزادي کي سنڌ يونيورسٽي طرفان اعزازي ڊگري ڏيڻ خلاف جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان ڪيل تاريخي احتجاج به عالم آشڪار آهي.

سائين نيشنل عوامي پارٽي جي قيادت سان مليو ضرور هئو پر اهو 1972ع واري عبوري آئين جي حمايت لاءِ ۽ ذڪر هيٺ آيل مضمون ۾ جيڪو اهو چيو ويو آهي ته ”سيد ولي خان کي چيو ته مان ڀٽي جي حمايت ڪريان ٿو چو ته راجا ڏاهر ڪانپوءِ هن خطي جي تاريخ ۾ اهو پهريون سنڌي آهي، جنهن جو اقتدار ڪراچيءَ ڪان ڪشمور تائين پکڙيل آهي“. ته اهو ائين بڌل حوال آهي. اصل ڳالهه اها آهي ته 1972ع وارو آئين اڌ آمراڻو هئو جنهن ۾ صدر کي لامحدود اختيار ڏنا ويا هئا. نعپ جهڙي جمهوري پارٽيءَ جي قيادت اهڙي آئين جي حمايت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. جڏهن ته ذوالفقار علي ڀٽي ملڪ مان مارشل لا ختم ڪرڻ کي ان آئين جي منظوريءَ سان مشروط ڪيو هئو. اهڙي صورتحال ۾ سائين جي ايم سيد جو دليل هئو ته ڀٽي کي مڪمل طور فوج جي جهوليءَ ۾ وڃڻ کان بچائڻ خاطر ان آئين کي قبول ڪيو وڃي ته جيئن پاڪستان ۾ پهريون دفعو آيل سِوِل اقتدار کي مستحڪم ٿيڻ جو موقعو ڏنو وڃي. هونءَ به سيد عالمگير انساني قدرن ۾ ويساهه رکندڙ هڪ مدبر هئو ڪو نسل پرست ڪونه هئو جو رڳو سنڌي هئڻ جي ناتي ڀٽي جي حمايت ڪري ها. جيڪڏهن ائين هجي ها ته پوءِ ”پنهنجي سياسي دوست“ جي پٽ ذوالفقار علي ڀٽي جي مقابلي ۾ هزار ميل پري واري شيخ مجيب الرحمان جي حمايت نه ڪري ها، جنهن جي ٻولي به ڪيس سمجهه ۾ ڪانه ايندي هئي. ان سلسلي ۾ نهايت افسوس جي ڳالهه اها آهي ته 1973ع ۽ 1972ع وارن

آئينن جي حوالي سان مان سائين جي ايم سيد جي موقف ۽ نعپ قيادت سان ملاقات بابت وضاحتي مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ (افيئر سميت) گھٽ ۾ گھٽ 5_6 دفعا لکي چڪو آهيان پر پوءِ به دوست اهڙيون ٻُڌل ڳالهيون ڪندا ٿا رهن جن جو حقيقت سان ڪو واسطو ڪونهي ۽ جيڪي مستقبل جي مورخ لاءِ مونجهاري جو سبب بڻبيون.

هاڻي هڪ نظر مضمون جي عنوان تحت ”نظرين جي هڪجهڙائيءَ“ تي. مضمون نگار لکي ٿو ته ”مون ڏٺو آهي ته ٻنهي اڳواڻن جا سياسي ۽ اقتصادي نظريا هڪ ٻئي سان گھڻو ملندڙ هئا“. شايد ٿي ڪا ڳالهه ان کان وڌيڪ حقيقت کان پري ٿي سگھي ٿي ته سيد ۽ ڀُٽي جا سياسي ۽ اقتصادي نظريا هڪجهڙا هئا. سيد جي سموري سوچ توڙي جدوجهد ۾ سنڌ جي جداگانه قومي تشخص، تهذيب ۽ قومي ڪردار جي بنيادي حيثيت ۽ اهميت هئي جڏهن ته ڀٽو سنڌ جي قومي خيثيت جو ئي انڪاري هئو. سندس اهو مشهور جملو ڪنهن کان وسريو هوندو. جڏهن حڪومت ۾ هوندي هُن چيو ته ”هتي (پاڪستان ۾) ڪو به سنڌي، بلوچ، پختون ۽ پنجابي ناهي، سڀ پاڪستاني آهن ۽ جيڪو پاڪستاني نه ٿيندو مان ان کي ماري ماري پاڪستاني بڻائيندس“. سيد سنڌ سميت قومن جي رضاڪاراڻي اتحاد ذريعي عالمي امن، پر امن بقاءِ باهمي ۽ انسانذات جي ترقيءَ جو علمبردار هئو جڏهن ته ڀُٽي جي بين الاقواميت پسندي قومن جي وجود جي خاتمي تي ٻڌل هئي.

سيد عدم تشدد جو پيروڪار، عالمي امن جو داعي ۽ خاص ڪري پاڙيسري ملڪن سان دوستي ۽ تعاون جو طلبگار هئو. ٻئي طرف ڀٽو اهو شخص هئو جنهن چيو ته ”هندستان سان هزار سالن تائين جنگ ڪنداسين“ ۽ اهو به ته ”اسان پاڪستاني گاهه کائينداسين پر ائٽم بم ٺاهينداسين“. عملي طور بنگالين خلاف فوجي ڪارروائيءَ جي نه رڳو حمايت پر وڪالت ڪيائين ۽ بلوچستان خلاف پاڻ فوجي آپريشن ڪيائين.

ٻيو وڏو فرق سيڪيولرزم جي حوالي سان هئو. سيڪيولرزم جي

حوالي سان جي ايم سيد نہ رڳو سنڌ يا پاڪستان پر عالمي سطح جو هڪ وڏو ڪردار هئو. سيڪيولرزم لاءِ سندس سوچ ۽ جدوجهد غير متزلزل، مسلسل ۽ اٽل ۽ ناقابلِ شڪست هئي. سندس چٽو موقف هئو تہ مذهب کي رياست کان ڌار هجڻ کپي. ان ڏس ۾ 1952ع جي ويانا عالمي امن ڪانفرنس ۾ ڪيل سندس تقرير هڪ شاهڪار آهي. مذهب کي رياست ۾ ملوث ڪرڻ جي جن امڪاني خطرن جي سيد ان وقت نشاندهي ڪئي هئي اُهي اڄ حقيقت بڻجي پاڪستاني رياست ۽ سماج کي کائي رهيا آهن. ٻئي طرف جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي سياسي پروگرام ۾ مذهب شامل هئو ۽ اقتدار خاطر هُن رياست کي مذهبي بڻايو. ايتري تائين جو شهرين جي مذهبي عقيدن بابت فيصلي ڪرڻ جو اختيار بہ رياستي ادارن کي ڏنو ويو. ۽ دنيا جا دانشور ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ مذهبي انتهاپسنديءَ جي شڪل ۾ اڄڪلهہ جيڪي ڪجهہ پاڪستان ۾ ٿي رهيو آهي ان ۾ محترم ڀُٽي جي انهن ڪارنامن جو بہ وڏو حصو آهي.

جيستائين تعلق آهي سوشلسٽ نظريي جو تہ ان سلسلي ۾ بہ جي ايم سيد ۽ ذوالفقار علي ڀُٽي ۾ هڪجهڙائي ڪانہ هئي. ذوالفقار صاحب جنهن "اسلامي سوشلزم" جو نعرو هنيو ان جو نظرياتي توڙي عملي دنيا ۾ ڪو وجود ئي ڪونہ هئو. ان لاءِ شيخ اياز چيو تہ "اسلام ۾ سوشلزم ڇڻ زم زم ۾ وُڏڪا". جي ايم سيد جو سوشلسٽ نظريو سوويت يونين کان متاثر ۽ حقيقتن تي ٻڌل هئو. ان ڪري ئي هُن 1948ع ۾ چيو تہ پاڪستان کي سوويت طرز تي سوشلسٽ، خودمختيار رياستن جو اتحاد (U.S.A.R) بڻايو وڃي. نيشنلائيزيشن بابت جي ايم سيد جو حوالو ڏنو ويو آهي تہ "اسان مکيہ ڪارخانن کي حڪومت جي ماتحت ڪري عوام جي نفعي لاءِ ڪتب آڻڻ جا حامي آهيون". ذوالفقار علي ڀُٽي ڪارخانا حڪومتي تحويل ۾ تہ ورتا پر اهي مزدورن جي اختيار ۾ ڏيڻ بدران وڏيرن، جاگيردارن ۽ چوڌرين جي پٽن جي حوالي ڪيا. باقي جيڪو چيو ويو آهي تہ ذوالفقار علي ڀُٽي جي پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو جيڪو پروگرام هئو "اهو ساڳيو پروگرام سنڌ پيپلزپارٽيءَ جو هئو جيڪا 1948ع ۾ سر شاهنواز ڀُٽي ۽



Gul Hayat Institute

سائين جي ايم سيد ناهي هئي“ تہ ان لاءِ مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ 1948ع ۾ نهندڙ پارٽي نہ تہ سنڌ پيپلزپارٽي هئي ۽ نہ ئي سر شاهنواز ڀٽو ان ۾ شامل هئو. ۽ نہ ئي وري سيد واري پاڪستان پيپلز آرگنائزيشن ۽ ڀُٽي واري پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جا پروگرام ساڳيا هئا.

آخر ۾ مان ليکڪ دوستن کي گذارش ڪندس تہ اهي پنهنجا خيال ۽ پنهنجو نقطہ نگاهہ ضرور پيش ڪن.جنهن جو انهن کي پورو حق ۽ مڪمل اختيار حاصل آهي پر تاريخي حقيقتن ۽ واقعن کي درست طريقي سان ۽ صحيح تناظر ۾ رڪارڊ ڪيو وڃي.خاص ڪري اهي واقعا ۽ تاريخي معاملا جن جي باري ۾ درست رڪارڊ موجود آهي يا گهٽ ۾ گهٽ اهو واقعو يا اها ڳالهہ جيڪا هڪ دفعو غلط اچڻ کان پوءِ ان جي درستگي رڪارڊ تي اچي چڪي هجي تہ ان کي وري نہ ورجايو وڃي.مونکي ان ڳالهہ تي زور ان ڪري بہ ڏيڻو ٿو پوي جو غلط حوالن ۽ غلط بيانن جو سڀ کان وڏيڪ نشانو سائين جي ايم سيد، سندس سياست ۽ سندس جدوجهد ٿيندي رهي آهي. سائينءَ پاڻ تہ پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪڏهن ڪجهہ نہ چيوءِ وضاحت ۾ ڪجهہ نہ لکيو پر مان سندس شاگرد جي حيثيت ۾ سندس حوالي سان ڪيل غلط ڳالهين جي صفائي ۽ وضاحت ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو آهيان. ويجهڙائيءَ ۾ سائينءَ پاران قومي آزاديءَ جي حصول لاءِ ناهيل ۽ سندس زندگيءَ جي آخري پارٽي جيئي سنڌ محاذ جي حوالي سان ڪجهہ غلط واقعا ۽ غلط ڳالهيون لکيون ويون. مون حوالا ۽ ثبوت ڏيئي انهن جي درست صورتحال پيش ڪئي. ان جي باوجود اهو سلسلو اڃا جاري آهي.ان غلط رجحان جي انتها ۽ صورتحال جي ڳنڀيرتا جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پنهنجي پسند ۽ مرضيءَ موجب تاريخي واقعن ۽ حقيقتن کي موڙ ڏيڻ جي خواهش ۽ ڪوشش ۾ سنڌ جي انسائيڪلو پيڊيا ۾ بہ غلط اندراج ڪيا ويا آهن.

(انفيئر_15 آگسٽ 2015ع)

Gul Hayat Institute

## حقيقت پسنديءَ ۽ ڪردار ڪشيءَ ۾ فرق

**سنڌ** ايڪسپريس جو شمار سنڌي ٻوليءَ جي اهم اخبارن ۾ ٿئي ٿو خاص ڪري پنهنجي ادارتي صفحي سبب اها پسند ڪئي وڃي ٿي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ان ئي صفحي جو هڪڙو مستقل ليکاري مسٽر دستگير ڀٽي گذريل ڪافي عرصي کان پنهنجي ڪالمن ۾ سائين جي ـ ايم سيد جي ڪردار ڪشيءَ واري مهم هلائي رهيو آهي ۽ ان مهم کي نالو هي صاحب "تاريخي حقيقت کان نئين ٽهيءَ کي واقف ڪرڻ" جو ٿو ڏئي، پر ڪاش ايئن هجي ها!

جي ايم سيد به انسان آهي، انسان غلطيون ڪندو آهي (هي جملو سائين اڪثر ورجائيندو هئو). جي ايم سيد سياستدان هئو ۽ سياستدان به غلطيون ڪندا آهن. جي ايم سيد به غلطيون ڪيون. جيڪڏهن سنڌس سياسي ڪردار جو ايماندارانو تنقيدي جائزو پيش ڪجي ٿو ته ان تي مونکي ڪو اعتراض ڪونه هوندو پر تازي صورتحال کي مان ڪردار ڪشيءَ واري مهم ان ڪري ٿو چوان ته نه مهل نه موقعو هوندو پر ڀٽي صاحب جي.ايم. سيد کي وچ ۾ ضرور آڻيندو. ڪنهن اهڙي واقعي جو يا اهڙي شخص جو ذڪر هوندو جنهن سان جي ايم سيد جو ڪو تعلق نه هوندو تڏهن به ڦيرائي گهيرائي جي ايم سيد تي تنقيدي ضرور ڪئي ويندي آهي. مثال طور ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ جشن شيخ اياز جي تعريف ۾ ڪالم لکندي به دستگير صاحب جي ايم سيد تي تنقيد ڪرڻ

ضروري سمجھي. وري 3 اپريل تي ذوالفقار علي ڀُٽي جي ورسيءَ جي حوالي سان لکيل پنهنجي ڪالم "ڀٽو شهيد: سياسي غلطيون ۽ وڏا سماجي ڪارناما" ۾ به ليکڪ پنهنجي ڪاوڙ جو مکيه نشانو جي ايم سيد کي بڻايو. تازو حيدرآباد ۾ لٽريچر فيسٽيول ٿيو ان بابت لکيل 17 اپريل جي ڪالم جي پڇاڙي به جي ايم سيد خلاف ڏنل فتوا تي ڪئي ويئي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته جن معاملن جي حوالي سان جي ايم سيد جي ڪردارڪي تنقيد جو نشانو بڻايو ٿو وڃي، انهن ساڳين معاملن ۾ ٻين ليڊرن (جيڪي ليکڪ کي وڻن ٿا) جي ادا ڪيل منفي ڪردار جو ذڪر ئي نه ٿو ڪيو وڃي.

ذوالفقار علي ڀُٽي بابت لکيل ڪالم ۾ جناب دستگير ڀٽيءَ سنڌ جي شاندار ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ جو ذڪر ڪندي محترم ڀُٽي جو هڪڙو اخباري بيان ڇاپيو آهي جنهن ۾ چيل آهي ته "اسين سنڌي قوم کي ريڊ انڊين ٿيڻ نه ڏينداسين". پر اتي هُن کان ذوالفقار علي ڀُٽي جواهو جڳ مشهور بيان وسري ويو ته "ون يونٽ جي مخالفت ڪري مان پنجاب کي ناراض ڪرڻ نٿو چاهيان". نه ئي نٿين ٿهيءَ کي اهو ٻڌائڻ ضروري سمجهي ٿو ته ان ون يونٽ مخالف تحريڪ جي اڳواٽي جي ايم سيد ڪري رهيو هئو ۽ اها تحريڪ هلائڻ جي ڏوهه ۾ ڊڪٽيٽر ايوب خان سيد کي 8 سال جيل ۾ رکيو هو جڏهن ته اهي 8 ئي سال جناب ذوالفقار علي ڀٽو ڊڪٽيٽر ايوب خان جو پيارو وزير رهيو. ۽ نه ئي وتبڌان ڳالهه جي ڪا اهميت آهي ته جناب ڀُٽي جي ٺهرايل 1973ع واري آئين جي مهربانيءَ سان اڄ سنڌي قوم کي ريڊ انڊين بڻجي وڃڻ جو حقيقي خطرو درپيش آهي.

ساڳئي ڪالم ۾ 1972ع واري سنڌي ٻولي ائڪٽ جو ذڪر ڪندي لکيو ويو آهي ته "جڏهن اردو ڳالهائيندڙن ڪراچيءَ ۾ وڳوڙ ڪيو ته جواب ۾ ڀُٽي صاحب چيو هئو ته جيڪڏهن سنڌي ٻولي سنڌ اندر سرڪاري ٻولي نه ٿيندي ته پوءِ ٻيڪِتو ۾ ٿيندي؟" ان اخباري بيان کي ذوالفقار علي ڀٽي جو تاريخي ڪارنامو قرار ڏيڻ سان گڏ جي ايم سيد کي

Gul Hayat Institute

لوٽڻ وارو ”تاريخي“ فرض ادا ڪندي دستگير پٺي هڪ اهڙي ڳالهه ڪي ڪٺي آيو آهي جنهن جو ٻولي ائڪٽ سان ڪو واسطو ڪونهي. 1969ع ۾ جنرل يحييٰ طرفان ون يونٽ ٽوڙڻ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ صحافي ارباب چانڊيي ڪيس ٻڌايو تہ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ سردار احمد ان ڪي (ارباب ڪي) ٻڌايو تہ الڻ خان وٽس نياپو ڪٺي آيو تہ تون مهاجر ليڊرن ڪي چئہ تہ ڪراچيءَ مان اسان جي جان ڇڏائين پر مهاجر ليڊرن ان ڪي رد ڪري ڇڏيو.

هاڻي پهرين ڳالهہ تہ آها آهي تہ سڄي دنيا ڄاڻي ۽ مڃي ٿي تہ جي ايم سيد جيڪي صحيح سمجهندو آهي سو وڏي واڪ چوندو آهي، ڪڏهن بہ ڪا ڳالهہ لڪائي نہ ڪندو آهي. سيد تہ اهڙيون ڳالهيون بہ اعلانيہ طور چيون جن سان يا تہ خلق خدا مخالف ٿي وڃي يا حڪمرانن طرفان ڦاهيءَ جي سزا ملي. ٻي ڳالهہ تہ ڇا جي ايم سيد جي پائي جي ليڊر جي ڪردار ڪشي بغير ثبوت جي ائين واٽ ويندي ٻڌل ڳالهين جي بنياد تي ڪئي ويندي؟ ائين تہ پوءِ ذوالفقار علي ڀُٽي، رسول بخش پليجي ۽ شيخ اياز جي باري ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪيتري ئي عرصي کان ڪيترن ئي ماڻهن جي واتا سڄي سنڌ ۾ گشت ڪنديون ٿيون رهن، ڇا انهن ڪي حقيقت سمجهي نئين ٿهيءَ تائين پهچائڻ لاءِ دستگير پٺيءَ ڪڏهن قلم کنيو؟ نہ رڳو ايترو پر جناب ذوالفقار علي ڀٽيٰ جا ڪيترائي رڪارڊ تي آيل سنڌ مخالف عمل بہ نئين نسل کان لڪايا ٿا وڃن. مثال طور ون يونٽ جي حوالي سان ٿورو ذڪر مٿي ٿيو وڏيڪ اهو تہ جڏهن يحيٰ خان ون يونٽ ٽوڙي ڪراچيءَ ڪي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ قرار ڏنو تڏهن بہ ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي پارٽي تنظيم ۾ ڪراچيءَ ڪي سنڌ کان الڳ سڌو مرڪز جي ماتحت رکيو. ساڳي صورتحال سندن شاگرد ونگ جي هئي. ڪراچيءَ لاءِ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن الڳ هئي ۽ باقي سنڌ لاءِ سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن الڳ هئي. معنيٰ تہ ڪراچي سنڌ کان ڌار هئي.

مٿي ٻولي ائڪٽ 1972ع جو بہ ذڪر ٿيو. سنڌي ٻوليءَ جي



Gul Hayat Institute

حوالي سان صدر ڀٽي جي اخباري بيان جو تہ ذڪر ڪيو ويو آھي پر اهو نہ ٻڌايو ويو آهي تہ ملڪ جو حڪمران هوندي هن عملي طور ڇا ڪيو؟ سنڌ اسيمبليءَ 80 سيڪڙو جي اڪثريت سان بل پاس ڪيو تہ سنڌ جي سرڪاري زبان سنڌي هوندي، پوءِ جڏهن بقول دستگير ڀٽي جي، اردو ڳالهائيندڙن ڪراچيءَ ۾ وڳوڙ ڪيو تہ جناب ذوالفقار علي ڀٽي انهن وڳوڙين جي چوڻ تي سنڌ اسيمبليءَ جي ائڪٽ مٿان آرڊيننس جاري ڪري سنڌ کي ٻن زبانن جو صوبو قرار ڏنو. ان آرڊيننس جي بنياد تي اڄڪلهہ سنڌ ۾ ٻن قومن جو نعرو هنيو ويو ۽ ان بنياد تي هينئر سنڌ ورهائڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن.

3 اپريل واري ڪالم ۾ مختلف ليڊرن جي سماج لاءِ هاڃيڪار فيصلن ۽ ڪردار جو ذڪر ڪندي رياستي معاملن ۾ مذهبي مداخلت بابت چيو ويو آهي تہ "اهو سچ آهي تہ يورپ جي سڌريل قومن ۽ آمريڪا جي تمام گهڻن ماڻهن مذهب کي پنهنجي زندگيءَ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي ڇو تہ کين هاڻي خاطري ٿي وئي آهي تہ مذهبن ۽ مذهبي ٺيڪيدارن انسان ذات جي ترقيءَ واري واٽ ۾ صدين تائين رنڊڪون وجهي انسان ذات کي تمام گهڻا ايذاءَ رسايا آهن. مذهبن جي نالي ۾ نفرتون ۽ جنگيون انسانن جي بربادي‌ءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڏني سگهيون آهن." مان ڪالم نگار جي ان تجزيي سان بلڪل متفق آهيان. هاڻي ڏسڻ اهو کپي تہ ان حوالي سان انهن مختلف ليڊرن جو ڪهڙو ڪردار رهيو آهي، جن جو ذڪر وري ايندو ٿو رهي. پهرين جي ايم سيد بابت. سڀ کان پهرين ان پنهنجي مذهبي سوچ کي زندگيءَ جي عظيم ترين غلطي تسليم ڪيو. ان ڪانپوءِ سڄي عمر سيڪيولر سماج لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو. مذهب کي رياست سان ملائڻ جي نقصانن ۽ سيڪيولرزم جي فائدن بابت پنهنجي تقرير ۽ تحرير ذريعي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ماڻهن کي آگاهہ ۽ خبردار ڪندو رهيو. ان ڏس ۾ جي ايم سيد جي لکيل ڪيترن ئي ڪتابن کان علاوه بزمِ صوفياءِ سنڌ هڪ اهڙو پليٽ فارم هئو جنهن بابت جناب رسول بخش پليجو فخر سان چوندو آهي تہ "سائين جي ايم سيد ان جو صدر ۽ آءٌ

ان جو سيڪريٽري هئس“. نہ رڳو ايترو پر پاڪستان جي حڪمرانن سان سندس ويڙهہ جو اهم نقطو اهو هئو تہ مذهب کي رياستي معاملن کان ڌار ڪيو وڃ. ۽ نہ رڳو اهو پر اڄ کان 64 سال اڳ ۾ عالمي فورم تي وجي بہ دنيا کي مذهب کي سياست سان ملائڻ جي خطرن کان خبردار ڪيو. يورپ ۽ آمريڪا جا ”سڌريل“ ماڻهو جن کي ڪالم نگار وڏي حسرت سان ياد ڪري ٿو. انهن کي جي ايم سيد ڇا چيو؟ 1952ع ۾ ويانا ۾ ٿيل عالمي امن ڪانفرنس ۾ سيد چيو: ”جناب چيئرمين! مان هن ڪانفرنس جي نمائندن ۽ خاص ڪري برطانيا ۽ آمريڪا جي نمائندن تي هيءَ ڳالهہ واضح ڪرڻ ٿو چاهيان تہ برطانوي ۽ آمريڪي حڪومتون مسلمانن کي انهن جي مذهبي عقيدن جي بنياد تي متحد ڪرڻ جون جيڪي ڪوششون ڪري رهيون آهن انهن جا خطرناڪ نتيجا نڪرندا“. ۽ اهي خطرناڪ نتيجا اڄ برطانيا ۽ آمريڪا سميت سڄي دنيا ڀوڳي رهي آهي.

ٻئي طرف جناب ذوالفقار علي ڀٽي مذهب ۽ سياست کي گڏائي هلايو. ايتري تائين تہ هُن سوشلزم کي بہ اسلامي ٻڻائي ڇڏيو جنهن لاءِ دستگير جناب ڀٽي جي پسنديده شاعر شيخ اياز چيو تہ ”اسلام ۾ سوشلزم ڇڻ زم زم ۾ وڊڪا“. مذهبي تفريق جي بنياد تي جنگي جنون پيدا ڪرڻ لاءِ ڀُٽي صاحب اعلان ڪيو تہ ” هندستان سان هزار سالن تائين جنگ ڪنداسين“. جڏهن اقتدار ۾ آيو تہ جي ايم سيد جي تقرير کان 20 سال پوءِ هُن پاڪستاني رياست کي مذهبي ٻڻائي ڇڏيو. هُن پنهنجي ”عظيم ڪارنامي“ 1973 واري آئين ذريعي اهو اختيار رياست کي ڏئي ڇڏيو تہ اها ماڻهن جي عقيدي بابت فيصلا ڪري ۽ اهو بہ تہ ملڪ جي اعليٰ ترين عهدن تي رڳو هڪڙي خاص مذهب وارا ماڻهو ئي ويهي سگهن ٿا. اها بہ هڪ ’تاريخي حقيقت‘ آهي تہ ڀٽو حڪومت دوران سيئي سيڪيولر سياستدان جهڙوڪ، جي ايم سيد، عبدالولي خان، ارباب سڪندر خليل، اصغر خان، غوث بخش بزنجو، عطاءُ الله مينگل، خير بخش مري، ايتري تائين جو پيپلزپارٽيءَ سان تعلق رکندڙ معراج محمد خان ۽ مختيار رانا وغيره جيلن ۾ رهيا جڏهن تہ مولانا موددديءَ جهڙا مذهبي بنياد پرست نہ

Gul Hayat Institute

رڳو آزاد رهيا پر جناب پتو پاڪستان کي بهتر اسلامي مملڪت بڻائڻ لاءِ انهن جي گهر وڃي انهن کان مشورا گهرندو رهيو.

جي ايم سيد خلاف مهم کي اڳتي وڌائيندي حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول بابت پنهنجي هڪ ڪالم ۾ دستگير ڀٽيءَ آغا سليم جي وفات کان اڳ ڏنل هڪ انٽرويو جو حوالو ڏنو آهي جنهن ۾ آغا چيو ته ”جي ايم سيد نفرتن کي هوا ڏئي سنڌين جي ٻڌي ٽوڙي ڇڏي“. مون پاڻ اهو انٽرويو ٻڌو ۽ ڏٺو هئو پر ان ڪري خاموش رهيس ته ان وقت آغا سليم وفات ڪري چڪو هئو. پر هاڻي جڏهن ان کي ميدان ۾ آندو ويو آهي ته پوءِ مان اهو سوال اٿارڻ ۾ حق بجانب آهيان ته آغا سليم جو سنڌي قوم جي حوالي سان پنهنجو ڪهڙو اخلاقي مرتبو (Moral status) هئو جو اهو جي ايم سيد جي باري ۾ فتويٰ پيو ڏي؟ آغا سليم ته اهو ماڻهو آهي جيڪو سنڌين کي اٽيڙهيل، جاهل ۽ جٽ چوندڙ ۽ سنڌ کي ايم ڪيو ايم حوالي ڪندڙ فوجي ڊڪٽيٽر جنرل پرويز مشرف کان هڪ لک رپين جو انعام وٺڻ لاءِ اسلام آباد ڊوڙندو ويو. واپسيءَ ۾ جڏهن نورالدين سرڪي صاحب وٽ آيو ۽ انعام وٺڻ جو احوال ڏنائين ته مون چيس ته ”توهان کي اهڙي شخص کان انعام نه وٺڻ کپي ها“. ان تي ڪنهن قسم جي ڦڪائي محسوس ڪرڻ بدران چوڻ لڳو ته ”ادا، جيڪڏهن مان نه وٺان ها ته پيو ڪو وٺي ها!“.

تاريخي سچايون قوم کي ٻڌائڻ جي نالي ۾ تاريخي سچاين تي ڌوڙ وجهڻ وارو ڪم دستگير ڀٽيءَ تڏهن ڪيو جڏهن لکيائين ته ”ڀُٽي شهيد نه رڳو سنڌين کي ڪراچيءَ ۾ روزگار ۽ رهائش ڏيارڻ جو هنگامي بنيادن تي انتظام ڪيو پر ٻه تمام وڏا ميگا پراجيڪٽ يعني پورٽ قاسم ۽ اسٽيل ملز ڪراچيءَ جي مرڪزي علائقن کان پري ٺٽي جي بارڊر تي پيپريءَ ۾ لڳاياءين ته جيئن اتان جي لکين آباديءَ کي ويجهو نوڪريون ۽ ڪاروبار ڪرڻ جا موقعا ملن“. ڪيس ڪير ٻڌائي ته اسٽيل ملز منصوبي جي شروعات سوويت يونين جي مدد سان ايوب خان جي دور ۾ ٿي چڪي هئي. جيستائين سنڌين جي ڪراچيءَ ۾ رهڻ ۽ نوڪريون يا ڪاروبار ڪرڻ جو تعلق آهي ته اهو سڀ ڪجهه ڪنهن فرد جي مهربانيءَ سان نه

ٿيو آهي پر ان جو مکيه ڪارڻ ون يونٽ جو ٽٽڻ آهي جنهن لاءِ جي ايم سيد ۽ حيدربخش جتوئيءَ سميت محب وطن سياستدانن، اديبن، شاعرن، شاگردن، پورهيتن، شاگردياڻين ۽ ٻين قومي ڪارڪنن قربانيون ڏنيون. سنڌ ۾ جيڪڏهن پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت ٺهي ٿي ته اها انهن ماڻهن جي جدوجهد ۽ قربانين جي ڪري آهي، ڇاڪاڻ جو پ پ ته ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ کان ڪوهين ڏور هئي.

باقي جيڪڏهن ارباب چانڊيي يا سردار احمد جي رستي ويندي پڌايل ڳالهين کي حقيقتن جو بنياد بڻائي سگهجي ٿو ته پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي Death cell جي نگران ڪرنل رفيع جو ٽيليويزن تي لکين ماڻهن سامهون انٽرويو ته وڌيڪ مستند آهي جنهن مطابق جناب ڀٽي آخري ڏينهن ۾ چيو ته "جيتري جاکوڙ مون پاڪستان جي ڀلائي لاءِ ڪئي، اوتري جيڪڏهن سنڌ جي خودمختياريءَ لاءِ ڪريان ها ته هي ڏينهن ڏسڻا نه پون ها". ان مان ته اهو ثابت ٿئي ٿو ته جي ايم سيد جي سياست ٻه صحيح هئي ۽ ڀٽي لاءِ چيل اهي لفظ ٻه ته "پنجاب وارا ڀٽي مان ڪم ڪڍي ساڻس ڊاڪٽر خان وارو سلوڪ ڪندا".

(سنڌ ايڪسپريس_7 مئي 2016)

Gul Hayat Institute

# قومي سوال، جي ايم سيد جو فڪر ۽ ڪميونسٽ

**ڪلچر** ڊي جي حوالي سان لکيل منهنجي مضمون بابت نوجوان دوست اثر امام خط ذريعي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي، ان لاءِ سندس مهرباني. دوست "پاڪستاني سوشلسٽن" بابت منهنجي تبصري تي ناراض ٿي پيو آهي ۽ پوءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سائين جي ايم سيد سان پيٽ ڪندي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تعريف ڪئي اٿس.

سڀ کان پهرين ڳالهه ته دوست پاڻ جيڪو منهنجي مضمون جو ٽڪرو پيش ڪيو آهي ان ۾ ڪٿي به ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ذڪر ڪونهي. باقي "پاڪستاني سوشلسٽن" بابت پنهنجي خيالن تي آءٌ بلڪل واضح آهيان. انهن جي تمام وڏي اڪثريت هميشه قومن جي حقن جي قومي تحريڪن ۽ قومي اڳواڻن جي يا ته مخالفت ڪئي آهي يا خاموش رهيا آهن. اهي پاسڪتان جي (۽ سنڌ جي) جاگيردارن جي سڀ کان وڏي جماعت پيپلزپارٽيءَ جي ته حمايت ڪندا آهن پر سائين جي_ايم سيد جيڪو نه پاڻ جاگيردار هيو ۽ نه ڪڏهن جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي حمايت واري سياست ڪيائين، اهو انهن "سوشلسٽن" کي جاگيردار نظر ايندو آهي ۽ قومي تحريڪن کي اهي عليحدگي پسند ۽ جاگيردارن جا ايجنٽ چئي انهن جي مخالفت ڪندا رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

بلوچستان جي قومي تحريڪ لاءِ بہ انهن جو چوڻ هوندو آهي تہ اها سردار پنهنجي مفادن لاءِ ٿا هلائين جيتوڻيڪ دنيا ڄاڻي ٿي تہ رڳو بہ سردار قومي تحريڪ سان واڳيل آهن بيا سڀ سرڪار جي پاسي رهيا آهن. هينئر بہ ڪيترائي ”سوشلسٽ، ڪميونسٽ ۽ ترقي پسند“ پيپلزپارٽيءَ جي معرفت اسٽيبلشمينٽ جي پاسي بيٺا آهن پر پاڪستان جي سڀ کان وڏي قومي سوال تي خاموش آهن. انهن مان ڪيترا همراهہ تہ قومي تحريڪن جي پيٺ ۾ فوجي آمرن کي بہ ترجيح ڏيندا آهن، جيئن تازو پرويز مشرف جي دور ۾ ٿيو يا بنگلہ ديش جي فيصلہ ڪن جدوجهد وقت جنرل يحيٰ جي وقت ۾ ٿيو. بيو تہ نهيو بنگلہ ديش جي آزاديءَ جي سوويت يونين طرفان حمايت تي ڪاوڙجي فيض احمد فيض لينن ايوارڊ واپس ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي. اڄ بہ ڪجهہ اهڙا ”سوشلسٽ“ هوگو شاويز کي ڪراڪس وڃي تہ اجرڪ پارائين ٿا پر اجرڪ جي رکوالي سنڌي قوم جي حمايت ڪونہ ٿا ڪن.

خط ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي تہ ” جنهن زماني ۾ سائين جي_ايم سيد اڃا قومي سوال تي فڪري ۽ نظرياتي حوالي سان ڇٽو نہ ٿيو هئو ڪميونسٽ تڏهن کان قومي معاملي تي جدوجهد ڪري رهيا هئا“. اها ڳالهہ صحيح آهي تہ سائين جي ايم سيد پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ قومي سوال تي ايترو ڇٽو ڪونہ هئو جيترو 1971ع ۾ بنگلہ ديش جي آزاديءَ کانپوءِ ٿيو. پر ان وقت بہ سندس فڪر ۽ جدوجهد جو مرڪزي نڪتو تاريخي قومن جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت جو حصول هئو. جنهن جو ثبوت 1940ع واري قراردادِ لاهور آهي جنهن ۾ لکيو ويو تہ ”.... ناهيندڙ يونٽ آزاد ۽ خودمختيار هوندا“. ٻئي طرف ڪميونسٽ پارٽي هئي، جنهن مذهب جي بنياد تي عليحده قوم ۽ عليحده ملڪ جي حمايت ڪئي ۽ وڏي ڳالهہ تہ ان کي قومي حق خود اراديت جو نالو ڏنو ويو. اهڙي طرح هندستان جي ڪميونسٽن لينن جي قومي حق خوداراديت جي ٿيسز جي منهن تي مٽي ملي ڇڏي، جنهن تي ماسڪو جي ريڊ اسڪوائر ۾ پيل لينن جو لاش بہ پاسا وٺيندو هوندو.

(افيئر)

Gul Hayat Institute

## قومي اڳواڻن ۽ شاعرن جي چنڊ ڇاڻ

**21 جنوري** 2016ع جي سنڌ ايڪسپريس ۾ جناب دستگير ڀٽيءَ جي ڪالم ۾ ڪجهه اهم بنيادي نوعيت جي ڳالهين کي بحث هيٺ آندو ويو آهي جهڙوڪ تنقيد، اختلاف، احترام ۽ سهپ وغيره. مان پاڻ ذاتي طور ان راءِ جو آهيان ته اسان کي انفرادي توڙي اجتماعي طور خود تنقيدي رويو اختيار ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته جتي تنقيد جا رستا بند ڪيا وڃن اتي عقيدي پرستي، ثنا خواني ۽ شخصيت پرستيءَ جهڙيون بيماريون جنم وٺنديون آهن جيڪي ڪنهن به سماج کي پستيءَ ۾ ڌڪڻ لاءِ ڪافي هونديون آهن. تنهن ڪري مان ان ڳالهه جي حمايت ڪريان ٿو ته سنڌي سماج ۾ کليل ۽ گهڻ طرفي گفتگو ۽ بحث کي همٿايو وڃي ۽ سنڌ جي تاريخ جي اهم واقعن ۽ شخصيتن جي مثبت ۽ منفي پاسن کي سامهون آندو وڃي.

Gul Hayat Institute

پنهنجي نقطه نگاهه کي اڳتي وڌائيندي دستگير ڀٽي صاحب سنڌ جي ويجهي تاريخ جي ٻن اهم شخصيتن جا حوالا ڏنا آهن. هڪڙو جناب ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٻيو سائين جي ايم سيد. ذوالفقار صاحب جي ته (سندس نظر ۾) مثبت ۽ منفي ٻنهي قسمن جي ڪارنامن جو ذڪر ڪيو اٿائين پر سائين جي ايم سيد جي رڳو ناڪاري عملن جي اپٽار ڪئي اٿائين. (شايد سيد ۾ کيس ڪا به هاڪاري ڳالهه نظر نٿي اچي). هڪ هنڌ ڀٽي صاحب لکي ٿو ته "اسان کي گهرجي ته پنهنجي سياسي رهنمائن،

شيخ اياز ۽ رسول بخش پليجي جهڙن وطن پرست دانشورن ۽ شاعرن جي ڪردار جي پرک ڪرڻ مهل انصاف کان ڪم ورتون. ڪنهن بہ شخصيت جي سچي محنت کي ڊاهڻ بدران سندن غلط ۽ صحيح فيصلن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪريون تہ جيئن ايندڙ نسلن کي سچائي کان آگاهہ ڪري انهن جي سچي رهنمائي ڪري سگهجي". هئي هنڌ لکي ٿو تہ "اسان وٽ سياسي اڳواڻن کي پاڪ ۽ پوتر سمجهي پوڄڻ جو رواج ايترو تہ وڌي ويو آهي جو سندن ماضيءَ جي ڪجهہ هاڃيڪار فيصلن جو ذڪر ڪجي ٿو تہ پوڄاري قسم جا ماڻهو بنهہ مچي جيو پون".

سياڻن سچ چيو آهي تہ هئي کي نصيحت ڪرڻ ۽ مخالف تي تنقيد ڪري پاڻ کي فراخدل ثابت ڪرڻ سپ کان سؤلو ڪم آهي ڇاڪاڻ تہ جناب دستگير ڀٽيءَ جي طرفان صحيح ۽ غلط جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ ايندڙ نسلن کي سچائي کان آگاهہ ڪرڻ جو عمل ذوالفقار علي ڀُٽي جي مثبت ۽ منفي ڪردار ۽ جي ايم سيد جي منفي عملن جي ذڪر تائين ختم تي ٿو وڃي. اڳتي هلي جڏهن سندس من پسند شخصيتن (شيخ اياز ۽ رسول بخش پليجي) جو ذڪر اچي ٿو تہ اتي سندس سموريون نصيحتون هوا ۾ ڪافور ٿي وڃن ٿيون ۽ خاص ڪري شيخ اياز تي تنقيد ڪندڙن تي پاڻ ڏمرجي پوي ٿو. حوالو آهي تازو حيدرآباد ۾ ملهايل اٺ روزه شيخ اياز جشن. ان جو ذڪر ڪندي شيخ اياز ملهايل جشن ۽ جشن جي منتظمن جي شان ۾ اهي قصيدا چيا ويا آهن، جيڪي انهن کي پاڪ پوتر سمجهي پوڄڻ جي زمري ۾ ئي شمار ڪري سگهجن ٿا. ليڪڪ کي نہ تہ شيخ اياز ۾ ڪا غلطي ڪوتاهي نظر ٿي اچي، جنهن کان ايندڙ نسلن کي آگاهہ ڪرڻ ضروري هجي ۽ نہ ئي اٺ روزه جشن ۾ ڪا خرابي ۽ نہ ئي اتي ڪيل ڳالهين ۾ ڪو تضاد يا منفي پاسو.

مذهبي نفرت پکيڙيندڙ مسجد منزل گاهہ واقعي ۾ جي ايم سيد حصو ورتو اها هڪ حقيقت ۽ هڪ غلطي آهي جنهن بابت سوين ڪتابن ۽ هزارين مضمونن ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. خود جي ايم سيد نہ رڳو ان غلطيءَ کي تسليم ڪيو پر ان تي قوم ۽ تاريخ کان معافي بہ گهري ۽

پنهنجي باقي سموري زندگي ان غلطيءَ جي ازالي لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. ان جي باوجود جيڪڏهن دستگير ڀٽي صاحب جهڙا ليکڪ ان وقعي تي لکڻ ضروري ٿا سمجهن تہ بيشڪ لکن، اسان کي ان تي ڪو اعتراض ڪونهي. پر ڇا شيخ اياز جي ڪردار ۾ ڪو تضاد ڪونهي جنهن کان ايندڙ نسلن کي آگاهہ ڪرڻ ضروري هجي ۽ ڇا شيخ اياز کي بہ ناڪاري عمل ڪونہ ڪيا جن جو نقصان سنڌي قوم ۽ سنڌي سماج کي ٿيو هجي.

جن ماڻهن شيخ اياز جشن تي تنقيد ڪري جناب دستگير ڀٽيءَ کي ڪاوڙائي وڌو اهي ڪير آهن ۽ انهن ڪهڙي تنقيد ڪئي ان جي تہ مونکي خبر ناهي پر بحرحال شيخ اياز جي حوالي سان ڪيترائي سوال آهن جن تي ڪمرن ۾ ڪچهرين ۾ تہ بحث ٿيندو اهي پر اسٽيج تي ۽ ميڊيا ۾ انهن کان پاسو ڪيو ويو آهي. ٻين جي خبر ٻين کي پر مان ان ڪري ان بحث ۾ نہ پوندو آهيان تہ منهنجي خيال ۾ اڄ سنڌ کي تمام وڏا ۽ خطرناڪ چئلينج سامهون آهن ۽ اسان جا وسيلا ۽ اسان جون قوتون محدود آهن، تنهن ڪري پنهنجو سمورو وقت ۽ سيئي صلاحيتون انهن چئلينجن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽ انهن کي منهن ڏيڻ تي صرف ڪرڻ گهرجن، پر هن ڪالم ضروري ڪري وڌو تہ انهن سوالن بابت ڪجهہ ڳالهائجي.

اياز ميلي جو ذڪر ڪندي ڪالم نگار لکي ٿو تہ ”سنڌ جي قومي شاعر (اياز) جي لازوال شاعريءَ کي پيٽا ۽ ميجتا ڏيڻ سان گڏ نئين ٿهيءَ جي سنڌين ۾ ادب ۽ شاعريءَ سان چاهہ پيدا ڪرڻ لاءِ جوت جلائي وئي“. هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڪهڙي اياز کي پيٽا ۽ ميجتا ڏني وئي ۽ ان جي ڪهڙي شاعريءَ لاءِ نئين ٿهيءَ ۾ جوت جلائي وئي ڇاڪاڻ تہ شيخ اياز بہ آهن: هڪڙو 1975ع کان اڳ وارو ۽ ٻيو ان کانپوءِ وارو. انهن ٻنهي جي شاعري هڪ ٻئي کان نہ رڳو مختلف پر متضاد آهي. اها ڳالهہ نہ تہ ان ڏينهن دوران ميلي جي منتظمن نئين ٿهيءَ کي ٻڌائي ۽ نہ ئي صحيح غلط جي ڇنڊ ڇاڻ جا سبق ڏيندڙ ڪالم نگار انهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهيو.



Gul Hayat Institute

1975ع کان اڳ واري ياز پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌ جي نوجوانن ۾ ظالم ۽ جابر حڪمرانن جي بندوقن آڏو سينو تاڻي بيهڻ جو اتساهہ پيدا ڪيو جڏهن تہ زندگيءَ جو پوييون حصو اياز وقت جي سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن حڪمرانن جي خوشامد ڪندي گذاريو. اڳ واري اياز چيو تہ: "تون مونکي ڦاهيءَ چاڙهيندين، مان توکان مور نہ مرڻو هان، گونجار ڪندي جا مونکان پوءِ، تنهن جندڙيءَ جو مان جهرڻو هان، بيو چارڻ ٻڌجي چنگ ڪٽي مان ورڻو هان مان ورڻون هان" جڏهن تہ پوءِ وارو اياز موت کان پوءِ جي منظرڪشي ڪندي پاڻ بہ ڊڄندو رهيو ۽ ٻين کي بہ ڊيڄاريندو رهيو. اڳ واري اياز لکيو تہ " هي ڳاڙهي ڏاڙهي ملان جي ۽ ڪاري چوٽي پانڊي جي مون لاءِ ٻنهي ۾ ڦير نہ آ ٻئي آڳ اجهاٽل تانڊي جي: ٻئي دين ڌرم جي ڌوڪي ۾ تا کوٽ پرن ڪاٽانڊي جي". پر پوءِ پاڻ پنهنجي زندگي انهن ٽي دين ڌرم جي نالي ۾ دوکو ڏيندڙ ملن جي "مريدي" ۾ گذاريائين. پهرين واري اياز جو هيرو راجا ڏاهر هئو جڏهن تہ پوءِ هو محمد بن قاسم جي پوٺلڳن جو پوٺلڳ ٿيو ۽ عربن جي سنڌ تي قبضي واري ڏينهن کي يومِ شوڪتِ اسلام ڪري ملهائيندڙ موسيٰ ڀٽي جهڙن ملن جو شاگرد ٿي رهيو. پهرين هو ڪانگو جي آزاديءَ جي اڳواڻ پيٽرس لمبا کي گولي هڻندڙ فوجي جرنيل شومبي تي ڦٽڪار وجهي ٿو پر پوءِ پاڻ پاڪستان ۾ شومبي جو روپ ڌاريندڙ جنرل ضياءُ الحق جي ملازمت ڪندو رهيو. ٻيو تہ ڇڏيو ذوالفقار علي ڀٽي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر ڪيس تہ ان جي جمهوريت پسنديءَ جي تعريف ڪندو رهيو پر وري جڏهن ضياءُ الحق ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري اسلام جي نالي ۾ آمريت قائم ڪئي تہ وري پاڻ بہ اسلام پسند ٿي پيو ۽ وائيس چانسلر واري نوڪري جاري رکيائين. وري جڏهن جنرل ضياءُ جي زندگيءَ سان گڏ ان جي اقتدار جو خاتمو ٿيو ۽ محترمہ بينظير ڀٽو جي حڪومت آئي تہ شيخ اياز جمهوريت بابت وڏا ليڪچر ڏيڻ لڳو ۽ ڀٽو خاندان جي جمهوريت لاءِ جدوجهد تي ڊگهيون تقريرون ڪندو رهيو.

جناب دستگير ڀٽيءَ کي جي ايم سيد جي ڪن عملن جي ڪري



Gul Hayat Institute

سنڌ جي تعليمي ادارن جي تباهي تي تہ وڏو ڏک آهي پر شيخ اياز جي دور ۾ سنڌ جي اعليٰ ترين درسگاهہ سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڪهڙو حشر ڪيو ويو ان تي ڪيس ڪا شڪايت ڪانهي. يا تہ ڪيس خبر ڪانهي تہ ڪيئن شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ کي پنهنجي اوطاق وانگر هلايو ۽ ميرٽ کي موڪل ڏئي پنهنجي حامين ۽ خوشامدين کي درسي توڙي انتظامي عهدن تي مقرر ڪيو. اڄ ڪلهہ جڏهن مذهبي انتها پسندي عروج تي آهي تہ سيئي ڏاها ۽ انسان دوست ماڻهو اهو چوڻ ٿا تہ ان جو مکيہ ڪارڻ تعليمي سرشتي کي مذهبي رنگ ڏيڻ آهي. سنڌ يونيورسٽي جيڪا سيڪيولر، انسان دوست ۽ وطن دوست تعليم جو مرڪز هئي ان کي شيخ اياز نئين سر "مشرف بہ اسلام" ڪيو. اها يونيورسٽي جتي سنڌ جا تاريخي ۽ قومي ذهن ملهايا ويندا هئا اتي سرڪاري سرپرستيءَ ۾ مذهبي تقريبون منعقد ٿيڻ لڳيون. جتي جي ايم سيد، محمد ابراهيم جويو رسول بخش پليجو ۽ عبدالواحد آريسر اچي ليڪچر ڏيندا هئا اتي مولانا مودوديءَ جا پوئلڳ اچي واعظ ڪرڻ لڳا. شيخ اياز جي "بادشاهيءَ" ۾ ٽوڪ جي حساب سان شاگرد رسٽيڪيٽ ٿيا. منهنجو استاد نور الدين سرڪي انهن جو وڪيل ٿيو. ان ڪيس ۾ يونيورسٽيءَ جو لکت ۾ موقف هئو تہ اهي شاگرد اسلام دشمن آهن ۽ راجا ڏاهر جا ڏينهن ٿا ملهائين، ان ڪري کين رسٽيڪيٽ ڪيو ويو آهي.

عام طور دنيا جو دستور اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پهرين هڪڙي ڳالهہ ٿو ڪري ۽ اڳتي هلي وري ان کان مختلف يا ان جي ابتڙ ڳالهہ ٿو ڪري تہ ان جو حوالو ۽ سچائپ پوئين ڳالهہ جي ڪري ٿئي ٿي ڇاڪاڻ تہ بعد ۾ متضاد سوچ اختيار ڪرڻ جو مطلب هوندو آهي تہ ان شخص وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ يا تجربا ڪرڻ ڪانپوءِ پهرين ڳالهہ کي رد ڪندي پوئينءَ کي اختيار ڪيو. مثال طور محمد علي جناح زندگيءَ جي پهرئين حصي ۾ مڪمل طور سيڪيولر شخص هئو ايتري تائين جو گانڌيءَ کي بہ مذهب کي سياست سان گڏ هلائڻ جي خطرن کان خبردار ڪيو هئائين. پر بعد ۾ هن مذهبي سياست اختيار ڪئي تہ اڄ سندس

عمومي سجاڳپ ان سياست سان ۽ ان جي نتيجي ۾ ٺهيل ملڪ پاڪستان سان آهي. اهڙي طرح سائين جي ايم سيد وري زندگيءَ جي پڇرين ڏينهن ۾ مذهبي سياست کان متاثر هئو پر پوءِ بقول سندس "تجربا ڪري ۽ هٽ سائڙائي" سيڪيولر، قومپرست ۽ ترقي پسند سياست ڏانهن آيو. اڄ دنيا ۾ سندس سجاڳپ جو حوالو اها پوئين سياست آهي. ان حساب سان ته جڏهن شيخ اياز جا معتقد بغير تفريق ڪرڻ جي شيخ اياز جي عظمت جا گيت ڳائين ته ان جو مطلب اهو ٿيندو ته هو 1975ع کانپوءِ واري اياز کي عظيم سمجهن ٿا. ان ڪري مان انهن کي صلاح ڏيندس ته اهي فيصلو ڪن ۽ وضاحت ڪن ته اهي ڪهڙي شيخ اياز کي عظيم ۽ قومي شاعر سمجهندي ان کي ييتا ۽ ميتا تا ڏين. مان ذاتي طور تي اڄ به 1975ع کان اڳ واري اياز جي انقلابي شاعريءَ جو معترف آهيان.

ڪجهه لفظ اياز ميلي/جشن جي باري ۾. اڄ جڏهن سنڌ ٻاهرين ۽ اندري غلاميءَ جي ڪري اجڙيل ۽ تباهه حال خطو بڻجي وئي آهي، ماضيءَ جي مهذب، خوشحال ۽ پر امن ڌرتي حال ۾ بک، بدحالي، بدامني، بيماري، جهالت، نسل پرستي، فرقي پرستي، دهشتگردي ۽ اونداهي جي ٻوڏ ۾ ٻڏندي پئي وڃي، جتي مائرن جي سينن مان کير سڪي ويو هجي، ڀينرن جون عزتون نيلام ٿينديون هجن ۽ معصوم ٻار سئو رپئي جي سئي نه ملڻ سبب تڙپي تڙپي مري رهيا هجن، جڏهن ڌاريا لٽيرا ديسي دلالن سان گڏجي ڌرتيءَ ماءُ جي مٽي تان پوتي لاهيندا هجن، وطن جا ويري ان کي ورهائڻ جا هر روز اعلان ڪندا هجن، ڌاري آبادڪاريءَ سبب سنڌي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ويڳاڻا بڻجڻ واري خطرناڪ صورتحال ڏانهن وڌي رهيا هجن، مطلب ته سنڌي قوم زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا هجي ان مهل ڇا هفتن تائين ميلا مچائڻ ۽ جشن ملهائڻ جڳائين ٿا؟ ڇا فلسطيني اڄ محمود درويش جا جشن ملهائي رهيا آهن؟ ڇا بلوچ محبتِ وطن گل خان نصير جي ياد ۾ ميلا مچائي رهيا آهن؟ فلسطيني پروفيسر (۽ دنيا جو چوٽيءَ جو دانشور) ايڊورڊ سعيد آمريڪا ۾ پڙهائڻ باوجود پي. ايل. او جي قومي ڪائونسل جو ميمبر هئو ۽ محمود درويش، جيڪو پاڻ به قومي



Gul Hayat Institute

ڪائونسل جو ميمبر هئو ان جي شان ۾ قصيدا لکڻ جي بدران فلسطين جيٰ آزاديءَ واري جدوجهد جي آبياريءَ لاءِ قلم کي استعمال ڪندو هئو. نائيجيريا جو نوبل انعام يافته اديب ۽ آمريڪا ۾ پروفيسر وولف سوئينڪا پنهنجي هم وطنن سان گڏجي احتجاج ڪندي لاگوس جي رستن تي پوليس جون لٺيون ٿو کائي، سنڌ جا پروفيسر ڇا ٿا ڪن؟. دستگير ڀٽيءَ جون چند ڇاڻ، انصاف، صحيح غلط ۽ مثبت منفي واريون ڳالهيون ته پليون آهن پر شايد سندس نظر ۾ سموريون مثبت ڳالهيون سندس پسنديده شاعر ۾ آهن ۽ مڙئي منفي ڪم سندس ناپسنديده سياستدانن ڪيا آهن.

***

Gul Hayat Institute

## سنڌ ۾
# فڪري ۽ نظرياتي بحث جي ڪوٺ

"سنڌ ۾ نظرياتي ۽ فڪري بحث" جي عنوان سان مشهور صحافي جناب عاجز جماليءَ جو اتڪل ڏهن قسطن تي مشتمل مضمون عبرت اخبار ۾ تازو شايع ٿيو. سنڌ هن وقت جنهن سنگين کان وڌيڪ خطرناڪ صورتحال مان لنگهي رهي آهي، سنڌ جي قومي وجود، ايڪي ۽ آزاديءَ کي جيڪي خطرا لاحق آهن، سنڌي سماج جن مصيبتن ۽ مونجهارن ۾ وڪوڙيل آهي ۽ سنڌ جي نجات جي ضامن سنڌ جي قومي تحريڪ کي جيڪي اندريان ۽ ٻاهريان چئلينج درپيش آهن، ان صورتحال ۾ سنڌ کي نظرياتي ۽ فڪري بحث جي جيتري هينئر ضرورت آهي اوتري شايد اڳ ۾ ڪڏهن نه هجي. ۽ ان بحث جو جيترو مان حامي ۽ وڪيل آهيان اوترو شايد ٿي ڪو ٻيو هجي. ان ڏس ۾ جمالي صاحب پنهنجي مضمون جي آخري قسط ۾ منهنجي حوالي سان جيڪي لفظ لکيا آهن اهي بلڪل درست آهن. مان سنڌ جي قومي بقا، نجات، خوشحالي ۽ روشن مستقبل جي حوالي سان ان مشهور جملي سان متفق آهيان ته 'غير تنقيدي رويو موت جي علامت آهي.'

ان لحاظ کان جناب عاجز جماليءَ جي ڪوشش درست رخ ۾ هڪڙو قدم ته چئي سگهجي ٿي پر مواد جي لحاظ کان ان مضمون ۾ تمام

گھٽيون ڪچايون، گھڻا تضاد ۽ واقعاتي غلطيون آھن. ان کان علاوه حقيقتن کي بہ انهن جي صحيح تناظر کان ڪٽي پنھنجي ذاتي سوچن ۽ خواهشن جي ماتحت پيش ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ليکڪ جي پسند ناپسند بہ مضمون تي مڪمل طور حاوي نظر اچي ٿي. سڀ کان وڏي ڳالھہ تہ سنڌي قوم جي ڀلائيءَ خاطر لکيل اهڙو نظرياتي ۽ فڪري مضمون سنڌ جي قومي تحريڪ کي مضبوط ۽ واضح نظرياتي ۽ فڪري بنياد فراهم ڪندڙ محترم جي ايم سيد جي ڪردار ڪشيءَ سان ڀريل هڪ پمفليٽ لڳي ٿو. انهن سيني ڳالهين ۾ عاجز جمالي صاحب ڪيترو شعوري طور ملوث آهي ۽ ڪيتريون ڳالهيون هُن لاشعوري طور يا اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪيون آهن ان لاءِ مان حتمي طور تہ ڪجھہ نٿو چئي سگهان. البتہ جنهن طرح سان هُن منهنجي مٿس ڪيل تنقيد وارا جملا جيئن جو تيئن ڇاپيا آهن تہ ان مان چئي سگهجي ٿو تہ سندس لکڻيءَ ۾ نيڪ نيتي سان گڏ اڻڄاڻائي جو وڏيڪ حصو آهي. ان کان علاوه اهو بہ واضح طور نظر اچي ٿو تہ گذريل 70 سالن کان پاڪستان جي حڪمرانن، رياستي اسٽيبلشمينٽ، مذهبي بنياد پرستن، اسٽيبلشمينٽ جي وفادار پارٽين، اقتدار جي بُکين ليڊرن، سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن صحافين، اديبن ۽ ليکڪن طرفان سيد جي خلاف جيڪا تعصب ۽ جهالت تي ٻڌل زهريلي پروپيگنڊا ڪئي وئي آهي، ان کان بہ ليکڪ ڀرپور نموني متاثر آهي.

دراصل اظهار جي آزادي، کُليل بحث، تنقيدي جائزو، قومي تحريڪ جو جائزو ۽ سنڌ جي جمهوري جدوجهد جهڙن عنوانن هيٺ جي ايم سيد جي ڪردار ڪشيءَ جو هي ڪو پهريون مثال ڪونهي. اهڙا ڪيترا ليکڪ، صحافي، تجزيہ ڪار ۽ دانشور آهن (سنڌ ۾ توڙي پاڪستان ۾) جيڪي پنهنجون تحريرون ان اڳواٽ طئي ڪيل مفروضي جي بنياد تي لکندا آهن تہ ’جي ايم سيد وڏيرو ۽ جاگيردار آهي، فوج جو ايجنٽ آهي، عوام دشمن آهي ۽ اسٽيبلشمينٽ جو وفادار آهي‘ جڏهن تہ سندن نظر ۾ ’ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ان جي پارٽي جمهوريت جا چيمپيئن عوام جا هڏ ڏوکي، آمريت جا دشمن، اسٽيبلشمينٽ جا مخالف ۽ وڏا سنڌ

Gul Hayat Institute

دوست آهن.‘ پر تاريخ جو رڪارڊ شاهد آهي ته اهو مفروضو هڪ سؤ فيصد غلط ۽ زميني حقيقتن جي ابتڙ آهي.

جي ايم سيد جي خلاف تسلسل سان اهڙي پروپيگنڊا جاري رهڻ جو هڪڙو سبب اهو به آهي ته جڏهن به ڪنهن سنڌ جي يا پاڪستان جي، ساڄي ڌُر يا کاٻي ڌُر جي سياستدان، صحافي يا دانشور جي طرفان سيد تي اهڙا سنگين الزام لڳايا ويندا آهن ته سندس ساٿي، وفادار پوئلڳ، عاشق ۽ جانثار سڏائيندڙ بيشمار فرد، گروهه ۽ پارٽيون لڳ ڀڳ خاموش هونديون آهن. سواءِ هن ليکڪ جي. سيد جي حوالي سان ذڪر هيٺ آيل مضمون سان ملندڙ جلندڙ الزامن ۽ فتوائن بابت مان ڪيئي دفعا سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارن، رسالن ۽ مخزنن ۾ لکي چڪو آهيان. سو هن دفعي مون ڪجهه ڏينهن انتظار ڪيو ته اُهي همراهه جيڪي جي ايم سيد جي نالي تي نه رڳو سياست ڪن ٿا پر ترقي به ڪن ٿا. انهن مان ڪو شايد اڳتي اچي پر افسوس ته هميشه جيان هن دفعي به خاموشي ئي رهي. انهن خاموش رهندڙن ۾ اُهي به آهن جيڪي پاڻ کي جي ايم سيد جا ’جانشين‘ ڪري ٿا پيش ڪن ته اُهي به آهن جيڪي پاڻ کي ’سيد جا سچا سپاهي‘ ٿا سڏائين. ته وري اُهي به آهن جيڪي پاڻ کي جي ايم سيد جي سياست، فڪر ۽ نظريي جو واحد ’محافظ‘ تصور ٿا ڪن ۽ اهڙي قسم جون فتوائون ۽ سرٽيفڪيٽ اڪثر جاري ڪندا رهندا آهن ته قومي تحريڪ جي حوالي سان ڪير ’صراط مستقيم‘ تي آهي ۽ ڪير ناهي.

سڀ کان پهرين جمهوريت، آمريت ۽ عوام جي راءِ جي حوالي سان ان مفروضي جي بنيادن ۽ حقيقت تي نظر ٿا وجهون، جنهن جي بنياد تي عاجز جمالي جهڙا دوست پنهنجا تجزيا ۽ پنهنجا رايا پيش ڪندا ٿا رهن. اِن ڏس ۾ مان صرف اهي حقيقتون پيش ڪندس جن بابت هر ڪنهن کي خبر آهي ۽ انهن کان ڪير به انڪار نه ڪري سگهندو.

اها ته سڀ ڪنهن کي خبر آهي ته جي ايم سيد پاڪستان جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏيڪ قيد ڪاٽيندڙ شخص آهي، جيڪو عرصو اٽڪل 30 سال ٿئي ٿو ۽ ڪيس قيد ۾ رکڻ جا ذميوار پاڪستان جا سمورا مکيه

حڪمران (سويلين توڙي فوجي) آهن جهڙوڪ محمد علي جُناح، جنرل ايوب خان، جنرل يحيٰ خان، ذوالفقار علي ڀٽو جنرل ضياءُ الحق، بينظير ڀٽو ۽ ميان نواز شريف. اهو بہ صورتحال جو نهايت دلچسپ پاسو آهي تہ سيني کان وڌيڪ قيد سيد.جنرل ضياءَ جي حڪومت ۾ ڪاٽيو جيڪو لڳ ڀڳ 10 سال هو. اهو ئي جنرل ضياءَ جنهن جا طعنا ’جمهوريت جا شيدائي‘ جي ايم سيد کي ڏيندا رهندا آهن. اهو ئي جنرل ضياءَ جنهن ڪجھ عرصي جي قيد ڪاٽڻ کانپوءِ بينظير ڀٽو کي تہ يورپ وڃي ڪن جو علاج ڪرائڻ خاطر آزاد ڪيو پر جي ايم سيد جي قيد کي اهو چئي جاري رکيو تہ ”اهو ڀٽو حڪومت کان مليل ورثو آهي.“ صورتحال جو اڃان وڌيڪ دلچسپ پاسو اهو آهي.تہ ’بدترين ڊڪٽيٽر‘ ضياءُ الحق تہ پنهنجي سياسي مخالف بينظير ڀٽو کي ڪن جي علاج لاءِ يورپ وڃڻ جي اجازت ڏني پر ’جمهوريت جي چيمپئن‘ بينظير ڀٽو زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ هوندي بہ جي ايم سيد کي علاج خاطر ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جي اجازت نہ ڏني ۽ جڏهن جي ايم سيد آخري ساهہ کنيو تہ ان وقت بہ بينظير حڪومت جا بيهاريل چوڪيدار مٿس بندوقون کنيو بيٺا هئا. افسوس تہ انهن منجهان ڪا بہ ڳالهہ ’سنڌ دوست‘ ۽ ’عوام دوست‘ليڪڪن کي نظر ڪا نہ ٿي اچي، باقي جنرل ضياءَ جو گلدستو هر وقت ياد اٿن.

جي ايم سيد جو ٻيو ڊگھو قيد پاڪستان جي پهرئين فوجي ڊڪٽيٽر جنرل ايوب خان جيَ حڪومت ۾ رهيو جيڪو اٺ سال هو. ۽ وري تاريخ جو ٻيو دلچسپ واقعو ڏسو تہ جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي ايوب خان جي حڪومت ۾ رهڻ جو عرصو بہ اهي ئي ساڳيا 8 سال رهيو. 1958ع ۾ مارشل لا لڳائڻ شرط جنرل ايوب ملڪ جي جمهوريت پسند ۽ آمريت مخالف اڳواڻن کي جيل ۾ وڌو انهن ۾ سائين جي ايم سيد بہ شامل هو. ۽ مارشل لا لڳڻ شرط ذوالفقار علي ڀٽو وزير ٿيو ۽ دنيا ڄاڻي ٿي تہ پنهنجي وفاداريءَ سبب اڳتي هلي جناب ڀٽو جنرل ايوب جو سڀ کان پيارو وزير بڻجي ويو. ۽ پوءِ جيستائين ذوالفقار علي ڀٽو حڪومت ۾ هو جي ايم سيد جيل ۾ هو. 1966ع ۾ ڀٽو حڪومت مان نڪتو ۽ سيد جيل

مان. هاڻي اهو سڀ ڪجهه محض اتفاق هو يا ڀيو ڪجهه ان تي في الحال ڪو نه ٿا ڳالهايون.

ان ڪانپوءِ آيو جنرل يحيٰ خان جو مارشل لا. اهو مارشل لا عرصي جي لحاظ کان ته گهٽ يعني پوڻا ٽي سال هو پر پنهنجي ڪردار ۽ نتيجن جي لحاظ کان سڀ کان خطرناڪ ثابت ٿيو جو ان ٿي عرصي دوران پاڪستان جي پهرين چونڊيل پارٽي عوامي ليگ کي اقتدار ڏيڻ بجاءِ بنگال تي فوجي چڙهائي ڪئي وئي اهڙي ريت پاڪستان ۾ حقيقي جمهوريت ۽ وفاقيت جي امڪانن کي هميشه لاءِ دفن ڪيو ويو. ان فوجي حڪومت ۾ فوجي چڙهائي دوران ٽيهه لک بنگالين کي قتل ڪيو ويو جن جي رت سان بنگال جي ندين جي پاڻيءَ جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هزارين بنگالي ڀينرن جي عزت لُٽي وئي. پيپلز پارٽيءَ جو سربراهه ان حڪومت ۾ به شامل هو. بطور نائب وزيراعظم ۽ وزير خارجه ۽ جي ايم سيد ان حڪومت دوران به جيل ۾ هو.

جنرل يحيٰ جي حڪومت جو دور ان لحاظ کان به تاريخي آهي ته ان دوران پاڪستان ۾ جمهوريت دوست ۽ جمهوريت دشمن قوتن جي صف بندي بلڪل چٽي طرح پنهنجي فطري صورت ۾ سامهون آئي ۽ انهن ٻنهي ڪئمپن جي وچ ۾ فرق جو ليڪو جيترو واضح ۽ نمايان ان وقت هو ان کان اڳ ۾ يا پوءِ ڪڏهن نه ٿيو. دنيا جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ٽي سڀ کان وڏيون جمهوريت مخالف قوتون ملا، ملٽري ۽ جاگيردار آهن. يورپ ۾ جيستائين انهن جو اتحاد ۽ بالادستي هُئي ته اهو يورپ جو اونداهو دور هو. جديد تصور واري جمهوريت تڏهن وجود ورتو جڏهن صنعت ۽ واپار ۾ واڌ آئي، ملا جي مقابلي ۾ سيڪيولرزم سامهون آيو ۽ جاگيردار جي جاءِ مڊل ڪلاس والاري.

1970ع وارين چونڊن ڪانپوءِ پاڪستان ۾ سياسي صف بندي هن ريت هئي. هڪ طرف واضح اڪثريت سان چونڊجي آيل پارٽي عوامي ليگ هئي جيڪا مڊل ڪلاس جي پارٽي هئي، جيڪا سيڪيولر هئي ۽ جنهن کي (خاص ڪري سنڌ جي) صنعتڪارن ۽ واپارين جي



Gul Hayat Institute

حمايت حاصل هئي. ان سان گڏ عوامي ليگ کي سنڌ، بلوچستان ۽ پختونخوا جي قومپرستن ۽ پنجاب جي ڪجهه روشن خيال فردن جي پڻ حمايت حاصل هئي. اها تہ دوست عاجز جماليءَ کي خبر هوندي تہ ان اليڪشن ۾ سائين جي ايم سيد جي قيادت ۾ سنڌ متحده محاذ جو عوامي ليگ سان اتحاد هو. ٻئي پاسي جنرل يحيٰ خان جي فوجي حڪومت هئي، جماعت اسلاميءَ جي قيادت ۾ مذهبي بنياد پرسّت هئا ۽ پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (قيوم) جي صورت ۾ ملڪ جا جاگيردار هئا. جنهن وقت پاڪستان جا فوجي جنرل ٽڪا خان جي ڪمان ۾ بنگالين جي نسل ڪشي ڪري رهيا هئا ۽ جماعت اسلاميءَ جا دهشتگرد الشمس ۽ البدر وارا گهرن ۾ گهڙي ٻارن جي پيٽ ۾ سنگينون ٽنبي انهن سان راند ڪيڏندي الله اڪبر جا نعرا هڻي رهيا هئا، ان وقت جناب ذوالفقار علي ڀٽو انهن جو گڏيل ڪيس اقوام متحده ۾ وڙهي رهيو هو. منهنجي 'جمهوريت دوست' دوستن کي جنرل ٽڪا خان جا اهي تاريخي لفظ تہ يقيني طور ياد هوندا تہ "اسان کي بنگال جا ماڻهو نہ کپن، زمين کپي" ۽ انهن دوستن کي اهو بہ ضرور ياد هوندو تہ اقتدار ۾ اچڻ شرط ذوالفقار ڀٽي صاحب دنيا ۾ 'بنگالين جيٰ قاتل' طور مشهور ٽڪا خان کي پهرين فوج جو سربراهہ ۽ پوءِ دفاع جو وزير بڻايو جڏهن تہ محترمہ بينظير جي دؤر ۾ ٽڪا خان هڪ ڏگهي عرصي تائين پيپلز پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري رهيو.

ڳالهہ رڳو فوجي ڊڪٽيٽرن جو ساٿ ڏيڻ تائين بہ محدود ڪا نہ رهي. جڏهن بنگلاديش جي آزاديءَ کانپوءِ باقي رهيل پاڪستان جو اقتدار ذوالفقار علي ڀٽي کي ڏنو ويو تہ هُن فوج جي مدد سان بلوچستان جي منتخب جمهوري حڪومت کي ڊسمس ڪري اتي ان ئي ٽڪا خان جي سربراهيءَ ۾ فوجي آپريشن شروع ڪيو جيڪو تيستائين جاري رهيو جيستائين پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت موجود رهي. اهو سڄو عرصو بلوچستان جي عوام طرفان چونڊيل نمائنده ليڊر جيل ۾ رهيا، جڏهن تہ بلوچستان تي ٽاڦيل ماڻهن جي ذريعي پيپلز پارٽي حڪومت ڪندي رهي.

'جمهوريت جا شيدائي، عوام دوست ۽ سنڌ جا هڏ ڏوکي' صحافي

۽ ليڪ انهن سيني واقعن مان ڪنهن جو بہ ذڪر ناهن ڪندا (اُهي اٿين اٿچاٽائيءَ سبب ڪندا آهن يا ڪو ٻيو ڪارڻ آهي اِهو اُهي پاڻ ٻڌائي سگهن ٿا) باقي جنرل ضياءَ طرفان جي.ايم سيد سان اسپتال ۾ ملاقات جو وري وري ذڪر ائين ڪندا آهن جڻ پاڪستان جي تاريخ جو اهو ئي واحد جمهوريت دشمن ۽ سنڌ دشمن عمل آهي.

هلو ڀلا اڳتي وڌو. اها تہ ڪالهہ جي ڳالهہ آهي تہ پاڪستان ۾ پرويز مشرف نالي هڪڙو جرنيل آيو جنهن بندوق جي زور تي اقتدار تي قبضو ڪيو اسيمبلين کي ختم ڪيو آئين کي ٽوڙي مروڙي پنهنجي مرضي ۽ مفاد مطابق ملڪ کي هلايو. پنهي وڏين 'جمهوري' جماعتن، پيپلزپارٽي ۽ مسلم ليگ، جي ليڊرن کي ڏيهہ نيڪالي ڏيڻ ڪانپوءِ مُڪ لوڏي اعلان ڪيو تہ نواز شريف ۽ بينظير ڀٽو جو دور هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو. ۽ جنهن پرويز مشرف جي خلاف سنگين غداريءَ جو ڪيس هلائڻ لاءِ پيپلزپارٽي مسلم ليگ سان متفق آهي ۽ جنهن مشرف ڪالا باغ ڊيم ٺاهڻ جو اعلان ڪندي چيو تہ "سنڌي اڻ پڙهيل ۽ جاهل آهن تنهن ڪري ڪالا باغ ڊيم جي مخالفت ٿا ڪن." انهيءَ ئي جنرل پرويز مشرف سان پيپلزپارٽيءَ جي ليڊر بينظير ڀٽو معاهدو ڪري ملڪ موٽي ۽ پنهنجي مٿان ۽ پنهنجي ساٿين مٿان داخل سوين ڪيس ختم ڪرايا: ان ۾ بہ سنگت کي ڪا خرابي نظر نٿي اچي.

هاڻي اچون ٿا عاجز جمالي صاحب جي ليڪچر نما مضمون ڏانهن. سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ فڪري ۽ نظرياتي بحث جي عنوان سان لکيل هن مضمون ۾ ڪو بہ فڪري يا نظرياتي بحث ڪونهي جنهن جو اقرار پنهنجي آخري قسط ۾ جمالي صاحب پاڻ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: "سچ اهو آهي تہ مضمون لکڻ وقت مان ڪنهن وڏي نظرياتي، فلاسافي ۽ دانشوراڻي بحث ۾ پوڻ بدران نج عملي ڳالهيون لکيون جيڪي منهنجي سامهون ٿي گذريون." جڏهن تاريخ کي نظرانداز ڪجي ۽ سياست کي نظرياتي ۽ فڪري بنيادن کان ڌار رکي چڙوڇڙ واقعن جو مجموعو ڪري پيش ڪجي تہ پوءِ اهڙيون غلطيون ۽ اهڙا تضاد سامهون اچن ٿا جهڙا هن

مضمون ۾ آهن.

وري افسوس جي ڳالهه اها آهي ته خود واقعا به غلط نموني پيش ڪيا ويا آهن. مثال طور قسط نمبر4 ۾ چيو ويو آهي ته "سيد 1938ع ۾ سنڌ جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو هو بعد ۾ 1940ع واري قرارداد جو به سيد حامي رهيو." هاڻي اها ته سياسي تاريخ جي الف بي ڄاڻندڙ کي به خبر آهي ته 1940ع واري لاهور قرارداد اڳ ۾ پاس ٿي ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ جي ايم سيد انهيءَ ئي قرارداد جي بنياد تي 1943ع ۾ قرارداد پيش ڪئي هئي. ٻي ڳالهه ته جي ايم سيد جي مرتبي واري سياستدان جي سياسي جدوجهد ۽ سياسي ڪردار کي تنقيد جو نشانو بڻائيندڙ کي آئين ساز اسيمبلي ۽ قانون ساز اسيمبلي جي وچ ۾ فرق جي ته گهٽ ۾ گهٽ خبر هجڻ کپي.

ٻئي هنڌ لکيل آهي ته "جي ايم سيد جي جيئي سنڌ تحريڪ اڳتي هلي جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ بڻيون. سيد جي حياتيءَ ۾ ئي جيئي سنڌ تحريڪ جا ڪيترائي گروپ بڻجي ويا هئا. عبدالواحد آريسر تڏهن ئي جيئي سنڌ محاذ ٺاهيو بعد ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ ٺهيو." مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته مان عاجز جمالي صاحب جي سنڌ کي موٽ ڏيندي سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌ جي مختلف سياسي ڪردارن بابت پنهنجو تجزيو پيش ڪريان يا سندس تاريخي ۽ واقعاتي غلطين جي درستي ڪريان. ڪيس خبر هجڻ گهرجي ته اڳ ۾ جيئي سنڌ تحريڪ نالي ڪا تنظيم ڪا نه هئي. سائين جي ايم سيد جي پارٽي سنڌ متحده محاذ هئي جنهن جي پليٽ فارم تان هُن 1970ع واري اليڪشن ۾ حصو ورتو. بنگلاديش ٺهڻ کانپوءِ نئين صورتحال ۾ سائينءَ پنهنجي مختصر ساٿين جو اجلاس 18 جون 1972ع تي حيدر منزل ڪراچيءَ ۾ سڏايو جنهن ۾ سنڌ متحده محاذ کي جيئي سنڌ محاذ ۾ تبديل ڪيو ويو. ان اجلاس ۾ مان پاڻ شريڪ هئس. ان اجلاس جا اهم اڳواڻ رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، سيد امير علي شاهه (لياري وارو) چاچو علڻ خان ٽيپو گذاري ويا آهن، جڏهن ته اقبال ترين، شاهه محمد شاهه، مدد علي سنڌي،



Gul Hayat Institute

امان الله شيخ ۽ ٻيا زنده وينا آهن. جيئي سنڌ محاذ عبدالواحد آريسر کو نہ ٺاهيو جيتوڻيڪ محاذ کي متحرڪ ۽ مقبول بنائڻ ۾ ان جو وڏو حصو آهي.

جمالي صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ ’ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سنڌي هاري ڪميٽي ٺاهي.‘ هاڻي سائين ڏيو منهن۔ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي 1945ع تائين تہ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو جڏهن تہ سنڌ هاري ڪميٽي 1930ع ۾ ٺهي جنهن جي ٺاهيندڙن ۾ سائين جي ايم سيد، جمشيد مهتا ۽ ٻيا اڳواڻ شامل هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ نوڪري ڇڏڻ کانپوءِ هاري ڪميٽيءَ کي متحرڪ ۽ منظم ڪرڻ ۾ ڪامريڊ جو وڏو ڪردار هو. ٻي ڳالهہ تہ اها سنڌي نہ پر سنڌ هاري ڪميٽي آهي. ان ڪري ٿي چيو ويندو آهي تہ جنهن موضوع تي لکجي اڳ ۾ ان بابت پڙهجي.

جي ايم سيد ۽ قومي تحريڪ سان ليکڪ جي تعصب جو اظهار ان مان ٿئي ٿو تہ جنهن بنياد تي يا جنهن عمل جي ڪري سيد تي ۽ قومي تحريڪ تي تنقيد ڪري ٿو اهو ساڳيو عمل گهڻو وڌيڪ شدت سان ڪندڙ ٻين ڌرين خاص ڪري پيپلزپارٽيءَ تي نہ رڳو تنقيد نٿو ڪري پر ان جي تعريف ٿو ڪري ۽ ان جي ليڊرن کي هيرو ڪري پيش ٿو ڪري. مثال طور هڪ هنڌ لکي ٿو: ’جيئن پاڪستان ۾ مسلم ليگ جو ڪو ڳاڻيٽو ناهي تيئن جيئي سنڌ تحريڪ مان جنم وٺندڙ پارٽين جو بہ ڳاڻيٽو ناهي. سيد جو پوٽو جلال محمود شاهہ الڳ پارٽي ٺاهيو ويٺو آهي.‘ مان ڪانئس پڇان ٿو تہ پيپلزپارٽيءَ جي ڪُک مان جنم وٺندڙ پارٽين جي تعداد جي ڪيس خبر آهي؟ جي نہ تہ پاڻ جيئي سنڌ تحريڪ مان جنم وٺندڙ پارٽين جو تعداد ٻڌائي تہ پوءِ مان کيس پيپلزپارٽي مان ٺهندڙ پارٽيون ڳڻي ٻڌائيندس. پوءِ خبر پوندي تہ ڪنهن جا گهڻا ٽڪرا ٿيا آهن. جي ايم سيد جي پوٽي طرفان الڳ پارٽي ٺاهڻ تہ کيس ڏکي لڳي ٿي پر ان تي ڪجهہ نٿو لکي تہ ذوالفقار علي ڀٽي جي سڄي اولاد يعني ڌيءَ (بينظير ڀٽو) ۽ پٽ (مرتضيٰ ڀٽي) الڳ الڳ پارٽيون ٺاهيون.

عاجز صاحب جيئن پاڻ چيو آهي تہ سندس واسطو هاري



Gul Hayat Institute

ڪميٽيءَ سان رهيو آهي، تنهن ڪري ڪيس وڏيرن جي ڪردار ۽ وڏيرڪي قيادت کان سخت ڪاوڙ (بلڪ نفرت) نظر اچي ٿي. ان تي مان سندس تائيد ڪريان ٿو پر افسوس اهو آهي ته ان معاملي ۾ به سندس رويو تفريق وارو آهي. مثال طور لکي ٿو ته 'سنڌ ۾ قومپرستن جا وڏا وڏا اتحاد ٺهيا جن جي اڳواڻي بهرحال سنڌي وڏيرن ڪئي، ظاهر آهي ته انهن اتحادن جي قومپرست تحريڪن کي ناڪام ٿي ٿيڻو هو.' تمام زبردست. معنيٰ ته اهو طئي ٿي ويو ته جتي به وڏيرا هوندا اتي لازمي ناڪامي ٿيندي. هاڻي پهرين ڳالهه ته قومپرستن جي سيني اتحادن جي اڳواڻي وڏيرن ڪا نه ڪئي پر جيڪڏهن فرض ڪجي ته اُهي ان ڪري ناڪام ٿيڻا هئا جو انهن جي اڳواڻي وڏيرن ڪئي ته پوءِ پيپلزپارٽي ته سڀ کان وڏي ناڪام پارٽي هجڻ کپي، ڇاڪاڻ ته اها پارٽي نه رڳو سنڌ جي پر پاڪستان جي سڀ کان وڏن وڏيرن ۽ جاگيردارن جي پارٽي آهي. شايد هن وقت اها دنيا جي سڀ کان وڏي جاگيردارن جي پارٽي هجي. ان جي نه رڳو اڳواڻي وڏيرن وٽ آهي پر ان جا سمورا اسيمبلي ميمبر ۽ اڪثر عهديدار وڏيرا آهن. مزي جي ڳالهه ته جيڪي اڳ ۾ وڏيرا نه هئا اهي به پيپلزپارٽيءَ ۾ رهندي وڏيرا ٿي ويا.

قومپرستن جي اختلافن ۽ ناڪامين جي حوالي سان مضمون ۾ هڪ هنڌ اصطلاح 'وڏيرڪي قيادت' استعمال ڪيو ويو آهي. ان مان شايد ليکڪ اهو ٿو چوڻ چاهي ته اُهي پيدائشي طور ته وڏيرا نه هئا پر انهن جي ذهنيت ۽ انهن جو ڪردار وڏيرن وارو هو. جڏهن اهو اصطلاح استعمال ڪيو اٿائين ته پوءِ ليکڪ کي وڏيرڪي ڪردار جي خاصيتن جي به ضرور خبر هوندي، جي ها، وڏيرڪو ڪردار معنيٰ ذاتي انا، پاڻ کي ٻين کان مٿانهون سمجهڻ، سياسي پارٽيءَ سميت هر شيءِ کي پنهنجي ذاتي ۽ خانداني ملڪيت سمجهڻ ۽ ڪارڪنن سميت ٻين ماڻهن سان هارين وارو ورتاءُ ڪرڻ. انهن معيارن تي به پرکجي ته ٻي ڪا به پارٽي ۽ ڪا به قيادت پيپلزپارٽيءَ جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. نهڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين 45 سالن دوران ان پارٽيءَ ۾ ڪڏهن به قيادت جي چونڊ نه ٿي آهي.

Gul Hayat Institute

پارٽيءَ جي قيادت لازمي طور ڀٽو خاندان وٽ رهڻي آهي جڏهن ته باقي پارٽي عهدن توڙي حڪومتي ڄاين تي صرف اهي ماڻهو ڪم ڪري سگهندا جن کي قيادت نامزد ڪندي ۽ اُهي تيستائين ڪم ڪندا، جيستائين قيادت انهن مان راضي هوندي. پر جڏهن پيپلزپارٽي ۽ ان جي قيادت جو ذڪر ايندو ته اُتي ليڪ هڪدم ڦيرو کائيندي چوندا ته اها ته عوام جي چونڊيل پارٽي آهي نه. ته پوءِ ادا منهنجا! مهر سردار، جتوئي جاگيردار، سيد، پير، مير، چانڊيا، ڪوسا سڀ چونڊجي ٿا اچن. ڇا چونڊجي اچڻ جو مطلب اهو آهي ته اهو ماڻهو هر حساب ڪتاب، هر پڇا ڳاڇا ۽ هر ڪسوٽي ۽ معيار کان مٿانهون ٿي ويو؟ پوءِ ته هٽلر ۽ مسوليني به چونڊيل هئا. جارج بش به چونڊيل هو ۽ فرقي پرست نريندر مودي ۽ اعظم طارق به ماڻهن جا چونڊيل هئا. بس پوءِ انهن جي اعمالن ۽ ڪردار تي به نه ڳالهائڻ گهرجي.

قومپرست قيادت ۾ هڪ ئي شخص آهي جنهن کي وڏيرو يا جاگيردار چئي سگهجي ٿو. ان سان گڏ هڪ اتحاد ۾ ڪم ڪرڻ جو مون کي به تجربو آهي. ممتاز علي ڀٽو 2006ع ۾ نهيل سنڌ. قومي اتحاد جو سربراهه هو جڏهن هو ٽن مهينن لاءِ يورپ وڃڻ وارو ٿيو ته پٺهنجي جاءِ تي ٻئي سربراهه جو معاملو اتحاد جي ميٽنگ ۾ رکيائين. اتحادي پارٽين منجهان هڪ جي نمائندي جيڪو نالي جي اڳيان ڪامريڊ لکندو آهي تنهن هڪدم تجويز ڏني ته ان اهم عهدي لاءِ ممتاز صاحب جي فرزند امير بخش کان وڌيڪ موزون ٻيو ڪير ٿي نٿو سگهي. ممتاز ڀٽي ان سان اختلاف ڪندي گل محمد جکراڻيءَ جو نالو تجويز ڪيو جنهن جي اسان سيني تائيد ڪئي.

اهي ته ڪجهه غلط تاريخي حقيقتون هيون، غلط مفروضا ۽ ٻٽي معيار وارا تجزيا هئا جن جي وضاحت ۽ درستي تاريخ جي رڪارڊ ۽ عوام جي ڄاڻ لاءِ ضروري هئي باقي نه ته هونءَ جيستائين سنڌ جي قومي حقن ۽ قومي بقا، آزادي، خودمختياري ۽ خوشحالي جو تعلق آهي ته جي ايم سيد ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڀيٽ ڪرڻ ئي اجائي آهي. انهن ۾ ته ڏينهن رات

وارو فرق آهي. هڪ طرف جي ايم سيد آهي جنهن هوش سنڀالڻ شرط سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي حقن، ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي ۽ وري جيستائين هوش ۾ هو ته سنڌ ۽ سنڌي قوم جي نجات لاءِ سنڌ دشمنن ۽ انهن جي ايجنٽن خلاف ويڙهه وڙهندو رهيو. 75 سالن تي ڦهليل ان جنگ ۾ ڪڏهن هُن سان ماڻهن جا انبوهه هئا ته ڪڏهن بلڪل اڪيلو هو ڪڏهن اسيمبليءَ جي فلور تان ته ڪڏهن قيد ۽ نظربنديءَ ۾ هوندي سنڌ جي حقن جي صدا بلند ڪندو رهيو. ان جنگ ۽ ان جدوجهد ۾ هُن کي هڪ طرف رياستي ادارن جي ڏاڍ ڏمر ۽ ظلم جبر کي منهن ڏيڻو پيو ته ٻئي طرف مُلن ۽ مذهبي انتهاپسندن جي فتوائن جو مقابلو ڪيائين. ساڳئي وقت سنڌ جي وِڪائو وڏيرن، ميرن ۽ پيرن جي وطن فروشي، ضمير فروشي ۽ دغابازي واري ڪردار جا ڏک به سهندو ۽ داغ برداشت ڪندو آيو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته سنڌ جي ويڇايل قومي وجود کي ڳولهي ۽ ان کي چنبڙي ڦوڪي دنيا جي سڌريل قومن جي قطار ۾ بيهارڻيائين ۽ اسان کي سنڌيت جو احساس ۽ شعور ڏنائين. بقول حفيظ قريشي صاحب جي ته "جي ايم سيد سان ملڻ کان پهرين مان سنڌي ٻولي به ڳالهائيندو هئس، سنڌي ڪپڙا به پائيندو هئس ۽ ڪڏهن اجرڪ ٽوپي به اوڙهيندو هئس پر اهو احساس مون کي سيد سان ملڻ کانپوءِ ٿيو ته مان سنڌي قوم جو حصو آهيان."

ٻئي طرف ذوالفقار علي ڀٽي صاحب وٽ سنڌ جي حيثيت اها هئي ته سنڌ پاڪستان جي چئن صوبن منجهان هڪڙو هو ۽ ان جي اهميت اها هئي ته اها پاڪستان تي حڪمراني ڪرڻ ۾ ڪيتري مددگار ٿي سگهي پئي. هو ته سنڌين کي قوم ئي تسليم نه ڪندو هو. هُن جون اهي تقريرون (بحيثيت حڪمران) ڪنهن کان وسريون آهن ته 'هتي ڪو به سنڌي، بلوچ يا پنجابي ڪونهي، هتي صرف هڪڙي پاڪستاني قوم آهي ۽ جيڪو پاڪستاني نه ٿيندو مان ان کي ماري ماري پاڪستاني بڻائيندس.' سنڌ سان سندس تعلق ايترو هو ته هو سنڌ ۾ ڄائو هو پر ان معاملي ۾ به هو پاڻ کي سنڌ جائو سڏرائڻ بجاءِ لاڙڪاڻي واسي چورائڻ

پسند ڪندو هو. ساڳي ڳالهه اڳتي هلي سندس نياڻي بينظير ڀٽو ڪئي جو چيائين ته ’لاڙڪاڻي ۽ لاهور جي وزيراعظم ۾ فرق آهي.‘ هاڻي اسان جا ڪيترا صحافي، ليکڪ ۽ دانشور ڏينهن رات اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن ته جي ايم سيد سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو خير خواهه نه پر ذوالفقار علي ڀٽو هو. واهه سائين واهه! واهه جي توهان جي صحافت، واهه جو توهان جو علم ۽ واهه جي توهان جي دانش آهي. بهرحال جيڪڏهن سنڌ دوستيءَ جو معيار ذوالفقار علي ڀٽو، پيپلزپارٽي ۽ ان پارٽيءَ جي سياست کي بڻائبو ته پوءِ واقعي به جي ايم سيد سنڌ دوست نه ٿي سگهندو.

مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين ۽ نقطا ڪي نوان ناهن. انهن تي ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ گفتگو ۽ بحث ٿيندو رهيو آهي. عاجز جماليءَ جي هن مضمون ۾ جيڪا نئين ڳالهه ۽ خطرناڪ ڪوشش آهي سا اها ته جي ايم سيد کي لوئڻ ۽ ان جي ڪردار ڪشي ڪرڻ لاءِ ان جي ٽئي پوئلڳن مان هڪڙي بشير قريشيءَ کي سندس سامهون بيهاريو ويو آهي. دراصل سنڌ دشمن قوتن ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ساٿارين اهو سمجهيو هو ته سنڌ جي قومي تحريڪ جي ايم سيد جي ذات ۽ شخصيت تائين محدود آهي سو جڏهن اهو پنهنجي عمر پوري ڪري گذاري ويندو ته قومي تحريڪ به ختم ٿي ويندي. اهڙو اظهار پاڪستان جا وزير ۽ وزيراعظم اسيمبليءَ جي فلور تي به ڪري چڪا هئا. ان ڪري اهي سندس موت جو انتظار ڪري رهيا هئا. پر انهن کي اندازو ئي ڪو نه هو ته سيد پنهنجي فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار ذريعي سنڌ جي قومي نجات واري سوچ ۽ جذبي کي نه رڳو سنڌ جي شهرن، ڳوٺن، گهٽين ۽ گهرن تائين پهچائي چڪو آهي پر محبِ وطن ماڻهن جي دل ۽ دماغ ۾ به داخل ڪري چڪو آهي ۽ سندن اُميدن ۽ آسرن جي ابتڙ سنڌ جي قومي حقن جي جدوجهد سيد جي وفات ڪانپوءِ به نه رڳو جاري آهي پر وڌيڪ وسيع ۽ تيز ٿيندي پئي وڃي. ان ڪري اُهي سيد جي ڪردار ڪشي ڪرڻ ۽ سنڌي ماڻهن کي ان جي فڪر کان بدظن ڪرڻ خاطر نوان نوان رستا ڳولهيندا ۽ طريقا اختيار

ڪندا ٿا رهن.

جي ايم سيد جي ٽي هيڪڙي پوٺلڳ ڪي اُياري سندس مد مقابل بيهارڻ ان سلسلي جو نئون هٿيار آهي. مون کي خبر ناهي ته جمالي صاحب کي اها خبر آهي يا نه ته اهو ميزائيل سندس ڪلهي تي رکي هلايو پيو وڃي.

جن حالتن ۾ به سال اڳ جيئي سنڌ قومي محاذ جي چيئرمين بشير خان قريشيءَ جو موت واقع ٿيو ۽ وري جنهن طريقي سان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ سندس پٽ مقصود قريشي ۽ هڪ ساٿي سلمان وڌي کي قتل ڪيو ويو ان صورتحال ۾ بشير قريشي صاحب لاءِ سنڌ ۾ همدرديءَ جي هڪ وڏي لهر پيدا ٿيڻ فطري عمل هو. سنڌ جي قومي تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ جي هر وقت تاڙ ۾ رهندڙ قوتن هن موقعي کي به هٿان نه وڃايو. مظلومن سان سنڌي ماڻهن جي همدرديءَ واري فطري جذبي کي به هن مضمون ۾ ڀرپور نموني استعمال ڪيو ويو آهي. 2007ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو کي جتي ۽ جنهن طريقي سان قتل ڪيو ويو ان سڄي سنڌ کي ڏک ۽ ڪاوڙ جي طوفان ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ايتري تائين جو مون جهڙي هُن جي سخت سياسي مخالف به سندس موت تي انگريزي ۽ سنڌي اخبارن ۾ مضمون لکيا. عاجز جمالي پنهنجي مضمون جي ائين قسط ۾ لکي ٿو: "بينظير ڀٽو جي شهادت تي 2007ع ۾ بشير خان قريشي ڏاڍو سخت ردعمل ظاهر ڪيو هو جڏهن ته جي ايم سيد 1979ع ۾ ڀٽي جي ڦاهيءَ تي ڪو ردعمل ظاهر نه ڪيو هو."

جي ايم سيد ڀٽي جي ڦاهيءَ تي خاموش رهيو... عظيم گناهه ٿي پيو! پوءِ ڀلا ان ڀٽي جي ايم سيد سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو؟ جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو ته ڀٽو آمر ايوبُ جي حڪومت ۾ ان جو سڀ کان پيارو ۽ اهم وزير رهيو اٺن سالن تائين. اهي اٺ ئي سال جي ايم سيد جيل ۾ رهيو. وري ذوالفقار علي ڀٽي جي پنهنجي حڪومت پنج سال رهي. اهي پنج ئي سال جي ايم سيد قيد ۾ رهيو. نه رڳو ايترو پر اسٽيبلشمينٽ ۽ اهلِ پنجاب کي خوش ڪرڻ لاءِ اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي چيائين ته "جي ايم سيد غدار ۽

Gul Hayat Institute

ملڪ دشمن آهي، مون ان کي جيل ۾ وڌو آهي ۽ جيستائين مان زنده آهيان تيستائين اهو جيل ۾ رهندو... ان کي موت به جيل ۾ ايندو.“ قسمت جي ڳالهه ۽ وقت ۽ حالتن جو فيصلو ته سيد ۽ُتي ڪانپوءِ به زنده رهيو پر سندس قيد جاري رهيو جڏهن ته ذوالفقار علي ڀُٽي جي اٽپوري ’مِشن‘ کي سندس ڌيءَ ۽ سياسي جانشين بينظير ڀٽو پورو ڪيو. هُن به پنهنجي اقتدار دوران ’غدار‘ جي ايم سيد کي جيل ۾ وڌو ۽ پوءِ اُن جو موت واقعي به قيد ۾ سنگينن جي سائي ۾ ٿيو ۽ پوءِ جي ايم سيد جي موت تي پنهنجي سياسي ڪاميابيءَ جو فخريه طور اعلان ڪندي محترمه فرمايو ته ”غفار خان ۽ جي ايم سيد جو نظريو انهن سان گڏ قبر ۾ دفن ٿي ويو“.

انهن سيني ڳالهين تي عاجز جماليءَ جهڙن زيرڪ قلمڪارن جو قلم خاموش رهندو آهي. شايد سندن خيال ۾ اهي سڀ ڳالهيون ۽ اهي سڀ عمل عين ثواب هوندا آهن ۽ جي ايم سيد جو خاموش رهڻ گناهه.

جي ايم سيد کي ننڌڻ خاطر بشير قريشيءَ کي ساراهڻ جي ڪوشش ۾ الڳ الڳ ۽ غير وابسته واقعن کي پاڻ ۾ جوڙيو ٿو وڃي. مثال طور ’بشير خان قريشي سرعام جنرل مشرف کي ڊڪٽيٽر چيو هو جڏهن ته جي ايم سيد جنرل ضياءَ کي شريف النفس سڏيو هو.‘ اتي مان اهو سوال ٿو ڪريان ته جيڪڏهن مشرفّ ۽ ضيا ٻئي ٻچڙا ڊڪٽيٽر هئا ته پوءِ جي ايم سيد ته بيماريءَ جي صورت ۾ طبيعت لاءِ اسپتال آيل جنرل ضيا کان گلدستو وٺندي ڪيس شريف النفس چيو پر بينظير ته آءِ ايس آءِ جي سربراهه جنرل اشفاق پرويز ڪيانيءَ سان گڏ جنرل مشرف سان سياسي ملاقاتون ڪيون جن جي نتيجي ۾ سياسي ڊيل ٿيا ۽ مفاهمي آرڊيننس جاري ٿيا ته پوءِ اهو ڪيئن ٿيو ته جي ايم سيد خراب باقي بينظير ڀٽو ۽ بشير قريشي سٺا؟

خاص مقصد لاءِ واقعاتي حقيقتن کي توڙي مروڙي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لکيو ويو ته ”جڏهن بينظير ڀٽو ڪالا باغ ڊيم خلاف ڪمون شهيد وٽ ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو ته بشير خان قريشيءَ بينظير جي ڌرڻي جي حمايت جو اعلان ڪيو.“ حقيقت اها آهي ته 1998ع ۾

ڪالا باغ ڊيم جي مخالفت ۾ پنهنجي سنڌين جي گڏيل جدوجهد جو محرڪ عوامي نيشنل پارٽيءَ جو صدر اجمل خٽڪ هو. اهو اُن جو ئي منصوبو هو تہ ڪالا باغ ڊيم خلاف ساڳئي ڏينهن تي ڪمون شهيد وٽ ۽ اٽڪ جي پُل تي ڌرڻو لڳي. سنڌ واري ڌرڻي کي ڪامياب ۽ نمائنده بنائڻ جي ڪوشش طور اجمل خٽڪ بينظير ڀٽو ۽ سيد امداد محمد شاهہ سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪري انهن کي گڏيل ڌرڻي تي آماده ڪيو ۽ پوءِ امداد محمد شاهہ جيئي سنڌ جي سڀني گروپن طرفان شرڪت جو اعلان ڪيو. اهڙي طرح اسان سڀئي امداد محمد شاهہ جي اڳواڻيءَ ۾ ڌرڻي ۾ شريڪ ٿياسين. ساڳي طرح جلسي ۾ بہ جيئي سنڌ جي نمائندي طور امداد محمد شاهہ کي ئي تقرير لاءِ سڏيو ويو. بشير قريشيءَ جي حامين تہ جلسي ۾ گوڙ ڪري نعرا هڻي زبردستي پنهنجي ليڊر لاءِ تقرير جو موقعو ورتو جنهن تي جلسي ۾ موجود ماڻهن مختلف تبصرا بہ ڪيا.

مضمون ۾ وري وري بشير قريشيءَ کي جي ايم سيد جي مدِ مقابل جڏهن تہ بينظير ڀٽو جي حمايت ۾ بيهاريو ويو آهي. مثال طور هڪ هنڌ چيو ويو آهي تہ ”بہ سال اڳ بشير خان جي پراسرار موت تي سندس ياد ۾ لکيل مضمون ۾ مون کيس بينظير ڀٽو سان ڀيٽ ڪئي هئي.“ ۽ هڪ ڪان وڌيڪ هنڌن تي سيد کي هيٺ ڪندي بشير قريشيءَ کي هيرو بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هڪ هنڌ لکيل آهي تہ ”بشير خان قريشيءَ سيد جي ڀيٽ ۾ سنڌي عوام جي نفسيات مطابق سياست ڪئي.“ ٻئي هنڌ چيو آهي تہ ’سيد جي ڀيٽ ۾ بشير خان قريشيءَ سنڌو ديش جي جدوجهد ۾ نج عوامي رستو اختيار ڪيو.‘ اڃا هڪ هنڌ وڌيڪ لکيو ويو آهي تہ ”1970ع ڪانپوءِ جڏهن هُن (سيد) سنڌو ديش جو نعرو هنيو تہ عوام ۾ عوامي سطح تي مقبول ڪو نہ ٿيو پر بشير خان قريشي سنڌو ديش جو نعرو هڻندي عوامي رنگ اختيار ڪيو.“

هاڻي ’سيد جي ڀيٽ ۾ عوامي رنگ اختيار ڪرڻ‘ ۽ سيد جي ڀيٽ ۾ ٻين سان وڌيڪ مشابهت هجڻ بابت بشير قريشيءَ جي حوالي سان ڪيل ڳالهہ ۾ جزوي سچائي آهي جنهن ڏانهن ٿورو بعد ۾ تا اچون. پهرين

هڪ نظرِ اڪثريت ۽ اقليت واري ان فلسفي تي جنهن تحتِ ذوالفقار/ بينظير ڀٽو ۽ جي ايم سيد جي پيٽ ڪئي وينديآهي (عاجز جمالي وانگر). چيو ويندو آهي ته ڀٽو ليڊرن جي پويان گهڻا ماڻهو هئا تنهن ڪري اهي سيد جي ڀيٽ ۾ وڏا ليڊر ۽ وڏيڪ ڏاها هئا. يا اهو ته انهن ايتريون اسيمبلي سيٽون کٽيون جو اقتدار تائين پهتا، سيد هڪ به سيٽ نه کٽي سگهيو ان مان ثابت ٿيو ته ڀٽا ڪامياب ۽ سيد ناڪام رهيو.

مان انهن ليکڪن کان پڇان ٿو ته سقراط، عيسيٰ ۽ منصور هلاج بابت سندن ڇا خيال آهي... يا اورنگزيب ۽ دارا شڪوه جي ڀيٽ اهي ڪيئن ڪندا. جرمنيءَ جو هڪڙو سياستدان هو جنهن جو نالو هو اڊولف هٽلر- ان صرف ڏهن سالن جي مختصر عرصي ۾ پنهنجي تقريرن ذريعي سڄي جرمن قوم کي هيپناٽائيز ڪري ڇڏيو ۽ اليڪشن ۾ وڏي اڪثريت سان کٽي اقتدار جي اعليٰ منزل تائين پهتو. ان ئي ملڪ جرمنيءَ جو هڪ ٻيو شخص هو جنهن جو نالو هو ڪارل مارڪس. ان اهڙيون ڳالهيون ڪيون ۽ لکيون جيڪي هيون ته عوام جي فائدي ۾ ۽ وقت جي حڪمرانن جي خلاف پر ان وقت عوام انهن جي حمايت ڪا نه ڪئي. نتيجي ۾ کيس ملڪ بدر ٿيڻو پيو در در جا ڌڪا کاڌائين، بکون ڪاٽيائين ۽ آخر قبر به جرمني بجاءِ انگلينڊ ۾ ٺهيس. ساڳي طرح جرمنيءَ جي پاڙيسري ملڪ اٽليءَ ۾ به مسولني نالي شخص وڏو مقبول حڪمران ٿيو ساڳئي اٽليءَ ۾ گئليلو به پيدا ٿيو جنهن اهو نظريو پيش ڪيو ته سج نه پر زمين ڦري ٿي. ان جي پاداش ۾ جڏهن کيس ڦاهيءَ جي سزا ٻڌائي وئي ته ان وقت هن جو صرف هڪڙو سنگتي موجود هو. پوءِ هاڻي سنڌ جا اهي 'عوام دوست' ليکڪ ڇا چوندا ته گئليلو ۽ مارڪس وڏا ماڻهو ۽ وڏيڪ ڏاها ۽ انسان دوست هئا يا هٽلر ۽ مسولني؟

پري نه وڃو سنڌ ۾ اچو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي نه ڪڏهن اليڪشن کٽي سگهيو ۽ نه ئي هُن جي پنيان لکين ماڻهو گڏ ٿيا. هڪ مشهور اليڪشن ۾ لاڙڪاڻي جي چانڊيي سردار جي 'نابالغ' پٽ کان کيس شڪست ملي- نه رڳو ايترو پر جڏهن ڪامريڊ تڪ ۾ ورڪ لاءِ ويو ته

چانڊيي جي حامين ڪيس هڪ وڏي پراڻي وڻ سان ٻڌي وڻ جي پاڙ ۾ پاڻي وڌو ته جيئن ماڪوڙا ڪامريڊ کي کائين. سڄي عمر سنڌ جي قومي حقن لاءِ ۽ سنڌ جي هارين جي نجات لاءِ جاکوڙيندڙ ۽ جيئي سنڌ جو نعرو تخليق ڪندڙ حيدر بخش جتوئي جڏهن آخري دفعو جيل ڪاٽي لاڙڪاڻي پهتو ته سندس استقبالي جلوس ۾ هڪ سئو کان گهٽ ماڻهو هئا جن ۾ هڪڙو مان به هئس. پوءِ هاڻي حيدر بخش جتوئيءَ بابت عاجز جماليءَ جو ڇا خيال آهي (جيڪو پاڻ لکي ٿو ته منهنجو واسطو هاري ڪميٽي سان هو). مان ته جيڪر اهڙن اليڪشنون کٽندڙ سوين چانڊين، کوسن ۽ مگسين سردارن کي گڏائي به ڪامريڊ جي رڳو ان شعر جي برابر نه سمجهان ته 'جيئي سنڌ ۽ جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ'. اهڙي صورتحال لاءِ ئي ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته 'هڪ سياستدان ايندڙ اليڪشن جي باري ۾ سوچيندو آهي جڏهن ته هڪڙو مدبر ايندڙ نسلن جي باري ۾ سوچيندو آهي'.

سيد جي ڪردار ڪشي ڪرڻ لاءِ 'سنڌ جي ڀرپور عوامي جدوجهد ايم آر ڊي' کي به استعمال ڪيو ويندو آهي، جيئن هن مضمون ۾ ڪيو ويو آهي. چيو ويندو آهي ته سيد ايم آر ڊي تحريڪ جي مخالفت ڪئي هئي. سيد مخالفت ڪا نه ڪئي هئي، البته ان جي حمايت ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. سندس چوڻ هو ته اها تحريڪ نظام جي تبديلي نه پر ڪرسيءَ جي تبديليءَ خاطر آهي. اهو چوڻ تحريڪ هلائيندڙ ليڊرن لاءِ هو ۽ ان ڳالهه کي بعد جي حالتن درست ثابت ڪيو. جيستائين سنڌي عوام جو تعلق آهي ته اهو جي ايم سيد ئي هو جنهن اقوام متحده سميت عالمي ضمير کي اپيل ڪئي ته اُهي سنڌي ماڻهن جو قتلِ عام روڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪن، جڏهن ته تحريڪ هلائيندڙ ڪيترا سورما حڪومت کان معافيون وٺي ٻاهر نڪتا.

ان کان علاوه جيڪڏهن ايم آر ڊي تحريڪ ايتري ئي اهم ۽ 'مقدس' آهي ته پوءِ ان جي بنياد تي رڳو جي ايم سيد کي ڇو ٿو پرکيو وڃي. انهن ليڊرن کي ڇو ڪو نه جن جي سڏ تي اها تحريڪ هلي ۽ جن

جي چوڻ تي سنڌي ماڻهن جانيون قربان ڪيون ۽ سندن روزگار، گهر ۽ خاندان تباهه ٿيا. ايم آر ڊي تحريڪ جيَ ٻن خونريز مرحلن (1983ع ۽ 1986ع) ڪانپوءِ 1988ع ۾ ٿيندڙ عام چونڊون فوجي راڄ بابت هڪ قسم جو ريفرنڊم هيون (گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾). سنڌي ماڻهن وڏن وڏن سردارن، پيرن، ميرن ۽ خانداني مرشدن کي رد ڪندي پيپلزپارٽيءَ کي کٽرايو پر پوءِ ان پارٽيءَ جي ليڊر بينظير ڀٽو اقتدار ۾ اچڻ لاءِ ۽ اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڇا ڪيو. چونڊيل اسيمبليءَ جي اجلاس ٿيڻ کان اڳ ۾ فوج جي ان وقت جي سربراهه ۽ جنرل ضياءَ جي نائب رهندڙ جنرل اسلم بيگ جي گهر جو ڪڙو وڃي کڙڪاياٿين ۽ اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ جمهوريت جي بحاليءَ جو تمغو جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪ (ايم آر ڊي) خاطر رت وهائيندڙ سنڌي ماڻهن جي بجاءِ سنڌي ماڻهن جو رت وهائيندڙ جرنيلن کي ڏنو پر حرام جو ضياءَ جي گلدستي جو ذڪر ڪرڻ وارا انهن واقعن جو ذڪر ڪن.

ٻيو حوالو جي ايم سيد کي نندڻ واري مهم ۾ ايم ڪيو ايم جو ڏنو ويندو آهي ۽ ان ئي بنياد تي هن مضمون ۾ سنڌس پيٽ ۾ بشير قريشيءَ کي ساراهيو ويو آهي: 'بعد ۾ ايم ڪيو ايم جڏهن مڪمل طور تي جنرل مشرف جي حامي بڻجي ويئي ۽ ان جي سرڪار جو حصو بڻجي ويئي ته بشير خان ايم ڪيو ايم کان جلدي رستا الڳ ڪري ورتا هئا.' اها بلڪل غلط بياني آهي. دنيا ڄاڻي ٿي ته ايم ڪيو ايم شروع کان جنرل مشرف جي حامي ۽ اتحادي هئي ۽ مسلسل رهي ۽ اڄ تائين آهي. بشير قريشي ۽ ان جي جماعت به مسلسل ايم ڪيو ايم جا ساٿاري رهيا. ٻيو ته ڇڏيو ايم ڪيو ايم جو هڪڙو ليڊر جنهن تي سنڌ ۾ قتل ۽ دهشتگرديءَ جا بيشمار ڪيس داخل هئا اهو جڏهن گورنر جي حيثيت ۾ پاڪستان جي مرڪزي سرڪار جو نمائندو بڻجي ڪراچيءَ آيو ته جسقم وارن 'آزاديءَ' جا جهنڊا کڻي سندس استقبال ڪيو ۽ اڄ ڏينهن تائين جسقم جا ايم ڪيو ايم سان خوشگوار لاڳاپا قائم آهن. باوجود ان جي ته ايم ڪيو ايم جو سربراهه وڏي واڪي سنڌ جي ورهاست جي گهر ڪري چڪو



Gul Hayat Institute

آهي. هاڻي جيڪڏهن جنرل ضياءَ وانگر گهر تي هلي آيل الطاف حسين لاءِ جي ايم سيد گهر جا دروازا بند نہ ڪيا ۽ ملاقات ڪئي تہ اهو تي پيو سنڌ دشمنيءَ وارو ڪم پر جيڪڏهن بشير خان قريشي ڪيترا ڀيرا نائن زيرو تي وڃي تہ اهو مڙيئي خير آهي.

ساڳي طرح ڦهرين آڪٽوبر 1988ع تي ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن کي چونڊي چونڊي مارڻ کان فوري پوءِ ٿيندڙ اليڪشن ۾ سنڌي ماڻهن جو واضح مينڊيٽ ملڻ کانپوءِ محترمہ بينظير ڀٽو بہ خير سان نائن زيرو تي سلامي ڀري ۽ 'پاءُ پيڙ' ٿيڻ جا اعلان ٿيا پر 'سنڌ دوست' ليکڪ خاموش. وري 2008ع جي اليڪشن کانپوءِ ساڳي طرح پيپلزپارٽيءَ جو سربراهہ عزيز آباد ويو ۽ 'پگ مٽ يار' تي مُوٽيو. ان کانپوءِ پارٽيءَ جو سنڌ جُو صدر ۽ وزيراعليٰ ۽ ان جا وزير تہ الائي ڪيترا دفعا عزيز آباد جي ياترا ڪري چڪا آهن. سنڌ جي ورهاست بابت ڌمڪين گڏيل مطالبي کانپوءِ تازو رڳو بہ ڏينهن اڳ ۾ ايم ڪيو ايم پيپلزپارٽيءَ سان سنڌ حڪومت ۾ شامل ٿي آهي. ان سڀ ڪجهہ جي باوجود نہ رڳو پ پ تي تنقيد ڪانهي پر الٽو پ پ جي حمايت ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي بنياد تي جي ايم سيد جهڙن ماڻهن جي سنڌ دوستي ۽ عوام دوستيءَ کي پرکيو ٿو وڃي. واهہ سائين واهہ توهان جا فڪري ۽ نظرياتي تجزيا.

جي ايم سيد جي ڀيٽ ۾ بشير خان قريشيءَ کي مٿانهون ڪرڻ جي ڪوشش هينئن بہ ڪئي ويئي آهي: 'سنڌ قومي اتحاد وٽ سنڌ جي حقن بابت ٺوس پروگرام ئي ڪو نہ هو' پر... 'هن (بشير خان) اهو ڪليل موقف اختيار ڪيو تہ اسان جڏهن پاڪستان جي رياستي ۽ انتظامي ڍانچي کي تسليم ئي ڪو نہ ٿا ڪريون تہ اليڪشن جو حصو ڇو بڻجون.' اهو واهہ جو ڪليل موقف آهي تہ پاڪستان جي رياستي ڍانچي کي تسليم نہ ڪبو پر 1973ع واري 'قومن جي قاتل' آئين تحت پاڪستان جي موجوده سرشتي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اليڪشن وڙهڻ وارن اُميدوارن جي ورڪ ڪبي، سا بہ 'آزاديءَ' وارو جهنڊو ڪڍي ۽ سا بہ ڪنهن هڪ پارٽي نہ، مختلف هنڌن تي مختلف پارٽين جي اُميدوارن جي. ۽ اهو بہ ڪيترو نہ



Gul Hayat Institute

چئو موقف آهي تہ ’آزادي مارچ‘ ڪبو پر ان ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ ۽ پيپلزپارٽيءَ جي وزيرن جي گهرن تي بہ وڃبو ۽ جيئن مٿي ذڪر ٿيو تہ پاڪستان جي مرڪزي سرڪار جي نمائندي طور سنڌ ۾ مقرر گورنر جو بہ استقبال ڪبو. جي ايم سيد کي لوٹڻ خاطر تہ عاجز جمالي بشير خان قريشيءَ کي پنهنجي پسنديده پيپلزپارٽيءَ جي ليڊرن سان ڀيٽ ٿو ڏئي پر جڏهن بشير خان ۽ ان جي ساٿين جي پراسرار قتل جو معاملو ٿو اچي تہ اتي وري چالاڪيءَ سان گوهي ڪائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. جسقم ليڊر جي قتل جو ذڪر بہ دفعا ڪيل آهي پر هنن لفظن ۾ ’رياست بشير خان جي قتل بابت سنڌي عوام کي ڪو بہ مطمئن ڪندڙ جواب نہ ڏئي سگهي آهي.‘ ’ٻن سالن ۾ رياستي ادارا اهو پتو نہ لڳائي سگهيا آهن تہ جيڪڏهن بشير خان جو موت زهر سبب بہ ٿيو تہ ان ۾ ملوث ڪير هو.‘ هاڻي ليکڪ صاحب ٻڌائي تہ رياست ڪنهن وڏي بلڊنگ جو نالو آهي ڇا؟ ۽ رياست کي مشينون هلائيندڙيون آهن ڇا؟ رياست کي بہ ماڻهو هلائيندا آهن ۽ رياست جي عملن جو اظهار حڪمران جماعت جي ڪارڪردگيءَ مان ٿيندو آهي. بشير قريشيءَ جي قتل وقت ۽ ان کانپوءِ مسلسل پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت رهي آهي تہ پوءِ قريشي صاحب جي قتل جي حوالي سان جيڪا بہ ڪوتاهي، نااهلي يا لاپرواهي ٿي آهي تہ ان جي ذميوار پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت ٿي نہ پر پيپلزپارٽي تہ پيپلزپارٽي آهي، اها ڀٽن جي پارٽي آهي. عاجز جماليءَ جي من پسند پارٽي آهي تنهن ڪري ان کي الزام ڪيئن ڏبو. تنهن ڪري رياستي ادارن جو ذڪر ڪيو ويو.هونءَ بہ اهو هڪ ڊگهو سلسلو آهي تہ اهڙا ’عوام دوست‘ ليکڪ سدائين چڱو ڪم پ پ حڪومت جي کاتي ۾ وجهندا آهن ۽ ٻُري ڪم جو ذميوار رياستي ادارن کي سڏيندا آهن ۽ اها بہ انهن ليکڪن جي پراڻي ڪِرت رهي آهي تہ جي ايم سيد کي انهن گناهن جو بہ ذميوار قرار ڏبو جيڪي هن ڪيا ئي نہ هوندا پر جڏهن پيلزپارٽي ۽ ڀٽن جي ڪيل گناهن جو ذڪر ايندو تہ چوندا تہ ’ادا ڇا ڪن ويچارا مجبور هئا.‘

هاڻي اچون ٿا عاجز جماليءَ جي ان ڳالهہ ڏانهن جيڪا ڪنهن

Gul Hayat Institute

حد تائين درست آهي ۽ ذڪر ڪريون ٿا ان ’خوبيءَ‘ جو جيڪا بشير خان قريشيءَ ۾ جي ايم سيد جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي ۽ جيڪا ڪيس جي ايم سيد جي پيٽ ۾ ذوالفقار/بينظير ڀٽو جي وڌيڪ قريب ٿي ڪري. اُها خوبي اها آهي جنهن کي ’عوامي سياست‘ يا ’سنڌي ماڻهن جي نفسيات مطابق سياست‘ چيو وڃي ٿو ۽ ان جو مطلب اهو آهي تہ هر ماڻهوءَ سان ان جي مزاج، ان جي مفاد، ان جي روين، ان جي خواهشن ۽ ان جي نام نهاد مانَ مرتبي ۽ حيثيت مطابق ڊيل ڪجي. اها خوبي ذوالفقار علي ڀٽي ۾ تمام گهڻي ۽ بينظير ڀٽو ۾ بہ ڪافي هئي. جنان ڀٽو هڪ طرف غريب ۽ مسڪين هارين جي حقن جي ڳالهہ ڪندو هو تہ ٻئي طرف ساڳئي وقت سنڌ جا گهڻي ۾ گهڻا پير، مير، وڏيرا، جاگيردار سندس پارٽيءَ ۾ هئا. 1970ع وارين چونڊن ۾ سڀ ٽڪيٽون جاگيردارن کي ڏنائين. جيڪي مڊل ڪلاس جا ڪامريڊ ماڻهو شروع جي ڏکين ڏينهن ۾ گڏ هئس اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ انهن سيني کي ٽڪيٽ ونرايائين ۽ انهن جي جاءِ تي ايوب خان ۽ يحيٰ خان سان گڏ رهندڙ جاگيردارن ۽ سرمائيدارن کي سانڻ ڪنيائين. جڏهن ايوب خان جي عتاب ۾ هو تہ جي ايم سيد وٽ سن بہ ويو پر اقتداري ضرورتن مطابق سيد کي غدار چئي جيل ۾ وڌائين. هڪ ئي وقت سوشلسٽن ۽ مذهبي ماڻهن کي راضي ڪرڻ لاءِ اسلامي سوشلزم جو انوکو اصطلاح استعمال ڪيائين ۽ ضرورت پوڻ تي مولانا مودوديءَ جي گهر بہ پهچي ويو. ساڳي طرح محترمہ بينظير ڀٽو عوام جي طاقت جي بہ ڳالهہ ڪندي هئي تہ ساڳئي وقت فوج جي طاقت کي بہ سلام ڪندي هئي. سنڌي ماڻهن کي راضي رکڻ لاءِ ڪالا باغ ڊيم جي خلاف ڏرڙا هڻندي هئي تہ وري پنجاب وارن کي خوش رکڻ لاءِ ڪالا باغ ڊيم لاءِ بجيٽ ۾ فنڊ بہ رکندي هئي. اهڙا ڪوڙ مثال آهن. مطلب اهو هو تہ گهڻي ڪان گهڻا ماڻهو ۽ گهڻي ڪان گهڻي طاقت ڪهڙي بہ طريقي سان پنهنجي پاسي ڪجي.

جناب بشير قريشي بہ ائين ڪندو هو. يعني معيار جي مقابلي ۾ مقدار کي اوليت ڏيڻ۔ گهڻا ماڻهو پنهنجا همدرد ناهڻ خاطر هر ماڻهوءَ سان پانهون ٻڌڻ جي واٽ رکندو هو جڏهن تہ جي ايم سيد جو چوڻ هوندو هو تہ

”تورا صالح ماڻهو گهٽ غير صالح ماڻهن کان بهتر آهن.“ سيد، پيرن، ميرن، وڏيرن، مُلن کي سنڌ دشمن ۽ ترقيءَ جو دشمن سمجهندو هو جڏهن ته بشير صاحب انهن سيني جي نه رڳو سلامي پريندو هو پر انهن کي قومي تحريڪ جي قيادت ڪرڻ جي آڇ به ڪندو هو. غريب ۽ مسڪين ماڻهن سان مِٽيءَ تي ويهي ماني به کائيندو هو ته غريبن جو رت چوسيندڙ مسڪينن جي عزتن جا سودا ڪندڙ سردارن ۽ جاگيردارن جي جرڳن ۾ به شرڪت ڪندو هو. ان ڪري تي سگهي ٿو جي ايم سيد جي پيٽ ۾ هن سان وڌيڪ ماڻهو هجن چاڪاڻ ته سيد ته هر ڪنهن کي سچ چوندو هو. فرشتي کي فرشتو ۽ شيطان کي شيطان چوندو هو. سندس اهو جملو مشهور هوندو هو 'سڌي راند سوٽي جي، پيڙي بڌي کوٽي جي' جڏهن ته سندس بدترين دشمن به اهو چوندا هئا ته 'سيد جنهن ڳالهه کي صحيح ۽ سچ سمجهندو آهي اها دهل جي ڏونڪي تي چوندو آهي' ۽ پوءِ اهو ته دنيا جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته سچ چوڻ وارن سان وقتي طور ٿورا ماڻهو هوندا آهن پر اڳتي هلي تمام گهڻن ماڻهن کي انهن جي سچ جو فائدو ملندو آهي، جيئن جي ايم سيد 'جيئڻ ڏئو آه مون' جهڙو سچ لکي تمام گهڻن ماڻهن کي پنهنجو مخالف بلڪه دشمن ڪري ڇڏيو جڏهن ته ذوالفقار علي ڀٽي گهڻن ماڻهن کي راضي ڪرڻ لاءِ رياستي ڪاروهنوار ۾ مذهب کي شريڪ ڪيو. نتيجو اڄ سيني جي سامهون آهي.

آخر ۾ مان هڪڙو سوال ڇڏيان ٿو. جناب بشير قريشيءَ جي پارٽي جي ايم سيد جي نالي تي سياست ڪري ٿي. ان جي پارٽيءَ وارا ٻڌائين ته اهي جي ايم سيد ۽ بشير قريشيءَ بابت لکيل ڳالهين کي ڪيترو درست ٿا سمجهن ۽ اهو به ته اُهي سيد جي معيار واري ۽ بشير خان جي مقدار واري سياست مان ڪهڙي صحيح ٿا سمجهن؟

❋❋❋

# عظيم سيد سان عظيم زيادتيون

**دنيا** جي وڏن ۽ غيرمعمولي ماڻهن سان وڏيون زيادتيون ٿينديون رهنديون آهن ۽ غيرمعمولي رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. اهي وڏا ۽ غير معمولي ماڻهو جڏهن ته انساني سماج جي ترقيءَ لاءِ هڪڙو خاص پيغام ۽ ڪردار کڻي ايندا آهن جيڪو سندن زندگيءَ کانپوءِ به جاري رهندو آهي ۽ ننڍين ۽ معمولي ماڻهن جي سماج دشمن ڪردار کي للڪاريندو آهي، تنهن ڪري انهن سان ٿيندڙ زيادتين جو سلسلو به انهن جي هليو وڃڻ کانپوءِ به جاري رهندو آهي، بلڪ ڪن صورتن ۾ اهو سلسلو وڌيڪ تيز ٿي ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي زيادتيون ڪندڙ ۽ رستي ۾ رڪاوٽون وجهندڙ ماڻهو سمجهندا آهن ته هاڻي جيئن ته اهو شخص موجود ڪونهي تنهن ڪري سندن لاءِ رستو کليل آهي ۽ انهن کي جيئن وڻندو تيئن ڪندا رهندا. ۽ اهي زيادتيون رڳو انهن وڏن ماڻهن جي ڄاتل سڃاتل مخالفن طرفان ڪونه ٿينديون آهن ۽ انهن غيرمعمولي انسانن جي متعين ڪيل رستي ۾ رڪاوٽون رڳو انهن جي دشمنن طرفان ڪونه وڌيون وينديون آهن پر اهي ڪم انهن جا "پنهنجا" به ڪندا آهن ۽ انهن سان اهڙو ورتاءُ دوستيءَ جي نالي ۾ به ڪيو ويندو آهي.

مخالف ۽ دشمن جيڪي اڪثر ڪري حڪمران ۽ انهن جا حواري هوندا آهن، انهن جو طريقِ واردات ڏاڍ، جبر، نظربندي ۽ جلاوطني جي شڪل ۾ هوندو آهي پر جيڪي ماڻهو "پنهنجا"، "دوست" يا "پوئلڳ"

هوندا آهن انهن جا طورطريقا بلڪل مختلف هوندا آهن ۽ اهي ڪن حالتن ۾ انهن عظيم انسانن جي ڪاز کي حڪمرانن جيترو يا شايد ان کان به وڌيڪ نقصان پهچائيندا آهن. اهي پنهنجو دوست، خيرخواهه پوئلڳ يا ڪن حالتن ۾ جانشين سڏائي انهن غيرمعمولي شخصن جي فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار کي مسخ ڪري پيش ڪندا آهن. اهڙي ڪوشش ڪي ماڻهو شعوري طور ڪندا آهن جڏهن ته ڪي لاشعوري طور ان جو شڪار ٿيندا آهن، ڪن جي اهڙن حربن جي پويان محرڪ قوت مفاد پرستي هوندي آهي جڏهن ته ڪي وري اڻڄاڻائيءَ ۾ ساڳيو عمل ڪندا آهن. نه وسارڻ گهرجي ته اڻڄاڻائي به گناهه آهي. بس مفاد پرستي ۽ اڻڄاڻائي ۾ ڪيل غلطيءَ جي گناهه ۾ ڏگريءَ جو فرق هوندو آهي. ٻيو فرق اهو آهي ته اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪيل غلطي تسليم ڪرڻ سان گناهه گهٽجي سگهي ٿو.

- جيئن مٿي چيو ويو ته انهن ماڻهن جي فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار کي مسخ ڪيو ويندو آهي ۽ جيڪا انهن سان سڀ کان وڏي نا انصافي هوندي آهي سو اِئين ته انهن جي فڪر جي غلط تشريح ڪئي ويندي آهي، اهڙي طرح جو اهو وقت جي حڪمرانن کي قابلِ قبول هجي. يا انهن جي نالي ۾ اهڙا عمل ڪيا ويندا آهن جيڪي انهن جي ڪردار کي ماڻهن ۾ منفي صورت ۾ پيش ڪن يا وري پنهنجي وقتي مفادن جي پورائي خاطر اهڙيون ڳالهيون ۽ اهڙا عمل ڪيا ويندا آهن، جيڪي انهن شخصيتن جي سوچ ۽ مقصد جي بلڪل ابتڙ هوندا اهن. مهاتما ٻڌ جي سڄي سوچ ۽ سموري جدوجهد جو مرڪز انسانن جي زندگي هئي. ان جو مقصد انسانن جا ڏک سور ختم ڪري انهن کي ذهني ۽ جسماني طور خوشحال بڻائڻ هئو. هن ڪنهن به مافوق الفطرت شيءِ جي ڳالهه نه ڪئي پر سندس گهڻن "پوئلڳن" خود مهاتما کي ئي مافوق الفطرت بڻائي ڇڏيو. ان جي اصولن کي ڇڏي ان جي ذات جي پوڄا ڪرڻ لڳا. انساني تاريخ جي ٻئي عظيم انسان ڪارل مارڪس جي فڪر ۽ فلسفي جو مرڪزي نقطو اهو آهي ته سماج هر وقت تبديليءَ جي عمل مان گذري ٿو ۽ اهو ته مذهب سماجي ترقيءَ کي



Gul Hayat Institute

متاثر ٿا ڪن. ان جي پاداش ۾ حڪمران طبقن طرفان ڪيس جيڪي جلاوطني سان گڏ عذاب ڏنا ويا اهي پنهنجي جاءِ تي پر هن جي ڪيترن حامين خود ڪارل مارڪس جي فڪر کي ئي مذهب جي حيثيت ڏئي ڇڏي ۽ چوڻ لڳا تہ ڪارل مارڪس جا چيل لفظ دنيا لاءِ حرفِ آخر آهن. برِ صغير جو وڏو ليڊر مهاتما گانڌي مذهب جي بنياد تي انسانن وچ ۾ هر قسم جي تفريق جي خلاف هئو ۽ سندس زندگي قومي بالادستيءَ جي خلاف جاکوڙيندي گذري. پر اڄ بہ هندستان ۾ ڪيترا گروهہ آهن جيڪي پاڻ کي مهاتما گانڌيءَ جو "سچو"پوئلڳ ٿا سڏائين ليڪن مذهب جي نالي ۾ ماڻهن جو قتل ٿا ڪن. مذهب جي بنياد تي "هندو قوم" جي برتري خاطر تاريخي قومن تي پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ ٿا چاهين.

سائين جي_ايم سيد سنڌ جي تاريخ جي عظيم انسانن منجهان هڪ آهي. سندس سوچ ۽ فڪر جو محور عالمي امن، ڀائيچارو پر امن بقاءِ باهمي ۽ انسانذات جي ترقي هئو ۽ هن سڄي عمر قومي بالادستي ۽ جبر، طبقاتي استحصال، سماجي اڻبرابري ۽ مذهبي تفريق جي خلاف جنگ ڪندي گذاري. سندس مسلسل ۽ اڻٿڪ جاکوڙ جو مقصد سنڌ کي آزاد، خودمختيار ۽ خوشحال بڻائڻ، ان جي سيڪيولر، انسان دوست، عوام دوست، سامراج دشمن ۽ اسٽيبلشمينٽ مخالف تاريخي ڪردار کي اجاگر ڪرڻ ۽ ان ذريعي انساني سماج جي ترقي، عالمي امن ۽ ڀائيچاري ۾ ڪردار ادا ڪرڻ هئو. ان جي پاداش ۾ جابر حڪمرانن، ڦورو طبقن ۽ مذهبي بنيادپرستن طرفان ساڻس جيڪو ورتاءُ ڪيو ويو. جيڪي تڪليفون (ذهني ۽ جسماني) ڏنيون ويون ۽ جيڪي زيادتيون ۽ نا انصافيون ڪيون ويون انهن جي ذڪر سان تاريخ جا دفتر ڀريا پيا آهن ۽ انهن جي گواهي وقت جو وهڪرو ڏيندو رهندو. پر جيئن انساني تاريخ ۾ وڏن ۽ غيرمعمولي ماڻهن سان ٿيندو آيو آ تيئن سرزمين سنڌ جي هن عظيم فرزند سان بہ "پنهنجن"، "پوئلڳن" ، "همعصر ساٿين" ۽ "سنڌ دوستن" بہ تمام وڏيون زيادتيون ۽ تمام وڏيون نا انصافيون ڪيون آهن ۽ اهو سلسلو اڃا جاري آهي. بلڪ وقت گذرڻ سان گڏ انهن ۾ واڌارو ٿيندو



Gul Hayat Institute

ٿو رهي. سائينءَ جي وفات ڪانپوءِ ته چڻ اهڙن ماڻهن کي وارو ملي ويو آهي.

سائينءَ جو زندگيءَ بابت سڀ کان انمول اصول اهو هوندو هئو ته ”نيڪ مقصد صرف نيڪ طريقن سان حاصل ٿي سگهي ٿو“. پر هتي سائين جي متعين ڪيل سنڌ جي آزاديءَ واري مقصد لاءِ چيو ويجي ٿو ته انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ”هر طريقو“ جائز آهي. سيد جو چوڻ هئو ته سنڌ جي آزادي ۽ خوشحاليءَ جي راهه ۾ پير، مير ۽ وڏيرا وڏي رڪاوٽ آهن، جڏهن ته هينئر اڪثر حالتن ۾ صورتحال ان جي بلڪل ابتڙ آهي. هڪڙا سيد جي تصوير جي هينيان سنڌ جي چُٽيل وڏيرن، پيرن، ميرن ۽ جاگيردارن کي گڏ ڪن ٿا ته ٻيا وري انهن جي اوطاقن تي سلامي ڪن ٿا. انهن جي سنڌ دشمن ۽ انسانيت دشمن فيصلن ۾ انهن جا ساجهيدار ٿين ٿا، جڏهن ته ڪي ”خدا جا سنواريا“ ته انهن کي سنڌ جو متبادل قرار ٿا ڏين. سامراجين، جابر حڪمرانن ۽ انهن جي ساٿارين خلاف سائين جي ايم سيد جي جنگ جا سڀ کان اهم هٿيار قلم ۽ ڪتاب رهيا، جن جي ذريعي هن مذهب جي آڙ ۾ قائم قلعن کي لوڏي ڇڏيو ۽ جمهوريت، عوام ۽ ٻين نالن ۽ نعرن تي قائم ڪيل مقدس عقيدن کي چئلينج ڪيو ۽ ٻُتن کي پورا ڪيو. جيئن شيخ اياز چيو ته ”مون ذات انوکي آندي آ، ٿي تند وڄهي تلوارن سان“. پر پاڻ کي سيد جا سچا پوئلڳ چورائيندڙ قلم کي پيچن ٿا ۽ ڪتاب کي ساڙين ٿا. نه رڳو اهو پر قلم ۽ ڪتاب کي بزدليءَ جي علامت قرار ڏين ٿا ۽ بندوق جيڪا هميشه حڪمرانن طرفان حق جي آواز کي دٻائڻ لاءِ استعمال ٿي آهي ان کي بهادري ٿا چون.

سيد هر قسم جي عقيدي پرستيءَ کي رد ڪيو ۽ هميشه سائنسي سوچ کي اڳتي وڌايو ۽ عقل دليل سان پنهنجو ڪيس وڙهيو. موٽ ۾ عقل جي انڌن حڪمرانن ۽ مذهب جي ماريل ملن مٿس فتوائون ڏنيون. هاڻ وري هڪڙا همراهه ساماڻا آهن جيڪي سيد جي نالي ۾ فتوائون جاري ٿا ڪن. سندن هڪڙي فتوا اها آهي ته صرف اهي ئي سيد جا واحد ۽ سچا وفادار آهن. سندن ٻي فتوا آهي ته جيڪو به سيد جي باري ۾، سنڌ جي باري ۾ ۽ سنڌ بابت سيد جي سوچ جي باري ۾ انهن کان مختلف خيال رکي ٿو

Gul Hayat Institute

اهو ”ڪافر“ آهي. ۽ ڪير ”ڪافر، ڪير مومن“ آهي ۽ ڪير ”وفادار“ ڪير ”منڪر“ آهي ان جو فيصلو بہ اهي ئي ڪندا. يعني نالو سيد جو ڪم حڪمرانن ۽ ملن وارا. سائين هڪڙي مشهور چوٽي پنهنجي گفتگو ۽ تقريرن ۾ اڪثر ورجائيندو رهندو هئو تہ ”ٻن تلوارن جاءِ، ناهي هڪ مياڻ ۾“. ان جي وضاحت اها ڪندو هئو تہ ذاتي مفاد ۽ قومي مفاد، انفرادي فائدو ۽ اجتماعي پلو اهي ٻئي گڏ نٿا هلي سگهن. ڪيترائي سيد جي ”مشن جا پيروڪار“ اهو چون ٿا تہ ”جيستائين پاڻ کي خوشحال نہ ڪبو تيستائين قوم جي خوشحالي حاصل ڪيئن ٿي سگهندي“. ان ڪري قوم جي ڀلائيءَ خاطر اهي پاڻ کي سکيو ستابو ڪرڻ جي جستجو ۾ مصروف لڳا پيا آهن.

پنهنجي ذاتي غرضن ۽ وقتي مفادن جي پورائي خاطر تاريخي شخصيتن جي فڪر ۽ ڪردار کي غلط استعمال ڪرڻ واري سلسلي ۾ سنڌ ۾ ويجهڙائيءَ ۾ هڪ نئين عنصر جو اضافو ٿيو آهي. اهو آهي انهن وڏن غيرمعمولي ماڻهن جي تاريخي ۽ قومي ورثي کي موروثي رنگ ڏيڻ ۽ خانداني ورثو بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

سنڌي سماج اڃا گهڻو ڪجهه جاگيرداراڻي ۽ قبائلي نظام جي مختلف شڪلين ۾ قائل آهي. جيڪو سنڌي مڊل ڪلاس نهيو هئو اهو مذهبي تفريق جو شڪار ٿي 1947ع ۾ وطن ڇڏڻ تي مجبور ٿيو. ان ڪانپوءِ جاگيرداري ۽ قبائلي روين ۾ اڃا شدت آئي ۽ وري موروثي ڪالونيل رياست بہ انهن کي همٿائيندي رهي. جاگيرداري ۽ قبائلي سماج ۾ هر شيءِ ۽ هر ڳالهہ کي موروثي سمجهيو ۽ بڻايو ويندو آهي. اهڙي جاگيرداراڻي سماج ۾ هڪ پيري مريديءَ جو پس منظر رکندڙ خاندان ۾ ۽ ڀهراڙيءَ جي هڪري ننڍڙي ڳوٺ ۾ جنم وٺڻ ۽ زندگيءَ جو وڏو حصو قيد ۾ گذارڻ جي باوجود جي ايم سيد موروثي روين کي طلاق ڏئي ڇڏي. اهو بلاشڪ هڪ غيرمعمولي ڪارنامو آهي، خاص ڪري اهڙي ماحول ۾ جڏهن بمبئي ۽ ڪراچي شهرن ۾ پلجندڙ ۽ آڪسفورڊ، برڪلي ۽ هارورڊ جي يونيورسٽين ۾ تعليم پرائيندڙ ليڊرن جي زندگي بہ جاگيرداراڻي ڪردار

Gul Hayat Institute

جي قيدي بڻيل رهڻ اتي پرائمري اسڪول تائين پڙهيل جي ايم سيد جو اهڙو آزاد، روشن خيال ۽ ترقي پسند ڪردار يقيني طور ڪيس عظيم انسان بڻائيندڙ عنصرن مان هڪ آهي.

سائين جي ايم سيد وراثت جي تصور کي ختم ڪرڻ جي ڏس ۾ پهريون اهم قدم تہ اهو کنيو تہ پيري مريديءَ جي ورثي ۾ مليل اداري کي ختم ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ سائينءَ پنهنجي شخصيت جي سڃاڻپ سنڌ ۽ هند ۾ پنهنجي عملي ڪارنامن ۽ ڪردار جي حوالي سان ڪرائي. جيتوڻيڪ سندس تڙ ڏاڏو سيد حيدر شاهہ سنائي سنڌ ۾ حب الوطنيءَ جي علامت بلاولي تحريڪ جو هڪ اهم تاريخي ڪردار رهيو پر سائين جي ايم سيد پنهنجي سڃاڻپ يا اهميت ڪرائڻ لاءِ ڪڏهن بہ ان جو نالو استعمال نہ ڪيو.

هاڻي انهيءَ جي چوڻ جي ڪا ضرورت ئي ناهي تہ سائينءَ جي شخصيت گهڻ رخي هئي. هن سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ ڪلچر ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ کي نوان رخ ڏيندڙ بنيادي ڪم ڪيو. مذهبي معاشري ۽ مذهب تي بڌل رياست ۾ سيڪيولرزم لاءِ ايڏو وڏو ڪم ڪيو جيترو برِ صغير ۾ ورلي ڪنهن ڪيو هوندو. پر سڀ کان وڌيڪ سائينءَ جي سڃاڻپ هڪ سياستدان ۽ قومي رهنما واري آهي. هن سڄي عمر اصولن جي سياست ڪئي، جيڪا نسل، ذات ۽ شخصيت پرستيءَ جهڙن جاگيرداراڻن رجحانن کان آجي هئي. ان ڪري ئي جاگيردارن جي جماعت مسلم ليگ ۾ جي ايم سيد کي مڊل ڪلاس جو نمائندو تسليم ڪيو ويندو هئو.

خاص ڪري 1971ع کانپوءِ سائينءَ خالص نظرياتي سياست ڪئي، جنهن جا مکيہ عنصر سنڌ جي قومي آزادي، سيڪيولر سماج جي اڏاوت ۽ عالمي امن ۽ ڀائيچارو هئا. انِ لاءِ جيڪا جماعت ٺاهيائين جيئي سنڌ محاذ ان جي جدوجهد جا چار بنيادي نقطا مقرر ڪيائين: قومپرستي، سيڪيولرزم، سوشلزم ۽ جمهوريت. هاڻي جيئڻ تہ سائين نظرياتي سياست ڪري رهيو هئو جنهن جا هدف قومي آزادي ۽ سوشلزم جهڙا

اعليٰ آدرش هئا، تنهن ڪري هُن پنهنجي جدوجهد جي رستي ۾ ذاتي لڳ لاڳاپن ۽ خانداني واسطن کي اهميت نہ ڏني، پر پنهنجي ساٿين ۽ پوئلڳن لاءِ ڪجهہ اصول ۽ معيار مقرر ڪيا. اهو ئي سبب آهي تہ سنڌس قافلي ۾ مون جهڙا مسڪين ڪارڪن تہ هئا پر ڪو بہ زميندار، شاهوڪار، پير، مير ۽ وڏيرو ڪونہ هئو. جڏهن بہ سائين کان پڇيو ويندو هئو تہ "توهان پنهنجو ڪو جانشين مقرر ڪيو آهي؟" تہ هر دفعي سائينءَ جو جواب اهو هوندو هئو تہ "جيڪو منهنجي اصولن تي هلندو ۽ جنهن جو ڪردار صحيح ۽ عمل صالح هوندو اهو ئي منهنجو جانشين هوندو". ان ئي دور ۾ اقتدار جي سياستَ ڪندڙ ولايت جي پڙهيل "عالمي" ليڊرن بہ سياست کي موروثي بڻايو ۽ پنهنجي پارٽيءَ کي خانداني ملڪيت قرار ڏنو جيئن سنڌ ۾ رواج آهي تہ وڏيري جي مال ملڪيت، زمين ۽ بنگلن وانگر ان جي سياست جا بہ جانشين لازمي طور سنڌس پٽ پوٽا ٿيندا.

ويجهڙائيءَ ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو ذاتي ۽ خانداني لڳ لاڳاپن ۽ واسطن جي بنياد تي سيد جي سياسي جدوجهد ۽ ڪردار کي موروثي رنگ ڏيئي رهيا آهن. سيد سان جسماني (Physical) قربت هئڻ سبب وڏيڪ موقعا هجڻ ۽ سيد جي خواهش جي باوجود سنڌس زندگيءَ ۾ اهي ماڻهو ڪڏهن سنڌس سياست جي قريب نہ آيا.

خير...ائين ضروري بہ ناهي. جيئن تہ سيد جي سياست ۽ سياسي جدوجهد عالمگير آدرشن تي بڌل آهي تنهن ڪري ڪير بہ ماڻهو ڪهڙي بہ وقت انهن کي اختيار ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن سنڌس زندگيءَ ۾ ڪنهن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي ۽ هاڻي ان جي سچائي ۽ اهميت کي محسوس ڪندي ان قافلي ۾ شريڪ ٿئي ٿو تہ تڏهن بہ زبردست، پر ان لاءِ ضروري آهي تہ اهي ماڻهو انهن عالمگير آدرشن ۾ ايمان ظاهر تہ ڪن سيد جي زندگيءَ جي مقصدن سان پنهنجي وفاداري (Commitment) جو اعلان تہ ڪن ۽ سنڌس سياسي جدوجهد کي پنهنجو (Own) تہ ڪن. هتي تہ صورتحال اها آهي تہ جي ايم سيد جي نالي سان قربت جو اظهار پر سنڌس پروگرام ۽ جدوجهد کان دوريءَ جو اعلان. جڏهن هڪ صحافي

ڪانئن سائين جي ايم سيد جي سياسي پروگرام جي نچوڙ ڪتاب ”سنڌو ديش ڇو ۽ ڇالاءِ“ جي حوالي سان سوال پڇي ٿو تہ اُهي چون ٿا تہ ”اسان جو ان سان ڪو واسطو ڪونهي، اسان کان اسان جي پارٽيءَ جي پروگرام بابت سوال پڇيا وڃن“. ٻئي طرف ماڻهن جون همدرديون حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجا ووٽ وڌائڻ لاءِ سياسي جلسن ۾ پنهنجي تصويرن سان گڏ سائينءَ جون تصويرون بہ لڳائين ٿا. سائين جي ايم سيد جي پاڪستان جي مختلف سياسي گهراڻن سان تعلقات کي ”خانداني“ تعلقات چئي سياسي فائدن جي ڪوشش بہ ڪن ٿا پر ساڳئي وقت جيڪڏهن ڪي ماڻهو سائين جي ايم سيد جي خلاف ۽ سندس فڪر ۽ جدوجهد جي خلاف مهم هلائين ٿا ۽ قومي تحريڪ تي ٺٺوليون ڪرڻ لاءِ مضمون لکن ٿا تہ اهي همراهہ ائين خاموش رهن ٿا ڄڻ جي ايم سيد سان سندن ڪو واسطو ئي ڪونهي. نہ رڳو ايترو پر اهي سيد جي تحريڪ جي مذاق اڏائيندڙن سان اليڪشني اتحاد ۾ ويٺا آهن.

سنڌ جي قومي آزاديءَ جو پروگرام ڏيڻ کانپوءِ سائين هڪڙو جملو اڪثر استعمال ڪندو هئو. اهو هيءَ تہ ”آءٌ تجربا ڪري، هٿ ساڙائي هن نتيجي تي پهتو آهيان“. مطلب تہ 60 سالن جي سياسي تجربن کانپوءِ 25 سالن تائين پاڪستان جي رياست کي سڌارڻ جي ڪوششن ۾ ناڪاميءَ کانپوءِ سائين ان نتيجي تي پهتو تہ ”هن ملڪ جا حڪمران انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا“ ٿي چڪا آهن. تنهن ڪري عالمي امن، پرامن بقاءِ باهمي ۽ انساني سماج جي ترقيءَ وارن عالمگير آدرشن جي حاصلات خاطر سنڌ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ شروع ڪيائين جيڪا سائينءَ جي زندگيءَ جي آخري 24 سالن تي محيط رهي. هاڻي اهي همراهہ انهن آخري 24 سالن واري سياست کي Disown ٿا ڪن يا ان کان انڪاري آهن پر ان کان اڳ واري 25 سالن جي ساست جنهن کي سيد رد ڪري چڪو ان کي Own يعني پنهنجو ٿا ڪن.

ان سڀ ڪجهہ جي باوجود بہ ان ڳالهہ کي تہ درگذر ڪري ٿو سگهجي تہ ڪو ماڻهو سائين جي ايم سيد جي همہ گير شخصيت جي



Gul Hayat Institute

ڏکي جدوجهد جي ڪجھ حصي کي اختيار ڪري ۽ ڪجھ کي نہ ڪري پر اها صورتحال ناقابلِ برداشت هجي ٿي جڏهن سنڌس فڪر ۽ جدوجهد کي پنهنجي وقتي فائدن خاطر مسخ ڪيو وڃي. يا ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو وڃي، جيئن مهاتما ٻڌ، ڪارل مارڪس ۽ مهاتما گانڌيءَ جهڙن عظيم شخصيتن سان ڪيو ويو. اهڙي صورتحال ۾ خاموش رهڻ جو گناهہ نٿو ڪري سگھجي. تازو انهن همراهن چيو تہ ”اسان جي وڏن پاڪستان ٺهرايو هاڻي اسان ان کي هلائيندا سين“. سچي دنيا ڄاڻي ٿي تہ سائين پاڪستان ٺهرائڻ واري پنهنجي عمل کي پنهنجي زندگيءَ جو گناهہ ڪبيره قرار ڏيندو هئو ۽ چوندو هئو تہ 29 سالن جو قيد ان گناهہ جي سزا آهي. هاڻي ان عمل کي سائينءَ جو ڪارنامو قرار ڏئي اهي ماڻهو سنڌس روح کي وڌيڪ سزا ڇو ٿا ڏيڻ چاهين. پر انهن کي معلوم هجڻ کپي تہ سيد جا فڪري شاگرد موجود آهن جيڪي سنڌس سياسي زندگيءَ جي هر مرحلي ۽ هر عمل کي پنهنجو (Own) ڪن ٿا ۽ جتي اهي سيد جي نالي سان پنهنجي سياست کي اڳتي وڌائين ٿا اتي سنڌس جدوجهد جي مشڪل مرحلن جي حوالي سان ايندڙ تڪليفون سهڻ ۽ تنقيدن کي منهن ڏيڻ لاءِ بہ تيار آهن.

(عبرت/سوڀ: 17 جنوري 2012)

Gul Hayat Institute

جي. ايم سيد ۽ سنڌ جو مستقبل
عبدالخالق جوڻيجو
سنڌ پروگريسو پبلشرس ڪراچي



**وطن** جي ڌرتيءَ سان محبت جي اهڙي اڻٽٽ رشتي ڪي مضبوط ۽ مستحڪم ڪندڙ مزاحمت جو ويهين صديءَ ۾ سڀ کان وڏو حوالو جي. ايم سيد آهي.

17 جنوري 1904 کان 25 اپريل 1995 تائين لڳ ڀڳ ان صديءَ جي همعصر جي. ايم سيد سنڌ جي وجود، وحدت ۽ سڃاڻپ جي خلاف ٿيندڙ هر حملي جي مزاحمت ڪئي، سنڌ جي خودمختاري ۽ خوشحاليءَ خلاف ٿيندڙ هر سازش، ڪوشش ۽ حرفت کي عملي شڪل ڏيندڙ هر فرد ۽ هر حڪمران کي چئلينج ڪيو پوءِ اهو ڪيڏو به طاقتور ڇو نه هجي.

**حڪمرانن** پنهنجي سنڌ دشمن ۽ جمهوريت مخالف ڪارنامن ڪي جي. ايم سيد جي صورت ۾ ملندڙ چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ رڳو طاقت تي انحصار ڪونه ڪيو رڳو جيل جو هٿيار ڪونه استعمال ڪيو پر قلم کان به ڪم ورتو. ۽ ان ڪم لاءِ انهن اڻڳڻين قلمڪارن کي خريد ڪيو. جيڪي خريد ڪونه ٿيا انهن وري 'ناليوارن قلمڪارن' جي لسٽ ۾ پنهنجو نالو لکرائي شهرت ۽ مقبوليت حاصل ڪرڻ لاءِ جي. ايم سيد کي نشانو بڻائڻ سڀ کان سولو طريقو ۽ سڀ کان تڪڙو عمل سمجهيو. نتيجو اهو ٿيو ته جي. ايم سيد خلاف الزام تراشين، بهتان بازين ۽ ڪردار ڪشيءَ تي ٻڌل مضمونن، ڪالمن ۽ ڪوڙين ڪهاڻين جو اڻٽڪ سلسلو شروع ٿي ويو جيڪو اڃا تائين جاري آهي.

۽ هي ڪتاب رڳو انهن ڪوڙن قلمڪارن کي جواب ئي نه پر، سيد جي سنڌ دوست، عوام دوست ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ واري عالمگير فڪر ۽ پيغام جي بدلجندڙ وقت ۽ حالتن مطابق تشريح ۽ تشهير پڻ آهي.

عبدالخالق جوڻيجو

SPPK
سنڌ پروگريسو پبلشرس
ڪراچي

Gul Hayat Institute